
افلاطون کان البرٽ ڪاميو تائين
ادبي ڪٿائون، قصا ۽ زندگيون تاريخي ۽ ادبي پس منظر ۾
رفيق کوسو

# افلاطون کان البرٽ ڪاميو تائين

(ادبي ڪٿائون، قصا ۽ زندگيون: تاريخي ۽ ادبي پس منظر ۾!)

رفيق ڪوسو

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | افلاطون کان البرٽ ڪاميو تائين |
| موضوع : | انگريزي ادب |
| ليکڪ : | رفِيق ڪوسَو |
| پهريون ڇاپو : | ڪنول پبليڪيشن قنبر 2018ع |
| ڪمپوزنگ : | غريب گل سيتائي |
| ٻيوڇاپو: | 2019ع (ڊجيٽل ايڊيشن : سنڌ سلامت ڪتاب گهر) |

# ارپنا

پنهنجي اُستاد اِنتِخاب احمد پنهور جي نانءُ

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”افلاطون کان البرٽ ڪاميو تائين“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هن ڪتاب ۾ عالمي ڏاهن افلاطون، ارسطو، سوفوڪليس، لونجائنس، فرانسس بيڪن، جان ڪِيٽس، چارلس ڊڪنز، گوئٽي، ٽالسٽاءِ ۽ البرٽ ڪاميو جون ادبي ڪٿائون، قصا ۽ زندگيون تاريخي ۽ ادبي پس منظر ۾ لکيل آهي. هي ڪتاب نوجوان ليکڪ **رفيق ڪوسو** لکيو آهي.

ڪتاب اندر جيڪي بي بها جيون ڪٿائون، فلسفين ۽ اديبن جي پورهئي جي توري گهٽي جهلڪ اسان جي دوست رفيق ڪوسو صاحب اسان کي پسائِي آهي اهو سندس ڪتابن سان عشق، ادب سان چاهه ۽ عالماڻي ڊسڪورس جو هِڪ اهم ثبُوت آهي. هن ڪتاب ۾ شاندار سرخ ماضيءَ کي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ تاريخ جا باب خوب محفوظ ٿيل آهن. هي لکڻيون جديد دور جي علمي ۽ ادبي تقاضائن موجب لکيل آهن. هن ڪتاب ۾ تخليقي صلاحيتن سان گڏوگڏ تنقيد ۽ تحقيق جي شاندار جهلڪ نظر اچي ٿي جنهن لاءِ ليکڪ کيرون ڪِيرون لهڻيون.“

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 2018ع ۾ ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران ڇپايو ويو. سنڌ سلامت پاران سنواريل، سڌاريل ۽ وڌايل ڊجيٽل ايڊيشن اوهان اڳيان آندو ويو آهي. اسان ٿورائتا آهيون محترم رفيق ڪوسي ۽ پياري مدهوش مير جا جن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ٻئين ڇاپي جي باري ۾

”افلاطُون کان البرٽ ڪاميو“ جو پهريون ڇاپو سيپٽمبر 2018ع تي ڪِتابي شڪل ۾ ڇپجي دوستن جي هٿن ۾ پڙهڻ لاءِ پهتو ۽ گهڻن دوستن پڙهي پَنهنجا رايا ڏِنا تہ گهڻن دَوستن وَري ڪَي اِصلاح پريُون صَلاحُون بہ ڏنيون_تنهن باوجُود اڄ کان چار مَهينا اڳ ”افلاطون کان البرٽ ڪاميو“ جو پهريون ڇاپو مُڪمل طور هَلي ختم ٿي چُڪو هو_۽ جنهن کان پوءِ دوستن جي صلاحُن ۽ پنهنجي نندڙي سوچ مُطابق هِن ڪتاب کي هِڪ دفعو وڌيڪ پڙهڻ لائق بڻائڻ لاءِ انهي کي بار بار پرُوف ڪرڻ لاءِ پيرا ڏنا ويا_۽ اُن سان گڏ هِن ٻئين ڇاپي اَندر ڪافي شين جو وڌاءُ بہ ڪيو ويو آهي: جيئن، فرانسِس بيڪن واري باب ۾ نئين جاڳرتا دور کي شامل ڪيو ويو آهي: چارلس ڊِڪنز واري باب ۾ وڪٽورين دور واري اَدب جي پَهلو کي شامل ڪرڻ سان گڏوگڏ گوئٽي واري باب ۾ اُن وقت اتي پيدا ٿيندڙ اَدبي رومانوي تحريڪ اِسٽرم ايند ڊرينگ کي بہ هِن ڪِتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي_جنهن سان هاڻي پاڻ تہ ڪوشش ڪري اَدبي_پڙهندڙ دوستن لاءِ لکڻين جي توازن کي برقرار رکڻ جي ڀرپُور ڪوشش ڪَئِي آهي ۽ هاڻي سڀ ڳالهيون پرهندڙ دوستن تي ڇڏجن ٿيون......!

هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو جيسين ڪنهن پبلشر پاران ڇپجي، ان کان اڳ هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي مشهور آنلائين سنڌي لائبرري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪجي ٿو، جنهن لاءِ سنڌ سلامت سٿ جا ٿورائتا آهيون.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت

رفيق کوسو
rafeequekhoso@yahoo.com
خيرپُور ناٿن شاهہ ضِلعو دادُو
سِنڌ__ سيپٽمبر 08، 2019ع

# پنهنجي پاران

انگريزي ادب جو شاگرد هئڻ ڪري هڪ ڏينهن ذهن ۾ خيال آيو ته ”ڇو نه انگريزي ادب تي هڪڙو ڪتاب لکجي“ جنهن ۾ انگريزي ادب ۾ پڙهندڙ شاگرد ۽ ان کان علاوه ٻين پڙهندڙن جي علم ۾ شايد واڌارو اچي وڃي.

ٿيو ٻه ايئن ئي ته 2015ع جي آخر ۾ هن ڪتاب کي لکڻ شروع ڪيوسين تان جو خبر تڏهن پئي ته 2017 جي شروع ۾ جڏهن لکڻ جو ڪم مڪمل ٿي ويو_ پَر اُن باوجود هِن ڪتاب جي آخري باب “البرٽ ڪاميو ۽ پهرئين مهاڀاري جنگ” جي قِصي کي آخر تائين وري وري لکيو ويو جيئن لِکَت جو توازن برقرار رهي سگهي . اُن کان عِلاوه ڪتاب لکڻ لاءِ انگريزي ادب تي ريسرچ ڪرڻ وقت ڪافي ڳالهين جي دِقت پيش آئي پر ڪم سنيالي نبيريوسين. اهو انهي لاءِ ته انگريزي ادب جي حوالي سان سنڌي ٻولي ۾ ڪم تمام گهٽ ٿيل آهي ۽ ٻيو ته انگريزي ادب جي حوالي سان اسان وٽ هتي مواد ٻه گهٽ پيو ملي_ جنهن ڪانپوءِ ڪافي شين کي سنيالي آخر ڪار ڪم کي ڪوشش ڪري منطقي انجام تائين پهچائي ادب سان چاه رکندڙ دوستن لاءِ جيترو حال سو حاضر ڪيوسين!

هن ڪتاب لکڻ جو مقصد ٿورو ئي سهي پر انگريزي ادب پڙهندڙ دوستن لاءِ اسان طرفان ننڍڙو تحفو ضرور آهي جيڪي اميد ته پڙهي اسان جي محنت جي عزت ڪندا. پاڻ کي وڏا اديب ناهيون پاڻ ته بس انگريزي ادب جا ننڍڙا ۽ پتڪڙا شاگرد آهيون ۽ هِن ڪتاب ۾ انگريزي ادب جا چَند ڪردار تارِيخي ۽ ادبِي پس منظر ۾ پيش ڪيا ويا آهن. هي ڪتاب لکي مڪمل ڪرڻ لاءِ مان پنهنجي دوست آصف شيخ جو شڪرگذار آهيان جنهن زندگي جي ڪافي مصروفيتن باوجود ٻه ڪتاب جي مسودي کي پڙهيو ۽ پنهنجو قيمتي راءِ ٻه ڏنو_ ۽ اُن سان گڏ اسانجي ننڍڙي زندگي ۾ هُن هميشه اسان اسانجو ساٿ نڀايو پوءِ اهو ساٿ زندگي جي ڪنهن ٻه موڙ تي هُجي پر هُن ڪڏهن ٻه اسان کي اڪيلو نه ڇڏيو ۽ هميشه همٿ ڏني_ان کان علاوه اسان پنهنجي دوست ڪامريڊ اعجاز ٻبر(طبقاتي جدوجهد) جا بيحد ٿورائتا آهيون جنهن پڻ هن ڪتاب جو مسودو پڙهيو هو ۽ ان سان گڏ هُن اسان جي ادبي ۽ تاريخي حوالي سان ڪافي ساهِتا ڪئي ۽ بلوچستان جي شهر اوستا محمد کان پنهنجي پياري دوست ۽ انگريزي ادب جي ڪلاسميٽ مُدثر کوسو ٻه جس لهڻي جنهن سان هي ڪتاب لکڻ دوران رابطي ۾ رهي ڪري ڪافي ادبي دورن تي ڪچهرين سان گڏ لکڻ لاءِ ٻه ڪافي شيون مليون_۽ اُنهن هڙنِي جا پاڻ شڪرگذار ۽ خادم آهيون جن دوستن ساٿ ڏئي اسان جي هن ننڍڙي ڪم کي پايہ تڪميل تائين پڄائڻ تائين اسان جي همٿ افضائي ڪئي ۽ ساٿ ڏنو .

اسان پڙهندڙ دوستن کان تنقيد براءِ اصلاح جي اميد رکنداسين ۽ اسان جي هن ننڍڙي محنت ۾ جيڪڏهن توهان کي ڪا غَلطِي نظر اچي ته ان کي اسان جي شروعاتي ڪوشِش سمجهي نظر انداز ڪندا_هي اسان جي پهرئين ڪوشش ضرور آهي پر آخري بلڪل ناهي. پڙهندڙن جو سات رهيو ته وڏيڪ انگريزي ادب جي حوالي سان ڪم سرانجام ڏئي سڄڻن جي خدمت ۾ پيش ڪبو ۽ حياتي برقرار رهي ته پيو لکبو.

سنڌ سلامت سات سلامت


رفيق کوسو

rafeequekhoso@yahoo.com

خيرپور ناٿن شاهہ ضلعو دادو


سنڌ___ڊسمبر 21، 2017ع

# مهاڳ

”اديب ماڻهن جِي سوچ جا انجنيئر ٿين ٿا“________شوڪت لوهار

مون ڪان ڪو بہ ماڻهو جڏهن ادب، فلسفي يا فڪري نوعيت جي علم تي ڳالهائڻ لاءِ چوندو آهي تڏهن نہ ڄاڻ ڇو تمام گهڻو مُنجهي پوندو آهيان_ تہ ”ادب، فلسفي ۽ سماجي علم بابت آءُ ڇا لِکان!!؟ ڇا ڳالهايان!؟_جيڪڏهن ڳالهايان بہ تہ صحيح___پر ڳالهہ ڪٿان شروع ڪيان؟ اُهي ڳالهيون جيڪي ڪنهن جي وڇوڙي بابت آهن، ڳالهيون جيڪي ڪنهن جي ميلاپ بابت آهن_يا اُهي ڳالهيون جيڪي دوپهرِي ٻانهن بابت آهن_يا اڃا اهي ڳالهيون جيڪي ڏور ڏور ڊجيٽل دنيا جي شور ڪان ڏور ڪنهن ڪومل ڪنيا جي سُرمئِي اکين ۾ سمويل سانوڻ بابت آهن!_۽ اهي سڀ ڳالهيوادب جو موضوع بڻجن ٿيون ۽ فلسفي جي فِڪر ڦرهي مٿان کُليل جيان هُجن ٿيون“

اسان وٽ تعليم صرف اُن ڪري حاصل ڪئي ويندي آهي جيئن ڪنهن سٺيي سُٺري نوڪري تي هٿ سٺيا ڪري سگهجن يا گريجوئيشن ڪري ڪنهن ٿلهي ٿنيري وڏيري يا وزير ڪان چورائي سرڪاري بڏو ٻانهو ٿي ٿجي. اسان وٽ تعليم ان لاءِ ڪون ٿي حاصل ڪئي وڃي تہ هن سڄي مانداڻ کي سمجهجي يا ڄاڻجي يا پرکجي_۽ علم اُن لاءِ هتي حاصل ڪون ڪبو آهي جو ريشنل بڻجي ۽ تنقيد سوچ ذريعي شين کي پرکجي_وري جيڪڏهن جيڪڏهن ٿورا گهڻا دوست پڙهڻ ۾ دلچسپي وٺندا آهن تن کي سندس گهروارا، دوست احباب ۽ معاشروکين انهي سوچ ڏانهن ڌڪيندا تہ ”وارو ڪريو اوهان هوشيار آهيو_سي.ايس.ايس ڇو نٿا ڪريو“!؟ چلو___ٿي سال ڪُوڙا ڪتاب رٽي رٽي جيڪڏهن ڪو انهي ۾ پاس بہ ٿي وڃي تو تہ وري ڪتابن کي پني ڏئي باقي حياتي لڳي وڃي ٿو ڪرپشن ڪرڻ ۾_سواءِ چند چڱن دوستن جي باقي هڙئي لڳي وڃن ٿا ڪرپشن جي وڏنڏ ڪاروبار ۾__اها بہ حقيقت آهي تہ ڪتابن پڙهڻ واري سلسلي کي مستقل مزاجي طور اختيار ڪرڻ بہ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي.

هي دور ڊجيٽل دنيا جو دور آهي جيڪو ٻي دنيا لاءِ تہ خبر ناهي ڪو سنو سنئون ثابت ٿيو هُجي پر اسان وَٽ ڊجيٽل ميڊيا نوجوانن جي هٿن مان ڪتاب کسي ورتو آهي_هر ڪنهن جو اکيُون اڄڪلهہ ڪرسٽل نما اسڪرينز تي کُپيون پيون آهن ۽ اسان هن ڊجيٽل لاوي ۾ ئي پيا لڙهندا وڃون. اهو سڀ اسان لاءِ هن مهل تائين تہ ڪو لاڀائتو عنصر تہ ثابت ناهي ٿيو پر ڪهڙي خبر ايندڙ دورن ۾ اهو طوفان مان بدلجي ڪجهہ نارمل حالتُن تائين وڃي پهچي___مان مايوس ڪون آهيان!

اسان جو نصاب علم جي وات تي جيڪو جهالت ڦهلائڻ جو خاص سبب آهي ۽ جنهن جي پڙهڻ سان ڪنهن به قسم جي نقيدي سوچ ۽ منطقي ڇيد وغيره جي پيدا ٿيڻ جو سوال ئي بند ٿي وڃي. ۽ اهو تعليمي نظام پوءِ پلي ڪٽي سرڪاري هُجي يا خانگي پر نظر ائين پيو اچي جڻ اسان علم بدران هر قدم جهالت طرف ئي پيا وڌائيندا وڃون. علم جو سوجهرو جيڪو مختلف ٻولين جي سڪڻ، انهن ٻولين ۾ لکيل ڪتابن پڙهڻ ۽ ڪتابن بابت مذاڪرا ڪرڻ جي راز ۾ لڪيل آهي.تنهن مان شايد اڄ تائين اسان جو نسل گهٽي قدر فيضياب ٿيڻ جي ڪوشش ئي ناهي ڪئي.اهو منهنجو پنهنجو خيال آهي!

سماجي سائنس، سماجيات، ادب ۽ فلسفو جيڪو ڄاڻ جي هڪ وڏي کيپ جو مظهر آهي، اسان ان طرف ڪڏهن نهاريو ئي ناهي.اسان جو سڄو زور پنهنجي ٻارڙن کي ڊاڪٽر ۽ انجنيئر بڻائڻ تي هُجي ٿو.اسان ڪڏهن اهو ڪون سوچيو ته جيڪڏهن ٻار ڪڏهن انجنيئر يا ڊاڪٽر نه ٿو بڻجي ته خير______! هِڪ سٺو انسان ته بڻجي! پر نه.هي جُڙتو مقابلي جو جهان آهي ۽ اسين ڪميونٽيز ۾ ملڻ بجاءِ هاڻ شاپنگ مالز ۾ ملڻ کي وڌيڪ ترجيع ڏيون ٿا ۽ نتيجو اهو مليو آهي جو اسڪول ته وڏا ۽ مهانگا آهن پر علم چئوڌسان ڪٿي به نظر ئي نه پيو اچي.آبادي ته ڏينهنون ڏينهن وڌندي پئي وڃي پر اُنهن ۾ ڪي چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو سوچ بدلائيندڙ ۽ دلين کي جلائيندڙ جذبن سان ٽمٽار ٿين ٿا.سيمينٽ جا نهيل پڃرا ته ڪوڙ آهن پر گهر نظر نه پيا اچن.جستجو ته هر ڪنهن جي جاري آهي پر زندگي جو سُڪون شايد ڪنهن وٽ ميسر ئي ناهي!

اهو ته اسان جي معاشري جي سوچ جو عڪس هو پر اڄڪلهه جا ٽي.وي اينڪرز ڇا پيا ڪن؟ ها______اڄڪلهه جا ٽي وي اينڪرز اسانجي گهر جون پٽيون ٽپي اسان جي شناخت ۾ مداخلت ڪرڻ لڳا آهن، اسان کي هُنن هِن ڪمرشلائيزڊ دنيا جي خواهشن جو ڳيجُهو بڻائي ڇڏيو آهي. ٽي وي ڊرامن مان ڊرامي جو رُوح نڪري ويو آهي باقي رُڳو خالي لفظن جي نه کُٽندڙ هڪ ڊگهي جنگ ئي پئي نظر اچي.جنهن جو لڳي ٿو ختم ٿيڻ ناممڪن ئي هُجي!

مونڪان جيڪڏهن ڪو دوست منهنجي ڪتاب پڙهڻ لاءِ صنف پڇندو آهي ته مان کيس ڪٿائون، آتم ڪٿائون ۽ جيون ڪهاڻيون پڙهڻ جو ڏس ڏيندو آهيان.جيتوڻيڪ ڪهاڻي، ناول ۽ فلسفو پڻ منهنجي پسند جا موضوع رهيا آهن. جڏهن توهان ڪنهن ماڻهو جي جيون ڪٿا پڙهو ٿا ته اوهان ان جي سڄي زندگي جي عالم اندر ڦهليل تجربن، ڪاميابين ۽ ناڪامين ڪان ويندي اُن دور جي سياست، معيشيت ۽ سماجيات بابت به ڄاڻي سگهو ٿا.جيئن انگريزي ليکڪ مائيل هارٽ ”سئو اثر رُسوخ رکندڙ شخصيتن“ جي جيون ڪهاڻي لکي آهي يا جيئن ڊيل ڪارنگي ڪيترن ئي اهم شخصيتن بابت لکيو آهي. انهي ڪان علاوه انقلابي شخصيتن جون جيون ڪهاڻيون به

هر شعورپرست فرد کي پڙهڻ گهرجن جيڪي منهنجي پسند جا ڪتاب رهيا آهن_ جيئن پئبلُو نرودا جي جيون ڪٿا، فيدرڪ ڪاسترو جي "منهنجي زندگي"_ يا چي گويرا جي موٽر سائيڪل ڊائري وغيره.

انهي کان علاوه جيل ۾ تخليق ٿيل علم ٻه ماڻهو کي تمام گهڻو لاڀ ڏئي سگهي ٿو_جيل ڊائريون وغيره_ان جو مطلب اهو هرگز ڪونهِ آهي تهِ اهي ڪتاب پڙهڻ ڪانسواءِ ماڻهو چُپ ڪري ويهي رهي_دنيا ۾ فِڪشن ٻه ڪمال جو موجود آهي جيڪو هر فرد کي دلچسپي سان پڙهڻ گهرجي. جيڪڏهن سنڌي، اردو يا انگريزي__يا ڪٿي ڪابهِ ٻولي جنهن ۾ انسان کي پڙهڻ اچي تهِ هُو ڪوشش ڪري تهِ انهي علم ما لاڀ حاصل ڪري_پر سوال وري ٻه اهو ئي ٿو پيدا ٿئي تهِ___"آخر ڪتاب پڙهي ڪير"!؟

ڪتاب ماڻهو جو نئون جنم هوندو آهي__ماڻهو جو اندر ڏوئيو ڇڏي ۽ ماڻهو ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ نت نون خيالن جي خوشبو سان موطر ٿيو وڃي.

هي ڪتاب "افلاطون کان البرٽ ڪاميو تائين" اسان جي پياري دوست رفيق وڏي محنت ڪري لکيو آهي جنهن جو احوال هُن "پنهنجي پاران" ۾ ٻه لکيو آهي_۽ ڪتاب جي اندر ٻه اهو سڀ ڪجهه جرڪي پيو جيڪو اسان کي انگريزي ادب دوران پڙهڻ لاءِ هٿ اچي سگهيو. ڄامشوري ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌ يونيورسٽي جي نڪ جي ڦلي جهڙو انگريزي ڊپارٽمينٽ جنهن مون سميت گهڻن جي زندگي ۾ ڪيرٽر جهڙيون لهانديون ۽ اوچايون پيدا ڪيون آهن_جيڪو اڄ تائين جاري ساري آهي ۽ اُن جو اندازو هن ڪتاب کي پڙهي ٻه لڳائي سگهجي ٿو تهِ ادب سنڌ يونيورسٽي اندر جاندار فردن جي تخليق وارو ڪم اڃا سرانجام ڏئي پئي.

انگريزي ادب پڙهڻ دوران اهو راز عاشقار ٿئي ٿو تهِ ڪيئن نهِ دنيا جو خزانو بي بها ۽ امُلهه علم سان ڀريل آهي ۽ جيڪڏهن ماڻهو چاهي تهِ هِن دنيا جي علم جي واري ڇاڻي ان مان کي املهه هيرا موتي لعل حاصل ڪري سگهي ٿو جيڪي پنهنجي شخصي ۽ ذهني واڌ ويجهه سان گڏوگڏ سماج ۾ ٻه بهتر ۽ تعميري سوچ جي ڍنگ کي اُجاگر ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي سگهن ٿا.

اسان ماڻهو جيترين يوناني ڦڪيون ۽ دوا استعمال ڪيُون آهن جيڪي هاڻي اسان لاءِ هِڪ مذاق پڻ بڻجي ويون آهن_اُن جي جاءِ تي جيڪڏهن اسين يوناني فلسفو ڪتب آڻيون ها تهِ اڄ اسان جي هي حالت ڪون هُجي ها. اها اسانکي پلي پت خبر آهي تهِ فلسفو صحتمند بحث ۽ تنقيدي سوچ کي اپارڻ جو مُحرڪ بڻجي ٿو ۽ فلسفو هر پڙهندڙ جي اندر اعتماد پيدا ڪري ان کي سوال ڪرڻ سيکاري ٿو__۽ سوال ڪرڻ سان شين جو ادراڪ پيدا ٿئي ٿو، سوچ تبديل ٿئي ٿي. مثال طور___سچ اهو ناهي جيڪو نظر اچي ۽ سچ اهو ٻه ناهي جوڪو نظر نٿو اچي_پر هر زماني جو سچ پنهنجو پنهنجو هوندو آهي جيڪو هڪ دور ۽ عهد تائين ماڻهن جي ذهني اوڄ جو

ڪارڻ ٻڌجي ٿو_ بعد ۾ اهو سچ ٻئي دور لاءِ هِڪ ڏند ڪٿا ۽ ڪل جهڙي ڳالهه ٻڌجي پئي ٿو.

سچ اوپر کان اپري ٿو_آسمان جو رنگ نيرو ٿيندو آهي، آسٽريليا ۾ جُون جولاءِ ۾ سيارو هوندو آهي، ناروي ۾ سئيڊن ۾ ڇهن مهينن جي رات ۽ ڏينهن ٿين ٿا، واري جو تپيل رڻ پاڻي پريل ڏيندي نظر اچي ٿو___تنهن ڪري حواسن سان ٽڪرائجي معنٰي ناهيندڙ هر عمل سچ ڪون هوندو آهي__پر هڪڙو مقامي (Relative) سچ هوندو آهي ٻيو ڪائناتي (Universal) سچ ٿيندو آهي پر اهي سڀ سمجهاڻيون ٻه هر دور ۾ هر انسان پنهنجي پنهنجي سهولت ۽ مشينري جي موجودگي جي ڪري ناهيون آهن ۽ ٿي سگهي ٿو ته ايندڙ وقت ۾ معاملا ئي ٻيا هُجن!

هي جيڪو دنيا ۾ نيو لبرل ترقي جو اُپار آيو آهي تنهن سان اسان وٽ رستا ۽ رشتا سڀ جُدا ٿي ويا آهن_دنيا جا هڙئي مُلڪ آمريڪا ۽ يُورپ وٽ گروي ٿي ويا آهن ۽ انهن جي وسيلن جي واهر ۾ سندن ثقافتون ۽ تهذيبون سڀ ڪجهه بلڊوز ٿي ويو آهي__اهي سڀ لقاءُ ڪي سمجهڻ جي اهم ضرورت آهي.

اسان جڏهن به ڪنهن تاريخ يا عِلم جو ذڪر ڇيڙيون ٿا ته ان ۾ يوناني فلسفين ۽ اديبن جي ذڪر ڪانسواءِ اُن جي پڄاڻي ممڪن ئي ڪون آهي. فلسفي ۽ ادب جا بڻ بڻياد ڪان ويندي دواسازي جا بڻ بڻياد سڀ يونان ۾ ٿي پيا هئا. هومر جيڪو دنيا جو پهريون شاعر هو ۽ اڪين ڪان وڏو هو_اُن جيڪي داستان چيا هئا تن جا پڙاڏا ٻه اسان جي ڪنن ۾ اڄ تائين گُونجن ٿا پيا.

سوفوڪليس ۽ اسڪائيلس جي لکيل ڊرامن ۽ ناٽڪن جهڙا ناٽڪ اڄ تائين ڪو لکي نه سگهيو آهي__يُورپيڊِيز جهڙي ڪردارنگاري اڄ تائين ڪو اُٽي نه سگهيو آهي پر انهن سيني جي وچ ۾ انساني علميئي جهڙي ريت استاد ارسطو شاعري جي عهدنامي پوئيٽڪس(Poetics) ۾ اُٽيو آهي ۽ نائِڪ (Hero) جون جيڪي خصُوصيتون هُن بيان ڪيون آهن_ سو اڄ جو آمريڪي فلم ۽ ڊرامو سڀ ڪجهه انهن ئي مول متن تي بيٺل آهي.

موجوده ڪتاب اندر جيڪي بي بها جيون ڪٿائون، فلسفين ۽ اديبن جي پورهئي جي ٿوري گهڻي جهلڪ اسان جي دوست رفيق ڪوسو صاحب اسان کي پسائِي آهي اهو سندس ڪتابن سان عشق، ادب سان چاه ۽ عالماڻي ڊسڪورس جو هِڪ اهم ثبُوت آهي.

ارسطو جيڪو سقراط جو شاگرد هو اُن پنهنجي استاد جي علم موڙي کي ڪم آندو ۽ باقي زندگي انهي جي علم جي تاويل ۾ لڳائي ڇڏيائين. سقراط هن جهان جو وڏو داناءُ فلسفي ماڻهو هو ۽ ان جهڙو ماڻهو اڄ ڏينهن تائين رُوءِ زمين تي ڄمي نه سگهيو آهي__هُن کي سڄي دنيا ۽ ڪائنات ۾ موجود علم جي ڄاڻ هُئي پر پوءِ

ته هُو هميشه ائين چوندو هو ته "I know is, I know nothing"!__يعني "آءُ فقط ايترو ڄاڻان ٿو ته آءُ ڪُجھ نٿو ڄاڻا".

اڄ اسان جا ڊجيٽل دنيا جا سقراط ۽ ارسطو هِڪ اڌ چوپڙي پڙهيو پاڻ کي سوا سقراط سمجهيو ويٺا آهيون. اسان جا ڪُجھ دوست پي.ايچ.ڊي جي ناليءِ ۾ ڪجھ ماڻهن جو ڪم ڪار ڪٽي اُن مان حوالا هيڏانهن هوڏانهن ڪيو__پاڻ ۽ پنهنجي ڪمپيوٽر کي دوکو ڏئي، پرڏيهه مان گهمي ڦري واپس اچي تعليمي ادارن ۾ مُنشي گِيري ۽ باغباني ويٺا ڪن__۽ وري وزيرن مُشيرن جي ڪمداري ۾ مصرُوف آهن__جيڪڏهن هُنن کي اهو ئي ڪم ڪرڻو هو ته اُن لاءِ پي ايچ ڊي ڪرڻ جي ڪهڙي ضروت هُئي_اهو ته ائين به ٿي پئي سگهيو!؟

افلاطون پنهنجي خيالي رياست ۾ هِڪ غار جو واقعو هڪ تمثيل طور بيان ڪيو آهي جنهن ۾ هُو انسان جي علمي حدن جو تعيُن ڪري ٿو ۽ اهو سندس ڪمال آهي_يُوناني ڊرامہ نويس ۽ شاعرن سان گڏ هِن ڪتاب ۾ ادبي تحريڪُن جڏهن يورپ جا دروازا ڪڙڪايا اُتي ڪيئن نہ مسيحت جو ڄميل ڄارو علم ۽ سائنس جي روشني آڏو ڏڙا ڪري هيٺ ڪِريو__تي به ڪافي معلومات درج آهي.

سر فرانسز بيڪن دنياوي چوٽيون ۽ عام ڳالهين کي گڏ ڪري نوس دليلن تي ٻڌل جيڪي مقالا لکيا هئا سي لاطيني ٻولي ۾ لکيا هئا ۽ بعد ۾ اهي انگريزي ۾ ترجمو ٿيا_بيڪن جا اُهي مقالا انساني ڏاهپ، سُونهن، جذبن ۽ زندگي جي ونهوار تي هِڪ مستند دستاويز آهن.

انهي کان علاوه وجُوديت جي فلسفي کي فني طور متعارف ڪرائيندڙ البرٽ ڪاميو وجوديت (Being) سان واڳيل روڳ، تڪليف ۽ اڪيلائي کي پنهنجي ناولن ذريعي ظاهر ڪيو__سندس جڳ مشهور ناول طائون (The Plague)__ ۽ مٿ آف سسي فس(Myth of Sisyphus) گهڻا مشهور آهن. اسان کي اهڙن ڪتابن جي گهڻي ضرورت آهي جيڪي اسان جي اندر ۾ سوالن کي اُڀاري سگهن ۽ ڪُوڙ جي نهيل هن ڪاڪ کي ڪيرائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين.

رفيق پياري جو هي پورهيو هڪڙي وڏي عهد جو دستاويز آهي__جيتوڻيڪ اُن کان پوءِ دنيا جي ادب، فلسفي ۽ مشيني ماحوليات جي حوالي سان پُوري يورپ ۽ آمريڪا ۾ تمام گهڻو ادب تخليق ٿي چُڪو آهي ۽ گهڻيون پراڻيون ڳالهيون__۽ نظريا رد ٿي چُڪا آهن_دُنيا جو علم به تمام گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي____پر پوءِ به هي منش ماڻهو ڪيروت لهڻي جو هو اسان جي سوچن مٿان نصابي زنگ کي پنهنجي پورهئي سان رڳڙڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

شوڪت لوهار__حيدرآباد، سنڌ

تاريخ__________30.05.2018

# آفلاطوُن

# 427_347 قبل مسيح

”مَحبوب جي هوندي ڪو ٻه انسان ڪڏهن ٻه بزدلي جو مظاهرو نٿو ڪري سگهي تنهن ڪري دوست مونکي عاشقن جي فوج ڏيو مان توهان کي سڄي دنيا فتح ڪري ڏيندس .“___اَفلاطُون

اَٿينز جي شاعر اگاٿن کي يوناني ٿيٽر ۾ پهريون انعام مليو هو_اُن وقت ” آگاٿن“ پنهنجي خوشي ملهائڻ لاءِ سيني ڏاهن کي دعوت ڏني جتي اُن وقت جا سڀ عقلمند ۽ فلسفي گڏ ٿيا هئا ۽ سيني مهمانن محبت جي موضوع تي بحث ڪيو هو، جيڪو افلاطون جي ”سمپوزيم“ ۾ پوري ۽ بهترين انداز سان بيان ٿيل آهي. ان دعوت ۾ فلسفِي سقراط پڻ موجود هو ۽ ان کان علاوه ”اَسرٽو فينز“ ۽ افلاطون ٻه موجود هئا جتي افلاطون اُهي (مٿي چيل) لفظ چيا هيا. افلاطون 427 ق.م دوران اٿينز يونان ۾ ڄائو هو ۽ هلي ڪري جواني ۾ سقراط جو شاگرد بڻيو. افلاطون هڪ امير خاندان ۾ پيدا ٿيو هو، هن جو والد مالدار ۽ دولتمند هو جنهنڪري افلاطون جي پرورش تمام سٺي ماحول ۾ ٿي. مضبوط هڏ ڪاٺ ۽ جسم جي تندرستي سان گڏ عُمدو ذهن رکڻ ڪري سڀ هن کي پيار ما ن پَلاٽو (Plato) سڏيندا هئا_افلاطون کي فلسفي واري علم سان ايتري تہ چاهنا ٿي وئي هئي جو هو ويهن سالن جي عمر ۾ اچي سقراط جي سنگت ۽ شاگردي ۾ شامل ٿيو_ جتان پهرين ڏينهن کان ئي هو سقراط مان بي حد متاثر ٿيو ۽ بعد ۾ پاڻ کي سقراط جو شاگرد سونپي ڇڏيو هُئائين. سقراط جيڪو پيرين اُگهاڙي اٿينز جي گهٽين ۾ پاڻ کان وڌيڪ ڏاهي ماڻهو کي ڳولهڻ جي تلاش ۾ نڪري پيو هو، اها تہ خبر ناهي تہ هن کي اهڙو ماڻهو مليو يا نہ پر ”افلاطون ۽ اِلسي بَاِيڊِبس“ جهڙا شاگرد هُن کي ضرور مليا جن بعد ۾ سقراط جي فلسفي کي ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ وارو فرض نڀايو هو. افلاطون جا پسنديده بحث جا موضوع ادب ، آرٽ ، انصاف، محبت، سياست ۽ دوستي هئا، جيڪو سقراط جي شاگرد هئڻ ڪري هن جي نس نس ۾ ڦهلجي ويا هئا ڇو جو سقراط خود اٿينز جي گهٽين ۾ ماڻهن سان اهڙي قسم جي سوالن ۽ جوابن جي ڏي وٺ ڪندو رهندو هو__جيئن ”جمهوريت ڇا آهي؟ انصاف ڇاهي؟ نيڪي ۽ بدي ڇاکي چوندا آهن، استاد هين يا شاگرد هين؟ مطالعو ڇاهي؟ ذهانت ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿي“؟ وغيره . اهڙن سوالن جي پڇڻ سان سقراط عقل جي ويجهو ايندو ويندو هو ۽ انهن سيني شين جو گيان ڪندو هو جيڪي ان وقت هنجي زندگي جي ذاتي تجربن ۾ پڻ هئا ۽ ان وقت هي سوال پڇڻ کي غلط نہ سمجهندو هو ۽ سقراط مطابق ”جيڪڏهن سوال نہ پُڇبو تہ زندگي ۾ ڪڏهن ٻه

صحيح جواب تائين نہ پهچي سگهبو" تنهن ڪري سقراط تمام وڏو فلسفي (Philosopher) هجڻ جي باوجود بہ پنهنجو پاڻ ڪي جاهل سمجهندو هو ۽ چوندو هو "مونکي صرف هڪڙي شي جي ڄاڻ آهي تہ مونکي ڪا ڄاڻ ناهي"

پيشي جي حوالي سان سقراط هڪ بت تراش هو پر فلسفي جي گيان سقراط کي علم سان محبت ۾ ايترو تہ مَگن ڪري ڇڏيو هو جو هن کان دنيا جا سڀ ڌنڌا وسري ويا هئا_ ايتري قدر جو پنهنجو گهر بہ هن کي ياد نہ رهندو هو جنهن تي سقراط جي گهرواري بہ هميشهہ سقراط تي ڪاوڙيل رهندي هئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن گهر اچڻ تي هن کي گهرواري طرفان بيعزتي بہ سهڻي پوندي هئي. سقراط کي فلسفي واري علم سان بي تحاشا عشق ٿي ويو هو جنهن لاءِ هُو ائين بہ چوندو هو تہ "فلسفو پنهنجي پاڻ کي سڃاڻڻ جو علم آهي"__ ۽ سُقراط هر عِلم ۽ گيان واري انسان لاءِ اِها نصيحت بہ ڪندو هو تہ "پنهنجي پاڻ کي سڃاڻ" !

سُقراط جو اٿينز جي ماڻهن ۽ نوجوانن کي انصاف جي ڄاڻ ۽ گِيان ڏيڻ واري عمل کان خوفزده ٿي اُن وقت جي حڪمرانن سقراط کي ذهر پيئڻ جي سزا ڏئي ڇڏي ۽ سقراط اهو ذهر سچائي کي ثابت ڪرڻ لاءِ راز ۽ خُوشي سان پي ڇڏيو هو. ان وقت جي حڪمرانن ۽ رعِيت هڪ "سچ جي پتلي" کي ماري ڇڏيو هو پر هُن جي اندر لڪيل سچائي کي نہ ماري سگهيا هئا جيڪو هِن مهل جي صدين تائين بہ ساڳيو سچ ئي آهي .

ذهر پيئڻ کان اڳ بہ سقراط جا تقريبن سڀ شاگرد هن سان جيل ۾ ملڻ ايندا هئا ۽ اُتي بہ هُو سقراط سان فلسفي تي بہ بحث ڪندا رهندا هئا . 399 ق.م ۾ جڏهن سقراط ذهر جو پيالو پي فلسفِين واري موت جي آغوش ۾ هميشهہ هليو ويو تنهن وقت افلاطون اٿينز کي ڇڏيو ۽ سفر تي نڪري پيو هو، جتان هن کي ان وقت جي دُنيائي اُصولن کي وڏيڪ پَرکڻ جو موقعو مِليو. هي اِٽلي ويو جتي هن جي مُلاقات اِٽلي جي رياضي دان "فِيثاغورث" سان ٿي جنهن بعد هو سِسِلي، سائِرين ۽ مِصر کان ٿيندو گنگا جي پهاڙن تائين پهتو هو. انهي ٻارنهن سالن جي سير وسفر افلاطون جي فلسفي ۽ علم ۾ وڏيڪ واڌارو پيدا ڪيو ۽ ٻارنهن سالن کان پوءِ افلاطون جڏهن واپس اٿينز پهتو تہ ڏاهپ کي پاڻ سان گڏ کڻي آيو هو.

سقراط وانگر افلاطون کي بہ سچائي واري علم سان مُحبت ٿي وئي هئي تنهن ڪري، اُن وقت، هُن اٿينز جي هڪڙي عوامي باغ ۾ هڪڙو مدرسو قائم ڪيو هو جنهن کي اِڪيدمي (Academia) جو نالو ڏئي ڇڏيو هُئائين_جتي پوءِ افلاطون سُقراطي فلسفي کي اَٿينز جي نوجوانن تائين پُهچائڻ واري عمل کي جارِي رکيو ۽ ان وقت اُنهي دوران افلاطون سقراط جي عِلم کي سُقراط جي نالي سان پنهنجي زبان سان پنهنجي لکڻين ذريعي پيش ڪندو رهيو__جنهن مان صاف ظاهر هو تہ سقراط ۽ افلاطون جو مقصد ۽ موضُوع ساڳيو هو ۽ اُهو هُيو "اِنصاف" .

اُن وقت افلاطون ڪنهن عَبراني پيغمبر جيان تي لڳو جنهن چيو هو تہ "ناانصافي هڪ اهڙي بدي رُوح آهي جيڪو ٻاهران تہ بلڪل حسِين پر اندران ڪوڪلو ۽ سڙيل لَڳندو آهي پر سچائي ۽ انصاف اَبدي سَچ ۽ دائم آهي ".

اُنهي فلسفياڻي ڪم ڪي وڌيڪ اڳتي وڌائيندي افلاطون پنهنجي فلسفي ۽ بحث مباحثن ڪي لکڻين جي شڪل ڏيندو ويو جتي هُن انساني ياڻپي، مُحبت، رَعِيَت، اَدب، آرٽ ۽ رِياست جي موضُوعن ڪي پنهنجي فلسفي جو حصو بنايو ۽ انهي خواهش ڪي حقيقي روپ ڏيڻ لاءِ ان وقت افلاطون هڪڙو ڪتاب لکيو هو، جنهن ۾ هُن رياست کان اِشتراڪِيت ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن تي خيالي نظريا ڏنا. افلاطون جي انهي ساڳي ڪتاب ڪي رَعِيَتِي راڄَ (Republic) سڏيو ويو ۽ اسان هتي اُن ريپبلڪ جي ڪتاب نمبر ڏهہ (Book No: X) ڪي مُختصر نظر پڙهنداسين جنهن ۾ هُن ادب، آرٽ، شاعر ۽ شاعري جي نقُل تي بحث ڪيو .

## رَعِيَتِي راڄَ ڪِتاب نمبر ڏهہ RepublikBookNo:X

رِيپبَلِڪ ۾ افلاطون ڪافي ساري جُزن تي پنهنجي فلسفي واري نظر سان بحث ڪندي نظر اچي ٿو__جنهن ۾ هُن رياسَت، سِياست، اِنصاف، ۽ اِشتراڪيت کان ويندي اَدب، آرٽ ۽ شاعري تي ڀَرپُور بحث ڪيو آهي، جيڪو "ريبلڪ جي ڪتاب ڏهون" ۾ اسان کي مِلي ٿو. افلاطُون پنهنجي آرٽ ۽ شاعري جي بحث تائين وڃڻ کان اڳ ۾ اُهو چئي شروعات ڪري ٿو تہ "خلقِڻهار کان پوءِ هي سَڄي دُنيا نقُل آهي"_افلاطون جي مُطابق "هِي دُنيا نقل تي مشتمل آهي جيڪو اسان کي سيني شين سان گڏ آرٽ ۽ شاعري ۾ بہ ملي ٿو". افلاطون آرٽ کي بہ نقل سڏيو آهي چو تہ "هڪ آرٽِسٽ صرف فِطرت طرفان تخليق ٿيل شين کي نقل ڪري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو آهي" .

افلاطون مُطابق "جيڪڏهن هڪ چترڪار پنهنجي فن مان ڪا شي نٿاهي ٿو تہ اصُل ۾ اُهو انهن نهيل شين جي ظاهري شڪل هوندي آهي پر داخِلي هرگز نہ چو تہ افلاطون مطابق اُهو چترڪار پنهنجي حواسن (Senses) جي طاقت سان صرف ان جي ظاهري شڪل تائين دسترس رکي سگهي ٿو پر داخلي جُزن(elements) تائين هو نٿو پهچي سگهي" .

افلاطون مُطابق وڌيڪ تہ "هر شي جا بہ وجُود ٿين ٿا هڪ ظاهري وجُود ۽ ٻيو داخلي وجُود__ظاهري وجود کي تہ هرڪو بيان ڪري سگهي ٿو پر داخلي وجود تائين رسائي حاصل ڪرڻ صرف هڪڙي صحيح فلسفِي جو ڪم آهي. ڪنهن شاعر ۽ چترڪار ۾ ايتري سَگهہ ئي ناهي جو هُو هر شي جي داخلي وجود ۾ داخل ٿي اُن کي بيان ڪري سگهي چو تہ فطرت طرفان تخليق ڪيل شين جو راز صرف فطرت

وٽ آهي ۽ اُن کي هڪ فلسفي ڪنهن حد تائين دليلن جي ذڌي وٽ ذريعي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي” .

افلاطون اهڙي نمُوني هڪ مثال ڏئي ٿو ته “توهان هڪ آئينو کڻو ۽ ان آئيني کي جنهن شي جي اڳيان رکندوَ ته توهان کي ان شي جو عڪس اُن آئيني ۾ نظر ايندو پر اُهو عڪس آئيني ۾ نظر آيل شين جو ظاهري وجود آهي جنهن کي ڏسي سگهجي ٿو پر سمجهي نٿو سگهجي. ظاهري طور تصور ۾ ايندڙ شين جو عڪس ته ڏسي سگهجي ٿو پر انهن جي داخلي تصور جو ڪڏهن به ڪو خاص اندازو لڳائڻ سولو نه هوندو آهي_مطلب ته هڪڙو تخليقار يا چترڪار ڪنهن فطري شي کي نقش ڏئي اُن جي نقل ڪري ٿو جيڪو فطرت طرفان تخليق ٿيل شين جي تمام گهڻو مختلف هجي ٿو” .

ٻئي هنڌ جيئن افلاطون چئي ٿو ته “هڪ چترڪار پنهنجي فن سان هر فِطرت جي شي کي رُوپ ڏئي سگهي ٿو”_جيئن وڌيڪ افلاطون مطابق ته “هڪ چترڪار هڪ مَوچِي جي عڪس کي ظاهري طور ناهي سگهي ٿو__مِثال طور هُو صرف موچي جي موجوده حالت کي ظاهري شڪل ڏئي ناهي سگهي ٿو پر هُو اُن جي اَندر لڪيل فن تائين رَسائي حاصل ڪري اُن کي منظرعام تي پيش نه ٿو ڪري سگهي جيڪو موچي جي فنِي عِلم ۾ آهي”. ان مان مراد ته موچي جو موچڪو ڏنڻو ان موچي جو داخلي تجربو آهي جنهن کي داخلي طور بيان ڪرڻ چترڪار جي وس جي ڳالهه نه آهي .

اُن کان علاوه “جيڪڏهن اهو چترڪار چالاڪ آهي ته هُو فِطرت سان مذاق ڪرڻ ۾ به ڪو دير نٿو ڪري ۽ فطرت طرفان نهيل شين ۾ بگاڙ به آساني سان پيدا ڪري سگهي ٿو”_ مثال ڪٽي ونجي ته هُو ٻار کي پوڙهو ۽ بَدصُورت کي خُوبَصُورت ۽ خوبصورت کي بدصورت ناهي پيش ڪري سگهي ٿو. اهڙي طرح اُهو چترڪار پنهنجي فن سان جيئن وڻيس تيئن شين کي پيش ڪري ۽ نقل ڪري سگهي ٿو جيڪو افلاطون مطابق “فطرت سان اِنحرافي آهي”.

افلاطون ساڳي ڪِتاب ڏهين ۾ “گِلاڪَن” سان چترڪاري تي گهڻي بحث ڪرڻ کان پوءِ شاعِري طرف اچي ٿو جنهن ۾ پڻ افلاطون شاعر کي نقل ڪرڻ جو ماهر سڏي ٿو ۽ ان کي فطرت جو نقل ڪندڙ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو .

افلاطون شاعر بابت ڳالهائيندي چوي ٿو ته “حقيقي شاعر صرف اُهو آهي جيڪو حقيقيت کان واقف هجي ٿو”. وڌيڪ افلاطون مُطابق ته “شاعر هميشه نالو ڪمائڻ چاهيندو آهي__جڏهن ته شاعر کي خبر هُوندي آهي ته نقل ڪرڻ ۽ حقيقيت ۾ فرق آهي پر تنهن باوجود به شاعر حقيقيت کان هٽي ڪري پنهنجي شاعري ڪرڻ واري عمل کي جاري رکندو آهي ۽ انهي نقل ڪرڻ واري فن سان هو ماڻُهن جي جذبن

ڪي مجرُوح ڪرڻ ڪي پنهنجو حقيقي فن سمجهندو آهي ۽ اُن ۾ ئِي هُن ڪي مزو ايندو آهي" .

هَومر (Homer) بابت بحث ڪندي افلاطون چوي ٿو ته هَومر هڪ وڏو شاعر آهي پر اُن کان صِرف ايترو ته پڇا ڪري سگهجي ٿو ته "پيارا هومر اوهين پنهنجي ڪَلام ۾ ته نه پر به درجا حقيقت کان پري ضرُور آهيو__يَعني جيڪڏهن اوهِين عڪس جوڙِيندڙ ۽ نَقُل ڪندڙ نه آهيو ۽ جيڪڏهن اوهان کي خبر آهي ته ڪهڙا ڪم انسان جي خانگِي ۽ قومِي زندگي کي سُٺو ۽ خراب ڪن ٿا ته پوءِ اوهان ٻڌايو ته اها ڪهڙي حُڪومت آهي جنهن ۾ اوهان جي سهڪار سان سُڌاره آيا هُجن؟ جڏهن ته ان وقت " لَئِسِي ڊِيمن" جو بهتر انتظام " لائِڪَرگس" جي ڪري قائم رهيو_اهڙي طرح ٻيا به ننڍا وڏا شهر آهن جن کي ٻين کان فائدو رسيو پر اهو ڪو ديس آهي جنهن جي لاءِ اوهان سُنا قائدا ۽ قانُون جوڙيا هُجن ۽ انهن ديسن ۾ رهندڙ ماڻُهن کي اُنهي مان فائدو رسيو هُجي!!_اِٽلي ۽ سِسِلي ۾ ان ڏس ۾ "چيرن ڊاس" جو نالو ڪنيو ٿو وڃي ان سان گڏ ان دور جا ماڻهو "سَولُون" جا به ٿورائتا آهن پر اهڙو ڪو شهر آهي جيڪو تُنهنجو نالو" هَومر" وٺي سگهي"؟

وري افلاطون گِلائڪَن کان سوال ڪري ٿو ته ٻڌاءِ "ڇا جنهن جنگ جي باري ۾ هومر لکيو آهي ان مان ڪو اهڙو قانون ٺهيو آهي جيڪو دائمِي هجي يا اُن دور جي ماڻهن ۽ ان کان پوءِ ايندڙ نسل لاءِ ڪنهن قسم جو ڪو نِظام ٺاهيو هُجي يا اُن ذريعي ڪا تبديلي آئي هجي"؟!

چوڻ جو مطلب ته "ڇا هومر جي زندگي ڪانپوءِ اڄ تائين ڪو به هُن جو پوئِلڳ رهيو آهي يا هن جي لڪڻين تي ثابت قدم رهيو آهي؟ جيئن "ڦيٿا غَورث" جي ڪافِي لڪڻين ۽ زندگي جي قائدن جا پوئِلڳ رهيا ۽ اُن دور جي ماڻُهن "ڦيٿا غَورث" جي عملن کي عِزت جِي نگاهه سان ڏٺو ۽ ان کان پوءِ اڄ تائين هن جا پوئلڳ رهندا پيا اچن پر هومر جا ڇو نه"!؟

افلاطون مطابق "هومر جيڪڏهن نقل ڪرڻ بدران ماڻُهن کي تعليم ڏئي ها ۽ ماڻهن جي اندر حقيقت جي جذبن کي اُڀارڻ جي ڪوشش ڪري ها ته شايد اڄ تائين ماڻهو "ڦيٿا غورث" جيان هن جا به پوئِلڳ هُجن ها__پر هَومر ائين نه ڪيو هُن پنهنجو سڄو ڌيان شاعري (نقل) ڪرڻ تي ڏنو__جنهن سان انهي مُعاشري ۾ ڪنهن به قسم جو قانون نه جُڙيو ۽ ڪنهن به قسم جي هَم آهنگِي ۽ مُحبت جو جذبو پيدا نٿي سگهيو" .

افلاطون شاعرن کي هر دور ۾ هميشهه نقل ڪندڙ سڏيو آهي جيڪي هر دور ۾ هڪڙو ئي ڪم ڪري سگهندا آهن ۽ اُهو ڪم آهي "نقل ڪرڻ"!! ماضي ۾ شاعرن نقل ڪيو ۽ ايندڙ دور ۾ به شاعر نقل ڪندا رهندا__ٺيڪ اُن چترڪار وانگر جيڪي صرف شين جي ظاهري عڪس کي بيان ڪري خُوش ٿيندا آهن پر ڪين

شين جي داخلي طور ڪابہ خبر يا ڄاڻ نہ هوندي آهي_ ۽ اُهي اهڙي قسم جا ڪلاڪار هُوندا آهن جيڪي صرف شين جي ٻاهرين ۽ ظاهري رَنگت تي موهجي پوندا آهن ۽ اُنهن کي حقيقت ۽ سچائي جي ڪابہ خبر نہ هُوندي آهي .

اهڙي طرح شاعِري لفظن، جُملن ۽ مُحاوَرن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري اُنهن کي ترتيب ڏيڻ جو هڪ مجمُوعو آهي جنهن ۾ شاعر پنهنجي نقل واري فن سان اُنهن کي جوڙي شاعري جي رُوپ ۾ پيش ڪندو آهي. "اصُل ۾ شاعر جي شاعري واري فن جي ڪري ئي لفظ ۽ جُملا سُهڻا ۽ وڻندڙ لڳندا آهن پر جي اُن شاعري مان سَنگيت جو رَس لاهي ڇڏجي ۽ ان کي سڌي ريت "نثر" ۾ پيش ڪجي تہ ڇا اُها سُهڻي لڳندي"!؟

افلاطون مطابق "نقل ڪرڻ وارن کي حقيقت جي ڪابہ ڄاڻ نہ هُوندي آهي_ايتري قدُر جو اُنهن کي نَقُل ڪرڻ وقت اُها بہ خبر نہ ناهي هوندي تہ هُو نقل ڪري رهيا آهن پر اُنهن کي صرف اُها خبر هُوندي آهي تہ هُو ايئن ڪري خُوش ٿيندا آهن" .

افلاطون ساڳي هنڌ هڪ ٻيو مثال ڏئي ٿو تہ "هر شي پري کان مُختلف ۽ ويجهي کان مختلف نظر ايندي آهي__ٺيڪ اُنهي طرح شاعري ۽ چترڪاري وغيره جهڙيُون شَيُون نظُرن ۽ حواسن جو ڌوڪو هُونديون آهن جيڪي: جهڙوڪ پري کان ئي حسين ۽ وڻندڙ لڳنديُون آهن پر جڏهن اُنهن کي ويجهي واري نظر سان ڏسبو يا حقيقت وارِي اک سان ڏسبو تہ ڇتائي سان معلُوم ٿيندو تہ اُهو سڀ نَقُل آهي" .

شاعري ۽ ڪَلا کي افلاطون حقِيقت کان گهڻو پري ۽ اَلڳ سَڏيو آهي ۽ چيو آهي تہ "نقل ڪندڙ جذباتي اثر هيٺ اچي حقيقت کان گهڻو دُور نڪري ويندو آهي جنهن ۾ هُن کي بُري ڀلي کان وٺي حقيقت ۽ نقل واري جذبن جي ڪا بہ خبر نہ هُوندي آهي ۽ ايتري قدُر جو اُهو شاعر ۽ چترڪار خُدائي معاملن کي ۽ خُدا جي عظمت کي بہ شاعري ۽ چترڪاري جي زَد ۾ آڻي نقل ڪرڻ واري عمل کي جاري رکندو آهي ۽ پنهنجي مرضي مُطابق جيئن وڻيس تيئن شين کي پيش ڪرڻ ۾ جُنبي ويندو آهي" .

افلاطون مطابق "نقل ڪرڻ سان ڇا انسان جي حقيقي زندگي تي اثر وجهي سگهجي ٿو؟ ڇا نقل ڪرڻ سان انسان جو علاج ڪري سَگهجي ٿو؟ ڇا شاعري جي ذريعي قانون ناهي ۽ ان قانون کي مضبُوط ڪري سگهجي ٿو؟ ڇا شاعري ۽ چترڪاري ذريعي انسان ذات جي حالت ۽ پوئتي پيل زندگين جو تَدارُڪ ڪري سگهجي ٿو"!؟

هرگز نہ_افلاطون مُطابق "شاعري ۽ نقُل ڪرڻ وارو عمل انسان کي صرف سُست ۽ نڪمو بڻائي سگهي ٿو ۽ اُهو نڪمو ۽ سُست انسان هميشهہ لاءِ پنهنجو پاڻ ۾ گُم ٿي وڃي ٿو جنهن تي رَعِيت، مُعاشرو ۽ عام انسان جي خيالن ۽ زندگين جو ڪو بہ اَثر ناهي پوندو_ڇو جو اُهو شاعر اِنفرادي طور سمجهندو آهي تہ

هُن جو مُعاشري سان ۽ مُعاشري جو هِن سان ڪوبہ تعلقُ نہ آهي ۽ انفرادي طور هُو رياست جو پاڻ تي ۽ پنهنجو رياست تي ڪوبہ حق نہ سمجهندو آهي“.

افلاطون شاعري کي اِنصاف جي بَرخِلاف سڏيو آهي ڇو جو شاعر حقيقي دُنيا ۾ رهي ڪري دُنيا جي فرق، انصاف، توازُن ۽ حقيقي رَنگ کي وساري ويهندو آهي. هن لاءِ دُنيا صرف هڪ عَڪس آهي جنهن ۾ حقيقت کان وڌيڪ نقل سمايل آهي. پر افلاطون چواڻي تہ ”دنيا ڪڏهن بہ نقل سان تبديل نٿي ٿي سگهي ڇو جو دنيا هڪ حقيقت آهي نہ ڪي نقل__ ۽ اُن حقيقت جو پهريون ۽ آخري جُز صرف اِنصاف آهي جيڪڏهن انصاف آهي تہ حقيقت آهي ۽ جيڪڏهن حقيقت آهي تہ پوءِ هر ماڻهو خُوشحال_ڏُکن ۽ ناانصافين کان دُور رهي سگهي ٿو“.

## يُونانِي اَدب تي مُختصر نظر

يُونانِي اَدب گهڻو تڻو 9 صَدي ق.م وارن سالن ۾ هَومر سان مَنسُوب ٿيل جنگي شاعري سان شُروع ٿيو؛ ۽ اُنهي دور کي يُوناني ادب جو سونهري دور سڏيو ويو جيڪو بعد ۾ ايندڙ يوناني اديبن کي ورثي ۾ مِليو هو.

يوناني ادب کي ٻيو سونهري دور بادشاه ”پارڪَلِيس“ جي زماني ۾ مليو ۽ ان وقت يوناني دَيوِين ۽ دَيوتائن جي باري ۾ بيشُمار ڪهاڻيون ۽ ڏند ڪَٿائون ناهيو ويون هُيون. انهي دور ۾ ڪو بہ ماڻهو پنهنجي مرضي مُطابق ديوتائن کي مڃي يا نہ مڃي پر وري بہ اُهو تاثُر برقرار هو تہ ديوتائن جي عزت ڪرڻ هر يُوناني شهري جو اهم فرض سمجهيو ويندو هو. اُن کان علاوه شاعرن، ڪهاڻيڪارن، داستان نِگارن، ڊِرامہ نِگارن ۽ تارِيخ دانن بہ دَيوتائن جي ساراه ڪرڻ وارو فرض نڀايو .

يوناني ڊِرامي جي ايجاد بہ مذهبي ريتُن رسمُن جي هڪ حصي طور شروع ٿيو جيڪي شراب جي ديوتا ”ڊائيونِس“ جي اعزاز ۾ ٻارهَين طور ملهايو ويندو هو__ماڻهن جو هڪ ٽولو (ڪَورس) گڏجي ديوتائن جي شان ۾ گيت ڳائيندو ۽ نچندوهو_تنهن کان پوءِ 6 صدي ق.م دوران مذهبي ريتن رسمن ۾ آيل تبديلين آخر ڪار ڊرامي جو رُوپ ڌاري ورتو هو___جنهن ۾ ڌار ڌار اداڪارن کي ڪورس مان ڪڍي جُدا جُدا ڪِردارنِگاري ڪرائي وئِي ۽ ڪين ڊائيلاگ بہ ڇورايا ويا هُئا__تمام وڏي ڳالهہ اُها تي جو ڊِرامہ اهڙن نون مضمونن تي نهڻ لڳا جيڪي سُورميائِي وارين ڏند ڪَٿائُن (Heroic Mytholohy) جا عڪس هئا__جن جو بعد ۾ ”ڊائيونس“ سان ڪو بہ واسطو نہ رهيو هو .

5 صدي ق.م ڌاري اٿينز ۾ ڊرامي جا بہ جُدا جدا قسم منظر عام تي آيا هڪ ڏُکدائِڪ (Tragdy) ٻيو ناٽڪ (Comedy)__ٽريجڊي جي ليکڪن پنهنجن پلاٽَن لاءِ گهڻي ڀاڱي ديوتائن ۽ سُورمن جي ڄاتل سُڃاتل پُراڻن داستانن وارا موضوع چونڊي

ورتا. يونانين پنهنجي زماني جي قدرن ۽ مسئلن جي روشني ۾ پراڻن مضمونن جي نئين سر تشريح ڪئي هئي___ناٽڪ ۾ اداڪاري جي سمجهاڻي لاءِ مُکيہ حصو گڏجي ڳائڻ (ڪورس) ئي رهيو هو ۽ ان کان علاوه يوناني ٽريجڊي ڳنڀير مسئلن بابت هوندي هئي جن جي پُڄاڻي غم يا تباهي تي ٿيندي هُئي.

يونانين ۾ ٽريجڊي لکڻ وارن مان سڀ کان مشهُور ٽي اٿيني شاعر ٿي گذريا آهن جيڪي 5 صدي ق.م ۾ جا هئا اهي هئا "ايسڪِيلِيس" "سوفو ڪَلِيس" ۽ "يُورِپيڊِيز"___يوناني ايسڪيليس کي ٽريجڊي جو ابو سمجهن ٿا. هُن 90 کن ڊرامہ لکيا هُئا جن مان صرف ست سلامت آهن. هُن کي پنهنجي زماني ۾ رائج نظرين سان گڏوگڏ پُراڻن ڏند ڪٿائن ۽ جنگي داستانن مان بہ اُتساههَ مليو هو. "اورِيٿيشا" نالي ڊرامن جي سِلسِلي ۾ ايسڪيليس "ٽُروجَن جنگ" ۽ اُن جي نتيجن مان بہ پنهنجو مواد حاصُل ڪيو هو. ڊرامي جو هِيرو "آگمِينن" جنگ مان تہ سلامتي سان گهر موٽي اچي ٿو پر پنهنجي زال "ڪَليٽِنٽس" هٿان مارجي وڃي ٿو_هِن جو پُٽ "اَورسٽِيز" ۽ سندس ڌِي "اِليڪَٽرا" پنهنجي پيءُ جو بدلو وٺن ٿا ۽ اورسٽيز پنهنجي ماءُ جو خُون ڪري ڇڏيندي آهي_پر اورسٽِيز چريو ٿي ڀڄِي ويندو ۽ اهڙي طرح هن کي پنهنجي ڏوهہ جي قيمت ادا ڪرڻي ٿي پوي ۽ خون جي بدلي خون ۽ سزا جو اُهو چڪر هلي ٿو .

ٽريجڊي لکندڙ ڊرامہ نگارن ۾ سڀ کان اهم ۽ خُدائي انصاف بدران انساني فطرت ۽ فرد جي مُحرڪ سان واسطو ڏسيندڙ "سوفو ڪليس" هو. هُن اهڙن ماڻهن تي ڊرامہ لکيا هُئا جن ۾ ڏکن سورن ۾ بہ انساني جذبي جي طاقت ڏيکاريل آهي. هن جي بچيل ڊرامن مان "اوڊيپس ريڪس" يعني بادشاه اوڊيپس جي ڪهاڻي دکدائڪ (Tragic) نتيجن جي چوڏاري ان وقت ڦري ٿي جڏهن اوڊيپس پنهنجي والِدين جي سچي سُڃاڻپ رکڻ ڪري پنهنجي پيءُ کي ماري ٿو ڇڏي ۽ بعد ۾ پنهنجي ماءُ سان شادي ڪري ٿو_(تفصيلي جائزو اڳتي ايندو ) .

يُورپيڊيز ٽريجڊي لکندڙن ۾ اُنهن ئي مشهور اَٿينيائِي ليکڪن مان آخري ليکڪ هو جنهن اهڙي خطرناڪ جذبي تي روشني وڌي جيڪو "پِيلوپِوَنِيشَن" جنگ جي زماني ۾ موجود هو. هن جي نظر ۾ انساني زندگي گهڻو ڪري درد ڀري هئي ۽ ڪن وقتن تہ ديوتائن جا طريقا بہ ڪِل جهڙا هئا__يورپيڊيز جي مقبُوليت سونهري دور کان پوءِ بہ گهڻو وقت هلي ۽ شايد اُنهي ڪري جو هُن پنهنجي لکڻين ۾ روزمره جي عام ٻولي ڪتب آندي هُئي ۽ زندگي جي باري ۾ سندس نُقطہ نَظر جديد تَنقِيدي انداز وارو هو .

ڪامَيڊِي (Comedy) جيڪو هڪ کِلائيندڙ يا خُوش ڪرڻ واري پڄاڻي وارو ناٽڪ هوندو آهي سو پڻ ڊايونيس جي ڏڻن سان شُروع ٿيو هو. ڪاميڊي جو سڀ کان مشهور لکندڙ "اَرسٽو فِينز" هو جيڪو 5 صدي ق.م جو يوناني ليکڪ هو_جيئن تہ ڪُوڙن يا نُقصان رسائيندڙ اَنِيائُن کان بچاءُ لاءِ اٿينس وٽ ڪي بہ قانُون موجُود نہ

هئا تنهن ڪري ارسٽوفينز اڪثر اهم شهرين ۽ سياستدانن تي پنهنجي ناٽڪن ذريعي ٺوڪُون، ٺٺوليُون ۽ تنقيد ڪندو رهندو هو.

اُنهي دور ۾ تاريخ لکڻ جو فن پڻ يُونانِين وٽ جنم ورتو ۽ جيستائين اسان کي تاريخ مان خبر پئجي سگهي آهي تہ گذريل واقعن کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ "تاريخ" پهريون ڀيرو 5 صدي ق.م ڌاري يونان ۾ "هَيروڊٽس" استعمال ڪيو هو ۽ هن جو پهريون شاهڪار تاريخي مَجمُوعو "اِيرانِي جنگِين جِي تاريخ" (۽ مختصر ايراني ۽ يوناني جنگ جي تاريخ اسان سوفو ڪليس واري باب ۾ پڙهنداسين) نالي ڪتاب آهي جيڪو قِصن، ڪهاڻِين، ڏند ڪٿائُن ۽ ڪيترن ئي دل وندرائيندڙ عجيب بَي ڊولي اهڙي ڄاڻ سان ڀريو پيو آهي جنهن کي ڀروسي جوڳي تاريخ جي ثابتي تہ نٿو چئي سگهجي پر تِنهن باوجود واقعا بيان ڪندي هُو چوي ٿو تہ پڙهندڙ کي ڄاڻ هئڻ گهرجي تہ "هو تصديق ڪري سگهي ٿو".

5 صدي ق.م جو ٻيو اهم يوناني تاريخدان " ٿِيَوسِڊَئِيڊيز" هو_هَيروڊِيٽس جيان "ٿيوسڊئيڊيز" بہ فقط هڪڙو ئي ڪتاب "پِيلوپِونَيشن جنگ جي تاريخ" تي لکيو هو جنهن ۾ فقط اهو مواد استعمال ڪيو ويو هو جنهن کي تاريخ لاءِ اهم ٿي سمجهيائين. هڪ سچي تاريخ نويس وانگي "ٿيوسڊئيڊيز" هر شاهديءَ کي پرکيو ۽ فقط اهڙا واقعا بيان ڪيا جن کي هُن چڱي طرح چڪاسي ڏٺو هو.

" ٿيوسڊئيڊيز" يوناني جنگين جا سبب ڳوليا ۽ هُو اُها ڳالهہ نہ مڃيندو هو تہ "ڪو انساني واقعن کي قسمت يا دَيوتائُن جو ڪم چئي انهن جي سمجهاڻي ڏئي سگهجي ٿي"!!__ٿيوسڊئيڊيز جي پيلوپونيشن جنگ جي تاريخ ٻين تاريخ نويسن لاءِ هڪڙي نموني جو ڪم ڏنو.

انهي کان علاوه يونان ۾ حَياتِيات، فَلڪِيات، ادب، تنقيد، مَنطِق، سِياسَت، اَخلاقِيات، مابَعدالطَبِعيات کان ويندي رُوحاني عِلم تي بہ هلندو رهيو__جنهنجو مثال اسان کي يوناني لکڻين جي تاريخ ۾ هر هنڌ ملي ٿو.

# ارسطوُ
# 384___332 قبل مسيح

مَقدُونيہ جو شهر اِستاگرا جنهن کي اَٿينز وارا وحشين جو علائقو سڏيندا هئا ۽ انهي وقت 366 ق_م دوران هڪڙو نوجوان گرمِين جي موسمُن ۾ افلاطون جي اڪيڊمي ۾ داخل ٿيو هو_جنهن علائقِي کان هُو ڪَهي اچي اٿينز پهتو هو، اُن مان تنهن وَقت اُهو بہ معلُوم ٿيو هو تہ هُو پنهنجي عِلائقي جي ماڻهن جيان وحشي بلڪُل نہ هو. هُو هڪ سُني نَفاست ۽ خوش گفتگو جو مالڪ هو ۽ هُن جي طبيعتن ۾ بہ ڪنهن قسم جي گرمجوشي نہ هُئي. اُن ڪان علاوه ننڍپڻ ڪان ئي هُن ڪي نظم ضبط (Discpiline) وارو ماحول مِليل هو_چو جو هُن جو پيءُ بادشاه سِڪندر اَعظم جي ڏاڏيَ اَيمِيتاس (جيڪو ڪنهن وقت مقدونيہ جو بادشاه هو) جو درباري حَڪِيم هو تنهن ڪري ارسطو جي پرورش هڪ خُوشحال گهراڻي ۽ سُني ماحُول ۾ ٿي هُئي. جڏهن هي نوجوان افلاطون جي اڪيڊمي ۾ آيو اُن وقت هن جي پوشاڪ اُتي پڙهندڙ ٻين شاگردن جي ڀيٽ ۾ اميرن جي ٻارن جهڙي ٿي لڳي_هُن جي طبيعت ۽ مزاج مان هُو هر وقت ۽ هر حساب سان خوش مزاج ۽ سمجهوتو ڪرڻ وارن مان نظر ٿي آيو هو.

هِڪ دفعي افلاطون هن جي پوشاڪ طبيعت ڏسي ڪيس چئي ڏنو تہ "تُنهنجو توجه عَقُل وارو فلسفِي ٿيڻ بدران اُجرن پوشاڪن ۽ ظاهري ڏيک تي وڌيڪ آهي"

ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ استاد طرفان چيل اهڙن جُملن باوجود بہ اُهو نوجوان سياست، ڊرامو، شاعري، طبعيات، طِب، نَفسِيات، مَنطق، اخلاقيات ۽ رياضي جو ماهر بڻبو! جنهن کي بعد ۾ ارسطو (Aristotle) جي نالي سان ياد ڪيو ويندو ۽ جنهن لاءِ وري ساڳيو استاد ايئن بہ چوندو تہ "مُنهنجي اڪيڊمي جا ٻہ حصا آهن هڪ مُنهنجا سڀ شاگرد ۽ ٻيو ارسطو جو دماغ".

افلاطُون جي انهن سيني روَين باوجود پوڙهي (استاد افلاطون) ۽ نوجوان شاگرد (ارسطو) وچ ۾ ننڍا وڏا جهڳڙا هلندا رهندا هئا جنهن سان بعد ٻنهي وچ ۾ ڪو توازن وارو ماحول برقرار رهي نہ سگهندو هو___اُهو توازن ڪَنهن مَهل بَحث مُباحثن جي شڪل اختيار ڪري ٿُتندو هو تہ ڪڏهن وري علائقي جي الڳ رهڻ واري مَعيارن سان ٻنهي جي ذهني هم آهنگي تي ڏار پئجندا رهيا هئا_جنهن بعد ٻنهي جي وچ ۾ ڪافي تنقِيد هر لحاظ کان وڌندي رهندي هئي .

347 ق_ م ۾ جڏهن افلاطون فانِي جَڳ ڇڏي خُدا حافظ ڪري لاڏاڻو ڪيو تہ ان وقت ارسطو جي پُوري خواهش هئي تہ هُو (ارسطو) ان ساڳي اڪيڊمي جو سربراه ٿي رهي پر ايئن ٿي نہ سگهيو__چو تہ اُن وقت اُتي رهندڙ سيني شاگردن هِن جي انهي

خيال جي شدت سان مُخالفت ڪئي ۽ اهو چئي نظر انداز ڪيو هُئائُونس تہ "تون هڪ غير مُلڪي آهين ۽ ڪو بہ غير مُلڪي هن اڪيڊمي جو سربراهہ يا اُستاد افلاطون جو جانشين نہ ٿو بڻجي سگهي". تنهن ڪانپوءِ ارسطو تمام دِلبرداشتہ ٿيو جڏهن اڪيڊمي جو سربراهہ افلاطون جي ڀاڻج کي بڻايو ويو هو.

هاڻي ارسطو کي اٿينز ۽ ان اڪيڊمي مان بَورِيت ٿيڻ لڳي هئي ۽ هُو هر وقت اتان نڪرڻ جا بهانا ڳولڻ ۾ مصروف رهندو هو ۽ شايد ڪنهن اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هو "جنهن ذريعي هُو اُتان نڪري وڃي ۽ ڪڏهن بہ واپس نہ اچي"___نيٺ اهڙو وقت بہ آيو جڏهن ارسطو کي هُن جي هڪڙي پراڻي هَم جَماعت دوست طرفان دَعوت مِلي ۽ اهو دعوت ڏيندڙ شخص سائِرس جو بادشاه "هَرمِياس" هيو جيڪو "ڊائيونس" کان پوءِ اتان جو بادشاه بڻيو هو ۽ انهي دعوت ڪانپوءِ هرمياس طرفان ارسطو کي ايشيا ڪوچَڪ جي جڻ حاڪميت ملي چُڪي هئي ۽ هرمياس لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو پاڻ بہ هڪ سياستدان هو جنهن بعد ۾ ارسطو کان سياست ۾ وڏيڪ فائدو پرايو هو ۽ هِي رياست ۾ پيدا ٿيندڙ بغاتن کي چٽڻ جون صلاحون بہ ارسطو کان ئي وٺندو رهيو هو___پر هر مياس کي شايد خبر نہ هُئي تہ ارسطو جو معاملو ڪُجهہ مختلف هو ۽ هُن کي ڪڏهن بہ ڪيس اهڙين صلاحُن ڏيڻ ۾ مزو ڪون آيو هو، اهو انهي لاءِ تہ هزارن اِختلافن باوجود بہ ارسطو پنهنجي استاد افلاطون طرفان سڪاريل "اِنصاف" واري فلسفي کي وساري نہ سگهيو هو. باوجود ان جي بہ ارسطو کي هڪ وڏو فائدو اِهو پيو تہ هن جي محبت هرمياس جي پاليل ڌي (گود ورتل) سان ٿي جنهن سان بعد ۾ هُن شادي ڪري ڇڏي هئي جنهن لاءِ ارسطو ايئن بہ چيو هو تہ "شادي خُوشحال زندگي جو هڪ تمام وڏو حصو پڻ آهي"

ارسطو کي شايد "هرمياس" جي دوستي بہ راس نہ آئي ۽ ارسطو جي شادي کان ٿورو وقت بعد ايرانين سائرس تي حملو ڪري وڌو ۽ اُتان جي بادشاه هرمياس کي پڪڙي ڦاهي ڏئي ڇڏيائون. هَرمياس جي وڃڻ کان بعد ارسطو بلڪُل اڪيلو ٿي پيو هو۔۽ هاڻي وري هُن ڏٺو تہ هنڪي جڻ رهڻ ۽ زندگي گُذارڻ لاءِ ڪو نڪاڻو ڪون هو ۽ نہ وري ڪا مُلازمت___پر ارسطو جا ستارا هميشهہ گردِش ۾ رهندا هئا. هرمياس جي قتل کان پوءِ هن کي هڪ ٻئي شاهي دوست طرفان مدد جو هٿ وڏي مليو هو۔هاڻي اهو شاهي دوست مقدونيہ جو بادشاه فِلپ يعني سِڪندر اَعظم (Alexander the Great) جو پيءُ هو___فلپ ارسطو کي سڪندر جو استاد (ٽيوٽر) ڪري رکيو. انهي محل ۾ ارسطو کي جڻ جيئڻ جو هڪ نئون سهارو ملي چُڪو هو ۽ وڏي خُوشقسمتي هُن لاءِ اُها هُئي تہ هن کي بہ ساڳي شاهي خاندان ۾ مُلازمت ملي جتي هن (ارسطو) کان پهرين هن جا ابا ڏاڏا بہ ملازمت ڪري چڪا هئا. اتي ارسطو بہ بعد ۾ اهو ڏٺو تہ "هاڻي مقدُونيہ ۾ ڪنهن بہ قسم جي فلسفياڻي علم ۽ گيان جي ڪا ڳالهہ بہ نہ رهي هئي ۽ نہ وري اها شان او شوڪت جيڪا هر محل ۾ هئڻ گُهرجي". بادشاه فِلپ تمام ڏاهو

ماڻھو ھو پر ھُن کي اُها تعليم نہ ملي سگهي هئي جيڪا هن کي ملڻ کپي ها. هاڻي فلپ پنهنجي سڄي طاقت سڪندراعظم جي پڙهائي ۽ تربيت تي لڳائي ڇڏي هئي__فلپ چاهي پيو تہ هُن جو پُٽ تمام وڏو تعليم يافتہ ٿئي ۽ فلپ پنهنجي پُٽ کي هڪ فلسفِي ٿيندي ڏسڻ پيو چاهي، اُهو اُن لاءِ تہ فِلپ کي خبر هئي تہ هِن جو پٽ سڪندر وحشي جذبن جو مالڪ هو تنهن ڪري فلپ چاهي پيو تہ سڪندر جي طبِيعت ۾ بدلاءُ اچي__پر اهو بدلاءُ ڪيئن پيو اچي سگهي!! جڏهن تہ دَربار جو هر ماڻهو وحشت جي جذبي سان تِمتار لڳو پيو هو. ٻئي طرف سڪندر کي پنهنجي ماءُ ۽ فلپ جي زال "آولمپياس" جي لاءِ حوسي مُحبت بہ وڌندي وئي جنهن فلپ ۽ پٽ سڪندر جي خيالن کي مُتضاد ۽ الڳ ڪري ڇڏيو هو .

ارسطو کي هاڻي ڪنهن بہ قسم جي خُود مُطعمنِي نظر نہ ٿي آئي، پر تنهن باوجود بہ هُو پاڻ سنڀاليندو ۽ وقت سان گڏ هلندو رهيو هو__ڇو جو ارسطو کي هاڻي انهي محل ۾ رهڻ سان پنهنجي زندگي وڃائڻ جو ڊپ بہ ٿي پيو هو_نيڪ اُنهي طرح جيئن ارسطو کان اڳ هڪ ٻيو فلسفي سڪندر جي هٿان پنهنجي زندگي وڃائي وينو هو جڏهن ان فلاسافر محل جي حڪمت عملين جي مخالفت ڪئي هئي. ان کان اڳ اهو فلسفِي جنهنجو نالو "ٿينز" هو ارسطو جو سنو دوست هو جنهن کي سڪندر حُڪم ڏئي ڦاهي ڏياري ڇڏي هُئي .

ارسطو کي هاڻي پڪ ٿي چُڪي هئي تہ جنهن مقصد لاءِ هُو مقدونيا آيو هو، اُهو مقصد اُتي هُن کي نظر نہ آيو هو جنهن کان پوءِ هُو قدم سنڀاليندي مَقدُونيہ مان نڪتو ۽ وري اچي اٿينز ۾ رهائش پذير ٿيو__جتي هُن افلاطون وٽ فلسفي جو علم پرايو هو. اٿينز پهچڻ وقت هُن کي اڪيڊمي ۾ جانشين (ارسطو جي وفات کانپوءِ) نہ ٿيڻ جو ڏک بہ شديد هو پر هن اُن باوجود هِمٿ نہ هاري ۽ اٿينز ۾ هڪ اسڪول کوليائين جيڪو " لاسِيم" (Lysium) جي نالي سان ياد ڪيو ويندو هو. اٿينز جي فلسفي واري رواج کي جاري رکندي ارسطو اتي پنهنجي علم ڦهلائڻ وارين سرگرمين کي جاري رکيو ۽ اڪيڊمي ۾ عهدو نہ ملڻ باوجود بہ هُن پنهنجي قائم ڪيل اسڪُول " لاسيم" ۾ پنهنجو هڪ مقام ناهي ڇڏيو هو. هاڻي ارسطو افلاطون جيان اُستاد سڏجڻ لڳو هو ۽ ارسطو جي عمر پنجاه سالن جي لڳ ڀڳ پُهچي چُڪي هئي پر ان جي باوجود بہ هُن پنهنجو لباس ۽ رهڻ جو ڍنگ اعليٰ رکيو ڇو تہ ارسطو وٽ اجان تائين پنهنجو بچيل پئسو هو جيڪو ٻهريان هن کي پنهنجي خاندان کان ورثي ۾ مليو هو ۽ بعد ۾ هن کي هرمياس ۽ فلپ جي شاهي خاندان ۾ نوڪري ڪرڻ دوران__اُن پئسي کي هُو هميشه پنهنجي اسڪُول اندر تعليمي سرگرمين ۽ پنهنجي شاگردن جي پڙهائي لاءِ خرچ ڪندو رهيو هو. هاڻي ارسطو جو اِسڪُول هر لحاظ کان هڪ "فلسفي پڙهڻ ۽ سکڻ واري مڪتب گاھ طور مشهور ٿي چڪو هو"__ارسطو گهڻن عِلمن جو ڄاڻُو هيو جنهن ۾ مابعدالطِبعيات، سِياست، اِخلاقيات اچي وڃن ٿا پر اسان هتي ارسطو جي

ادب ۽ ڊرامہ نگارِي تي لکيل تنقِيدي ڪتاب پوئِٽِڪس (Poetics) تي پنهنجي سَرسَري نظر وجهنداسين ۽ پڙهنداسين .

## پوئِٽِڪس Poetics

هُونئن تہ اَرسطو اَدب جي حوالي سان ڪيترائي ڪتاب لِکيا پر ڪافي اسان جي هٿن تائين پهچي نہ سگهيا ۽ جيڪي اسان تائين پُهچي سگهيا تن ۾ هڪڙو پوئٽڪس بہ آهي__اُها بہ خبر اڄ تائين نہ پئجي سگهي آهي تہ ارسطو هِي تَنقِيدي ڪتاب خُود پنهنجي هٿن سان لکيو هُيو يا هُنجي شاگردن هُن جي ليڪچرن کي ٻڌي ڪري لکيو هو! جيئن اسان پوئٽي پڙهي آيا آهيون تہ افلاطون پنهنجي ڪتاب ۾ ڊرامي تي تنقيد ڪندي چوي ٿو تہ “ڊرامو انسان جي ذهن کي ڪمزور ڪندو آهي ۽ ماحُول ۾ انتشار پيدا ڪندو آهي” پر ارسطو “ڊرامي کي ذهن جي شفا سڏيو آهي” ۽ هن وڌيڪ چيو آهي تہ “ڊرامو ۽ شاعري انساني ذهن جي ڪٿارسس (Katharsis) آهي جنهن ذريعي هڪ شاعر يا ڊرامہ نگار حقيقي دنيا جي مسئلن ۽ شين کي ڏسي ۽ پنهنجي حواسن سان جاچي ڪري پوءِ پنهنجي ٻولي ۽ لفظن ۾ انهن سڀني کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي”. ارسطو کان پوءِ اڄ تائين ادب جي دنيا ۾ ڪٿارسس جي پنهنجي خاص حيثيت برقرار آهي. ٽريجڊي جي باري ۾ اَرسطو چيو آهي تہ “ٽريجڊي جو مقصد صرف روح جي بار کي هلڪو ڪرڻ آهي ۽ جڏهن رُوح جو بار هلڪو ٿيندو آهي تڏهن انسان جي اندر مان هر قسم جو خوف ۽ دهشت ختم ٿي ويندو آهي جنهن مان ڊرامہ نگار ۽ شاعر کي دلي سُڪون ملندو آهي”. ارسطو جو پوئٽڪس مڪمل طور تي تہ اسان جي هٿن تائين نہ پهچي سگهيو هو ۽ صرف ٻہ حصا اسان تائين پهچي سگهيا هئا، جن ۾ ارسطو ڪاميڊي جي باري ۾ پنهنجا راءِ ۽ خيال بہ پيش ڪيا آهن. پوئٽڪس ۾ ٽريجڊي کي واضح طور تي بيان ڪيو ويو آهي پر اُن دوران پڙهڻ سان اُن ۾ ڪامَيڊي جي ڪُجھ عنصرن کي بہ جاچي ۽ پڙهي سگهجي ٿو. چو تہ پوئٽڪس ۾ اُن جي باري ۾ بہ ذڪر ٿيل آهي. (اڳتي هلي اسان ڪاميڊي کي بہ بيان ڪنداسين) پر شايد وقت جي وهڪري دوران ڪاميڊي تي لکيل هن ڪتاب جا ڪُجھ حصا وڃائجي چُڪا هُجن. پوئٽڪس ۾ ارسطو نقل (Imitation)_فطرت (Nature) ۽ شاعري (Poetry) جي اصل اصُولن ۽ ٽريجڊي تي بہ بحث ڪندي نظر اچي ٿو. شاعري جي باري ۾ هُن چيو هو تہ “شاعري ۾ نقل ڪرڻ جماليات جو بنيادي اصطلاح آهي”_ وڌيڪ نقل کي تقويت بخشيندي ارسطو چوي ٿو تہ “حقيقي خيال کي تخليق ڪرڻ لاءِ نقل ڪرڻ تمام ضرُوري هُوندو آهي چو جو هن دنيا ۾ هر نهنڍڙ شي بہ شي جو نقل هوندو آهي”. جڏهن انسان نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تڏهن هُو پنهنجن حواسن کي اُن نقل ڪندڙ شين جي داخلي عنصرن تائين خيالن جي صورت ۾ ڪٺي ويندو آهي. جنهن کان پوءِ هُو اُنهن شين جو داخلي تجزيو ڪري وري اُنهن کي ٻيهڙي طرح پيش

ڪري بعد ۾ وري ٻين ماڻهن تائين پهچائيندو آهي. ارسطو مطابق “هر شي پنهنجي اندر ۾ هَئِيت (Passion) رکندي آهي، پر سوال اُهو آهي تہ ڪير ڪيترو ۽ ڪيسيتائين داخلي هئيت جو تجزيو ڪري سگهي ٿو”!

ارسطو مُطابق “حواس ذريعي محسُوس ٿيندڙ شين ۽ ظاهري طور نظر ايندڙ شين جي وچ ۾ تمام گهڻو ۽ ظاهري فرق هُوندو آهي”_جيئن هُن وڏيڪ چيو هو تہ “انسان خُود هڪ خُدا جو رُوپ هو جيڪو بعد ۾ دُنياوي حادثن جي ور چڙهي رُوپ بدلائي “نقل” جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي ۽ هڪ فلسفِي جو ڪم اهو آهي تہ هو مسخ ٿيل شڪلين جي اندر وڃي انهن جي اَصلي حقِيقتن کي جاچي ۽ وڃي اُهو تلاش ڪري تہ آخر اُهي ڪهڙيون قُوتُون آهن جيڪي سچي دُنيا ۽ هَستي کي حَرڪت ڪرڻ تي مجبُور ڪن ٿيون؟ ۽ اُهو جي ڪري سگهي ٿو تہ صرف هڪ نَقُل ڪندڙ شاعر” .

ارسطو جي لفظن ۾ جُملن شاعرن کي فلاسفرن جي صِف ۾ آڻي بيهاريو ڇڏيو ۽ ڪين کي اعليٰ مقام پڻ بخشيو .

ارسطو مطابق تہ “هر فن جو الڳ مزو آهي_هڪڙا فن جيڪو انسان عملي طريقي سان ڪيترائي حربا استعمال ڪري حاصل ڪري ٿو ۽ ٻيو فن آهي سنگيت ۽ شاعري جو_پر اُنهن سيني ۾ جيڪر نقل نہ ڪجي تہ فن جو حقيقي رُوپ هميشهہ لاءِ غائب ٿي ويندو. نقل هر شي ۾ سمايل آهي، فِطرت جي رنگن ۾ بہ تہ آوازن ۾ بہ___ ۽ نيڪ اُنهي طرح جيئن ڊانس ڪَرڻ تَرنُم جو نقل آهي___ ۽ شاعري ۽ آواز سُر جو نقل آهي”.

ارسطُو پنهنجي تنقيدي لکت پَوئِٽڪس ۾ نقل ڪرڻ جا واضع دليل تہ ڪو نہ ڏنا آهن پر اُن باوجُود بہ هن افلاطون طرفان ڏِنل نقل ڪرڻ واري بحث کي پنهنجي جملن ۾ آڻي تَصحيح ڪرڻ جي ڪوشش ضرُور ڪئي آهي. افلاطون هر نقل ٿيندڙ شي تي ظاهري طور بيان ڏنا ۽ تنقيد ڪيو آهي پر ارسطو جو چوڻ آهي تہ “نقل شين ۽ ڪائنات جو ظاهري عَمل بلڪُل نہ آهي ۽ انهي ۾ نقش نہ پر خيال نقل ٿيندا آهن ۽ خيال نقل ٿي وڃڻ ڪان پوءِ خيال مُسلسل پنهنجي شڪل ۽ مفهُوم بدلائيندا رهندا آهن”___يعني نقل ڪرڻ مان مُراد آهي “ڪنهن تخليق ٿيل شي کي وري ٻيهر تَخليق ڪرڻ ۽ اهو دُنيا جو بہ ڪائناتي سچ آهي تہ دنيا جو وجود نقل ڪرڻ واري عمل تي بيٺل آهي”

ارسطو جو خيال اهو بہ هُيو تہ “نقل انسان جي ظاهري وجود وارو عمل ناهي بلڪ جذبن، خيالن ۽ داخلي عَمل جو عَمل آهي_جيئن هڪڙو شاعر خيالن کي نقل ڪري ٿو، داخلي عمل کي نقل ڪري ٿو ٻولي کي نقل ڪري ٿو پر ظاهري صُورت، لباس ۽ جسم يا هَڏ هاڏ کي نقل نہ ٿو ڪري___فطرت جتي آهي اُتي پنهنجي محور تي رَوان دَوان آهي_انسان جي جيئڻ مرڻ وارو عمل بہ جاري آهي___پر بدلجي چا

ٿو؟ صرف خيال جيڪو وقت ۽ حالتن سان بدلجندو رهي ٿو ۽ نقل جي صورت ۾ هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ۽ هڪ فرد کان ٻئي فرد تائين منتقل ٿيندو رهي ٿو". ادب جي دنيا وسيع آهي جنهن ۾ شايد ڊرامو، ڪاميڊي، مضمُون افسانو سيني صنفن ۾ ڪردار ڊائيلاگ پلاٽ ٻولي ۽ وقت کان ويندي هر شي جو منصوبو هجي ٿو. ادب جي دنيا ۾ شاعر جي باري ۾ ارسطو جو خيال آهي ته "ايئن نه آهي ته ڪو شاعر جيڪو حقيقي انداز ۾ ڏسي ٿو يا جيڪو ڪُجهه وهيو واپريو اُن کي اُنهي سِڌي ٻولي ۾ بيان ڪري پر شاعر اهڙين شين کي بيان ڪندو آهي جيڪي ٿي سگهن پيُون"!! شاعري يا نثر ايئن ناهي جيئن ڪو تاريخدان هڙني واقعن کي کولي بيان ڪري ٿو جيئن "هَيرو ڊِٽس" جي تاريخي سهيڙيل مضمونن ۾ هر واقعو ۽ هر شي ترتيب سان بيان ڪيل هوندو آهي ان کي ايئن به چئي سگهجي ٿو ته تاريخ اُنهن شين جي باري ۾ ٻڌائيندو آهي جيڪي ٿي چُڪِيُون آهن ۽ شاعري انهن شين جي وضاحت ڪندو آهي "جيڪي ٿي سگهن ٿيون يا ٿيڻ واريون آهن". ارسطو شاعري کي تاريخ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ فَلسفِياڻو سڏيو آهي ۽ وڌيڪ هُن چيو ته "شاعري آفاقي صَداقتُن جي نشاني آهي ۽ تاريخ جڏهن ته مخصُوص واقعن کي بيان ڪندي آهي".

اُنهي سيني حالتن سان گڏ ارسطوءَ فَنِي اثرن کي به بيان ڪرڻ تي زور ڏيندي چوي ٿو ته "منصُوبو (Plot) کي هڪ واحد مظهر هئڻ گهرجي ۽ پلاٽ جي مُختلف واقعن (events) جي ترتيب اهڙي هئڻ گُهرجي جيڪڏهن اُنهن مان هڪڙي به واقعي کي ٿورو پنهنجي جڳهه کان هٽائي ٻي جاءِ تي رکجي يا خارج ڪري ڇڏجي ته اُنجو اثر ۽ ان جي وَحدت بگڙي وڃي___جيڪڏهن اَهڙي طرح ڪنهن شي جي مَوجُودگي ياعَدم موجُودگي سان ڪنهن شي تي خاص فرق نٿو پوي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته ان ۾ سمايل شي مڪمل ناهي ۽ اصُلي به ناهي". انهي ڳالهين کي اڳتي وڌائيندي افساني جي صورت کي به ارسطو بيان ڪري ٿو جنهن جي جديد شڪل ڪٽي ايئن چئجي ته "ناول به آهي".

افساني ۾ ارسطو مُطابق "پلاٽ جي ترتيب ائين هُئڻ گهرجي جو ڪهاڻي کي اِستيج تي ڏني بنا ئي خالي ٻڌي يا پڙهي هر ماڻهو واقعن ۽ ڪردارن جي خوف سان خوف کائي ۽ بيان ٿيل خوشي ۾ پاڻ رڱجي وڃي ۽ رُوح پنهنجي کي اُنهي ٻُڌڻ ۽ پڙهڻ ۾ شامل ڪري ڇڏي"_اهڙي طرح جيئن "هر ڪو اوديپس ريڪس جي ڪهاڻي کي پڙهي بادشاه جي حال تي ترس کائيندو آهي ۽ ڪردارن وچ ۾ بدلجندڙ تقدِير سان حيرت کائيندو آهي".

ارسطو جو پوئٽيڪس انهي لکٽين جي حوالي سان تخليقي عمل جو اهڙو شاهڪار آهي جنهن ۾ هر صنف (genre) تي الڳ الڳ اَصُول قائم ڪيل آهن ارسطو پنهنجي هِن ڪتاب ۾ ٽريجڊي کي ٻين صِنفن کان وڌيڪ اهميت ڏني آهي___انهي ڪانپوءِ ٽريجڊي جي باري ۾ جيڪو بحث مليو انهي ۾ شاعري جي بنيادي

مقصدن تي بہ روشني پئي ٿي. ٽريجڊي مان مراد ”روح جو تزڪيو (Katharsis) جنھن ذريعي خوف ۽ ترس جي جذبن کي ختم ڪري سگھجي ٿو“. پر ارسطو مطابق ”ٽريجڊي اندر اھڙو فني اثر پيدا ڪرڻ لاءِ اُنھي جي لَمبائي، ڦھلاءُ ۽ ان جي ڪِردار، ان جي طرز ۾، خيال ۾ ڪورس ۽ تماشي جي نوعيت ۾ ھڪ توازن برقرار ھئڻ گھرجي “

اسان کي ارسطو جو ھي ڪتاب پڙھڻ وقت ذھن ۾ اِھو خيال بہ ضرور رکڻ گھرجي تہ پوئيٽڪس جو اثر عربي، فارسي ۽ اُردو تي تمام گھڻ پيو آھي_پوئٽڪس کان جيڪا روايت جُڙي آھي اھا گھڻو ٽڻو مغرب جي شاعري ۽ مغربي ادب جي ورثي ۾ وڌيڪ سمائجي سگھي آھي__انھي روايت جِي پيروي ڪندي مغربي ادب جي مُختلف پھلُوئن تي قديم ۽ جديد طِرز مُطابق مُثبت اثر پيو ۽ وڏي پئماني تي مغربي ادب ارسطو جي پوئٽڪس جي پيروي ڪندي پنھنجي ادب ۾ جدت پيدا ڪئي. انھي کان علاوه اڄ کان ھزارين سال اڳ ارسطو جيڪي سوال ڪنيا ۽ انھن جي وصفن کي بيان ڪيو ھو، اُھي اڄ بہ ادب جي دنيا ۾ مضبُوطي سان بيٺل آھن ۽ زنده آھن ان کان علاوه ھر ادبي صِنف تي جاندار تنقيدي سلسلي جو آغاز بہ رھنديون پيون اچن. اُنھي حوالي سان ذھن ۾ انساني تاريخ ۾ پوئٽڪس جي پنھنجي دائمي حيثيت برقرار رھي آھي

پوئٽڪس جي بغير ادبي مُطالعو نامُمڪن آھي ۽ اُن کان بغير مَغرب جي قدِيم ۽ جديد تنقيدي ۽ ادبي روايت کي سمجھڻ بہ ڏکيو آھي پر اھا ڳالھ بہ ذھن نشين ڪرڻ ضروري آھي تہ ”پوئٽڪس کي پڙھڻ ۽ سمجھڻ ڪانپوءِ توجھ جي ضرورت پوندي آھي ڇو تہ ھن جي گھرائي کي سَمجھڻ مان مُراد ادب جي گھرائي کي سجھڻ آھي“.

ارسطو جو خاص مقصد ادب جي ھر پھلو ۾ روح جي تزڪئي (Katharsis) کي پيدا ڪرڻ آھي__شاعري، افسانو ۽ ٽريجڊي کان وٺندي ڪاميڊي تائين، جيڪڏھن اُنھن ۾ ڪو بہ اھڙو عنصر نہ آھي جيڪو پڙھندڙ يا ٻُڌندڙ کي پاڻ سان گڏ ڪٽي ھلي تہ پوءِ اُھو سمجھجھي تہ ”ليکک يا ٻُڌائيندڙ جي لھجي يا لکڻ واري توازن ۽ انداز ۾ طاقت جي ڪوٽ ڪٿي نہ ڪٿي موجُود ضرور آھي“. انھي سيني شين جي داخلي عنصرن کي سمجھڻ لاءِ اسان کي ٿوري وڌيڪ وضاحت ڪرڻ جي ضرورت پڻ آھي .

## شاعري، ڪاميڊِي ۽ ٽريجڊِي ۾ نقُل جو مُختصِر جائِزو

ھر فنڪار جو نقل ڪرڻ جو پنھنجو انداز ھوندو آھي، ھِڪڙا تہ رَنگ شين ۽ آواز کي نقل ڪندا آھن___پر ٻئي طرف نقل جو فن وَزن، مَوسِيقي ۽ رَقص ۾ بہ نمايا آھي، جيڪي رُوح ۾ حَرارت پيدا ڪري ڇڏيندا آھن. ھتي ارسطو مُطابق ”ھر شي ۾ نقل سمايل آھي“_۽ اُنھي حوالي سان ارسطُو جي ”نقل“ واري

نظرئي کي افلاطون جي نقل واري نظرئي کان وڌيڪ مضبُوط ۽ نهڪندڙ چئي سگهجي ٿو. نقل مان ارسطو جو مراد اُهو نہ آهي تہ "شيُون اڳ ۾ جيئن نهيل آهن اُنهن کي اهڙو جو اهڙو پيش ڪري ٻين اڳيان رکڻ"_پر ارسطو جو خيال اهو آهي تہ "نقل جو مقصد نقل ڪندڙ شي اندر تخليق جو واڌارو ڪرڻ آهي". ان جو مثال هُو اُن طرح ڏئي ٿو تہ "موسيقي جو ناتو انسان جي جسم ۽ جذبن سان آهي ۽ موسيقي ڇڻ تہ خود هڪ نقل ٿيل فن هُوندو آهي"___پر تنهن باوجود بہ ماڻهو موسيقي سان موهجي پوي ٿو، ۽ ان جي اندر ۾ هلچل ۽ حرارت پيدا ٿي پوي ٿي. اُنهي مان اِهو اندازو بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ "افلاطون جو نقل وارو نظريو محدود هو جڏهن تہ ارسطو ان کي هر لحاظ کان بيان ڪيو ۽ روح جي تزڪئي (Katharsis) کي بہ انهي نقل ٿيندڙ فن جو حصو چئي ڏنو هُئائين". هن مطابق سُقراط، سَوفُرون ۽ زِنارڪِس جو جيڪي نقل ٿيل مواد پڙهيو ٿو وڃي ۽ جنهن ۾ قافِيو پڻ ڀرپور استعمال ٿيل آهي ۽ ان لاءِ اسان وٽ ڪو خاص نالو نہ آهي تہ ڪهڙو نالو ڏيونس؟ ان کان علاوه هومر جي شاعري ۽ "ايمپيڊو ڪلاس" جي ڪلام ۾ خالي ڪافئي (Meter) کان سواءِ ٻي ڪا بہ شي ساڳي ناهي تہ پوءِ اسان ٻنهي کي هڪجهڙو چئي سگهون ٿا؟ نہ هر گز نہ، "هومر هڪ شاعر هو ۽ اَيمپِيڊو ڪلاس هڪ فطري فلاسافر هو"___فن ۽ نقل دوران وزن (Rhythm)، موسيقي (Music) ۽ قافئي جو استعمال نقل ڪرڻ جي نمائندگي جا مثال آهن.

نقل ڪرڻ وارا فنڪار انسان کي عمل ڪندي پيش ڪندا آهن ۽ انهن انسان ۾ لازمي طور کي بُرا هوندا ۽ ڪي ڀلا، پر هر ڪو فطرتن الڳ طبيعت ۽ جذبن جو مالڪ هوندو آهي ۽ هر ڪنهن وٽ الڳ طبيعت هُوندي آهي ۽ هرڪو پنهنجي فطري طبيعت مطابق هر شي کي بيان ڪندو آهي. نيڪ انهي طرح جيئن "پَولي ڪِنوتِس" انساني جذبن کي بيان ڪيو ۽ "ڊائيونسِس" انسان کي انهي طرح پيش ڪيو جيڪو هُن کي جيئن نظر آيو___يعني پوءِ اُهو سچو فن، نقل ڪندڙ جي هٿ ۾ آهي تہ هو زُبان جو سهارو ٿو وني يا لکٽين جو___شاعري جو يا نثر جو جيئن هومر بهترين انسان کي ڪٽي اڳيان بيان ڪرڻ لڳي ٿو ۽"ڪليوفون" نارمل قسم جي انسان ۽ "تاسُوس ڪاهِيڪِمين" انهي انسان کي خراب حالت ۾ پيش ڪري ٿو .

ارسطو مطابق "نقل ڪرڻ جا ذريعا بہ هيئڻ گهرجن جيئن هڪ هنڌ آواز واري مِيڊيم کي استعمال ڪرڻ جيئن سَوفوڪلِيس ۽ هَومر ڪيو ۽ انهي کان علاوه ارسٽوفينز وارو عمل بہ هومر جيان ماڻهن جي خُوبين کي نقل ڪري پيش ڪرڻ آهي". شاعري کان پوءِ ٽريجڊي ۽ ڪامَيڊي ۾ بہ ڏسڻ تہ گهرجي تہ ڪيئن ڪردار پنهنجو ڪردار پاڻ نڀائي رهيا آهن ۽ اُنهن جي چال چلت ڪهڙي ٿي ٻيهي؟ ڪاميڊي ۾ ظاهر ٿيندڙ ڪردار پَستِي قدرن جو ماريل هوندو آهي ۽ ٽريجڊي ۾ ڪردار عام ماڻهو جي حيثيت کان بہ وڌيڪ اعليٰ نظر ايندو آهي. ڪاميڊي کي وجود ۾ آڻڻ جا دعويدار "مَيگاريا" ۽ "سِسِلِي" آهن جن جو چوڻ آهي "اُنهي قسم جون صِنفون هتان اسان وٽان

اُيريُون آهن ۽ نقل ادب جي هر صنف جو حصو آهي ۽ اهو ڏسجي ته ڪير ڪيترو ۽ ڪيئن پنهنجي ڪردار ڪي تخليق پيو ڪري“.

شاعري ۾ تخليق ٻن سببن وسيلي پيدا ٿئي ٿو، هڪ ته شاعري جو فن شاعر ۾ ڄائي ڄم کان هوندو آهي___ٻيو ته شاعري تجربن ۽ مُشاهدن جي زنجير به آهي ۽ آخر ۾ هوندو آهي ”نقل“. پر اُن نقل ۾ اهڙو تجربو سمايل هُجي جيئن ايئن محسُوس ٿئي ته جيڪو پڙهڻ وارو پڙهي ۽ ٻڌڻ وارو ٻڌي اُهو اُن کي نئون ۽ حقيقي لڳي ۽ انهي پيدا ڪيل نقل مان مُسرت جي خوشبو اچي___هاڻي اهو نقل ۽ تجربي کان ويندي شاعري ڪرڻ وارو ڄائي ڄم کان فنڪار جي طبيعت تي اِنحصار ڪري ته هو پاڻ ڪهڙي ذهنيت جو مالڪ آهي ۽ جيڪڏهن پاڻ اعليٰ سوچ جو مالڪ آهي ته هو اعليٰ عملن ۽ اعليٰ ماڻهن جي نِشاندهي ڪندو ۽ جيڪڏهن هنجي سوچ پَست آهي ته هُو هميشه پست ماڻهن جي سوچ ۽ عمل کي پنهنجي ٻولي ۾ بيان ڪندو ان کان علاوه نقل ڪرڻ جي سگهه به هر ڪنهن ۾ مُختلف آهي___ورِي به صحيح ۽ شاندار نقل جو مطلب هر اها شي آهي جيڪا ناپسنديده هجي ان کي شاعر وٽندڙ ڪري پيش ڪري ته تنهن جو مطلب ”نقل“ جو فن پنهنجي صحيح ۽ ڪامياب رستي تي پيو هلي.

يُوناني دور جي شاعري جيڪا ٻن حصن ۾ به ورهائجي وئي هئي جنهن ۾ هڪ طرف هومر ۽ ٻئي طرف ”ماءِ گائِٽس“ ۽ ٻين شاعرن جا نظم هئا، جيڪي پنهنجي اندر ۾ هڪڙا اعليٰ قدرن جا مالڪ هئا ۽ پنهنجي شاعري ۾ بهادري (Heroic) جو درس پيش ڪندا هئا، ۽ ٻئي طرف وري هُنن آئيامبڪ ورسز (Iambic verses) کي شاعري ۾ آڻي گارگند ۽ طنز ڪرڻ واري فن ۽ نقل کي به مُتعارف ڪرايو هو___پر حقيقي طور انهي ٻنهي حصن ۾ نقل سرفهرست آهي، ٻنهي کي پنهنجي تخليق ۾ نقل ڪرڻ جي فن کي سمجهڻ آهي جيڪو شاعري ۾ نقل ڪرڻ جي فن کان ويندي ڪاميڊي ۽ ٽريجڊي ۾ به سمايل آهي، پر وري به هر شي نقل ڪرڻ واري تي آهي ته هُن وٽ نقل ڪرڻ جي صلاحيت ڪيتري آهي ۽ ڪردارن سان هُن جي سچائي ڪيتري آهي!

## ناٽڪ Comedy

”ناٽڪ جو گهڻو واسطو مِزاح سان آهي جنهن ۾ انسان جي حالت کي بگاڙي پيش ڪيو ويندو آهي“. حالت بگاڙي پيش ڪرڻ مان مراد ته انسان ۽ حالتن کي بي ڍَولو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ ڪردار پاڻ کي خراب صُورت ۽ خراب ڪردار ڪشي ذريعي پيش ڪندو آهي پر اُنهي ۾ ٻين ڪردارن ڪنهن کي ڪنهن

بہ قسم جي تڪليف ناهي پُهچائيندو ۽ نہ ئي وري ڪنهن کي ڪو نقصان ڏيندو آهي__اُنهي صِنف ۾ ڪردار جي شِڪل هاڻي ۽ ڪردار خُود بَد حالي جي ور چڙهيل هوندو آهي ۽ اُنجو تعلُق ڪردار جي وحشي هُئڻ سان بلڪُل بہ ناهي هُوندو .

ابتدا ۾ تہ ڪاميڊي طرف ڪنهن بہ قسم جو ڌيان نہ ڏنو ويو هو پر بعد ۾ ڪاميڊي ۾ ڪورس (Chorus) کي شامل ڪيو ويو هو ۽ ڪيترن ئي شاعرن اُنهي صِنف ۾ پنهنجو ڪمال ڏيکاريو هو، ۽ شاعرن جو ڪاميڊي ڏانهن لاڙي هن صنف کي اجا بہ مضبوط بڻايو هو. اُها تہ خبر ناهي تہ ڪاميڊي ۾ ڪنهن ڇهرن جي ماسڪ (پرلاگ اداڪارن) ۽ انهن جي تعداد ۾ اضافو ڪيو پر ڪاميڊي ۾ صحتمند پلاٽ گهٽو تٽو سِسِلي ۾ "اَيپِيڪامِس" ۽ "فُورمِس" استعمال ڪيو هو. اَٿينس جي شاعرن ۾ پهريون شخص "ڪَريٽِس" هو جنهن ڪاميڊي کي طنز (Satire) واري ڍَنگ ۾ بَدلائي عام پلاٽ جي حصي ۾ شُمار ڪري ڇڏيو هو .

رمزيہ شاعري (Epic) ٽريجڊي سان مُشابهت رکي ٿي پر وري بہ اُنهي ٻنهي ۾ فرق صرف ايترو آ تہ اِيڪ هڪ ئي بَحر ۾ هُوندو آهي ۽ اُنجي شڪل اَفساني واري هوندي آهي__۽ ٽريجڊي جڏهن تہ سج وانگر گردش ڪندڙ واقِعن ۽ ڪردارن کي گهُمائيندڙ فن جو نالو آهي. انهي کان علاوه اِيڪ ۾ وقت جي ڪابہ پابندي ناهي ۽ ٽريجڊي ۾ جڏهن تہ وقت جي نذاڪت کي نظر ۾ رکٽو پوندو آهي. ان کان علاوه اِيڪ ۽ ٽريجڊي ۾ هڪڙي ڳالهہ اها بہ آهي تہ ٽريجڊي ۾ جيڪو شخص سُنائي ۽ بُرائي جو تميز ڪرڻ ڄاڻي ٿو اُهو ايڪ جي باري ۾ راءِ ڏئي سگهي ٿو پر ايپڪ وارو ٽريجڊي تي گهٽو تٽو راءِ ڏئي نٿو سگهي__اُهو ان لاءِ تہ ٽريجڊي جون ڪافي شيون ايڪ ۾ نٿيون ملي سگهن يعني ٽريجڊي ڪٿي ڪٿي مَخصُوص صنف آهي.

## ٽريجڊي Tragedy

ٽريجڊي سَنجيده عَمل جي نقل جي اهڙي نمائندگي آهي جيڪا توجہ لائق آهي ٽريجڊي جِي پنهنجي وسعت بہ هوندي آهي_اُن ۾ ٻولي بہ هوندي آهي ۽ اها ٻولي اَفساني کان مُختلف هُوندي آهي. ٽريجڊي خوف ۽ تَرس جي ذريعي اهڙن جذبن کي پيدا ڪندو آهي جنهن ۾ روح جو تزڪيو (Katharsis) خودبخود اچي ويندو آهي__ٽريجڊي ۾ مناسب وقت ۽ واقعن کي ڪٿي نظم تہ ڪٿي گِيتن جي مدد سان پيش ڪبو آهي.

ٽريجڊي ۾ نقل جي نمائندگي انهن ماڻهن جي مدد سان پيش ڪيو ويندو آهي جيڪي اُن ۾ عمل جي ڪردار کي نڀائيندا آهن، تنهنڪري ٽريجڊي جو لازمي حصو "تماشو" آهي. ان سان گڏ ٽريجڊي ۾ گيتن کي شامل ڪرڻ تمام لازمي آهي ۽ گيت بہ ان ۾ ڪردارن ۽ واقعن جي نمائندگي ڪندا آهن.

ٽريجڊي ۾ عَمل ئي نقل هُوندو آهي ۽ اُهو نَقُل وارو عمل اُنهي ڪردارن جي خيالن مان ظاهر ٿيندو آهي جيڪي انهي وقت ڪردار پيش ڪندا آهن__جن تي سيني جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جو انحصار هوندو آهي. عمل (Action) جو نقل ٽريجڊي جو پلاٽ هوندو آهي ۽ اهو ان لاءِ ته واقعن (Events) جي ترتيب سان ئي ٽريجڊي جو پلاٽ ٺهندو آهي جيڪو انهي پلاٽ ۾ عمل، فطري تعريف ڪي ۽ خيال ڪنهن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي .

ٽريجڊي ۾ اهڙا ڇهه (Six) ضرُوري حصا پڻ آهن جيڪي ٽريجڊي جي صِنف کي برقرار رکن ٿا انهن ۾ منصُوبو(Plot)، ڪردار(Character)، زبان (Language)، بيان(Intrepration)، خيال(Ideas) تماشو ۽ گيت اچي وڃن ٿا. اهي اهڙا ڊرامائي عنصر آهن جيڪي هر ڊرامه نگار استعمال ڪندو آهي__جو ته هر ڊرامي ۾ تقريبن اُنهن ڇهن عَنصرن جو وڏو ڪردار آهي ۽ انهي ڇهنِي جي ملڻ سان ڊرامون مُڪمل ٿيندو آهي.

انهن عنصرن ۾ سڀ کان اهم "پلاٽ"_ يعني واقين جي ترتيب آهي جو ته ٽريجڊي روبرو انسان جو نقل ناهي، پر اُهو انساني عَمل، زندگي، خُوشي ۽ غم جي نقل جي نقل سان تعلق جو نالو آهي__هڪڙي ڳالهه اُها به آهي ته انسان جيڪو ڪجھ آهي اهو پنهنجي ڪردار جي ڪري آهي پر ان جي خُوشي ۽ غم جو تعلُق هُن جي پنهنجي عمل سان هوندو آهي. ٽريجڊي انسان جي ڪردار جي لاءِ ناهن لکيُون ويندين پر ان ۾ عمل جي لاءِ ڪردار کي لکيو ويندو آهي ان لاءِ واقعا ۽ پلاٽ ئي به اهڙا مقصد آهن جنهن سان ٽريجڊي ۾ ڪهاڻي جي ارتقا ٿيندي آهي_يعني پلاٽ ئي ٽريجڊي جو پهريون ۽ بنيادي جُز آهي؛ پلاٽ جي حيثيت ٽريجڊي ۾ رت مثل آهي ۽ ڪردار جو ڪردار ٻئي نمبر تي هوندو آهي__ڳالهه وري به ترتيب جي اچي وڃي ٿي، يعني پهريون واقعو بعد ۾ ڪردار__اُنهي جو مِثال ارسطو هيئن به ڏئي ٿو ته "جيڪڏهن هڪڙو مُصور ڪينواس تي حسين ترين رنگن کي بي ترتيبي سان وکيري ته ان مان اهو اثر پيدا نه ٿيندو جيڪو اثر هڪڙي خُوبصورت شڪل ۽ صورت جي نهڻ سان ٿيندو". ٽريجڊي عمل ۽ نقل آهي ۽ اُنهي عمل جي ذريعي ئي شخصن جي نمائندگي به ٿيندي رهندي آهي.

پلاٽ ۽ ڪردار کان پوءِ ٽريجڊي جي ٽين صِنف آهي "خيال"__خيال مان مراد "اهڙي قابليت جنهن وسيلي هر موقعي تي موزُون حالت کي ظاهر ڪرڻ آهي"__خيال جو گهڻو تڻو تعلق فنَو سِياست ۽ خُطبن سان هُوندو آهي__جن جو ناتو زبان ۽ ٻولي کان ويندي آواز سان جُڙي ٿو؛ ۽ جنهن وسيلي ڊرامي ۾ تقرير جي فن واري جُز کي طاقت ملي ٿي__قديم دور جا ڊرامه نِگار پنهنجي ڪردارن کي سياستدانن جي ٻُولي جيان ڳالهائڻ لاءِ پيش ڪندا هئا پر هاڻي اڄڪلھ انهن جي زبان مان ڪنهن مقرر جيان ڳالهائڻ واري ڍنگ کي اوليت ڏني وڃي ٿي. يعني ڪِردار اُهو آهي جيڪو

هر فن کي پنهنجو ذاتي جذبو سمجهي اظهار ڪري ۽ هر شي کي واضح بيان ڪرڻ کان وڌيڪ ٿورو مُبهم ۽ پوشِيده رکي ڪري بيان ڪري__ڪردار ادا ڪندڙ جي اها بہ ذميواري آهي تہ "هو هر جذبي کي پوشيده پر اَيترِي طاقت سان بيان ڪري جو ڏسندڙ ۽ ٻُڌندڙ ڪردار جي هر جذبي جي تہ تائين آساني سان پهچي ان کي سمجهي سگهي".

انهي کان علاوه ٽريجڊي ۾ چوٿين مقام تي زبان ۽ تقرير جي فن جي نمائندگي آهي. "زبان ٻولي کي پيدا ڪندڙ ذريعو آهي جنهن ۾ ڪردار کي هر وقت لفظن جو صحيح استعمال ڪرڻو آهي ۽ ڪجهہ بہ چوڻ ۽ ڪُجھ وقت لفظن جو استعمال چٽو هئڻ سان گڏوگڏ ان ۾ نثر، نظم ٻئي برابر هُجن ۽ ٻئي برابر اثر ڇڏين".

تماشو ۽ گيت پلاٽ جا آخري حصا آهن_ٽريجڊي ۾ تماشو گيتن ذريعي ئي پيش ٿيندو آهي. "جڏهن تماشو ۽ گيت گڏجي پوندا آهن تڏهن تفريح پيدا ٿي پوندي آهي؛ ان کان علاوه تماشو ۽ تفريح اسٽيج جي آرائش (Enteratainment) کي وڌيڪ دلچسپ ۽ دلڪش بڻائيندا آهن__تنهن ڪري ٽريجڊي ۾ جيڪڏهن تفريح نہ ٿيندو تہ اُنجو اثر اِسٽيج تي ويهي ڊرامو ڏسندڙن تي نہ پوندو؛ پر جيڪڏهن ڪردارن ۾ رَنگينِيت موجود آهي تہ اسٽيج تي ويهي ڊرامو ڏسندڙ هر ماڻهو ۾ دلچسپي پيدا ٿيندي".

## رُوح جو ٽزڪِيو Katharsis؛ مُختصِر جائِزو

ڪَٿارسِس جي مفهُوم کي پهرئين دفعي ارسطو پنهنجي پوئٽڪس جي بوڪ نمبر پنج ۾ بيان ڪيو هو، جنهن جي معنيٰ آهي "رُوح اندر هلڪائي پيدا ڪرڻ" ۽ "پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيل پڙاس (Purgation) کي ٻاهر ڪڍي پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيل اُڻ تڻ کان پاڻ کي آجو ڪرڻ". ڪٿارسس_ارسطو جي بيان ڪرڻ کان اڳ علاج جو هڪڙو ذريعو هوندو هو، جڏهن يونانين جي اوائلي دور ۾ ماڻُهن جو علاج جڙي ٻُوٽِين کان علاوه سَنگيت، موسيقي ۽ آواز ذريعي بہ ٿيندو هو جنهن ۾ مريضن جي رُوح کي موسيقي ۽ گِيتن سان ملائي اُنهن جي حواسن کي صحيح جاءِ تي آندو ويندو هو.

"ڪٿارسس" هڪ اهڙو اصطلاح آهي "جنهن ذريعي انسان جي اندر ۾ پيدا ٿيل خوف (Fear) ۽ ترس (Pity) کي ٻاهر ڪڍي اُنهن کي ختم ڪري سگهجي ٿو". ارسطو ڪٿارسس کي "ڊرامي جو فَن سڏيو آهي ۽ ڊرامي ۾ ڪٿارسِس پيدا ڪرڻ لاءِ لازمي آهي ڪردار کي واقعن ۾ حقيقي جذبن جو مُظاهرو ڪرڻ گُهرجي؛ ان لاءِ ارسطو اهو تصور بہ ڏنو آهي تہ "ڪٿارسس جي ظاهر ٿيڻ جو تعلقُ ڊرامي ۾ هِيرو جي سُڃاڻپ ۽ ڪُشائي (Anagorsis) سان گڏوگڏ سني ڪردار نيائڻ سان جُڙيل آهي". اُهو اُن لاءِ تہ هر ڊرامي ۾ هر ڪنهن جا جذبا هيرو (Protagonist) سان جُڙيل هوندا آهن، ۽ ڊرامي کي

ڏسندڙ جو غور اُنهن واقعن تي هُوندو آهي تہ حالتُون ڪيئن بدلجن ٿيُون ۽ ڊرامي ۾ مُکِيہ ڪردار ادا ڪندڙ (هيرو) ڪيئن حالتن ۾ مختلف صُورتحالن کي مُنهن ڏئي ڊرامي کي ڪٽي آخر تائين پهچائي ٿو .

هر ڊرامي ۾ هڪڙو ڪردار يا واقعو اهڙو هُوندو آهي جنهن ۾ ڏسندڙ جو جذبو انهن ڪردار ادا ڪندڙن جي عملن سان ڳنڍيجي ويندو آهي: ۽ جيڪو ڪجھ ڪردار ادا ڪندڙ اِسٽيج تي بيهي عمل ڪندا آهن اُن جو اثر ويٺل ۽ ڏسندڙن تي پوندو آهي، ۽ اُن وقت تماشائين جُون همدرديُون بہ اُنهن جي پسنديده ڪردارسان جُڙي ويندِيُون آهن. يعني جيڪو ڪردار جيئن پنهنجي عملن کي واقعن تحت نيائيندو ويندو آهي تيئن ڏسندڙ اُنهن جي هر عمل کان موهجندا ويندا آهن ۽ انهن جي اندر ۾ جيڪي جذبا جنهن حالت ۾ هوندا آهن اُهي اُنهن جي پڪڙ کان نڪري وڃي ڪردار اداڪندڙن سان جُڙي ويندا آهن___۽ پوءِ حالت اها پيدا ٿيندي آهي جو اُنهن ڏسندڙن جا جذبا ڪردارن سان تعاوُن ڪري پنهنجي خوف ۽ خُوشي جو اظهار ڪندا آهن .

ڪَٿارسِس هڪڙو اهڙو فِطري عمل آهي جنهن کي ڪِردارن ۽ عَملن ذريعي حرڪتُن ۾ آڻي سگهجي ٿو ۽ حالتُن، واقعن ۽ ڪردارن ذِريعي ان کي ظاهر ٿيندي پسي سگهجي ٿو .

# سَوفوڪلِيس
# 497 قبل مسيح

”هر ماڻهو ڪي گهرجي تہ هُو شام جي وقت جو ويهي انتظار ڪن ۽ جڏهن شام جو وقت اچي وڃي تہ سوچين تہ اڄ هُنن جو سڄو ڏينهن ڪيئن گذريو_هُنن ڇا حاصل ڪيو ۽ ڇا وڃايو؟ هر ڪو صبح ٿيندي ئي دُنيا جي ڌنڌن ۾ اچي ڪري هر سوچ کان ائين لاتعلقُ ئي ٿي ويندو آهي جڻ هُن جي زندگي جي شام ڪڏهن اچڻي ئي ناهي، شام ٿيڻ کان اڳ جيڪڏهن انسان هڪ مقام ناهي سگهي ٿو تہ پوءِ هر گز ڪيس دير نہ ڪرڻ گهرجي_۽ جي اُهو مقام جڙي سگهي ٿو تہ صرف امر خيالاتن سان___۽ هر ڪِنهن کي سوچڻ گُهرجي تہ انسان جي زندگي جي شام هڪ ڏينهن تہ ضرُور اچڻي آهي، پر اُنهي انسان جي زندگي ۾ پيدا ڪيل خيالاتن جي شام صدين جو سفر طئي ڪندي رهندي_جيڪو وقت اچڻ سان وڌيڪ نرالو ۽ انوکو ٿيندو رهندو_خيالن ۾ جي پُختگي آهي تہ زندگي اُنهن جي ضمانت هُوندي آهي ۽ اُهي هر دور ۾ زنده رهندا آهن، هڪ اُستاد جيان_پر جي خيالاتن جو رخ انسان جي پلائي بدران انتشار تي بيٺل آهي تہ پوءِ شيطان جنم وٺندو آهي“.

انسان کي ۽ دُنيا کي صرف هڪڙو ئي جذبو بچائي سگهي ٿو ۽ اُهو آهي ”مُحبت“___هِي اَجان سَتن سالن جو مس هو جڏهن اِيران ۽ يُونان جي وچ ۾ 490 قبل مسيح دوران جنگ لڳي هئي. وقت سان گڏ جڏهن هي (سوفو ڪليس) پڙهڻ جي قابل ٿيو تيڏهن هُن هَيرودِٽس جي تاريخ جو مطالعو ڪيو هو: جنهن مان هُن کي خبر پئي هئي تہ 490 ق_م وارِي جنگ، جنهن کي ”ميراٿن جي جنگ“ جي نالي سان بہ ياد ڪيو ويندو آهي ۾ 6400 کان زندگيُون بنهي پاسي موت جو کاڄ ٿي ويُون هيون. ميراٿن جي جنگ اصُل ۾ اُن کان اڳ اِسپارٽن واري جنگ ۽ لونِين واري بغاوت جي رد عمل سان لڳي هئي، جنهن ۾ فارس (هاڻوڪي ايران) جي بادشاه دارا پهرين کان يُونانين شڪستُون کاڌيُون هُيون. يُونانين جي حدُن جي بن وڏا علائقن، اسپارٽا ۽ اَٿينز کي فتح ڪرڻ لاءِ اِيراني هميشهہ تيار ۽ سرگردان رهندا هئا ۽ ايتري قدر جو دارا اُن وقت هڪڙو نوڪر پنهنجي شاهي محل ۾ مقرر ڪري ڇڏيو هو جيڪو هڪ ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا هن کي صرف اُهو ياد ڏياريندو رهندو هو تہ ”آقا اَٿينز وارا ياد تہ اٿئي نہ“.

اُنهي سال 490 ق.م دوران اِيران جي فوج تيار ٿي يُونان جي سرحد ميراٿن (جيڪو يُوناني بندر وارو علائقو هو) ڏانهن يونانين تي حملي ڪرڻ لاءِ وڌڻ لڳي هئي. هوڏانهن يُونانين کي بہ اِيران جي طرفان جنگي حڪمت عملين جي خبر پئجي چُڪي هُئي جنهن بعد يُونانين ”پَليٽِيا“ قوم کي بہ مدد جي اپيل ڪري ڇڏي ۽ اسپارٽا قوم کي بہ مدد لاءِ چٺي ڇڏيو هُئاون: جنهن کان پوءِ اسپارٽا وارن اُهو چٺي

مدد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ "هِن مهل اسان پنهنجي مذهبي ڏڻ ملهائڻ ۾ مصروف آهيون ۽ توهان جي مدد ڪنهن بہ حالت ۾ نٿا ڪري سگهون"

يُونانين هاڻي ميراٿن جي ميدان تي پُوري تياري سان دارا جي فوج جو انتظار ڪرڻ لڳا هُئا ۽ جيئن ئي دارا جي فوج ٻيڙين وسيلي "ميراٿن" جي علائقن وارن حدن اندر پهتي تيئن ئي يونانين جي ڪماندر "مَيلٽيِڊس" پنهنجي فوج کي پوري طاقت ۽ جوش سان حملو ڪرڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو هو. يونانين کي تہ جنگ کٽڻ جي ڪا اميد نہ هئي پر تنهن باوجود بہ يوناني سڀ ڪجهہ وساري وڙهڻ لڳا ۽ ڏسندي ڏسندي يونانين ايران جي فوج تي فتح حاصُل ڪري ورتي.

"دارا" جي شڪست ۽ يونانين جي فتح ايرانين کي وڏي پَئماني تي چيڙائي وڌو هو جنهن کان پوءِ وري ٻيهر ايراني يونان تي حملي ڪرڻ جون حڪمت عمليون جوڙڻ ۾ لڳي ويا هئا__پر اُنهي وچ ۾ ايران جي بادشاه دارا جي قدرتي موت کان پوءِ ايرانين جي يونانين خلاف باھ ڪافي ٿڌي ٿي وئي هُئي__پر ايئن بہ چيو ويندو آهي تہ "پلاند ڪڏهن بہ پراڻا نہ ٿيندا آهن"؛ ۽ هاڻي دارا جو پوٽو "زرڪيسز " 480 ق_م دوران اِيراني هَڪومت جون واڳُون سنڀالڻ لڳو ۽ تنهن مهل هن کي پنهنجي قوم جي يونانين طرفان شڪست جو پلاند بہ ڪرڻو هو جنهن لاءِ هُن وڏيڪ فوج تيار ڪئي ۽ پوءِ يونانين سان جنگ جوٽي؛ جنهن ۾ زرڪيسز يونان جي اسپارٽن ۽ اٿينس جي فوجين کي شڪست ڏئي يونان جي شهر اٿينس تي قبضو ڪيو ۽ اٿينس جي ننڍڙي پٽريلي چوٽي تي اڏيل تاريخي شهر اَئڪروپَولِس کي باھ ڏئي ساڙي ڇڏيو هو.

شايد اُها ئي جنگ هئي جنهن سَوفوڪَلِيس کي نفرت کان نفرت ڪرڻ ۽ محبت جي واٽ تي هلڻ جو خيال ڏنو هو. هِن کي هاڻي پُوري طرح خبر پئجي چُڪِي هُئي تہ "جنگ جي تلوار امُن ۽ مُحبت جي جذبن کي هميشهہ لاءِ ختم ۽ برباد ڪري ڇڏيندي آهي جنهن ۾ هڪ زندگي ٻئي زندگي جو دُشمن ٿي پوندو آهي".

468 ق_م جو دور هو جو سوفو ڪليس جو نالو بادشاه جي زبان تي هو ۽ هر اُن ماڻهو جي زبان تي جيڪو اُن وقت "ڊايونيسِيا ٿيٽر" ۾ موجُود هو؛ جو تہ اُن وقت سَوفوڪليس جي لاءِ اُهو اعلان ٿي چڪو تہ "هي هڪ بهترين ڊرامہ نگار آهي"___۽ سال جو ادبي انعام (جيڪو شايد اڄ جو نوبل پرائيز ڪٽي چئجي) سوفو ڪليس کي ڏنو ويجي. اُهو وقت هُن لاءِ تمام گهڻي خُوشي وارو لمحو هو جنهن ۾ هُن کي پاڻ تي يقين ٿيڻ لڳو هو تہ "هي واقعي هڪ ڊرامہ نگار آهي"!

هاڻي اُن دوران يونان ۾ "پارڪليز" جي حڪومت هئي جنهن ۾ سوفوڪليس کي حڪومت طرفان عُهدو پڻ ڏنو ويو هو_هن کي اُهو عُهدو هيو تہ "يونانين طرفان هر ڇڙيل جنگ جي ساراھ ۽ خدا جي شڪراني لاءِ هر سال جيڪو ڏڻ ملهايو ويندو آهي، اُن جي اڳواڻي سوفوڪليس ڪندو؛ ۽ اُنهي ذميواري کان علاوه اُنهي ميڙ کي خَطاب ڪرڻ جي ذميواري بہ سوفوڪليس جي هٿ هيٺ هُوندي".

سوفو ڪليس، جنهن جي ڪردار ۽ فن ڪان ڪو بہ يُونان جو ماڻهو اڻواقف نہ هو ۽ جنهن کان چند سال بعد حڪومت جي ناڻي جي ڪمائي جي حساب ڪتاب ۽ سنڀال وارو ڪم بہ سوفوڪليس جي حوالي ڪيو ويو هو: جنهن لاءِ ايئن چوڻ بہ غلط نہ ٿيندو تہ "هو اُن وقت جو وزير خزانہ هو ۽ حڪومت طرفان اُن عهدي تي فائز ڪيو ويو هو". ڀھريون پيرو سوفو ڪليس ڪي پنهنجي ذميدارين جو اَحساس ٿيڻ لڳو هو ۽ هُو ايئن پڻ سمجهڻ لڳو هو تہ "هاڻي هُو مُڪمل طرح سان حُڪومتي معاملن وارو فرد بڻجي چُڪو هو"، جنهن ڪري هُن عهد ڪري ورتو هو تہ "هاڻي جا بہ ٿِي پوي پر يُونان ۽ يُوناني حُڪومت جي ساخ ڪي برقرا رکڻو آهي" . سوفو ڪليس جي نالي ايئن بہ لکيو ويو آهي تہ هُن وٽ جنگ جو وڏو هنر هو، اها ڳالهہ جڏهن اُتان جي حُڪُومت ڪي خبر پئي تہ اُنهن سوفوڪليس ڪي فوج جو ڪمشنر ڪري رکيو. جنهن کان پوءِ هي ڪافي ننڍين وڏين جنگين ۾ يوناني فوج جو حصو ٿي وڙهندو رهيو. مزي جي ڳالهہ اُها بہ آهي تہ جنگين دوران ڪَڏهن بہ هُن کي ڪنهن بہ قسم جا چوٽ ۽ گهاءُ نہ پهتا جيڪي هُن جي موت جو ڪارڻ بڻجن ها__اتفاق ڪٿي چئجي يا ڪُجھ ٻيو پر سوفوڪليس جي موت هڪ جُملي پڙهڻ دوران ٿي هئي___هڪ ڏينهن جڏهن پنهنجي لکيل ڊرامي "اَينٽِي گون" جُون سٽُون پڙهي رهيو هو تڏهن خبر ناهي ڇو ايتري جذباتي انداز ۾ پڙهيائين جو هُن ڪان سِٽون پڙهڻ دوران چڻ ساھ ڪٽڻ وسري ويو هُجي ۽ خبر تڏهن پئي جڏهن سِٽون پڙهي بس ڪيائين تڏهن اچي هيٺ زمين تي گوڏا کوڙيائين: ۽ اُن وقت اتي موجود ماڻهن جڏهن هُن کي اُٿارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ انهن کي خبر پئي تہ "سوفو ڪليس جو روح هاڻي هتي ذرتي تي ناهي ۽ هي وڃي مالِڪ حقيقي سان مليو آهي". وفات دوران سوفو ڪليس جي عمر نوي سال هُئي ۽ هُنجي وفات کان پوءِ صدين تائين هُن جا ڊرامہ مُختلف يُونيورسٽين ۾ اڄ تائين بہ پڙهيا ۽ پڙهايا وڃن ٿا__هُون تہ سوفوڪليس جو ادب جي حوالي سان ڪافي ڪم ٿيل آهي پر هتي اسان هُنجي هڪڙي لِکيل ڊرامي "اَوڊِيس رَيڪس" تي نظر وجهنداسين.

## اَوڊِيپَس رَيڪس Oedipus Rex

اوڊيپس پَنهنجُون اکيُون ڪڍي ڇڏيُون هيُون: هن جي ماءُ جيڪا مڙس جي مرڻ کان پوءِ پنهنجي پُٽ جي ئي زال بڻِي ۽ اُنهي پُٽ مان هُن کي ٻار بہ پيدا ٿيا__پر اوڊيپس پنهنجُون اکيُون ڇو ڪڍي ڇڏيون!! ۽ هُن جي ماءُ ڇو خُودڪشِي ڪري ڇڏي هُئي؟ غلطي ڪنهن جي هُئي اوڊيپس ريڪس جي يا قسمت جي؟!

خُدا اَپالو__جيڪو يُونانِين جو خدا هو ۽ جنهن جو ڪم ماڻهن کي قِسمت ٻڌائڻ واري ڪِرت سان هو. خدا اپالو جو پنهنجو ڊَيلفِي نالي مَندِر هو جنهن ۾ هو رهندو هو: ۽ جنهن ماڻهو کي پنهنجي قسمت جو حال ڄاڻڻو هوندو هو اُهو "ڊيلفي" جي مَندر يعني خدا اپالو سان رُجوع ڪرڻ لاءِ پهچي ويندو هو. خدا اپالو "زِيُوس" خدا

جو پٽ هو ۽ ڏيلفِي جي مندر ۾ خدا اپالو جي قسمت ٻڌائڻ وارو اَنداز ڪُجهہ هيئن هو، تہ هُن جي مَندر ۾ ڪجهہ خاص عورتُون هُوندِيون هُيون ۽ جيڪي ماڻهو جنهن حوالي سان قسمت جي ڳولا ۾ هتي پهچندا هُئا خدا اپالو ماين کي ان دور جو ڪو ڪَرشماتِي وَکر (Supernatural Herbal) سنگهائيندو هو جنهن جي خوشبو سان اهي مايُون جَلال ۾ اچي ويندِيون هُيون___ڪٽي اسان ايئن چئون تہ لهر هٽنديون هيون ۽ بعد ۾ مَدهوش ٿي لهرُن هٽڻ ڪانپوءِ جڏهن تڪجي ڪرنديُون هُيون تہ پوءِ خدا اپالو اُنهن جي پرسان ويهِي ڪن ۾ هُنن کان پُڇندو هو "خُدا فِلاڻي ماڻُهو جي قسمت ڇا آهي"؟ يا جيڪي بہ ماڻهو قسمت يا زندگي جي حوالي سان ڪو بہ سوال پڇڻ لاءِ اُتي پهچندا هئا، اُنهن جا راز اُهي عُورتون ٻڌائي ڇڏينديون هيون ۽ بعد ۾ خُدا اپالو مايُن طرفان ڳُجهارت ۾ ٻُڌايل ڳالهہ (قسمت جو فيصلو) اچي اُنهن ماڻهن کي (جيڪي قسمت جو راز ڄاڻڻ آيا هئا) ٻُڌائي ڇڏيندو هو .

يُوناني رياست ٿيبس (Thabes) تي خُدائي ڏمر نازُل ٿيو هو__هاڻي اُتان جي "بادشاه اوڊيپس" پنهنجي ساليَ کي خدا اپالَو ڏانهن موڪليو هو__هن جو سالو ڪيروئن (Creon) خدا اپالو وٽ پُهچي خُدا جي سامهون بادشاه اوڊيپس جو عرض رکيائين ۽ پڇيائينس تہ "اي خدا اسان کي ٻڌاءِ تہ ٿيبس مان ڏمر کي ڪيئن ختم ڪر سگهجي ٿو"؟

خدا اندر ويو ۽ واپس اچي ڪيس ٻڌايائينس تہ "اوڊيپس__جيڪو هن وقت ٿيبس جو بادشاه آهي اُن کي وڃي چئو تہ پاڻ کان اڳ واري بادشاه جي قتل جي جاچ ڪري، ۽ جڏهن اُن اڳ واري بادشاه جنهن جو نالو لِياس(Liaus) هو جي قتل جي خبر هُن کي پئجي وئي تڏهن ڏينهن ٿيبس مان وڃي خُدا جو ڏمر ختم ٿيندو"

هاڻي ڪروئن اها خبر اچي اوڊيپس کي ٻُڌائي ۽ اوڊيپس غمگين ٿي ويو هو! جڏهن هن کي اها خبر پئي تہ "بادشاه لياس جو قاتل تہ خود اوڊيپس ئي هو"__هاڻي اوڊيپس کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي هئي جڏهن هُن پنهنجي ويڳي ۽ ڪيس پالينڌڙ پيءُ کي يونان جي رياست ڪورنٿ (Corenth) مان الوداع چئي يونان جي ٻئي رياست ٿيبس لاءِ روانو ٿيو هو تڏهن اوڊيپس اُن وقت ٿيبس ويجهو هڪڙي ننڍڙي علائقي ڏيويلا جي چوراهي تي بادشاه لياس جو قتل ڪري وڌو هو .

قتل ۽ جهيڙو اُن ڳالهہ تان ٿيو هو تہ جنهن جاءِ تي هُو وڙهيا اُتي هڪڙي روڊ (ان وقت جا رستا) تي ٽي موڙ هئا بادشاه لياس ۽ اوڊيپس اچي آمهون سامهون ٿيا جتي بادشاه لياس ۽ اوڊيپس جو جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ اوڊيپس بادشاه لياس کي ڌڪ هٽي وڌو ۽ بادشاه مري پيو اوڊيپس جڏهن ڏٺو تہ ماڻهو (بادشاه) مري پيو آهي تڏهن هُن پڄڻ شُروع ڪيو، ۽ جنهن بگِي تي اوڊيپس سوار هو ان جو هلائيندڙ بہ اوڊيپس کي پڪڙڻ لاءِ هُن جي پويان لڳو پر اوڊيپس پڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو"

ٿبيس جتي اوڊيپس پهچڻ کان پوءِ اتان جو بادشاه بڻيو هو__پر هُو بادشاه بڻيو ڪِيئن هو!؟

بادشاه لياس جي موت کان پوءِ پڄندو اچي اوڊيپس ٿيبس پهتو هو، هُن جي اڳيان دَيوِي اِسفِنِڪس اچي بيهي رهي (ان ديوي جو سَر عورت جو باقي ڌڙ شينهن جو هو) جنهن اوڊيپس کي چيو "هتي ايندڙ هر اجنبي کي اڳتي وڌڻ لاءِ هڪڙي ڳجهارت پڇڻي پوندي آهي ۽ جيڪو اُنجو جواب ڏئي سگهيو اُهو اڳتي وڌي سگهي ٿو پر جيڪڏهن جواب ڏيڻ ۾ جيڪو ناڪام ويو اُهو ماريو ويندو آهي ۽ بعد ۾ ان کي ڪچو ئي کاڌو ويندو آهي"!

اوڊيپس ديوي جا جواب ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو_هاڻي هي ٿيبس اندر جيئن داخل ٿيو ڪروئن جيڪو بادشاه لياس جو سالو هو ۽ جيڪو بعد ۾ اوڊيپس جو سالو بڻيو بہ بڻيو تنهن اعلان ڪيو "جيڪو ديوي جي سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو اهو ٿيبس جو بادشاه ۽ منهنجي ڀيڻ جَڪاستا جو مُڙس بڻبو". اوڊيپس جڏهن تہ ديوي جي سوالن جا جواب ڏئي ڪامياب ٿي ويو هو، تنهن ڪانپوءِ هاڻي اوڊيپس کي جڪاستا (Jacasta) جو مُڙس ۽ ٿيبس جو بادشاه بڻايو ويو هو .

راز ڇا هو!؟ آخر خُدا اپالُو اُهو ڇئي "ڪروئن" کي ڇو موڪليو تہ "اوڊيپس کان اڳ ۾ جيڪو بادشاه هو اُن جي قتل ۽ قاتل جي جاچ ڪرايو"؟ اوڊيپس هاڻي هر وقت اُنهي سوچ ۾ مُبتلا رهندو هو تہ" آخر هي سڀ ٿي ڇا رهيو آهي"؟!!

تڏهن هُن جي زال جڪاستا اوڊيپس کي اُداس ڏسي همٿ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چوندي رهي هُيس تہ "گهڻي سوچڻ جي ضرُورت ناهي ۽ خُدا اپالو طرفان قسمت ٻُڌائڻ وارو فن غلط بہ ٿي سگهي ٿو". اوڊيپس جي زال جَڪاستا هُن کي وڌيڪ دِلاسو ڏيندي اُهو بہ ٻُڌايو تہ "اڄ کان گهڻو اڳ خُدا اپالو اسان کي ٻڌايو هو تہ توهان کي هڪڙو پُٽ پيدا ٿيندو جيڪو پنهنجي پيءُ لياس کي ماري پنهنجي ماءُ سان شادي ڪندو ۽ ٿيبس جو بادشاه بڻبو"!

اها ڳالهہ ٻڌي پنهنجي گهروارِي (ماءُ) جي واتان اَوڊِيپس وڌيڪ پريشان ٿي ويو ۽ اُنهي سوچڻ ۾ مُبتلا ٿي ويو تہ "ڪٿي جَڪاستا هُن جي ماءُ تہ ناهي"!؟

يڪدم هاڻي اوڊيپس کي "ڪَورنٿ" رياست ۾ رهندڙ پنهنجو پاليندڙ پيءُ ياد اچي ويو جنهن جي گهر ۾ هُو پليو ۽ وڏو ٿيو هو__ڪيروئن جيڪو اوڊيپس جو سالو هو اصل ۾ اهو اوڊيپس جو مامو بہ هو_اوڊيپس کي جڪاستا سڄي حقيقت ٻُڌائي "جيڪا ان وقت هن جي زال هئي" هاڻي بادشاهہ اوڊيپس وڌيڪ اُلجهڻ ۾ پئجي ويو هو.

اوڊيپس کي خبر پئجي چُڪي هُئي تہ هُو بادشاهہ لياس جو پُٽ هو جنهن کي پنهنجي پِيءُ لِياس پيدا ٿيندي ئي مارائي ڇڏڻ جو حُڪم ڏئي ڇڏيو هو_اُهو

اُن لاءِ تہ خُدا اَپالَو لِياس کي ٻُڌايو هو تہ "توکي هڪڙو پُٽ پيدا ٿيندو جيڪو توکي ماري تنهنجي زال سان شادي ڪري ٿيبس جو بادشاه ٿي ويهندو".

اُن ڪان علاوه اوڊيپس کي اُها بہ خبر پئجي چُڪي هُئي تہ "ڪورنٿ شهر ۾ جنهن شَخص هُن کي پاليو هو اُهو هنجو سڳو پيءُ نہ هو ۽ هُن اوڊيپس کي صرف پاليو هو ۽ اوڊيپس بادشاه لياس جو حقيقي پُٽ هو"_۽ اُهو شخص جنهن کي ڪورنٿ ڪان ٿيبس ايندي اوڊيپس قتل ڪيو هو_اُهو ڪو ٻيو نہ پر اوڊيپس جو پنهنجو ئي حَقيقي پيءُ بادشاه لياس هو.

هاڻي ڇا هو؟ قسمت، مُقدر يا مُقدر جي سزا؟ جَڪاستا پاڻ کي خُدا آڏو ڏوهي سمجهيو: ڇو تہ هاڻي هُن کي بہ اصل حقيقت جي خبر پئجي چُڪي هُئي تہ هُو اوڊيپس جي زال بہ هئي ۽ ماءِ بہ هئي! جنهن سان هُن شادي ڪري هن کي بادشاه جي تخت تي ويهاريو هو ۽ هُنجو پنهنجو پُٽ هُنجو مُڙس بڻجي ويو هو. اوڊيپس پنهنجي ڀائرن جو پيءِ بڻجي ويو هو! خُدا اپالو جي اُها قسمت ٻڌائڻ واري انداز سڄي ٿيبس جي بادشاهين تي ڏمر نازل ڪري ڇڏيو هو، ۽ هوڏانهن هاڻي اوڊيپس کي سڄي حقيقت ۽ بادشاه جي قاتل جي خبر پئجي چُڪِي هُئي تہ "جنهن شخص کي هُن چوراهي تي ٿيبس ايندي ماري وڌو هو اُهو ٻيو ڪير نہ پر اَوڊيپس جو حقيقي پيءُ، ٿيبس جو بادشاه ۽ جڪاستا جو مڙس لياس هو".

راڻِي جَڪاستا پَنهنجو پاڻ کي خُدا آڏو ڏوهي قرار ڀائيندي خُودڪشي ڪري ڇڏي هُئي: ۽ اوڊيپس روئِڻ پٽڻ لڳو هو، پنهنجي مقدر تي، پنهنجي پشيماني تي ۽ پنهنجي ڪيل ناقابل معافي واري ڏوه تي!! پنهنجي ماءُ کي مرندو ڏسي اوڊِيپس پنهنجُون اکيُون چُنهبي ڪڍي ڇڏيُون هيُون جيڪو هُن ڀانيو هو تہ "مقدر جي طرفان هُن لاءِ اُها ئي سزا مُقرر ڪيل آهي" .

سوفوڪليس جنهن کي اُن دور جو ڪِلاسيڪل ڊرامہ نگار جي حيثيت سان نوازيو ويو هو ۽ جنهن خُدا جي طاقت ۽ عام انسان جي وچ ۾ جُڙندڙ مُقدر واري رشتي کي پنهنجي ڊرامي ۾ ظاهر ڪري اهو ثابت ڪيو تہ "خُدا جي طاقت ۽ اُنجي طرفان لکيل نصيب کي ڪير بہ درگُزر (Eliminate) نہ ٿو سگهي"__ڇو تہ سوفوڪليس مطابق "خُدا هر شي کي مُقرر ۽ دائم بڻايو آهي ۽ اُها خُدا جي مرضي هُوندي آهي: ۽ خُدا جي مرضي کي تبديل ڪرڻ يا درگُزر ڪرڻ ڪنهن بہ عام انسان جي وس جي ڳالهہ ناهي".

اُنهي قسمت ئي خُدا جي مرضي سان اَوڊيپس کي جَڪاستا جو مُڙس بڻايو ۽ اُنهي اوڊيپس کي قسمت مجبُور ڪيو هو تہ "هُو پنهنجي پيءُ کي ماري ٿيبس جي تخت تي ويهي بادشاهت هلائي"_جيئن خُدا اَپالواڳڪتي (Oracle) ڪئي هُئي تيئن ئي سڀ هن ڊرامي ۾ ٿيو. سوفو ڪليس ڪردارن کي خدائي مرضي واري عمل مُطابق پيش ڪيو هو جيڪو اُن دور جي حوالي سان هڪ ڪِلاسِيڪل اَدب جو اُيار بہ هُيو.

اُنهي دور ۾ بہ سوفوڪليس جي لکيل هِن ڊرامي ۾ ڪردار نهڪندڙ ۽ پنهنجي پنهنجي محور تي صحيح عمل ڪندا رهيا جيڪو اُن دور ڪان هلندي هن مهل تائين اَدبي دُنيا اندر ماسٽر پيس طور پڙهيو ۽ پڙهايو وڃي ٿو .

## ڊيلفِي واري مَندِر ۾ دَيوتا اَپالو ڪير هو؟

يُونان ۽ روم ۾ ديوتا اپالو جي نالي سان عبادت ڪئي ويندي هُئي؛ اَپالو جا ڪيترائي نالا هُئا ڪيس سول (Soul) هَيليُوس هَيلِبَس (سورج ديوتا) ۽ "پَيرِين ۽ فَلِيس" چمڪندڙ بہ سَڏِيو ويندو هو. ڊِيليُوس بَيٽ ۾ جنم ٿيڻ ڪري ڪيس "ڊِلِيئَن اَپالو " بہ سڏيو ويندو هو ۽ اپالو جُون بہ معنائون ڪديُون وجن ٿيُون هڪ "تباه ڪندڙ" ٻيو "خُون جو ماڻهو" .

خُدا اپالو ديوتا زِيُوس ۽ لِيٺُون جو پُٽ هو ۽ هي لاجواب موسيقار ۽ بهترين تيِر انداز بہ هو، ۽ دَيوتائن ۾ بهترين راڳي جي حيثيت سان پڻ مشهُور هو. هن جي ذميواري اُها بہ هُئي جو هي اَولِمپَس جبل تي رهندڙ ديوين ۽ ديوتائن اڳيان سونهري ساز ڇيڙي اُنهن کي راحت بخشيندو هو؛ هُو جتي بہ موسِيقار بڻجي پنهنجي فن جو مُظاهرو ڪندو هو تِنهن وقت هُنجي سونهري تير ۽ تلوار هن هميشہ ساڻ هُوندي هُئي .

يُونانِين جو هي خُدا جڏهن پيدا ٿيو تنهن وقت "ڊيلوس ٻيٽ " کي چئو طرف زنجيرن ذريعي جڪڙيو ويو هو. هُن جي ڏند ڪٿائي زندگي مان اهو بہ ملي ٿو تہ هُن ڪڏهن بہ ڪُوڙ نہ ڳالهايو هو ۽ سدائين "اَنارس جبل جِي چوٽي" تي وڃي رهندو هو_جتي ٻين گيتن ۽ شعرن جي ديوتائن سان رلجي ملجي ويندو هو. هن جي لاءِ ايئن بہ چيو ويندوآهي تہ "اُن وقت نفسِيات ڪان ويندي اهڙين ٻين قسم جي بيمارِين جو علاج بہ اپالو خُدا طرفان ڏنل سُر ۽ ساز جي فن سان ٿيندو هو". جنهن ذريعي اُن وقت هر طرح جي انساني نفسيات جو علاج ڪرڻ ممڪن ٿي پيو هو. انهي سيني نالن ۽ لقبن سان گڏ خُدا اپالو کي نُور جو رستو بہ چيو ويندو هو ۽ اُنهي نور جي رستي ۾ ظُلمن ۽ اونداه جو ڪو بہ پِرتوي موجود نہ هو_صرف هن کي روشني بخشيندڙ سورج ديوتا سڏيو ويندو هو جنهن مان مراد "روشني ۽ اُجالو ڪندڙ" .

ديوتا اپالو انسانن ۽ ديوتائن جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ جو ذريعو بہ هو ۽ يوناني ڪيس سيني ديوتائن ڪان متاهُون ۽ جَلال وارو مجيندا هئا؛ تنهنڪري يُوناني شاعري ۽ بعد جي مُصوَري ۾ هن جي سُونهن ۽ ڏِيا جي گهٽي ساراه ٿيندي هُئي.

ڏند ڪٿائن ۾ ايئن بہ مليو آهي تہ زِيُوس ديوتا يعني اپالو جو پيءُ پنهنجي ڪنوڻ جي تير سان اپالو جي پُٽ ۽ پنهنجي پوٽي "اَيسڪيُو لاپِيس" کي ماري ڇڏيو هو. زيوس ديوتا جو ساٿ ڏيڻ واري قوم "ڳِلوپِس" هئي جنهن جي نرڙ تي هڪ اک هُوندي هُئي. تنهنڪري اپالو اُنهي قوم جي سيني بَلائُن کي ماري چٽ ڪري ڇڏيو هو جنهن

تي زيُوس ديوتا وڏيڪ ناراض ٿي پيو هو ۽ اپالو کي هُن جي عهدي کان محرُوم ڪري کيس آسمان مان هيٺ ڌرتي تي جلاوطن ڪري ڇڏيوهُئائين.

آسمان کان هيٺ جلاوطن ٿيڻ کان پوءِ اَپالو زمين تي ٿيسلي جي بادشاه "اَيڊمِيٽس" جون رڍُون چاريندو رهيو هو. اُنهي ڪري اَپالو کي ڪٽي "ڌراڙن جو ديوتا" بہ چيو ويندو آهي ۽ انهي زندگي دوران هُن لاءِ اهو بہ چيو ويندو آهي تہ "هڪ دفعي هُن پنهنجي تير سان پائيٿان نانگ کي بہ ماري ڇڏيو هو جيڪو اُن وقت علائقي لاءِ تمام خطرناڪ هو"

اپالو دَيوتا جي زندگي جي باري ۾ ائين بہ چوندا آهن تہ هي ڇمڻ شرط ٿورن ئي ڏينهن ۾ وڏي جوان ٿي ويو هو؛ ۽ بعد ۾ اُنهي ديوتا اپالو کي آسمان مان جلاوطن ڪيو ويو هو جيڪو پوءِ يُونان ڏانهن روانو ٿيو هو. هُن کي هاٿي هڪڙي جاءِ ڳولٽي هئي جتي هُو پنهنجي عبادت گاه ناهي سگهي، تنهن کان پوءِ هُن کي ڊيلفي وارو علائقو وٽيو ۽ اُتي ئي پنهنجو مَندِر نهرائي ڇڏيائين. اپالو بهادُر ۽ ميدانِ جَنگ جو بہ شينهن هو. هُن کي هاٿي ذهن ۾ اهو ئي هُيو تہ هي پنهنجي پٽ جي قتل جو پنهنجي پيءُ کان پلاند ڪري جنهن کان پوءِ هُن "سائِڪلوپِيز" کي ماري وڌو هو جنهن جي ڪُوڙ بياني ڪري اپالو جو پُٽ "اِسڪلي پِيز" پنهنجي ڏاڏي زيوس جي هٿان مُئو هو، تنهن کان پوءِ هُن ڪافي ماڻهن ۽ ديوتائن کي عذاب پڻ ڏنا.

اپالو ديوتا حُسن، جواني، سگهہ ۽ آسماني قُوتن ۽ مِرتن جي ميدان ۾ جيترو خُوشنصِيب سمجهيو وڃي ٿو تيترو ئي عشق جي ميدان ۾ ناڪام ۽ نامُراد هو .

هي "لوڪِوي"، "ڊَئفنِي"، "پَولِينا"، "ڪورونِس"، "ڪِلائِيمينِي" "ڪَئسِتالِيا"، " ڪَلائِي ٿِي"، " سائِي اينِي" ۽ "ڪَئلوپِي" کان علاوه ڪافي ٻين ديوين تي بہ عاشق ٿي پيو هو پر ڪنهن بہ کيس قبُول نہ ڪيو ۽ ساڻس سُر ۾ نہ آيون .

هي ٽراءِ جي شهزادي "ڪَسئِينڊلا" تي بہ عاشق ٿيو هو جنهن کيس ٺُڪرائي ڇڏيو هو؛ جنهن تي اپالو کيس بد دُعا ڏئي ڇڏي هُئي ۽ انهي کان علاوه بہ هن ڪيترين ئي مايُن سان عشق ڪيو؛ پر عشق جي ميدان ۾ سدائين ناڪام ئي رهيو هو.

اپالو ديوتا انسان جي غُلامي ۽ نوڪري ۾ بہ رهيو هو سندس پهريُون انساني آقا ٿيسلي ۾ ٽراءِ مُلڪ جو بادشاه آڊمَيٽس هو، ۽ ان کان علاوه هُن بادشاه آڊمَيٽس کي سدائين جيئرو رهڻ ۽ هُنجي مال ۾ برڪت پوڻ جي دُعا بہ ڪئي هُئي .

اپالو "پَوسائِيڊن" سان گڏجي اُجوري تي ٽراءِ جي قِلعي جُون ڀتيون بہ ناهيون هيون__هڪ ٻي چوٽي آهي تہ "قلعي جُون ڀتيون فقط پوسائيڊن وڌيون ۽ اپالو " لائومِيدان " بادشاه جو چوپايو مال چاريو هو". آخر ڪار جڏهن ڪم پُورو ٿيو تہ

لائوميدان بادشاه پنهنجي قَول تان ڦِري ويو ۽ اُن ڪري اپالو ديوتا ڪاوڙجي ٽراءِ جي شهر ۾ وَبا پکيڙي ڇڏي هُئي.

اپالو ديوتا جي اعزاز ۾ ڊيلفي وٽ راندين ۽ پهلواني جي ڪرتبن، ڪسرتن ۽ ڳائڻ وڄائڻ جا مُقابلا ٻه ٿيندا هئا جن کي "پائيٿن" رانديون سڏبو هو .

ڊيلفي جي مندر کان علاوه ڊيلوس ۽ اِٽلي ۾ "ڪيومي" وٽ اپالو ديوتا جا مندر پڻ قائم ڪيا ويا هئا .

اُنهي مندرن ۾ گهڻو اڳيان ايندڙ ڊيلفي وارو مندر هو جتي ڪافي ماڻهو پنهنجي تقدِير ڄاڻڻ ايندا هئا. طريقيڪار ايئن هوندو هو ته جيڪو به ماڻهو پنهنجي تقدير لاءِ اپالو وٽ پُڇندو هو اُهو ڪا نه ڪا شي نذراني طور اپالو کي ڏيڻ لاءِ ٻه ڪٽي ايندو هو. پهريائين اُن تقدير ڄاڻڻ وارن کي ڪمري ۾ اندر بيهاري ان کان پڇيو ويندو هو ته "هو ڇا ٿو ڄاڻڻ چاهي"؟ اهو پُڇي ديوتا اُنهن ماڻهن کي اُتي بيهاري پاڻ اندر ڪمري ۾ هليو ويندو هو ۽ انهي ڪمري ۾ "پِيٿِيا" نالي هڪڙي عورت موجود هوندي هئي__جنهن کي اپالو هڪڙي قسم جي جڙي ٻوٽي سنگهائيندو هو ۽ هُو جلال ۾ اچي ويندي هئي؛ ۽ آخر ڪار بيهوش ٿي زمين تي ليٽي پوندِي هُئي__جنهن سان هُنجا سڀ حَواس پل ڪن لاءِ بيهي رهندا هئا ۽ پوءِ ديوتا اپالو جيڪو هن کان پڇندو هو، هوءَ صرف ان شي جو جواب ڏيندي هئي جنهن کي تقدير يا اڳڪٿي ٻه چيو ويندو هو .

## اَوڊِيپس رَيڪس ۽ تقدِير

يُوناني ماڻهن جو عقيدو اِهو ٻه هيو ته "اُنهن جا ديوتا انسان جي هر تقدِير کي ڄاڻن ٿا ۽ اُهي ئي انساني زندگِين جو هر فيصلو صحيح ڪري سگهن ٿا". ان کان علاوه انهن ماڻهن جو عقيدو ايئن ٻه هوندو هو ته "ديوتا جنهن ٻه قسم جي اڳڪٿي ڪندو، پڪ سان اپ اَوئين ئي ٿيندو آهي"__جهڙي طرح اوڊيپس ريڪس ۾ ٻه اهو ڏسڻ ۾ آيو ته اپالو ديوتا جي طرفان ٻُڌايل اڳڪٿي تبديل ڪانه ٿي ۽ اهو ئي ٿيو جيڪو ديوتا ٻڌايو هو .

پنج صدي ق_م دوران جڏهن سوفوڪليس اهو ڊرامون لکيو هو اُن وقت اٿينين سوسائٽي ۾ خُدا ۽ اُنهن جي ٻُڌايل اڳڪٿِين کي نظر ۾ رکيو ويو هو ۽ ادب جي دنيا ۾ خدائن، ديوتان ۽ اُنهن جي ڪارنامن کي ٻه جاءِ ملي هُئي___جيئن ساڳي طرح اوڊيپس ريڪس ڊرامي ۾ ٻه خدا جي سَرپرستي رَهي جنهن ۾ سڀ ڪردار پنهنجي تقدير مطابق ڀَوڳِي رهيا هئا. انهي ڊرامي ۾ اپالو ديوتا ٻه وڏيُون اڳڪٿيُون ڪيُون هيُون__هڪ ته لياس بادشاه کي چيائين ته "تنهجو پٽ توکي ماريندو؛ ۽ ٻيو ته اوڊيپس پي کي مارڻ کان پوءِ پنهنجي ئي ماءُ سان شادي ڪندو ۽ سُمهندو"_اُنهي ٻنهي تقدير جي فيصلن ڊرامي ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو هو.

حقيقت اها به آهي ته ڊرامي ۾ ڏنل اپالو ديوتا جي تقدير واري موضوع کي سوفو ڪليس وڏي مضبوط انداز سان نڀايو؛ جنهن مان اُها به خبر پئي ٿي ته اُن دور جي ماڻهن کان ويندي ليکڪ به ديوتائن جي تقدير جا ماريل هُئا ۽ جيڪو ڪجهه ديوتا ان وقت چوندو هو اُهو پٿر تي ليڪ مِثل بڻجي ويندو هو .

اهو ايئن به ڏسي سگهجي ٿو ته ڪهڙي طرح لياس پنهنجي پٽ کي مارائڻ تي چاهيو ۽ هُن ديوتا طرفان ڏنل قسمت جي اڳڪٿِي کي بدلائڻ تي چاهيو؛ پر ڪجھ به نه وريس__ساڳيو اوڊيپس ريڪس بچي ويو هو، پنهنجي پي جي جاءِ تي به آيو، بادشاه به بڻيو ۽ پنهنجي ماءُ سان شادي به ڪيائين___۽ اوڊيپس کي ته اها به خبر نه هئي ته "هن جنهن بادشاه کي ماريو هو اُهو هُن جو پنهنجو پيءُ هو ۽ جنهن تخت تي هُو وينو ۽ بادشاه بڻيو اُها سلطنت به هُن جي پيءُ جي هئي ۽ جنهن مائي سان شادي ڪيائين اُها به هُنجي پيءُ جي زال هئي ۽ هنجي ماءُ هئي". اوڊيپس کي جڏهن خبر پئي ته هن کي يقين نه پئي آيو ۽ هُنجي ماءُ پنهنجي پاڻ کي خدا اڳيان ڏوهي سمجهي خُودڪشي ڪري ڇڏي هُئي___اوڊيپس پنهنجو اکيُون چُنهبي ڪڍي ڇڏيون هيون_اهو سڀ آخر ڇا هو ۽ ڪيئن ٿيو ؟

يعني ڪنهن کي ڪنهن به حوالي سان ڪنهن شي جي خبر نه هئي هر ڪردار انساني دستُور مُطابق روان دوان هو؛ پر اُن باوجود هر ڪردار جي پويان تقدير جي تلوار لامارا ڏئي رهي هُئي. سوفوڪليس پنهنجي ڪردارن کي تقدير جي دائري ۾ ڦيرائيندو رهيو جنهن ذريعي ثبوت مليو ته "يُوناني خدا جي وُجود ۽ خدا طرفان ڄاڻايل اڳڪَٿِين ۽ ٻُڌايل قسمت جي زار کان ڪوبه انسان ڦِري نٿو سگهي". يعني خُدا يا ديوتا جنهن به انسان لاءِ جيڪا تقدير لکي آهي اهو ئي پنهنجي بي وس ڪلهن تي ڪٽي هلندڙ اوڊيپس تقدير جي هٿان مار کائي ويو هو ۽ ديوتا اڳيان شرمشار پڻ ٿيو. اُن وقت يونانين جي سوچ مطابق ته "هر انسان خدا جي ماتحت آهي ۽ اُهو ئي هر انسان کان تقدير مڃائڻ جي چڪر ۾ آهي". ساڳي طرح لِياس پاڻ کي تقدير کان مُدبرو رکڻ تي چاهيو پر تقدير اڳيان بيوس ٿي پيو هو ۽ پنهنجي پُٽ هٿان مارجي پيو هو. جڪاستا جيڪا ڊنل پڻ هُئي ۽ اُنهي آٿت تي زندگي گذاري رهي هئي ته "سندس پٽ اوڊيپس هاٿي مري چڪو آهي"_پر تقدير هن جي ئي پٽ کي هن جو مُڙس بڻائي ڇڏيو هو ۽ ڪيس خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو .

# لَونجائِنس
# پهرئين صدي عيسوي

لونجائنس__؟ ڪنهن کي به شايد اڄ تائين اِها خبر ناهي هي نالو ڪٿان آيو!؟ ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح سان ادبِي دُنيا ۾ شناخط بڻيو؟ هيو به شايد اٿينز جو جنهن انهي دور ۾ ادب جي ميدان ۾ رَوب ۽ دَٻدٻي سان پَير پاتو هو__جيڪو اَڄ تائين بُڌو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. ڪٿي ايئن به هن جي باري ۾ لکيو ويو آهي ته "هن جا وڏا ۽ ابا ڏاڏا روم جا هئا، ۽ تمام خوش، امير ۽ عقُلمند هئڻ سان گڏوگڏ لکيل پڙهيل پڻ هئا". هُن جي (لونجائنس) باري ۾ اهو معلوم ٿئي ٿو ته "هي به صدي عيسوي ۾ پيدا ٿيو هو"__جڏهن ته گهڻن جو خيال اهو به آهي ته "لونجائنس پهرين صدي عيسوي ۾ پيدا ٿيو هو". اندازن مطابق "هي 213 صدي عيسوي ۾ پيدا ٿيو هو ۽ 273 عيسوي ۾ سٺ سالن جي عمر ۾ هن کي هڪڙي جنگ ۾ قتل ڪيو ڪيو ويو هو". هن جي باري ۾ وڌيڪ اهو به ملندو آهي ته "هن جو اصل نالو ڊايو نسِس (Dionysys) هو جيڪو بعد ۾ لونجائنس جي نالي سان بدلجي الڳ نالي جو وجود ناهي بيهي رهيو"__هاڻي اهو ماڻهو ان حوالي سان به لونجائنس جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي جو هن ادبي حوالي سان هڪڙو تنقيدي مجمُوعو لکيو هو ۽ ان مٿان لکي ڇڏيو هُئائين "لونجائنس" (Longinus)___هن جو لکيل تنقيدي مواد به اَدب جي حصي ۾ آيو ۽ ان جو نالو هو "عَلويت جي باري ۾ (On the sublime)". لونجائنس جي ڪيل ڪم مان اندازو به لڳايو ويو ته هي فَنُ خَطابت (Rhetoric) جو ماهر هو ۽ افلاطون جي فلسفي کان بيحد متاثر (Inspired) هو .

لونجائنس ڪڏهن به هڪ جَڳهه ۽ ملڪ کي دائِمي ڪري نه رهيو هو؛ ڪڏهن رَوم(Rome) ته ڪڏهن اٿينس(Athens) ۽ وري ڪڏهن " پَليمَيرا رياست" جي گهٽين ۾ بي سبب گهمندو رهندو هو، ۽ زندگي جا تجُربا حاصل ڪندو رهندو هو. لونجائنس جي امڙ جڏهن گذاري وئي هُئِي تنهن وقت هُو ننڍو ٻار هو، تڏهن هُن جي ماسِي فرونٽو(Fronto) هن کي پاليو ۽ نڍي هوندي کان ئي هِن کي سٺي تعليم به ڏياريائينس؛ اُنهي ڪري ئي جڏهن لونجائنس جي ماسي زندگي جي آخري ڏاڪي تي پهتي تڏهن چئي ڏنائينس "تون ئي منهنجي زندگي جو وارث آهين".

لونجائنس کي فلسفي(Philosophy) پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو تمام گهڻو شوق هو، پر حقيقي طور لونجائنس فلسفِين جيان پيدا ئي نه ٿيو هو؛ هي هڪ عالِم هو جيڪو تنقيد (Criticism)، گرامَر (Grammar) ۽ فن خطبات (Rhetorics)جو ماهر هو .

فلسفي بڻجڻ جي چڪر ۾ لونجائنس اٿينز اچي پهتو هو، پر اٿينز پهچڻ کان پوءِ هُن کي خبر پئجي چڪي هئي ته هو ڪڏهن به فلسفِي بڻجي نٿو سگهي! تنهن

باوجود بہ ھُو اتي ئي رھيو چند سالن لاءِ ۽ پنھنجي لکڻ واري ڪم ۾ لڳو رھيو ھو۔۔ھُن جو اُھو ڪم جڏھن پورو ٿيو ھو تڏھن ھُن اٿينز ڪي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ھو، ۽ ھاٽي لونجائنس اٿينز ڇڏي اوپر طرف نکري پيو ھو۔۔۔جتي ھن جو ھڪ پراڻو دوست رھندو ھو. دوست سان وجي رھڻ کان پوءِ ان علائقي جي راڻي (جيڪا عورت ھجڻ سان گڏوگڏ ذھين ۽ علم سان چاہ رکندڙ ھئي) سان ھن جو واسطو ٿيو، ۽ اُن واسطي کان پوءِ اُن راڻي، جنھنجو نالو "زِينوبِيا" (Zinobiya) ھو ۽ ھُو پليميرا جي حکومت ھلائيندي ھئي، لونجائنس کي پنھنجو "ٽيوٽر" مقرر ڪري ڇڏيائين۔۔ھاٽي لونجائنس کي رھڻ لاءِ سنو ماحُول، صاف سُترو ڪَمرو ۽ ھِڪڙي لائبرري ڏني وئي ھئي؛ جتي ھُن کي تمام سبجيڪٽن تي ڪتاب پڙھڻ جو موقعو مليو ويو ھو۔۔پر لوئنجانس کي وڏيڪ ترقي اُنھي مَھل ۽ اُن وَقت مِلي ھُئي جڏھن راڻي جو مڙس وفات ڪري ويو ھو ۽ حکومت جون واڳون ھرلحاظ کان مکمل طور راڻي جي ھٿ ۾ اچي ويون ھيون .

ھاٽي راڻي کي حُکومت ھلائڻ واري معاملن تي ھر وقت لونجائِنس جي ضرُورت پوندي ھئي ۽ ھو ھر مسئلي جو حل تلاشڻ لاءِ بہ لونجائنس سان صلاح مشورو ڪندي ھئي. پر اھا ترقي لونجائنس کي نصيب نہ ٿي چو تہ لونجائنس ان وقت راڻي کي اُھا صلاح ڏني ھئي تہ "پليميرا رياست (ان وقت جنھن تي راڻي حکومت ڪري رھي ھئي) کي رومي قبضي مان آزاد ڪري ھميشھ لاءِ پنھنجي آزاد حکومت ۽ آزاد رياست بڻائي ڇڏجي". لونجائنس جي چوڻ تي راڻي بغاوت جو سڏ ڏيڻ شروع ڪيو ۽ رومِين کان پليميرا کي آزاد ڪرائڻ جو حُڪم ڏئي ڇڏيو ھو۔۔ھوڏانھن وري رومين کي راڻي جي بغاوت جي خبر پئجي وئي ھئي ۽ رومي بغاوت جي باھ پڙڪڻ کان اڳ پليميرا تي ڪاھي آيا ھئا، ۽ راڻي جي تيار ٿيل فوج تي حملو ڪري ڏنو ھُئاون۔۔جڏھن تہ ان وقت لونجائنس بہ راڻي جي فوج ۾ شامل ھو ۽ راڻي جي حکومت ۽ ساخ (Honor) کي بچائيندي رومين جي فوج سان وڙھندي پاڻ بہ شھيد ٿيو ھو.

## عَلوِيت جَي باري ۾ On the sublime

On the Sublime جي معنيٰ علويت جي باري ۾ يعني ٻولي ۽ لکڻ ۾ خُوبي ۽ اوچائي پيدا ڪرڻ آھي. اِھو ڪتاب ئي ثبوت آھي جنھن مان لونجائنس جي وجود جو ثبوت ملي ٿو۔۔۔ھي ڪتاب يوناني (Greek) ٻولي ۾ لکيل مليو ھو ۽ ھن ڪتاب جو يوناني نالو ھائِپوسِس (Hypsos) ھو. انگريزي ۾ ترجمي دوران ھن ڪتاب کي On the sublime جو نالو ڏنو ويو، جيڪو جنھن ۾ ھائپوسس (Hypsos) لفظ جي جاءِ تي اُوچائِي (sublimity) وارو نُقطو جوڙيو ويو؛ اھو لفظ استعمال ڪرڻ اصل ۾ ھائپوسس (Hypsos) جي گھٽي قدر معنيٰ کي ظاھر تہ نہ ٿو ڪري؛ پر ان باوجود،

وري به ڪنهن حد تائين نهڪندڙ ضرور لڳندو آهي_"پروفيسر سَينسِٽري" لونجائنس جي سَبلائِيم لاءِ چيو آهي ته "سبلائيم پڙهڻ وارن جي دل ۾ ادب کي گهري طرح سان پڙهڻ ۽ پرکڻ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي". لنجائنس پنهنجي سبلائيم لکڻ دوران هر طرح سان ارسطو(Aristotle) جي منطق (Logic) جي پيروي ڪندي نظر آيو آهي؛ جنهن لاءِ هن وڌيڪ چيو آهي ته "ادب پڙهڻ جو بنيادي ۽ آخري مقصد مُسرت ونڻ (Fantasy) آهي ۽ اهو اَدب بَذات خود ئِي ڪافِي آهي".

ٿيرين ٽِياس خطن جي انتظار ۾ هو؛ اُنهن خطن جي انتظار ۾ جيڪو لنجائنس هُن ڏانهن موڪليندو هو، ۽ جنهن ۾ فن اندر اوچائي پيدا ڪرڻ وارو سبق لکيل هوندو هو. لنجائنس پنهنجي دوست ٽيرين ٽياس کي اهو چوي ٻڌائي ٿو ته "عقُليت جي باري ۾ سَيسي لَيس (Cecylys) جيڪي مڪالما (Articles) لکيا هئا، اُهي ايترو قدر عَلويت(sublimity) کي سمجهائڻ ۾ ڪا خاص مدد نه ڏئي سگهيا___اُهو اُن لاءِ به ٿِي سگهي ٿو ته شايد سَيسِي لَيس جو اُن موضوع تي ايترو گرفت نه هو! تنهن ڪري هُو ڪولي سمجهائڻ ۾ ناڪام رهيو"_سڀ کان پهرين هر موضُوع کي شُروع ڪرڻ دوران به ڳالهيون ضرور ذهن ۾ رکڻ گهرجن_"هڪ ته موضوع جي شروعات خوبصورت هئڻ گهرجي ۽ موضوع شروع ڪرڻ وقت وڏي پئماني تي سوچ ويچار ضرور ڪرڻ گهرجي ته ڪٿي اُهو پنهنجي جاءِ تان هٽي نه وڃي___ٻيو اِهو ته جيڪو طرِيقہ ڪار توهان جي ذهن ۾ آهي اُن کي انهي دائري ۾ صحيح نموني رکڻ گهرجي ۽ انهي جا طريقا ڳولجن ته ان کي صحيح ۽ بهتر نموني بيان ڪرڻ جا ڪهڙا طريقا ٿي سگهن ٿا".

ٽيرين ٽياس هڪ عالم فاضل شخص هو جنهن کي علوِيت جي باري ۾ هُو وڌيڪ ايئن به ٻڌائي ٿو ته" لکڻ واري قوت ليکڪ جي جذبي ۾ آهي_هاڻي ليکڪ کي اِهو ذِهن ۾ رکڻ گهرجي ته هنجو مقصد صرف ۽ صرف وِڙهندڙ لفظن کي پاڻ سان گڏ کڻي هلڻ آهي".

علويت هڪ فن آهي ۽ هِڪڙي قسم جو فِطري تجربو آهي، جيڪو اِنسان کي قدرت طرفان تُحفي طور ملندو آهي. علويت فطري ناهي نه ئي سيکاربي آهي "انسان جي تخليق فطري آهي نيڪ انهي طرح جيئن انسان جي اندر جِيوَ (Gen) فطري هوندا آهن". علويت به جيو وانگر انسان جي اندر فطري طور داخل ٿيل هوندا آهن ۽ هر ماڻهو کي جمڻ وقت اهو تحفو نصيب ناهي ٿيندو. هاڻي اُهي سڀ جيو جيسين تخليق ڪرڻ جي سگهه رکندا تيسين اهي جيئرا رهندا؛ جيڪڏهن جِيو ختم ٿي وڃن ته سڄو تخليق وارو عمل به ختم ٿي ويندو__هر تخليق ۽ جِيو جو هڪڙو آخري ڏينهن به ضرور هوندو آهي.

لنجائنس انهي جو وڌيڪ مثال هن طرح به ڏئي ٿو ته "جيڪڏهن توهان کان وڌيڪ ڪو شخص صلاح ونڻ ايندو ته توهان ضرور ڪوشش ڪندو ته هُن کي سٺي

صلاح ڏجي! ۽ سني صلاح رحمت جيان هوندي آهي_جيڪڏهن توهان سني صلاح ڏيڻ ۾ ناڪام ويندو تہ توهان محسوس ڪندو تہ توهان جي صلاح ڏيڻ واري فن ۾ علوِيت يا اوچائي (sublimity) موجود ناهي___يعني سنو مشورو بہ هڪڙو سنو فن آهي جنهن ۾ پڻ علويت جو ڪردار ادا ٿيل هوندو آهي".

ٻولي (nguageLa) کي لنجائنس هڪڙو بونيادي فن ڪوني ٿو ۽ هُن مطابق "ٻولي جو رشتو بہ علويت سان آهي؛ ۽ ٻولي هِڪڙو فطري تحفو آهي جنهن ذريعي لفظ جڙن ٿا ۽ زندگي جو وهنوار هلي ٿو. ٻولي علويت مان جڙندي آهي جي ٻولي مان علويت (اُچائي) غائب ٿي وڃي تہ ٻولي پنهنجي حيثيت وڃائي ويهندي".

علويت مان مراد "ٻولي ۾ خُوبي ۽ اُوچائي پيدا ڪرڻ آهي ۽ اُهو سڀ علويت جي هجڻ سان ممڪن آهي". هر شاعر ۽ هر نثر نگار جيڪي بہ علويت تي دَسترس رکندڙ هوندا آهن اُهي سڀ لافانِي فن جا حقدار هوندا آهن. علويت ذريعي ماڻهن جي جذبن کي ٺيڪ ڏئي سَگهجي ٿو__علوِيت جُملن ۽ جَذبن جو مَيدان آهي "جنهن ۾ آواز، لهجا ۽ لفظ جَمال جو مظاهرو ڪندا آهن".

هر ماڻهو کي گهٽيون شيون تہ فطرت طرفان ڄائي ڄم کان تحفي طور نہ ملنديون آهن؛ پر تنهن باوجود بہ هر ماڻهو ۾ ٿورو ئي صحيح علويت جو جزو ڪٿي نہ ڪٿي موجود هوندو آهي جنهن جي هُن کي خبر نہ هوندي آهي. هر انداز علويت آهي ۽ هر ادائگي علويت جي نشاندهي ڪندي آهي_انسان جي سوچ، وَجود هُنجو رهڻ ڪرڻ، هُنجا جذبا ۽ انهن جذبن کي منظرِ عام تي ڪليل رکي حقيقي انداز ۾ پيش ڪرڻ کي علويت چوندا آهن.

ادب جي دنيا ۾ علوِيت خيالن ۽ لفظن کي خوبصورت بڻائي سولي سهڻي معنيٰ ۾ اظهار ڪرڻ جو هڪڙو فن آهي. "هر فن ۾ خُصوصِيت کي جاءِ ڏيڻ لاءِ الڳ فن آهي تہ علويت کي انهي سيني ۾ پهريون مقام ڏيڻ گهرجي"__جيئن تہ علويت کي فن ۾ جاءِ ڏيڻ ۽ سمائڻ جا پنج مڪيا ذريعا هي بہ آهن .

## فن ۾ اُوچائِي پيدا ڪَرڻ لاءِ عَظِيم خَيال جَوڙڻ:

انسان جي سوچ جو تعلق رُوح سان آهي؛ ۽ روح ئي جذبن کي جنم ڏيندو آهي___جنهن مان اوچا خيال پيدا ٿي نڪرندا آهن. فن ۾ آزادي (Freedom) جو ڪردار هجڻ لازم آهي؛ جيڪڏهن آزادي ناهي تہ فن عمدو (Sublime) نظر نہ ٿو اچي_ان لاءِ لازم آهي تہ علويت کي قائم رکڻ لاءِ خوشامدي (Adulation) وارا جذبا هڪ پاسي رکي ڪري، ٻولي، خيال (Intelligence) ۽ لفظن (Words) کي حقيقي جذبن سان نظر پيش ڪجي جيئن فن جو اصل توازن (Avenness) برقرار رهي سگهي. فن ۾ خيالن جي جوڙجڪ ڪان ويندي هر قسم جي لفظن جو تعلق فن کي پيدا ڪندڙ جي

سچائي سان هجي_جنهن مان فن کي ڏسندڙ ۽ پڙهندڙن کي ڪنهن بہ قسم جي جهول محسوس نہ ٿئي.

## اُهو ٿِي موضُوع چُونڊڻ گهُرجي جَنهن ۾ مَهارت هُجي ۽ اُنهي کي تَرتِيب ڏِيڻ جو فَن هُجي؛

هر ڪنهن وٽ فن کي بيان ڪرڻ جو انداز الڳ هوندو آهي ۽ ڏاهپ (Wisdom) انهي ۾ آهي تہ جيڪي بہ خيال (Ideas)، جذبا ۽ واقعا انسان پنهنجي فن ذريعي بيان ڪرڻ گهري ٿو تن ۾ ڪيس مهارت ۽ دسترس (Accessibility) هجڻ گهرجي. جيڪو ڪجھ فنڪار پاڻ پرکي ان کي ترتيب ڏئي پيش ڪري. جيڪڏهن فنڪار وٽ انهي سيني جُزن (Elements) کي ترتيب ڏيڻ جي سگھ ناهي تنهن مان مراد هُن وٽ علويت جي ڪوٽ آهي. هر روز فنڪار پنهنجي حواسن (Senses) ذريعي ڪيترن ئي شين جو تجزيو (Analysis) ۽ تجربو(Experience) ڪري ٿو پر صحيح معنيٰ ۾ ترتيب ڏيڻ وارو عمل صرف علويت کي سمجھڻ کان بعد ۾ ئي سرانجام ڏئي سگھجي ٿو.

## عَلوِيت ۾ ڦِهلاءُ پَيدا ڪرڻ ۽ اُن کي مشهُور بڻائڻ؛

ڦهلاءُ (Amplification) مان مراد هر طرح جون گڏ ڪيل معلُومات: ۽ اُنهي معلومات کي صحيح نموني هڪ هنڌ رکي ڪري انهن کي بيان ڪرڻ کي ڦهلاءُ چئبو آهي_پر انهي کي صحيح نموني ترتيب ڏيڻ ۽ پيش ڪرڻ علويت کان بغير ناممڪن آهي .

## نَقُل Immitation ۾ علوِيت کي جاءِ ڏِيڻ جَو عَمل؛

هر دور جو فنڪار ماضي کي نقل (Immitation) ڪرڻ ڄاڻندو آهي ۽ پنهنجو گهڻو ڌيان ۽ گِيان اعليٰ شين کي پرکڻ ۾ لڳائي ڇڏيندو آهي پر انهي نقل ڪرڻ واري فن ۾ بہ علويت لازمِي جُز(Element) آهي. جيڪي بہ شيون اعليٰ پائي جون تخليق ٿيل هونديون آهن انهن کي اڄ جو ليکڪ يعني شاعر ۽ نثر نگار نقل ڪري پنهنجي اندر پيدا ٿيل علويت جو حصو بڻائي ڇڏيندو آهي. انهي ۾ لنجائنس، هومر(Homer) ۽ افلاطون(Plato) جو مثال ڪٿي اڳيان رکي ٿو تہ "انهن جي لکڻين تي نظر وجهجي ۽ انهن کي پهرين سمجهجي تہ انهن جي بڌڻ ڳالهائڻ ۽ لکڻ کان وٺندي هُنن جي هر ردِ عَمل جو مُعائنو ڪجي_اُنهن جي ڪم جي جوڙ جڪ کي پرکجي تہ جيئن اڄ جو ليکڪ انهن جي علويت کي پنهنجي روح ۽ جذبي ۾ سمائي پنهنجي تخليق کي مضبوط ۽ اثر انداز بڻائي" .

## لِکڻين ۾ تَشبيهُن جو استعِمال؛

ڪنهن شي کي جيڪڏهن ڪو فنڪار تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تڏهن "سڀ کان پهرين خيال جوڙڻ لازمي هوندو آهي"_ ۽ خيال ذِهن جي پيداوار آهي جنهن ۾ تشبيهه (Metaphor)_يعني جُڙيل مختلف خيالن کي ڪو شڪل ڏئي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪرڻ آهي. انهي تشبيهن جو مرڪزي ڪردار شاعري (Poetry) ۽ نثر نگاري (Prose) ۾ حيرت ۽ صفائي (Clarity & Cleanness) پيدا ڪرڻ آهي .

علويت جا پهريان ٻہ ذريعا ڄائي ڄم کان فطرتن انسان جي اندر ۾ مختلف اندازن ۾ سمايل هوندا آهن؛ پر ٻيا ڪيترائي ذريعہ آهن جنهن کي اپنائي ۽ سِکي سگهجن ٿا. پر مرڪزي پهريان ٻہ ذريعہ يعني "عظيم خيال جوڙڻ ۽ مهارت وارو موضوع چوندڻ"_ جيڪڏهن اسان جي اندر ۾ ناهن تہ پوءِ فنڪار ۽ تخليڪار لاءِ ٻيا ذريعہ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ بيحد ڏکيو ۽ناممڪن تي پوندو.

علويت لفظن جملن کي صحيح حالتن طور صحيح انداز ۾ جوڙڻ جو هڪڙو فن آهي؛ جتي خيالن ۾ تخليق دوران مَنظر ڪشِي کي مظبُوط رکڻ لاءِ واقعن ۽ ٻولي جو ڳانداپو لکڻين جي فن کي وڌيڪ پڙهندڙ جي ذهن ۽ روح تي اثر انداز ڪندو آهي. جنهن ذريعي فن ۾ بلندي (Elevation) ۽ بهتر انداز (Style) جو ڪارنامو بلڪل صاف نظر اچي ٿو .

علويت سادن ۽ سنن خيالن سان جڙندو آهي، ٻولِي سُهڻي ۽ آسان لفظن جي بناوت هُجڻ کپي خيال ڪيترائي ڪٽي وڏا هجن پر انداز(Style) معياري ۽ وڻندڙ هُجڻ ضروري آهي. جذبن جي جوڙ جڪ ۽ خيالن جو ڦهلاءُ اهڙو هُجي جو پڙهندڙ پاڻ کي انهي لکڻين ۾ سمائي ڇڏي ۽ پڙهندڙ خود پنهنجو پاڻ هڪ ڪردار بنجي وڃي.

علويت لاءِ سادگِي ۽ سُهڻائپ جو هجڻ بيحد ضروري آهي؛ ۽ لکڻين ۾ چند اهڙيون بہ شيون لين ٿيون جيڪي فن کي صحيح ثابت نٿيون ڪن_"مثال طور ٻولي جو اِستعمال ڏکيو رکڻ يا خيالن ۾ ڪا بہ مظبوطي (Coherence) جو نہ هجڻ ۽ ترتيب سان واقعن کي بيان نہ ڪرڻ ۽ ڳالهہ ڊگهي ڪري وجڻ پر ان ۾ مقصد جي کوٽ هجڻ جهڙيون شيون فن ۽ لکڻين ۾ مزو پيدا نہ ڪري سگهنديون آهن". جنهن سان ليکڪ پڙهندڙن جي روح ۽ جذبن تي کهڙي بہ حوالي سان پنهنجو اثر نٿو ويهاري سگهي.

متي بيان ٿيل سِٽن ۾ جيئن فن کي وڃائڻ ۽ علويت کي غلط (False Sublime) ڍنگ سان پيش ڪرڻ سان لکڻين ۽ فن ۾ ڪنهن بہ قسم جي چاشِني پيدا نہ ٿو ڪري سگهجي_جنهن ۾ علويت واري جذبي کي ڪمزور ڪندڙ عملن ۾ ڪجهہ ٻيون بہ شيون اچي وڃن ٿيون_جهڙوڪ خيالن کي ٻاراڻي انداز ۾ پيش ڪرڻ، ٻولي کي ترتيب نہ هجڻ ۽ جيڏانهن جهڙا هٿ نوڪيا ۽ جُڙتو جُملا ۽ لفظ استعمال ڪرڻ؛

مواد گهڻو هجي پر پڙهندڙ کي پڙهڻ دوران شديد تنگ ڪري__اُهي چند شين جي ڪارڻ ڪري لکڻين مان مزو ڇڏائجي وڃڻ جو خدشو ۽ انديشو ٿيندو آهي .

تنهن ڪري علويت کي پيدا ڪرڻ لاءِ ٻولي ۽ مواد دمدار هئڻ سان گڏ سهڻي انداز ۾ بيان ٿيل هجي: جنهن ۾ روحاني جُز جو هجڻ لازمي آهي ۽ انهي سان گڏ هر شي فطري ۽ روانگي سان بيان ٿيل هجي. ان سان گڏ لکڻين ۾ جوش (Passion) جو هجڻ لازمي طور ضروري آهي ڇو ته "جڏهن ڪو به ليکڪ يا فنڪار قلم کڻي ۽ ڪجھ لکي ته خبر پوي ته هُن وٽ جذبا زنده آهن". جذبن سان گڏ ويهي لکڻ سان لکيل مواد ۾ جڙت پائي نظر نه ايندي ۽ جذبي کان خالي ٿي جيڪڏهن ڪو ليکڪ مواد لکي ٿو تنهن مان مراد هُو صِرف خالي پنا پري ڦٽو ڪري ٿو__ڇو ته جذبا ئي اهڙي شي هوندا آهن جيڪي لکڻ دوران لکڻين ۾ چاشني (Tinge) پيدا ڪرڻ جو سبب بڻبا آهن .

انهي سيني شين سان گڏ عبارت (Cross Out) جو مضبوطي سان خيال رکڻ ضروري آهي. عبارت مان ليکڪ جي لکڻين جي پوري خبر پوي ٿي ته هُن جو انداز ڇا آهي؟ سندس خيال بيان ڪرڻ وقت جذبن جو معيار ڪيترو اٿس؟ يا عڪس جوڙڻ جي طاقت ۽ ٻولي ۾ چاشني پيدا ڪرڻ جو ڪيترو ماهر آهي؟ ماڻهن کي ۽ پڙهندڙن کي موهڻ (Move) واري شڪتِي ڪيتري اٿس!؟ ايئن ئي ليکڪ يا فنڪار جي اهڙين شين جو خاص خيال رکڻ ۾ پڙ (Expert) آهي ته ان مان مراد علويت جو زور اُن وٽ برقرار آهي__۽ ليکڪ (Writer) يا فنڪار (Artist) پنهنجي ڪردار کي آزمائڻ جي ڀرپور ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي__لکڻ ڇا آهي؟ لنجائنس جي نظر ۾ "لکڻ يعني ڪردارن ۾ حقيقي ساه پرڻ آهي جنهن ذريعي هر ڪردار ڀرپور نموني پنهنجو پنهنجو ڪردار نڀائي سگهي". اُن سان گڏ، منظرن ۾ رنگيني آڻڻ (Romantic Diction) ۽ واقعن (Events) ۾ مقصد (Plot) رکي بيان ڪرڻ هر فنڪار ۽ ليکڪ جو اول جذبو هجڻ گهرجي.

انهن سيني شين کي سهيڙي ذهن ۾ رکڻ کان پوءِ آخر ۾ ليکڪ لاءِ لازمي هوندو آهي ترتيب (Coherence) ڏيڻ__۽ ترتيب مان مراد ٻولي کي ٺاهي جملن ۽ لفظن جي جوڙ جڪ ڪرڻ ۽ انهي جوڙجڪ ۾ وزن(Rhythm) جو هجڻ به لازمي آهي: جنهن ذريعي لکيل منصوبي(Plot) جي تهه تائين پهچڻ لاءِ پڙهندڙ کي تڪليف نه ٿئي ۽ آساني سان پڙهندڙ ليکڪ جي لکڻين سان جذباتي طور پنهنجو پاڻ کي کڻي هلي .

علويت جو ظهور ڪيئن هوندو آهي؟ جڏهن ليکڪ جو مکيه ڪردار هڪ ته پنهنجو خيال ٻين تائين پهچائڻ هوندو آهي ۽ ٻيو اُنهي خيال ۾ پيدا ڪيل فهم (Genius) ۽ ٽيون هوندو آهي خوش بياني (Euphamism)__جنهن سان ادب پنهنجي شان مان (Grandeur) واري نقطي جو پورائو بڻجندي آهي .

ادبي دورن ۾ هر ليکڪ وٽ پنهنجو مجاز(Mode) هوندو آهي ۽ هر اديب پنهنجي انداز سان لکندو آهي. ادب جو خاصو رشتو تاريخ (History) ۽ صِنف

(Genre) سان جڙيل آهي__ساڳي طرح لنجائنس پنهنجي علويت ۾ هُومر جي لکيل واقعن کي ان دور جي تاريخ سان ملائيندي ڳالهه ڪري ٿو تہ "هَومر جو لکڻيون حقيقي، تاريخي ۽ دلچسپ لکڻين جو مظاهرو آهن: جنهن ۾ هومر پنهنجي شاعري ۾ علويت جو مظاهرو ڪندي نظر اچي ٿو ۽ جنهن ۾ هر دور جو پڙهندڙ پاڻ کي جذباتي طور هومر جي لکڻين ۾ شامل ڪندي نظر اچي ٿو". اهو شان مان ۽ اوچائي وارو فن هو جنهن ۾ فنڪار پنهنجي اکين سان ڏٺل وائل حالتن ۽ واقعن کي شاعراڻي (Poetic) انداز ۾ بيان ڪري پڙهندڙن آڏو پيش ڪري پڙهندڙ کي پنهنجي لِکڻين جي آغوش ۾ پري وٺي ٿو".

لونجائنس پنهنجي ساڳي تنقيدي نصاب ۾ يوناني، رومي ۽ هيبرِيو (Hebrew) ادب جي پاسن جي سربراهي ڪندي نظر آيو_جنهن ۾ هر نسل (Generation) جي ليکڪ وٽ پنهنجو هڪڙو مخصوص انداز(Solid Style) آهي: ۽ علويت کي پرکڻ جا طريقا ۽ مختلف رستا آهن__لونجائنس پنهنجي تنقيد ۾ لکڻين کان ويندي عڪس (Imagination) ۽ انداز(Style)__يعني هر شي تي گهري نظر وجهي پنهنجي قلم کي ادب جي ميدان ۾ وهايو جنهن ۾ خيالن ۽ رُوح کان نِڪرندڙ آواز کان ويندي شاعري، نثر نِگاري تائين شين جي اُونهائي (Depth) کي جاچي ڪري انهن جي پرچار ڪئِي ۽ ادب ۾ علويت کي مضبوط ناهڻ لاءِ مختلف رستا ڏنا.

# فرانسِس بيَڪن
# 1561__1626عيسوي سال

راڻي الزبيت پهرين جي زماني جا ماڻهو تمام خوشباش ۽ شوباز هئا، بادشاه ۽ راڻين جي محل سان تعلق رکندڙ بہ وڏي مزن ۾ هئا. اُهو اُن لاءِ تہ اُهي خوشامد ڪرڻ جا ماهر هئا__شاعر، اديب ۽ قصيده نگاري ڪرڻ وارا بہ اُن وقت امِيرن مُشيرن ۽ راڻين جي ساراه ۾ لکڻ ۽ ڳائڻ لاءِ آتا هئا. چوڻ تہ ائين گهرجي تہ يورپ ۾ اُهو هِڪ مُفادن وارو دور هو: چالاڪي جو دور هو، صلاحيتن جي واپار جو دور هو، فريب ڏيڻ ۽ فريب کائڻ وارو دور هو ۽ انهي دور ۾ هڪڙي ٻار جنم ورتو، جيڪو انهي دور جو فلسفِي ۽ هِڪڙو خيالي سائنسدان پڻ سڏجڻ لڳو .

هن جو پي هڪ سياستدان ۽ شاهي مُهر جو محافظ هو ۽ هِن جي ماءُ هڪ عالم (Scholar) هئي جيڪا يوناني ۽ لاطيني ٻولي تمام سُٺي روانگي سان ڳالهائيندي ۽ سمجهندي هئي. ايئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ هنجو پيءُ "سَر نِڪولسن" جديد قانون جو ماهر هو تہ هن جي ماءُ "ليڊي اين" قدِيم علم جو ڄاڻُو هئي ۽ هڪ سُٺِي ترجميڪار (Translator) پڻ هئي. تعجُب جي ڳالهہ اُها آهي تہ ماءُ ۽ پي جي اثر هيٺ رهي ڪري هي ٻار جيڪو بعد ۾ فرانسِس بيڪن جي نالي سان سڏيو ويو: تنهن سياست ۽ جديد دور جو (اُن دور جي حوالي سان) عالِم بڻيو، ۽ اُنهي سان گڏ هُو دُنياوي هَلت ڪان ويندي سائنس ڪي پنهنجي ذهن ۽ خيالن ۾ سنڀاليندو ويو هو. جڏهن هِي ٻار ٻارنهن سالن جو ٿيو تہ هِن جي والدين هِن ڪي ڪيمبرج جي ٽرينٽِي ڪاليج ۾ داخل ڪرايو ۽ جڏهن سورنهن سالن جو ٿيو تہ ڪاليج جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويو. جنهن ڪاليج ۾ هُو پڙهندو هو اُتي هن دعوه ڪئي هُئي تہ "ارسطو جي تعليم تي ٻڌل ڪيمبرِج يونيورسٽي جو نالو رکڻ فروفيسرن جي غلطي هئي ڇو تہ اتي سڀ پروفيسر ارسطُو جي سائنسي تعليم جي ڳالهہ تہ ڪن ٿا پر ان تي عمل ڪرڻ جي هِمت اُنهن ۾ نظر ئي نہ ايندي آهي ".

هن سوچي ڇڏيو هو تہ هنجي زندگي جو هڪ خاص مقصد (Mission) آهي، پر هنجي زندگي سان وڏو عَلميو اُهو ٿيو تہ هِن جي پِيءُ پنهنجي سڄي جائيداد هِن جي ٻين پنجن ڀائرن جي نالي ڪري ڇڏي هئي ۽ هاڻي هُو فرانسِس بيڪن لاءِ سوچڻ ۽ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ حِڪمت عملي جوڙي ئي رهيو تہ اُن وقت هن جي پي جي قدرتي موت ٿي پئي هُئي: جنهن ڪان پوءِ فرانسس هر لحاظ ڪان ڪنگال بڻجي ويو هو. اُن وقت هن جي عمر صرف اُٺيهہ سال هئي ۽ فرانسِس بيَڪن ڪي هاڻي اهو بہ محسوس ٿيڻ لڳو هو تہ "هن ڪي واقعي مُصِيبتن اچي گهيري ورتو آهي"

فرانسِس بَيڪن هاڻي پُوري طَرح سان بيگانگِي جو شِڪار ٿِي چُڪو هو، اُهو اُن لاءِ تہ هُو سڄي عمر شهزادن جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو هو؛ حسِين عورتن جي ٻَغلن ۾ ۽ شراب نوشي ڪندڙ هڪ نوجوان جيڪڏهن هِڪدم اهڙي حالت کي اچي پهچي تہ واقعي بيگانگي تہ جنم وٺندي!! بيگانگي جي اُنهي رستن تي هلندي هن نيٺ هِمٿ ڪري پنهنجي چاچي سَر وِليم (Sir William) ڏانهن هڪڙو خط لکيو جيڪو ان وقت انگليند جو وزيراعظم هو. ان خط ۾ لکيائينس تہ هُو ڪيس (فرانسس جي) مدد ڪري؛ پر هُنجي چاچي بہ هن لاءِ ڪجھ نہ ڪيو هو ڇو تہ هن جي چاچي کي بہ هڪڙو پٽ هيو ۽ سر وليم پنهنجي پٽ کي اڳتي آڻڻ پيو چاهي تنهن ڪري هن فرانسس جي مدد ڪرڻ ۾ ڪا بہ دلچسپي نہ ورتي.

فرانسس جيڪو عَياش پرست نوجوان هو سو هاڻي پنهنجي عملي زندگي ۾ داخل ٿي چڪو هو ۽ هَلندي رستن تان ماڻهو هِن کي ڏسي نظرُون چورائڻ لڳا هئا. جنهن بَعد هُن کي وَڏِيڪ احساس ٿيو هو تہ "هي ڪنگال ٻڻجي واقعي غربت سان وڙهي رهيو آهي!" هاڻي هُن وٽ صرف ٻہ رستا بچيا هئا "يا تہ غُربت ۾ رهي ڪري فلسفي جي پرچار ڪري يا جفا ڪشي ۾ رهي غربت مان نڪري پنهنجي لاءِ الڳ دنيا ٺاهي".

بيڪن غُربت مان نِڪرڻ پيو چاهي ۽ فيصلو ڪري ڇڏيو هئائين تہ هاڻي هُو قانون جو پيشو اختيار ڪندو. هن جي دل ايئن بہ نہ پئي چاهيو تہ ڪيسا پرڻ لاءِ فلسفي کي خدا حافظ چئجي؛ پر ڪجھ ڪَري ڏسڻ ۽ غُربت کان ڇُوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هو تہ هُو وڪالت شروع ڪري ڇڏي ۽ فلسفي تي بہ ڪم ڪندو رهَي. بعد ۾ هُن ٻئي رستا چونديا هئا "هڪ ڪمائڻ وارو رستو ۽ ٻيو ڪمائڻ سان گڏ فلسفي تي گِيان ۽ مطالعي وارو رستو".

اُن وقت هن گريز ان (Graze Inn) ۾ داخلا ورتي ۽ وڪالت جي ڊگري مڪمل ڪيائين، جتي سڀ ماڻهو هن کي ڇڏي ويا هئا اُتي قُدرت واري هن کي نہ ڇڏيو هو__اُهو ائين تہ قدرتي طرفان هن کي ڇتو ۽ دمدار آواز کان علاوه ڳالهائڻ جي فن سان گڏوگڏ بحث مُباحثي جو بہ وڏو فن مليل هو؛ جنهن کان پوءِ جلد ئي هن کي قانوني حيثيت سان پارليامينٽ ۾ جاءِ ملي، ۽ وڏي تيزي سان ترقي ڪندو اڳتي وڌندو رهيو ۽ آخر ۾ چانسلر جي عهدي تي فاعذ ٿيڻ جا خواب ڏسندو رهيو هو.

فرانسس جيڪو ڪنهن وقت تہ اَميرن جي شاهِي مَحلن ۾ عَياش پرست لڏي سان رَنگ رليُون ملهائڻ ۾ صرف هو، اَڄ اُهو نوجوان هر طرح سان ذهني ۽ جسماني طور تبديل ٿي چڪو هو؛ هاڻي هُن وٽ انسانيت ۽ انسان جي وِچ ۾ پيدا ٿيل شِر (Evil) کي ختم ڪرڻ جو جذبو جاڳي پيو هو. فرانِسس جنهن جي ذهن ۾ صرف اِهو خيال هوندو هو تہ هي هيٺين طبقي کي پاڻ سان گڏ ڪٺي هَلي ۽ شاهي مُهر هِن جي هٿ ۾ اچي وڃي. هِن جو چوڻ هو تہ "مان چاهيان ٿو تہ سياسي قُوت تي ٻين ماڻهن

۽ ڦُوتن جو اختيار بہ هجي جيڪي اُن وقت جا عام ماڻهو هئا، ۽ انهن کي بہ اڳتي آڻي هن سياسي قوتن سان ملائي ڇڏجي؛ ۽ انسان کي خبر هئڻ گهرجي تہ انساني معاملن جي ٿيٽر ۾ صرف دَيوتا ۽ فرشتا تماشائي ٿي عام ماڻهن کي پيڙهجندي ڏسي مزو وٺندا آهن"

فرانسس اُن کان پوءِ ٻارنهن سالن تائين دربار ۾ پنهنجي حيثيت ناهڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل رهيو ۽ پنهنجي چاچي کي بہ ڌمڪيون ڏيندو رهيو تہ "مهنجي مالڪِي ڪر نہ تہ مان قانون وارو پيشو ڇڏي وڃي ڪَيمبرج يونيورسٽي ( Cambridge University) جي علم ۽ دانش جي تنهائي وسائيندُس". پر هنجي انهن سڪٽين ڌمڪين جو هن جي چاچي تي ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ اثر نہ پيو ۽ سر وليم هميشهہ فرانسس جي ڳالهين ۽ اِلتجائُن جو رخ ڪنهن ٻئي طرف موڙيندو رهيو هو .

فرانسس هاڻي پنهنجي چاچي جي پُنيان هَلڻ ڇڏي ڏِنو ۽ لارڊ اَسيڪس (Lord Assex) جي پنيان لڳي پَيو هو؛ جيڪو هن جي چاچي جي حيثيت کان تہ گهٽ هو پر اُن باوجود لارڊ اسيڪس جِي دربار ۾ گهڻي هلندي پُڄندي هئي. ٻئي طرف فرانسس، لارڊ اسيڪس جي دوستي کي عملي نقطہ نگاہ سان هلائيندو رهيو. فرانسس جي دوستِي هِڪ مفاد هو ۽ فرانسِس ائين بہ چوندو هو تہ "دوستي ڪنهن خاص مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بہ ڪري سگهجي ٿي"__اُنهي دوستي سان گڏ فرانسس کي ان وقت هڪڙي سهاري جي بہ ضرورت هئي، ۽ اُهي ضَرورتُون هنجون هاڻي لارڊ اسيڪس پُوريون ڪرڻ لڳو هو. هُن فرانسس جي مالي مدد ڪرڻ بہ جاري رکيو جنهن کان پوءِ فرانسس تان قرض جو بار بہ هٽڻ لڳو هو ۽ هاڻي فرانسس سُنو ڪائي ۽ سُنو پهري سگهيو پئي چو تہ هِن فلسفِي قسم جي ماڻهو لارڊ اسيڪس جي دل ۾ جذبن کي ڪٽي ورتو هو__پر فرانسِس کي هاڻي اِهو بہ اَحساس ٿِيڻ لڳو تہ هِن وٽ اجان تائين دربار ۾ ڪو بہ عهدو ڪو نہ هو جنهن کان پوءِ فرانسس ڪنهن سياسي عُهدي تي پهچڻ لاءِ راڻي جي خوشامد ۾ تقريرون ڪرڻ لڳو ۽ چند اهڙا ڪالم پڻ لکيائين جنهن ۾ هن راڻي کي وڏائي سڏائي پيش ڪيو هو__۽ فرانسِس هاڻي راڻي جي ڪاميابين جا گيت پڻ ڳائڻ لڳو هو .

فرانسس جي اهڙين خوشامدڪارِين آخر ڪار راڻِي جي دل ۾ جاءِ ناهي ورتي هُئي__۽ راڻي بہ هاڻي اُهو اعتراف ڪري چُڪِي هئي تہ "فرانسِس بيڪن اسان جي اُميدُن تي پُورو لٿو آهي ۽ هن لاءِ اسان جي دل ۾ بي حد عزت آهي"__اُن باوجود بہ جڏهن ماسٽر آف رُولز (Master of Roles) جو عهدو خالي ٿيو تڏهن لارڊ اَسيڪس جي هزارن ڪوشش باوجود بہ اهو عَهدو فرانسس کي نظرانداز ڪندي هڪڙي ٻئي شخص جي حوالي ڪيو ويو. فرانسِس کي اُن وقت بيحد مايُوسِي ٿي ۽ اِهو بہ احساس ٿيڻ لڳو هيس تہ "هاڻي هن کي شايد سدائين ايئن ئي ڪَنگال ٿي زندگي

ڪي گذارڻو پوندو“ پر لارڊ اسيڪس هِن جو ساٿ اَيستائين بہ نہ ڇڏيو هو ۽ هِن فرانسس بيڪن کي پنهنجي طرفان تمام گهڻي جائداد تحفي ۾ پڻ ڏئي ڇڏي هئي.

فرانسس کي هاڻي هِڪ اميرن جيان گهر بہ ملي ويوهو ۽ هن جي زندگي ۾ تمام ننڍڙي پئماني تي هڪڙي تبديلي بہ نظر آئي هئي؛ پر هاڻي فرانسس کي وري ٻيو احساس ٿيڻ لڳو هو تہ ”گهر سان گڏ هڪ عقُلمند گهرواري جو هجڻ بہ تمام ضروري آهي“ __جنهن ڪان پوءِ فرانسس جي نظر هڪڙي بيواه عورت تي پئي ۽ جنهن کي هُن شادي جي آڇ بہ ڪئي پر؛ ان مائي فرانسس جي شادي جي آڇ کي ٺُڪرائي وجي فرانسس جي هِڪڙي رقِيب وڪيل سان شادي ڪري ڇڏي؛ جيڪو اُن مائي جي عمر ڪان بہ گهڻو وڏو هيو .

اهڙي قسم جي جذباتي ناڪامين ڪان نجات وٺڻ لاءِ بيڪن ناانصافي جي موضوع تي مضمون لکڻ شروع ڪيا، پر اُنهن جو بہ ڪو ڪڙ_تيل (Solid Solution) نہ نڪتو ۽ فرانسس کي جيڪو پئسو لارڊ اسيڪس طرفان تحفي ۾ مليو اُهو بہ فرانسس لاپرواهي سان خرچ ڪرڻ ۾ لڳي ويو__۽ ڏِسندي ئي ڏِسندي وري هُو قرضن جي وَر چڙهي ويو هو. جنهن ڪان پوءِ قرضدارن هِن کي جيل ۾ وِجهرائي ڇڏيو هو پر هِنجي دوست “لارڊ اسيڪس” اُن وقت بہ فرانسس جو ساٿ نہ ڇڏيو ۽ فرانسس کي جيل مان بہ آزاد ڪرايو هُئائين. فرانسس جيل مان نڪرندي ئي شديد بيگانگي (Dire Alienation) جو شڪار ٿيو ۽ عهد ڪري ڇڏيو هئائين تہ “مان ارسطو جي مدرسِيت واري باندي خاني ما انساني روح کي نجات ڏياريندُس ۽ ارسَطُو جي الحيات ۽ مابعد الطبعيات جي هر نظام کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيندس.” هن جو چوڻ ۽ هن جي سوچ هئي تہ نئين ايرنڊڙ سج سان نئين عِلم آفاق ۽ نئين علم طبعي کي تشڪِيل ڏجي “ڇو جو هاڻي انسان جي بهتري منهنجو فرض آهي”__پر هِي اُهو سڀ اُن وقت نہ ٿي ڪري سگهيو جو هن وٽ لَمحا نہ هئا ۽ نہ ئي هن وٽ مالِي تحفظ هو، پر وري بہ هِن جي ذهن ۾ هو تہ “مونکي هاڻي گهرجي تہ مان هر انسان کي پنهنجي مقدر جو خالق بنجڻ جو درس ڏيان” .

غدار هر انسان تي سگهي ٿو ڇو تہ “غداري بہ هر انسان جي فطرت ۾ سمايل آهي”__نيٺ فرانسس بيڪن بہ غداري جي تابوت کي ڪنيو هو! راڻي جڏهن فرانسس جي دوست لارڊ اَسيڪس کي هُن جي مرضي جي خلاف آئرلينڊ (Ireland) ۾ فوج جي قيادت ڪرڻ لاءِ موڪليو هو؛ جنهن ۾ لارڊ اسيڪس ۽ راڻي ايلزبيت وچ ۾ ناپَوتِي (Slight Triffles) پيدا ٿي پئي هئي، پر ان باوجود بہ لارڊ اسيڪس آئرلينڊ روانو ٿي ويو هو جِنهن سان آئر لينڊ ۾ رهندي اسيڪس جي دل ۾ وسوِسا (Speculation) پيدا ٿيا تہ “ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو دربار ۾ مُنهنجي غير حاضُري ۾ منهنجا رقيب منهنجي خِلاف راڻي جي ذهن ۾ منهنجي لاءِ نفرت جو ٻج پوکي ڇڏين ۽ مونکي دربار مان نڪري وڃڻو پوي”. انهي سوچ لارڊ اسيڪس کي پريشاني ۾ مبتلا ڪري

ڇڏيو هو: ۽ نيٺ چند ڏينهن آئرليند ۾ رهڻ ڪان پوءِ هُو راڻي جي اجازت بغير ئي واپس لندن محل ۾ موٽي آيو جنهن تي راڻي ايلزبيٿ کي وڏيڪ ڪاوڙ لڳي.

انهي جي رَدِ_عَمل ۾ راڻي لارڊ اسيڪس کي جيل ۾ بند ڪرائي ڇڏيو هو: پر ڪجھ وقت ڪان پوءِ هن کي رِهائي ملي وئي هُئي_۽ جنهن ڪانپوءِ راڻي ۽ لارڊ اسيڪس جي وچ ۾ ڪو بہ سازگار ماحُول (Compromising Atmosphere) نہ جڙي سگهيو هو. جنهن ڪان پوءِ اَهڙي نمُوني ۽ اوچتو اُتي ايرندڙ صورتحالن لارڊ اسيڪس جي ذهن تي تمام گِهرا جذباتي اثر پيدا ڪري ڇڏيا ۽ هي هر وقت جُنون جو شڪار رهڻ لڳو هو

.

مٿيون سَڀ ڳالهيون تہ پنهنجي جاءِ تي پر لارڊ اسيڪس جي اُن وقت بد حالي ۾ هن جو دوست بيڪن ڪٿي هو!؟ جيڪو هن کي ڪنهن بہ حوالي سان ڪو مشورو يا صلاح ڏئي ها يا ڪا بہ مدد ڪري ها!؟ هُن جي دوستي ڪيتري هئي_فرانسس لارڊ اسيڪس کي ڪا دلجاءِ ڏئي ها: جڏهن تہ هوڏانهن راڻي لارڊ اسيڪس جي خلاف دربار ۾ روز هڪ نئون الزام ٻڌندي رهي هئي_پر لارڊ اسيڪس جي خلاف راڻي جي دل ۾ نفرت پيدا ڪرڻ وارو هيو آخر ڪير؟ اهو ڪو غير يا ٻيو ڪو نہ پر لارڊ اسيڪس جو پنهنجو ئي دوست ۽ ساٿي فرانسس بيڪن خود هو!!

بيڪن دوستِي ۾ بہ مَطلب پرست رهيو هو ۽ هاڻي هُنجي سوچ هئي تہ "لارڊ اسيڪس جو سِتارو هِن مهل گردش ۾ ناهي تنهنڪري هُو هاڻي ڪنهن بہ ڪم جو ناهي ۽ هُن جي پويان پڄڻ مان ڪو بہ فائدو بہ ناهي"_فرانسس جي اهڙي قسم جي غداري ۽ مفادن جي دنيا لارڊ اسيڪس ۽ بيڪن جي سياسي دشمن لارڊ رابرٽ (Lord Robert) ۽ بيڪن جي چاچي ۽ سئوٽ سيني جي سامهون کُلي منظر عام تي تري آئي_جنهن سيني کي گهري صدمي ۾ وجهي ڇڏيو هو. هاڻي بيڪن جي سئوٽ بہ هن ڪان رِشتا ٽوڙي ڇڏيا هئا جنهن جو فرانسس تي ڪو بہ اثر نہ پيو هو.

راڻي سان نافرماني جي الزام هيٺ لارڊ اسيڪس کي عدالت ۾ آڻي مقدمو هلائڻ جي تياري ٿي رهي هئي ۽ ان وقت بيڪن دربار کي درخواست ڪري ڇڏي تہ "مون کي اُنهي مُقدمي ۾ درباري وڪيل جي حيثيت سان مُقدمي هلائڻ جي اجازت ڏني وڃي"_ لارڊ اسيڪس هڪ جذباتي انسان هو پر تنهن هوندي بہ هُن ۾ اخلاقيات (Ethics) جا عنصر موجود هئا ۽ ٻئي حوالي سان هُو يارن جو يار بہ هو، تنهنڪري دربار ۾ اهڙا ماڻهو بہ موجود هئا جيڪي لارڊ اسيڪس جا پڳ مٽ يار هئا جيڪي انهي ڳولا ۾ هئا تہ "جنهن لارڊ اسيڪس خلاف راڻي جي دل ۾ بغاوت جي باھ کي مچايو آهي اُن کي ڳولي ختم ڪجي". هاڻي لارڊ اسيڪس جي گهر ۾ اهڙن ماڻهن جو ميڙ بہ سدائين رهندو هو_جيڪي لارڊ اَسيڪس جا پوئلڳ هئا. انهن سيني ماڻهن ۽ انهن جي ارادن (Intensions) جي خبر جڏهن راڻي کي پئي تہ راڻيءَ لارڊ اَسيڪس کي حڪومت خلاف منصُوبن جي الزامن هيٺ ٽاور ۾ قيد ڪرايو. جنهن وقت لارڊ اسيڪس گرفتار ٿيو انهي وقت هن تي حڪومتي بغاوت (National Insugency) جو الزام لڳايو ويو جيڪو هَو تہ "هُو راڻي جي حڪومت ڊاهي اُن تي قبضي جي تياري ۾ هو"!!

لارڊ اسيڪس کي ان وقت ڪا بہ ڳالهہ سمجھ ۾ نہ پئي آئي ۽ هُن کي پڪ ٿيڻ لڳي هئي تہ "هُن خلاف ڪا وڏي سازش ٿي رهي آهي".

لارڊ اسيڪس کي چند ڏينهن ڪانپوءِ عدالت جي ڪٽهڙي (On the yards of Justice) ۾ آندو ويو هو: ۽ لارڊ اسيڪس کي ڏسندي اُتي عدالت ۾ موجود فرانسِس بَيڪن جيڪو لارڊ اسيڪس جو گهرو دوست هو اُتي بيٺو. عدالت فرانسس بيڪن ڏانهن سواليہ نظرن سان ڏٺو ڇو تہ هن جي درباري وڪيل طور مقدمي جي درخواست کي راڻي رد ڪري ڇڏيو پر تنهن باوجود لارڊ اسيڪس سان گڏ موجود اُتي سڀ ماڻهو انهي تعجُب ۾ مبتلا هئا تہ "آخر فرانسس هتي ڇا ڪرڻ آيو آهي" !؟

فرانسِس، جنهن تي لارڊ اسيڪس جا تمام گهڻا احسان بہ هئا، ۽ هاڻي اُهو ئي شخص فرانسس بيڪن، لارڊ اسيڪس خلاف عدالت ۾ ڳالهائڻ شروع ٿي ويو هو__!! مقدمي هلائڻ وقت فرانسس عدالت ۾ اهو چئي پنهنجيو موقِف عدالت اڳيان رکيو تہ "مان رضاڪارانہ طور تي هي مُقدمو هلائڻ چاهيان ٿو جنهن جي عدالت اُن وقت اجازت ڏئي ڇڏي".

اجازت ملڻ ڪانپوءِ سڀ مُنتظر هئا تہ "فرانسس ڪهڙو موقف رکڻ پيو وڃي"؟ هاڻي فرانسس ڳالهائڻ شروع ڪيو هو: جيڪو هڪ عِلم دان ۽ حاضُر دماغ وڪيل جي حيثيت سان ڄاتو ويندو هو. فرانسس بيڪن جيڪو وڏي تقريري انداز ۾ عدالت اڳيان اهڙي تہ ڊرامائي انداز ۾ ڳالهائي رهيو هو جنهن سيني کي تعجب ۾ وجهي ڇڏيو هو!! جنهن ۾ سيني کان وڌيڪ حيرت لارڊ اسيڪس کي ٿيڻ لڳي ڇوتہ لارڊ اڪين سان ڏِسي پيو ۽ ڪنن سان ٻڌي پيو تہ "فرانسس بيڪن لارڊ اسيڪس جي خلاف مقدمو هلائي رهيو هو!!" ۽ اهو بہ تمام پُرڪشِش آواز ۽ پڪن دليلن جي سان__!! لارڊ اسيڪس جي بچاءُ ۾ جيڪي بہ دليل پيش ڪيا ويا فرانسِس اُنهن هڙني کي پنهنجي دليلن سان ڪوڙو ثابت ڪري ڏيکاريو هو. "لارڊ اسيڪس واقعي راڻي جي حڪومت خلاف بغاوت ۾ مصروف هو"__انهي الزام کي اسيڪس جي پنهنجي دوست ثابت ڪيو هو!! جنهن مان اُهو ظاهر ٿيو تہ ان وقت لارڊ اسيڪس کي باغي ثابت ڪرڻ ۾ فرانسس پنهنجون سَيئي صلاحيتون سهيڙي عدالت اڳيان رکيون هُيون.

عدالت تي فرانسس جي ڳالهہ اثر ڇڏيو ۽ فرانسس سڀ دليل ۽ تقريرن کان پوءِ عدالت جي اڳيان درخواست ڪئي تہ "لارڊ اسيڪس حڪومت جي خلاف بغاوت ڪئي آهي تنهنڪري بغاوت جي ڏوهہ ۾ هن کي سزاءِ موت مِلڻ کپي!!" هوڏانهن لارڊ اسيڪس ڪجھ بہ ڳالهائڻ کان قاصر هيو ۽ هن جون نظرون فرانسِس جي چَهري تي ڄمي بيهي رهيُون هيون جن ۾ ڏک ۽ دئونس سان گڏ ٻيا جذبا بہ شامل هئا. هوڏانهن عدالت فرانسس کي گواهين ۽ ڏنل دليلن کي نظر ۾ رکندي لارڊ اسيڪس کي سزاءِ موت ٻڌائي ڇڏي هئي پر لارڊ اسيڪس جون اکيون فرانسس تي کُتل ئي رهيون!!

راڻي جي طرفان لارڊ اسيڪس جي خلاف مقدمو هلائِڻ ۽ لارڊ کي ڏوهي ثابت ڪري ڦاسي ڏيارڻ جي عيوض فرانسس بيڪن کي ٻارهن سو پائونڊ جو وظِيفو مليو هو! راڻي جو غور ونرائڻ وقت هي خُوش تہ هيو پر اندر ئي اندر ۾ فرانسس پنهنجو پاڻ کي "هڪڙو ڪِريل انسان تصور ڪري رهيو هو". ڇا چئجي؟__اُن باوجود بہ

فرانسس اَهڙي سوچ جو مالڪ هو تہ "مان ٻين کي پوئتي ڇڏي پاڻ اڳتي وڌڻ لاءِ ڪجھ بہ ڪري سگهان ٿو".

علم جي ميدان ۾ فرانسس بيڪن ڏرخيز ۽ هر فن مولا ذهانت جو مالڪ هو. هُن ماڻُهن سان دنياوي معاملن ۾ اڳتي وڌي انهن سان بيوفائي تہ ڪئي پر ٻئي حوالي سان جڏهن هن جي ذهانت جي طاقت کي موڙ مليو تہ اُن وقت هنجوانداز فلسفياڻو بہ رهيو هو__قلم جي دنيا ۾ هي سدائين حقير ئي نظر آيو. فرانِسس کي پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي علم تي تمام گهڻو غُرور هيو ۽ ويني ويني چئي ڏيندو هو تہ "ڪير آهي هتي جو مونسان لاطيني ٻولي ۽ علم قانون ۾ منهنجو مقابلو ڪري سگهي"؟____۽ وري هيئن بہ چئي ڏيندو هو تہ "مان علم جو سمنڊ هان ۽ مان ارسطو کان بعد هِن مُعاشري ۾ پيدا ٿيندڙ خرابي کي ارسطو کان وڌيڪ سمجهي سگهان ٿو".

ٿوري وقت بعد بيڪن وري قرضن ۾مبتلا ٿي ويو ۽ جيل جي هوا ڪائڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو؛ پر هِن دفعي درٻار خود مداخلت ڪئي ۽ فرانسس کي رهائي ملي ويئي. ان واقعي جي ٻن سالن کان پوءِ راڻي الزبيٿ بہ خدا کي پياري ٿي وئي ۽ هاڻي حڪومت جو واڳون اسڪاٽ لينڊ جي بادشاہ "جيمز" جي هٿ ۾ اچي ويون هيُون. بادشاہ جيمز جو تخت تي ويهڻ فرانسس لاءِ پريشان ڪن مَرحلو هو ڇو تہ جيمز بادشاہ ۽ لارڊ اسيڪس (جنهن کي فرانسس موت جي سزا ڏياري هئي) پراڻا دوست هئا ۽ فرانسس هاڻي ٻيو روپ ڌارڻ جي چڪر ۾ هو ۽ ڪوشش ڪندي پنهنجي پريشاني کي اندر ۾ لِڪائيندو رهيو هو. فرانسس بيڪن انساني دل ۽ دماغ کي سمجهڻ ۾ وڏو ماهر هو ۽ اُنهي طرح بادشاہ جيمز جي ذهن کي بہ هُن سمجهي ورتو هو جيڪو خوشامد پسندي جو بي حد شوقين هو.

فرانسس هاڻي بادشاہ جيمز کي لڳاتار خط لکندو رهيو ۽ لفظن جي جار ۾ بادشاہ جيمز سان ڪيڏندو رهيو هو. اُنهن خطن ۾ هن بادشاہ کي خُدا سڏيو ۽ ان کان علاوہ حڪومتي بغاوتن کي چٿڻ جا طريقا بہ خطن وسيلي جيمز کي ٻڌائيندو رهيو هو__اَهڙي فرانسِس جو جادو جَيمز جي ذهن کي قابو ڪرڻ ۾ جاري رهيو.

فرانسس بيڪن هاڻي "سولسٽر جنرل" بڻجي ويو ۽ هن جا سپنا ساپيا ٿيڻ لڳا هئا__هِي هاڻي تمام خوش هيو جو هاڻي هنجو سڄو ڌيان ڪيمبرج ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽين ۾ تعليمي سرگرمين کي تيز ڪرڻ ۽ وظيفا وڌائڻ طرف هو__تنهن بعد بيڪن خوشامدون ڪندو ۽ بادشاہ جي احساسن سان ڪيڏندو "اٽارني جنرل" جي عهدي تائين پهتو. هاڻي هُن وٽ وڌيڪ نوڪر هئا ۽ هر آسائش هن وٽ موجود هئي؛ پر فرانسس اجان لوڀ لالچ کان مُور نہ هٽيو هو___هاڻي هن جي نظر لارڊ چانسلر (Lord Chancellor) جي عهدي تي هئي؛ ڇوتہ ان وقت موجودہ لارڊ چانسلر بيمار هو ۽ مرڻ جي انتظار ۾ هو__جيئن ئي ان جي موت ٿي تہ فرانسس کي لارڊ چانسلر جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو هو.

تي سال فرانسس بيڪن لارڊ چانسلر جي عهدي تي رهيو ۽ بعد ۾ هن تي ڪورٽ طرفان رشوت جو اِلزام لڳو: ۽ ڪافي ماڻهو هن مٿان شاهد تي بيٺا هُئا. اِنگليند جا روڊ رستا فرانسِس جي مخالفن سان ڀرجي ويا هئا ۽ اُنهن سيني بيڪن جي خلاف نعرا هنيا__ٻئي پاسي فرانسِس بِيماري جي بِستري تي ليٽيو آسمان ڪي تڪندي چئي ڏنو هو تہ "مان لارڊ چانسلر جي عهدي تان استعيفا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان"__پر ٻئي پاسي گِهٽين، ڪليسائن، بازارن ۾ ماڻهو نعرا هڻي فرانسس جي موت جو مطالبو ڪندا تي رهيا__پر افسوس! اُن وقت فرانسِس ڪي پنهنجي عِلم ۽ دليلن بہ نہ بچايو هو_ پنج سال بعد لارڊ چانسلر جي عَهدي تان هٽائي هن ڪي جيل ۾ رکيو ويو ۽ بعد ۾ سرڪاري فرمان تي هن ڪي رِها ڪيو ويو هو. هِي اڪيلو هو ۽ هاڻي هِن وٽ ڪجھ بہ نہ بچيو هو__هن جي لالچ لوڀ ۽ هر خواهش دم ٽوڙي چڪي هئي ۽ هُو پنهنجي پاڻ ڪي ناڪام انسان سڏڻ لڳو هو پر عِلم__!! اُن علم جو ڇا ٿيو جنهن لاءِ هِن چيو هو تہ "علم ڪي صحيح استعمال ڪرڻ هِڪ فن آهي ۽ هڪ قُوت آهي ۽ علم جي غلط استعمال سان ڪائنات ۾ شِر پيدا ٿيندو آهي".

آزادي کان بعد هي گهوڙي تي چڙهي سفر تي نڪري پيو هو جو هاڻي هنجو خيال هُيو تہ "هُو انسان جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندو"_پر زندگي هنجو ساٿ نہ ڏئي سَگهي ۽ هو وري بيماري جي بستر حوالي ٿي ويو هو_هِن جي اکين ۾ پڇتاءُ جا ڳوڙها هئا ۽ آواز هنجو نڙي ۾ ڦاٿل رهيو هو.

فرانسس بيڪن دمقراطيس جو بيحد عقيدتمند هو، ۽ هِن دِمقراطيس جي يوناني دور جي ڏنل ايٽم جي نظرئي (Theory of Atom) کي سائنسي انداز ۾ بيان ڪري مادي فلسفي جي قديم روايت کي بحال ڪيو هو: ۽ جُڙتو نظرين کي مادي اصولن تي پرکيو هو__هِن يوناني فلسفي کي ساراهيو هو ۽ خيالن جي خامين جي تشريح پڻ ڪئي هُئي. ان کان علاوه هن سوين سال اڳ يوناني دمقراطيس جي ايٽمي نظرئي جي تائيد ۾ مضمُون بہ لکيا ۽ اها بہ دعويٰ ڪئي هُئي تہ "قدرت ايٽمي ذرن جي ملڻ وسيلي ٺهي آهي ۽ مادي دنيا هڪڙي قِسم جي خصوصي چُرپُر جو نالو آهي جيڪا چرپر مڪينيڪل ناهي"__۽ وڌيڪ هُن اوڙيهن قسمن جي مادي چرپر جي نشاندهي ڪئي هئي .

هونئن تہ فرانسس بيڪن جي ڪافي مضمونن ۽ فلسفي واري علم ادب جي دنيا ۾ واڌارو ڪيو هو__پر هِن جو هِڪڙو ننڍڙي جهڙو ناول (نيو ائٽلانٽس) جيڪو هن کان اڏ ۾ رهجي ويو هو ۽ 1627ع ۾ شايع ٿيو__جي اندر هِن هڪ مثالي رياست کي ڏند ڪٿائي انداز ۾ پيش ڪري سائنسي شڪل ۾ بيان ڪيو هو جنهن کان پوءِ هن کي مثالي دنيا جو سائنسدان (A Utopian Scientist) بہ سڏيو ويندو هو.

انهي مثالي دنيا (Utopia) ۾ بَيڪن ديو مالائي اِصلطلاحن (Terms) جي چونڊ ڪري هڪ خوشحال ۽ روشن خيال سماج جي علامت کي ظاهر ڪرڻ جي

ڪوشش ڪئي: جنهنجو خاص مقصد اشتراڪيت (Communism) ڏانهن هلڻ ۽ ان ڪي نئين مادي بنيادن تحت خيالي دنيا اندر سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي__ان ڪي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ اسان ڪي انهي مثالي رياست "نيو ائٽلانٽس" جو جائزو وٺڻ گهرجي.

## خَيالِي رِياست نيو ائٽلانٽِس Utopia جَو مُختصر جائِزو

فرانسس بيڪن پنهنجي خيالي رياست اندر هڪڙي فرضي ٻيٽ (Ideal State) جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته اُتان جا ماڻهو هر اُوني ڪان آزاد آهن. ڇو ته انهن جو بادشاه ڏاهو آهي انهي ڪان وڌيڪ انهن جي خوشحالي جو دارومدار انهي "ائٽلانٽس سماج" جي سائنسي اصولن تي بيٺل آهي. بيڪن فرضي ٻيٽ جي گادي جو هنڌ "بن سالم" ٻڌائي ٿو ۽ اتي شهر جي وچ ۾ هڪڙو ڪاليج جوڙيو وجي ٿو: جنهن ڪي هُو "بيت سلمان" جي نالي سان لکي ٿو. ڪاليج ۾ شين جي سببن ۽ فطرتي ڳجهن جي علم ۽ ان جي حرڪتُن ڪرڻ واري عمل جو علم پڻ سيکاريو وجي ٿو. اُنهي علم جو خاص مقصد ماڻهو جي وهمپرستي ۽ ڪمزور خيالن ڪي ٽوڙي رد ڪري اتي رهندڙن جي ذهنن ڪي ڪُشادو ڪرڻ آهي__جيئن سيني شين ڪي سمجهي ڪري اُتان جي هر شي ڪي پنهنجي استعمال ۾ آڻي سگهجي.

انهي ساڳي ڪاليج ۾ ٽيڪنيڪل تجربن لاءِ سيني قسمن جا اوزار موجود هوندا آهن زمين جي اندر حالتون ڄاڻڻ لاءِ اُونهيون غارون ڪوٺيون وجن ٿيون ۽ خلا جي تحقيق لاءِ اوچا مينار (Towers) نهيل آهن. طبي تحقيق (جاندار) مادي جي تياري لاءِ تجربيگاه به موجود آهن جتي هر ساهه واري جو ظاهري ۽ داخلي تجربو ڪري انهن جو علاج ۽ بچاءُ ڪيو وجي ٿو. ان سان گڏوگڏ هِن فرضي ٻيٽ ۾ ماڻهو زرعي لحاظ ڪان به ڏاڍا خوشحال آهن: اُهو ان لاءِ ته اتي زرعي پيداوار ۽ زرعي مرڪز لاءِ اوزار ۽ مشينون تيار ڪرڻ لاءِ ڪارخانه موجود آهن ۽ گرمي حاصل ڪرڻ لاءِ اتي جي ماڻهن وٽ وڏيون وڏيون بنيُون آهن. ان ڪان علاوه روشنِي ۽ آواز جي تجُربن لاءِ وڏا وڏا ڪمرا نهيل آهن ۽ هر گهر ۾ هڪ خيالي انجڻ نهيل آهي جيڪو هر وقت شين جي چرپر ۽ حرڪت ڪي روان دوان رکي پيو.

اُنهي ٻيٽ ۾ ڄاڻ علم ۽ فن جي دنيا ايتري ترقي ڪري وجي ٿي جنهن ڪانپوءِ اتان جا ڪاليج پنهنجا فني وفد ٻين ملڪن ڏانهن موڪلِي اجان وڌيڪ ايجادُن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ لاءِ مختلف ڪانفرسون گهرائي وڌيڪ زندگي ڪي آسان گذارڻ جا طريقا ۽ وسيلا ڳوليا وجن ٿا. فرانسس جي خيالي ٻيٽ جا ماڻهو پنهنجي استادن ۽ مُحققن جي بي حد عزت ۽ احترام ڪندا آهن__۽ جيڪو به مُحقق ڪا نئين ايجاد ڪندو آهي تڏهن انهي محقق جا مجسما نصب ڪياويندا آهن__۽ ان ڪي ڍير انعام ڏنا ويندا آهن. هن ٻيٽ جا ماڻهو پرهيز گار ۽ ڏاڍا پارسا آهن ۽ ان ڪان علاوه هو پنهنجي

تَخليقي فن ۽ توانائي جي تحفظ کي پنهنجو اخلاقي فرض سمجهي براين کان پرهيز ڪري پنهنجي عزت ۽ نفس جي اخلاقي فرض جو ثبوت ڏيندا آهن.

بيڪن جو خيالي بيٽ هڪ مُلڪ ۽ حُڪمراني جي حيثيت سان بيان ڪيل آهي ۽ اُن وٽ پنهنجو آئين بہ آهي جيڪو ان رياست جو باني "سَلومِنا" نافذ ڪري ٿو. اها رياست اتان جي ماڻهن کي هڪ خداداد حڪمران جي ڪين عَطا ٿيل آهي جنهن ۾ هو ترمِيمون پڻ پيش ڪري سگهن ٿا. ان سان گڏوگڏ انهي خيالي رياست ۾ طبقا بہ موجُود آهن ۽ ذاتي مڪليت بہ موجود آهي__پر طبقن ۾ هڪ رَسم آهي تہ "جيڪڏهن ڪين موقعي تي تڪليف آهي تہ ان جي مدد ڪئي ويندي آهي ۽ ان جي گذر جو مُناسب بندوبست هوندو آهي".

انهي بيٽ جا شهري وڏا ماڻهو ۽ سرڪاري ملازم ۽ حاڪم صاف سٿرو لباس پهرين ٿا ۽ انهن جا نوڪر ۽ خدمتگار انهن جي خِدمت ڪن ٿا؛ ۽ انهي کا علاوه هر ماڻهو جو فرض نهي ٿو تہ گهر ۾ پنهنجي بزرگن جي ڳالهين ۽ صلاحُن تي عملدرآمد ٿين.

رياستي ادارن جي ڳالهہ ڪندي فرانسس لکي ٿو تہ "رياست جي عام رهاڪن کي نہ تہ نظم ۽ نہ ئي انتظام ۾ شريڪ ڪيو ويندو آهي ۽ نہ ئي معيشيت جي مسئلن ۾__اُهي رُڳو تماشائي آهن ۽ رِياست جي اندر ضرُورتن جي شين جي پيداوار ۽ وِرهاست جا فَرض ان رياست جا ماهر ۽ سياسَتدان مشِينن ذريعي سرانجام ڏيندي نظر اچن ٿا". يعني بيڪن پنهنجي سائنسي خيال (Scientific Imagination) کان خوب ڪم ورتي ٿو ۽ اهڙين عجيب عجيب ايجادُن جو ذڪر ڪري ٿو؛ جيڪو اُن دور جي لِحاظ کان پَڙهي حيرت ونئي وجي ٿي .

اُنهي نيو ائٽلانٽس لکڻ دوران هن مڃي جيان پاڻي ۾ ترندڙ آبدوزن جو بہ خيالي ۽ سائنسي ذِڪر ڏنو آهي؛ ۽ هوا ۾ اڏامندڙ پکين جيان اڏامندڙ ڏاتو جي سائنسي خيال سان گڏ رستن کي ڳولڻ ۽ نوان رستا دريافت ڪرڻ واري خيال کي پيش پڻ ڪيو آهي. ان کان علاوه بيڪن انهي سمُوري شين کي تغير (Dialects) ۽ دائمي چرپر ڪرڻ واري عمل سان بيان ڪيو آهي .

اُنهي دوران فرانسس بيڪن جي هوندي جيمز پهرين ( James 1603One _ 1625) جي دور ۾ سرمائيدارن جي خلاف هڪ جهموري تحريڪ هلي رهي هئي جيڪا پارليامينٽ جي اندر اهو مطالبو پيش ڪندي رهي تہ "ملڪي معاملا شهرين جي صلاح کان سواءِ فيصلي طور نہ ورتا وڃن"__۽ جَيمز پهرين جي دور کانپوءِ چارلس پهرين (1649_1625one _Charles) جي دور ۾ اها تحريڪ تيزي اختيار ڪري ورتي هئي. هاڻي انهي تحريڪ انقلابي جذبن کي جنم ڏنو هو جيڪو "ليولزر جي تحريڪ" جي صورت ۾ پنهنجا مطالبا پيش ڪندي رهي هُئي__۽ انهي تحريڪ جون واڳون مزدورن جي هٿن ۾ هُيون جيڪي طَبقاتِي نِظام کي ڊاهڻ جي گهر ڪري رهيا هئا. يعني سڌي

طرح اُها تحريڪ جاگيردارن جي خلاف مضبوط بڻيل هئي. اُنهي ليولزر جي تحريڪ مان هڪڙي ٻي تحريڪ ڊگرز (The Digger's movement) جي نالي سان ڦُٽي نڪتي جنهنجو نعرو اهو به هو ته "زمين جا اصل وارث هاري آهن"__ڊگرز جو اهو به عقيدو هو ته "زمين خدا جي ملڪيت آهي انڪري ڪنهن به ماڻهو کي اهو حق نٿو ملي ته اهو زمين جي ڪنهن به حصي کي ذاتي طور پنهنجي مِلڪيت سمجهي"_اُن ڪري هُو بادشاهت ۽ جائداد ٻنهي جي مخالفت ڪندا هئا ان کان علاوه هُنن پنهنجي منشور ۾ لکيو هو ته "بادشاه شيطان ۽ قاتل هُوندا آهن؛ امير ۽ عهديدار حرامزاده آهن، اُهي چور، ڌاڙيلن ۽ قاتلن جي اولاد آهن "

اُهي تحريڪون انهي دور جي مذهبن جي هَٺ ڌرمي ۽ قبضاخوري جي خلاف به اُٿي کڙو ٿيون ۽ انهي سيني حقيقتن سان اُهو عِلم ٿئي ٿو ته فرانسس بيڪن انهي دور جي ماڻهن جي حالتن جو گهري نظر سان جائزو ڪيو ۽ انهي دور جي حالتن کي ڏسي ڪري رياست جي مُختلف پَهلوئن تي سوچ ويچار جو ذريعو ڏِنو. اُنهي خيالي رياست ذريعي شايد هُن انهي وقت اُهو ظاهر ڪرڻ پئي چاهيو ته رياست هڪ اَهڙو نظام آهي جيڪو ڪڏهن به رياستي جبر ۽ طبقاتي نظام جي اِستحصال هيٺ هلي نٿو سگهي.

هنن جي وڏيڪ چوڻي هئي ته "رياست برابري جي زميوار هجڻ گهرجي؛ جتي برابري زندگي ۽ عملي شعبي کان وٺي انسان جي سوچ تائين جڙيل رهي". فرانسس بيڪن جو نيو ائٽلانٽس اُنهي دور جو هڪڙو ڪَرشمو هو جيڪو تحقيق ۽ ڪوجنائن واري سائنسي علم کي انسان جي برابري واري رستي تائين ڪٺي پهچايو هو؛ ۽ ان کان علاوه مذهبن ۾ روايتن ۽ تقليد (پوئيواري) جي بُتن جي عبادت کي حرام قرار ڏئي ڇڏيو .

فرانسس بيڪن جي باري ۾ اهو به خيال پيش ڪيو وڃي ٿو ته هُن "نيو ائٽلانٽس" بادشاه جيمز پهرين کي خوش ڪرڻ لاءِ لکيو هو؛ پر هُن جو خيال هو ته "جيمز روشن خيال ذهن جو مالڪ آهي ۽ سندس لکيل خيالي رياست کي بيحد پسند ڪندو"__پر ايئن ٿيو ڪونه هو__ٿيو ايئن ته 1645ع دوران لندن ۾ جڏهن ڪاليج آف فلاسافي (College of Philosophy) قائم ڪيو ويو، اُن وقت ان جو باني سموئيل هارٽب اعلان ڪيو هو ته "ڪاليج جو محرڪ بيڪن جي صنف نيو ائٽلانٽس آهي" ۽ وري 1662ع ۾ جڏهن ان ڪاليج ترقي ڪري رائل سوسائٽي (Royal Society) جي شِڪل ورتي ته اُن جي بانين به بيڪن کي عقيدت جو خراج پيش ڪندي چيو ته "اسان بيڪن جي بيت سلمان جي منصُوبي کي عملي ويس پارائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون "

فرانسِس بيڪن جي اُن خيال کان پوءِ رُڳو هُنجا هم وطن دانشور متاثر نه ٿيا ها پر فرانسسي انسائيڪلو پيڊيا جي تحريڪ جو باني "ڊِيدرُو" پنهنجي لفظن ۾ بيڪن کي خراج تحسين پڻ پيش ڪئي هئي؛ جنهن ۾ هُن چيو هو

ته "جڏهن دنيا ۾ نه سائنس جو وجود هو ۽ نه اهڙي ڪنهن خيال جو تڏهن هِن غير معمولي ڏاهي (بيڪن) علم جي ضرورت جي باري ۾ لکيو هو ۽ اُنهي دور ۾ جڏهن اَجا معلومات جي تارِيخ لِکڻ به بَيحد اڙانگو عمل هو"

## فَن، اَدب ۽ نئين جاڳرتا Renaissance جو مُختصر جائزو

عيسائيت جنهن کي رومين دُنيا جي ڪُند ڪُڙڇ ۾ ڦهلايو هو، سا پندرهين ۽ سورهين صدي ڌاري پنهنجا سڀ اصول ختم ڪري هڪڙي زور ۽ ڏاڍائي جي شڪل ڌاري ماڻهن جي دلين مان پنهنجي آبرو کي ڪاپاري ڌڪ رسايو هو. ٻارهين صدي تائين يُورپ پنهنجي اونداهي دور ۾ ڪٽيا پر هاڻي پندرهين ۽ سورهين صدي جي يورپي عوام کي پنهنجي جاڳرتا جو احساس ٿيو هو. يورپ جا ماڻهو هاڻي پادرين ۽ چرچ جي سرواڻن کا پوري طرح واقف ٿي چُڪا هُئا__ پر انهي کان صديون اڳ رومين جي يورپ ۾ شهنشاهتون جُڙڻ کان وينديِ يارهين ۽ ٻارهين صدي تائين يورپ جي تقريبن مُلڪن اندر پوپ جي ٻُڌي وِيندي هئي__عيسائيت جي چار کي پادرين ۽ ٻين مذهبي عهديدارن سَڄي يورپ ۾ ڦهلائي پنهنجي مفادن ۽ ڦُر مار جو دڳ ناهي ڇڏيو هو: پر چوڏهين صدي ڌاري کان عيسائيت جو دٻدٻو پنهنجو زور ٽوڙي رهي هُئي__اُنهي عِيسائيت جي زور کي ٽوڙڻ پَويان وڏو هٿ پَروٽيسٽِنٽ فِرقي جو هو__جيڪو جَرمنِي مان يُورپ جي ماڻهن لاءِ جِڻ ڪا مذهبي اصلاحِي تاريخ جي هِڪڙي نئِين شروعات هُئي.

تاريخ کان وينديِ دُنيا جي جاگرافي اسان کي اهو به ٻڌائي ٿي ته هر ڏُتڙيل دور اندر اصلاحي تَحريڪُن جو اُڀرڻ اَٽل هُوندو آهي__ساڳي طرح ٻارهين صدي تائين يُورپ اندر ماڻهن کي عيسائيت هٿان پيڙهجندڙ زندگين مان نجات ڏيارڻ لاءِ به يورپ اندر مارٽن لُوٿر ۽ جان ڪالوِن جهڙا ماڻهو، مذهبي چرچ ۽ عيسائيت اندر، آخر ڪار، پندرهين صدي ڌاري بغاوت جو نارو بُلند ڪري وِيٺا هُئا. ساڳي طرح جَرمني مان پروٽيسٽنٽ جو اُڀرڻ، ۽ فرانس مان جان ڪالوِن جي تحريڪُن چرچ کي قومي سياستن اندر اڙائي ڇڏيو هو__جيئن تيرهين، چوڏهين صدي ڌاري فرانس جي بادشاه فِلپ، بِيَونِيفِيز نالي هِڪڙي پوپ کي پنهنجي رَوم واري محل مان گرفتار ڪرائي جيل موڪليو هو

بِيَونِيفِيز جو ڏوه اِهو هو جو هُن هِڪ ڀيري چيو هو ته "تندرست، امير ۽ خوشقسمت ماڻهو سڀ کان اڳ جنت ۾ هوندا"__۽ وڌيڪ هُن اها ڳالهه به ڪئي هُئي ته "چرچ کي ٽيڪس ڏيڻ ۽ نه ڏيڻ واري موضوع تي به غور ڪرڻ لازمي آهي" ۽ اُن سان گڏ هُن وڌيڪ ائين به چيو هو ته "پوپ کي ڌرتي تي هر ننڍي ۽ وڏي ماڻهو تي مُڪمل اختيار آهي!"__انهي ڳالهه تي فرانس جو بادشاه فِلپ ڪاوڙيو هو ۽ پوپ بِيَونِيفِيز کي جيل موڪلرائي ڇڏيو هُئائين__جنهن کي بعد ۾ رومي عوام بچائي وڌو

هو. ٻي وڏي ڳالهه اها به ٿي هئي جو 1308ع ڌاري يورپي مُلڪن اندر هڪ ڏڦيڙ به جنم ورتو جنهن يورپ اندر پاپائيت کي وِرهائي ڇڏيو هو___جنهن ۾ اِٽلي جي ڪارڊينلِن اِٽلي جو پوپ چونڊيو جيڪو رَوم ۾ حُڪم هَلائيندو هو؛ ۽ فِرانس جي ڪارڊينلِن پنهنجو فرانسي پوپ چونڊيو هو جيڪو فِرانسِي عوام ۽ فرانسِي حڪُومت جي پاپائِيت جو رَکوالو هو__ هر مُلڪ جي پوپن کي اُتان جي حُڪومتن جي پُٺڀرائي حاصِل ٿي چُڪي هُئي، پر تنهن باوجود به عيسائيت جا ڪيترائي مجيندڙ مُلڪن جي سربراهن کان نفرت ڪرڻ لڳا هُئا__آخرڪار روم سان ڳالهين تي اعتماد کي بحال ڪندي 1417ع ڌاري هِڪڙي پوپ کي رَوم اندر چونڊڻ وارو وچن ڪيو ويو.

بدلجندڙ دورن سان گڏ اِٽلي کان ويندي يورپ جي ٻين ڪيترن ئي مُلڪن ۾ شاهوڪار ماڻهن جي اندر ۾ به هاڻي عيسائيت لاءِ ڪا خاص دلچسپي ڪان رهِي هُئي؛ ۽ انهي هڙنِي ڳالهين کي نظر ۾ رکندي آخر ڪار عيسائيت جي پيروڪارن به پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ "نئين جاڳرتا" واري دور جي اصولن تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي هئي!

اهي بيان ڪيل چند ڳالهيون ته نئين جاڳرتا (Renaissance) جي وچ واري زماني جون هُيون پر اصل شروعات ائين آهي ته؛ ٻارهين صدي تائين يورپ کي اونداهو دور ان لاءِ سڏيو ويندو آهي جو اُنهي صدي تائين يورپ اندر علم ۽ گيان وارو ڪو به ماحول ڪون هو، ۽ اُن کان علاوه انهي دور جي يُورپ اندر ڪنهن به قسم جا حُڪومتي نوس اصول به قائم ڪيل ڪون هُئا، جنهن ڪري ماڻهو هر حوالي سان مُنتشر رهِي ڪري پنهنجي رخُ تي زندگين سان همنوا رهيا___اُنهي دور ۾ يُورپ اندر به هزارين ماڻهو بيگانگين جو شڪار رهيا جَن ۾ هزارن جي تعداد ۾ اُمن پسند ماڻهن خانقاهُن ۾ وڃي پناه ورتي ته ڪن وري ايلفِنتا، الوِر اَجِينتا جهڙين غارُن ۾ وڃي رهڻ کي ترجيع ڏني هُئي؛ جيئن هو ٻاهر بي_لغام گُهمندڙ بي_اُصول ماڻهن ۽ ڦورُن کان پنهنجي جان بچائي سگهن ۽ پنهنجي مُنهن امُن ۽ شانتي سان رهي سگهن.

يعني جن ماڻهن جو ڇُڙواڳ زندگي ۽ تشدت تي ويساهه نه هو تن لاءِ اُن وقت عام رواجي زندگي گُذارڻ ڪافي ڪٺن ۽ نامُمڪِن ٻڻجي وئي هُئي. انهي کان علاوه جنهن ماڻهو به مختلف نموني زندگي گُذارڻ تي گُهري اُهي راهب ٿي وينداُ هُئا، ۽ اهڙن راهب ماڻهن ۾ هِڪڙو اَسِيسِي جو سينٽ فرانسِس (St Francis) به هو__سينٽ فرانسس هڪڙي واپاري جو پُٽ هو جنهن پنهنجي جواني عيش عشرت ۾ گُذارڻ کان پوءِ زندگي جي هر سُک کي تياڳي راهباڻي زندگي گُذارڻ جي جتن سان نڪري پيو هو__ايس ٿي فرانسِس جو خيال اِهو به هيو ته "يسُوع مسيح جي زندگي جو مقصد ماڻهن جي زندگين مان ڏُک، بيماري ۽ تنگي کي ختم ڪرڻ هو"__وري به اهڙن راهب قسم جي انسانن جي دلچسپي جو ميدان سادائي طور مذهب ئي هوندو هو

نئين جاڳرتا جو دور (Renaissance) پنهنجي اندر ۾ پُوري يورپ لاءِ شروعاتي بدلاءُ وارو دور بہ هو جنهن سان گڏ نئين جاڳرتائي ادب ۽ تخليقُن ڪان ويندي سائنسي خوجنائن ۽ خيالن طرف مُڙندڙ هڪڙي دڳ جو ظهور ٿيو هو__جنهن ۾ مختلف ماڻهن جي ذهنن ۾ نئين تخليقُن سان گڏ نئين سائنسي خيالن بہ جنم ورتو هو. سائنس ۾ دلچسپي وٺندڙن ۾ هڪڙو راجر بيڪن بہ هيو جيڪو تيرهين صدي جي وچ ڌاري يعني 1250ع ڌاري آڪسفورڊ يونيورسٽي (جيڪو تازو وجود ۾ آيو هو) جو راهِب (اُستاد) بڻيو هو ۽ هُن انهي دور ۾ بارود ٺاهڻ جا طريقا ڳولهي لَڌا هُئا__جنهن ۾ اُنهي بارُودِي طَرِيقن جي فارمولن کي سرانجام ڏيندي هُن غلطي سان پاڻ کي بہ اُڏائي ڇڏيو هُئائين.

نئين جاڳرتا جي شروعات تہ اٽلي مان ٿي هئي پر بعد ۾ انهي جاڳرتا جو اثر تقريبن يُورپ جي هَڙني مُلڪن تائِين ڦِهلجڻ شرُوع ٿِيو هو_هِي اُهو ئي دور هُيو جنهن ۾ يورپ جا ماڻهو ڌرتي جي مختلف ڪُندن جي کوجنائن طرف نڪري چُڪا هئا. اٽلي جو مارڪو پولو چائنا تائين پهتو هو جنهن بعد ۾ هُن اُتان جي تاريخ ۽ تهذيبن ڪان ويندي اُتان جي جاگرافي کي يورپ ۾ نئين سر متعارف ڪرايو هو: اسپين مان ڪولمبس هِندُستان ڳولهڻ لاءِ نڪتو هو پر غلطي سان هُن نئين ڌرتي (آمريڪا) کي ڳولهي لڌو هو ۽ وري پورچوگال جو واسڪوڊي گاما انديا جي گووا واري ٻيٽن تائين رسائي حاصل ڪري ورتي هُئي. پر انهي سيني ۾ هڪڙو پورچوگالي سرڪش جهاز ران فرڊِيننڊ مَجِيلان ( Ferdinand Magellan) هُيو جنهن بهري جهازن وسيلي زري گهٽ پُوري دُنيا جو چڪر لڳايو هو__انهن سيني نئين ڌرتي جي ئُين گِردن کي سولائي سان ڳولهڻ جو راز بہ ڪَمپاس (Compass) هُيو جيڪو ساموندي ماڻهن ۽ جهاز رانن لاءِ اُن وقت جي هِڪڙي شاندار تخليق هئي. انهي ڪَمپاس جي تخليق سان گڏ جرمني ۽ هاليند ۾ پَهريُون پِرنٽنگ پريسون ٺهيون ۽ ڪاغذ جو واپار بہ عام ٿيو: جنهن ۾ اُن وقت جي جديد تخليق ٽيل مشين يعني جرمني جي وليم ڪئڪسٽن (William Caxton) واري پرنٽنگ مشين جَي هُنر کي جرمني ۽ انگليند سان گڏ يورپ جي ڪيترن ئي مُلڪن ۾ وڌِي پزيرائي مِلي چُڪي هئي. هاڻي يورپ اندر ڪاغذ ۽ پرنٽنگ جي متعارِق ٿيڻ سان نئين جاڳرتا جي دور کي نئين جوت مِلي وئي هُئي

هِڪڙي پاسي تہ يورپ پنهنجي نئين کوجنائن طرف مهُو هيو تہ ٻئي پاسي اَجا تائين يُورپ اندر پادرين طرفان مچايل صليبي جنگين جي باھ آخر تائين ٻري رهي هئي_۽ اُها باھ يُورپ جي ماڻهن لاءِ پهرئِين دفعي وڏي پئماني تي مذهبي پليٽ فارم تان وڙهڻ ۽ جنگ جي فن تي دَسترس حاصل ڪرڻ جي جڻ پهرئين ڪڙي پڻ هئي__تنهن باوجود بہ يورپ جي ماڻهن ۽ ڪلاڪارن پنهنجو گهڻو تڻو ڌيان پنهنجي فن طرف ڏنو جيڪو اُن وقت اهڙن ماڻهن کي لڳو تہ "فن ئي سندن حقيقي سڃاڻپ جي نشاني آهي جيڪا صدين جي سفر جو شاهڪار بڻجندي"

نئين جاڳرتا (Renaissance) سفري مشاهدا ڪندڙن کان ويندي اهڙن عظيم ماڻهن کي بہ جنم ڏنو جن جي عظيم تخليقيل فن کان اڄ تائين بہ ڪير انڪار نٿو ڪري سگهي__هاڻي هِن صدين جا ڪلاڪار فائين آرٽس يعني پينٽنگ، سنگ تراشي ۽ عمارت سازي واري ميدان ۾ بہ لهِي آيا هئا__انهي ڪِرت جي اڳواڻي فلورينس جي جَوٽو ڊِي بالڊَان (1266ع__1336ع) ڪئي هُئي، جنهن ۾ پهرئين دفعي يورپي ڪلاڪارن چُرندڙ پُرندر زندگين کي ڪِلاسِيڪل انداز ۾ چٽي (چِٽرَي) پنهنجي فَن اندر نواڻ کي جنم ڏنو هو. جَوٽو جي وفات کان پوءِ فِلورينس يورپ جي انهي آرٽ ۽ ٽرينڊ جو مرڪز پڻجي چڪو هو.

فلورينس جي ڪلاڪارن هاڻي اهڙيون انساني تصويرون ناهڻ شروع ڪيون هُيو جيڪي هر طرح سان مُڪمل لڳنديون هُيون__اهڙن عظيم فنڪارن ۾ فلورينس اندر هڪڙي عظيم ڪلاڪار ليونارڊو_ڊا_ونسِي بہ جنم ورتو جنهن لاسٽ سپر (The Last Supper) ۽ مونااليزا (Monaliza) جهڙن عظيم شاهڪار کي پنهنجي ڪينواس تي چِٽي نيئين جاڳرتا اندر بہ مونااليزا جهڙي مُرڪ پکيڙي ڇڏي هُئي__انهي سيني ڳالهين تي نظر رکندي ايترو چوڻ وڌاءُ بہ نہ ٿيندو تہ نئين جاڳرتا ڪنهن بہ هڪڙي فَني ڪِرت جي تخليق جو نالو نہ هو پر نئين جاڳرتا مذهب، سائنس کان ويندي ادب ۽ آرٽ جي دنيا ۾ بہ نئين جوت جلائڻ جو نالو هو. انهي آرٽِسٽن ۾ هِڪڙو رافيل بہ هو جنهن پنهنجي حياتي ۾ مذهبي آرٽ اندر وڏي مڃتا ماڻي هُئي پر وري بہ ڪافي ماڻهن جو خيال آهي تہ انهي دور جو تمام وڏو آرٽسٽ فلورنتائين ڊونيٽوبارڊي (1386ع کان 1466ع) هِڪ سنگتراش هو، هو پر پر وري گهڻن ماڻهن جو خيال هو تہ ڊينٽوبارڊي کان وڏو آرٽسٽ مائڪلو انيجلو (Michelo Agelo__1475ع کان 1564ع) هو__هُو هِڪ سنگتراش سان هُئڻ سان گڏوگڏ عمارت ساز ۽ هِڪ شاعر بہ هُيو، پر هُن کي هميشه ڇيڻِي ۽ بُرش سان محبت رهي هُئي

وري بہ انهن سيني تخليقُن کان هٽي ڪري نئين جاڳرتا هڪڙي انسان دوستي جي تحريڪ (Humanism) جي شروعات بہ هُئي: جنهن ۾ هڪڙي انسان کي پهرئين دفعي اِهو احساس ٿيڻ لڳو هو تہ ”هِن ڌرتي تي سڀ کان قدر جي لائق صرف انسان ئي آهي“__ ۽ اهو بہ يومِنزم تحريڪ جو اثر ئي هُيو جو اُن وقت جي ماڻهن کي پنهنجي ۽ ٻين ماڻهن جي حقن جو پاپائيت طرفان لُٽجڻ جو احساس ٿيو هو، جنهن کان پوءِ يورپ جي ماڻهن هڪٻئي کي ڀرپور عزت ڏيڻ سان گڏوگڏ سياست کي بہ مذهب کان الڳ پرکڻ ۽ الڳ ڪرڻ تصور ڪرڻ لڳا هُئا. انهي زماني جا ماڻهو اهو بہ هاڻي هُو سمجهڻ لڳا هئا تہ انسان ئي واحد اشرف_المخلُوقات آهي ۽ انساني عظمت وارو نظريو رکندڙ مَرد ۽ عورتُون هِن دُنيا کي بدلائي سيني جي رهڻ لاءِ بهتر هنڌ بڻائي سگهن ٿا__هاڻي اهڙي طرح انساني عظمت وارا نظريا بہ سڄي يورپ ۾ ڦهلجڻ شروع ٿيا هُئا

چوڏهين ۽ پندرهين صدي ڌاري اٽلي مان جنم ورتل نئين جاڳرتا جي پيروري ڪرڻ هاڻي پوري اولهائين يورپ جو فيشن بڻجي چڪو هو: جو هاڻي يورپ جي اديبن به پنهنجي فن ۾ انهي دور جي نمائندگي ڪرڻ کي پنهنجو فرض ڀانيو هو

ادب جي حوالي سان اِٽلي ۾ ڊانٽي (Dante) ڪيٿولِڪ لاءِ شاهڪار مجموعو ڊيوينا ڪميڊيه ( Divina Commedia) لکيو هو: جنهن ۾ هُن مذهبي جذبي کي ساڻ کڻي وري به "روحاني عقلمندي" کي اجاگر ڪرڻ جو پيغام ڏنو__۽ انهي سان گڏ هن جي ساڃي سِڻُن اندر يُومنِزم جو درس به ڏنل هو. ڊانٽي کان پوءِ پيٽراڪ (Petrarch) ڪيترائي غُنائي نظم لکيا، هُن جي نظمن اندر مُحبت جي جذبي کي ئي اصل، اول ۽ حقيقي حيثيت جو اظهار ڏسيل هو__نئين جاڳرتا هاڻي جڻ پاڻ سان گڏ ادب ۾ شروعاتي رومانس کي شاعري ۽ ٻين صنفن اندر ڪنهن ڏنڌلي عڪس جيان نمايان ڪري جذباتي پهلُو کي به اُجاگر ڪري رهي هُئي. اُنهي ٻنهي کان پوءِ ساڳي دور ۾ جيوواني بيڪيشيو (Giovanni Boccaccio) پنهنجي لکيل مجموعي ڊيڪاميرُن (Decameron) اندر عام واقعن کان ويندي انساني نفسيات جي پهلوئن جي نشاندهي به ڪئي هُئي__ادب جي حوالي سان نئين جاڳرتا وارين خصوصيتن کي اُنهي ٽِنهي ڪلاڪارن اِٽلي اندر گهڻي قدر اُجاگر ڪيو هو.

نئين جاڳرتا آزادي ڏانهن رستا به هموار ڪيا ته ماڻهن جي زندگين اندر بي لغامي به پيدا ڪئي__۽ وري ادب جي دنيا ۾ اٽلي جي شاعرن وڏي پيماني تي لفظن ۽ جملن اندر رنگينيون به پيدا ڪري ڇڏيون هُيون. انهي سان گڏ اِٽلي جي ٻينوَينوٽو مَيڪاوَلي سياسي ادب جي حوالي سان شهزادو (The Prince) لکي ڪري سياست اندر پنهنجي الڳ سڃاڻپ جي حد ناهي ڇڏي هُئي__اٽلي جي نئين جاڳرتا جو اثر فرانس تائين به پهتو هو جنهن ۾ادب جي حوالي سان فرانس ۾ به ادبي حوالي سان صحتمند مثال مِلي سگهن تا__فرانس ۾ انهي دور ۾ مَونٽيين (Montaigne__1533ع کان 1592ع) مُڪمل طور نئين جاڳرتا جي نمائندگي ڪئي ۽ هُو پَنهنجي لِکڻين ۾ يُوناني اَدب ۽ فَلسفي جي اُصولن جو پوئلڳ رهيو هو__انهي کان پوءِ ساڳي مُلڪ فرانس اند مُڪمل طور اٽِلي جي ادبي اُصولن تي جيڪو شخص مظبوطي سان بيٺو، اُهو پُلوٽارڪ هُيو (Plutarch)__جنهن جي لکڻين اندر انساني جذبن ۽ نفسياتي پهلوئن تي نَظر ساڃي تيل هُئي. پُلوٽارڪ جي فَلسفي اندر اِنسان ذات وٽ صبُر، ڦُوت ۽ بَرداشت کان ويندي اِنساني جذبن جي نِشاندهي به تيل هُئي__جَنهن اندر انسان دوستي (Humanism) وارا چِٽا مثال نمايا تيڻ لڳا هُئا

نئين جاڳرتا فرانس کان پوءِ انگلينڊ ۾ به ڦهلجڻ شروع ٿيو هو پر انگلينڊ ۾ انهي جو اثر دير سان ڦهليو هو__ نئين جاڳرتا واري انسان دوستي واري تحريڪ انگلينڊ ۾ پنهنجا جڙ مظبوط ڪندي تي وئي__۽ هِن مهل تائين انگريزي ٻولي ۾ به هاڻي اُها سحر انگريزي جنم وٺي چُڪي هُئي جيڪا ادب کان ويندي عام ماڻهن

لاءِ بہ دلڪشي جو مظاهرو ٻڌجي چُڪي هئي. انهي نئين جاڳرتا جي سلسلي ڪي اڳتي وڌائيندي جان ڪالوِٽ (John Colet) سينٽ پال اسڪول (Saint Paul's School) جو بنياد وڌو هوـــ۽ انهي کان پوءِ سر ٿامس موور (Sir Thomas More__1487ع کان 1535ع) بہ انهي در جي اثر ڪي قبوليندي خيالي رياست (Utopia) لکيو هو: جيڪو انهي دوران تمام گهڻو مشهور ۽ مقبول ٿيو هوـــجنهن جو اثر سياست کان ويندي نئين مُلڪن جي دريافتُن تي بہ پيوـــپر وري بہ ٿامس مَوَور واري خيالي رياست اندر افلاطوني يُوٽوپيا جو اثر هُيو. مَوَور پنهنجي خيالِي رِياست اندر اُن وقت اتي رائج ٿيل تعليمي نظام بہ ڪي ننديو تہ سپاهين سان گڏ هُن جنگي سامان تي بہ تنقيد ڪئي هُئي ۽ جنگين ڪي هُن فضول قرار ڏنو هوـــجنهن مان اهو بہ اندزو لڳائي سگهجي ٿو تہ مَوَور بہ يومِنزم جي قدر کان واقف هو: هاڻي هُن جي ذهن ۾ هڪڙي نئين رياست جو ڍانچو موجود هو جنهن جا مثال ۽ شاهِديون هُن پنهنجي خيالي رياست ۾ لکي ڪري ماڻهن تائين پهچايو هو

مزي جي ڳالهہ تہ انهي دور ۾ ڪافي ليکڪ پنهنجي لکڻين ۾ يا تہ يوناني يا وري اَطالوِي (اِٽالين) ٻولي ۾ لکڻ کي ترجيع ڏيندا هئاـــپر انهي دور ۾ انگلينڊ اندر راجر ايشم (Roger Ascham) وڏيڪ مظبوط خيال ڪٽي ادبي دنيا اندر ظاهر ٿيو هو، جنهن پنهنجي لکيل مسُودي، دَ اسڪُول ماسٽر (The School Master) ۾ اها هدايت ڏني هُئي تہ "هر ليکڪ کي گهُرجي تہ هُو پنهنجي قومِي ٻَولي ۾ لکِي ڪري پنهنجي قومِي اَدب اندر ۽ پنهنجي قوم جي ماڻهن اندر پنهنجي حقيقي سڃاڻپ لاءِ اَدبي واڌارو ڪري"

انهي کان پوءِ نئين جاڳرتا دوران انگلينڊ اندر بہ مقبول ادبي ڪلاڪار ٿي گذُريا، هينري ڇهين ۽ راڻي الزِبيٿ پهرئين (1533ع کان 1603ع) جي دور ۾ انگريزي ادب اندر سر ٿامس وِٽ (Sir Thomas Wyatt) ۽ هينري هاورڊ (Henry Howard___جيڪو اَرل آف سَري Earl of Surrey___جي لقب سان پڻ ڄاتو ويندو هو. هُيا تہ ٻئي اُنهي دور جا دَرباري شاعر پر تنهن باوجود اُنهي ٻنهي ڄڻن الزِبيٿ دور ۾ پنهنجي شاعري اندر انسان دوستي (Humanism) واري جذبي سان سان خوب نڀايو هو. مزي جي ڳالهہ تہ هِنن ٻنهي ڄڻن کي پنهنجي حياتي ۾ پنهنجي شاعري کي ڇپندي ڏسي مجتا ماڻڻ واري سعادت بہ حاصل ڪان ٿي هئيـــ۽ اَرل آف سَري جي قتل ٿي وڃڻ کان ڏہ سال بعد هُن جي ۽ ٿامس وِٽ جي شاعري هڪڙي گڏيل مجوموعي ٽاٽِلز مِسلينِي (Tottle's Miscellany) ۾ ڇپجي ماڻهن جي هٿن تائين پُهتي هُئي، اُن کان علاوه اُنهي مجوموعي اندر ٻين بہ ڪيترن ئي شاعرن جا شعر پڻ ڇپيل هئا.

وري بہ انگريزِي شاعرِي کي ڪمال ۽ عُروج تي ڪٽي ويندڙن منجهہ ايڊمنڊ اسپينسر (Spencer Edmund__1552ع کان 1599ع) هو: اسپينسر معمولي گهراڻي ۾ جنميو هو ۽ بعد ۾ ڪيمبرج ۾ تعليم پرائي ترقي ڪري ارل آف ليسٽرز ( Earl of

(Leicester's) جي مُلازمت ۾ لڳي ويو هو__اسپينسر فرانس جي قوميت واري تحريڪُن مان بہ بيحد مُتاثر هيو پر وري بہ پنهنجي اندر ۾ هو هِڪڙو انگريز قومپرست ئي هيو؛ جنهن 1579ع ڌاري هن شيپرڊز ڪيلينڊر (The Shepherd's Calendar) نالي ٻارنهن نظمن جو مجموعو (Eclogues) لکي ڪري پنهنجي قوم کي شاندار ادبي تحفو ڏِنو هو__جنهن ۾ هِڪڙي گُڏڙي نما تخليق (تخليق ڪيل ڪردار) پنهنجي مُحبت جي اظهار جا در تلاش ڪري مُحبت جي رنگ ۾ رنڱجي ويندي آهي__اسپينسر انگريزي شاعري ۾ نئين جوت کي جلايو هو پر وري بہ هُن کي وڏي مقبوليت بخشيندڙ هُن جو تخليق ڪيل دَ فيئري ڦُئين (The Faerie Queene) آهي__جنهن ۾ هُو لاطيني شاعر ورجل (Virgil) کان بيحد متاثر نظر آيو هو ۽ وِرجل جي انداز کي بہ پنهنجي اسٽائيل جو حصو بڻائي ڇڏيو هُئائين.

انگريزي ادب پنهنجي جوهر ۾ ڪلاسڪيت (Classicism) ڏانهن پيرا کڻي رهي هئي ۽ کڻي ائين چئجي تہ بہ وڌا نہ ٿيندو تہ نئين جاڳرتا پنهنجي جوهر ۾ نئين ڪلاسڪيت (Noe_Classicism) کي جنم ڏئي رهي هئي__جنهن ۾ انگريزن يوناني ۽ لاطيني ڪلاسيڪل ادب جي نئين انداز سان نشاندهي ڪري اُن جي اثر کي پنهنجي دور جي ادب اندر سمائڻ جي ڀرپُور ڪوشش ڪري رهيا هئا.

انگريزي ادب اندر انهي نئين جاڳرتا کان ڪلاسڪيت طرف وڌندڙ ادبي رستي اندر هِڪڙي ادبي ٽياڪڙي جُڙي جنهن ۾ اول جان لِيلِي (Lily John) هو__لِيلِي اُن وقت اسپينسر جي شيپرڊز ڪيلينڊر (Shepherd's Calendar The) کان سال پوءِ يوفِس دَ ائناٽامي آف وِٽ (Euphues the anatomy of Wit) نالي نثري شاعري جو مجموعو لکيو هو؛ جنهن ۾ اٿينس (Athens) جو يوفِس نالي ڪرادار ذهين، خوبصورت ۽ صلاحيتن جو مالڪ هوندو آهي؛ جيڪو وڃي نيپلس (Naples) ۾ عياشي واري زندگي گُذاريندو آهي ۽ انهي سان گڏ يوفِس پنهنجي صلاحيتن جي ڳٽتي ئي ناهي ڪندو__انهي وقت هِڪڙو پوڙهو هُن کي بُرائي کي تُرڪ ڪرڻ جون نصيحتون ڪندو آهي؛ جنهن عورت سان يوفِس شادي ڪرڻ چاهيندو آهي اُها عورت بہ ٽئين مرد سان جيون ناتو جوڙي هُن (يوفِس) کي ڇڏي هلي ويندي آهي__جنهن کان پوءِ يوفِس واپس اٿينس وردندو آهي ۽ ڪتابن جي مطالعي ۾ مهُو ٿي ويندو آهي، ۽ آخر ۾ يوفِس اخلاقي درسن ڏيڻ ۾ مصروف ٿي ويندو آهي. انهي درس ڏيڻ دوران هو عقيدي جي پرچار سان گڏ عورتُن جي تعليم پرائڻ واري عمل تي بہ زور ڏريندو آهي. تنهن کان بعد هُن يوفِس ايند انگلينڊ (Euphues and England) لکيو جنهن ۾ بہ هُن پنهنجي مُلڪ جي يونيورسٽين، تعليمي نظام ۽ عورتُن جي تعليم تي زور ڏنو__اُنهي دور جي ماڻهن کي لِيلِي جي نثري بناوتُن کي تمام گهڻو پسند ڪيو. اُنهي کان بعد انهي ٽيڪاڙي جو حصو بڻجندڙ سِڊني هيو جنهن 1570ع ڌاري آرڪيڊيا (Arcadia) نالي هِڪڙو رومانوي داستان لکيو هو__جنهن ۾ آرڪيڊيا هِڪڙو خوبصورت شهر آهي پر انهي شهر کي جنگين جي

ماحول وجائي ڇَٽ ڪري ڇڏيو هو. تئين مهل ۾ آخر ۾ انهي لهر جو اثر رابرٽ گرِين (Green Robert__1520ع کان 1592ع) تي به پيو__جنهن هَميليا (Hamellia)، ارباسٽو (Arbasto)، پريميڊز (Perimedes) ميناڦون (Menaphon) جهڙا مجموعا لکيا__جن ۾ رابرٽ گرِين (Green Robert) لکڻي ۽ انداز لِيلي وارو اپنايو ۽ رومانوي داستان وارو طِرز سِڊني جي آرڪيڊيا وارو چونڊيو هو.

اُنهي دور ۾ انگلينڊ جي آبادي صرف ڀ لک هُئي، نئين جاڳرتا کان ڪلاسڪيت (Classicism) طرف وڌندڙ انگلينڊ ۾ ڊرامو (Drama) به انهي دور ۾ اُتان جي عوام جي دلچسپين جو مرڪز بڻيو هو__اُنهي دور جي شاعرن پلي ڪٽي پنهنجي شاعري ۾ ٻاهرين قومي ادب جي طرزن کي اپنايو هو پر ڊرامہ نگاري پُوري طرح اَنگريزِي قومي صنف (National genre) هُئي. انگلينڊ شهر کان ٻاهر دريا ٿيمز جي ڪناري تي خالي اَٽ ٿيٽر جُڙيل هئا__حالانڪہ انهي دور ۾ انگلينڊ اندر ڊرامہ نگاري ٻُڌتر جو شڪار به هُئي پر اتان يونويرسٽين مان ڪُجهہ فارغ شاگردن به ڊرامن جوڙڻ ۾ پنهنجو ڪردار نڀايو هو: جن کي يونيورشتي (University Wits) جي نالي سان ياد ڪيو ويو__انهن ۾ مشهور نالا جان لِيلي (John Lily)، جيئارج رابرٽ (George Robert) ۽ ٿامس ڪِڊ (Thomas Kyd) هُئا هُئا: جن اُن وقت انگريزي ڊرامي اندر ساهہ پرڻ جي ڪوشش ڪئي هُئي__تنهن باوجود هِن دور جا مشهور ڊرامہ نگار وليم شيڪسپيئر (William Shakespeare) ۽ ڪِرسٽوفر مارلوَو (Christopher Marlow) هُئا__اُنهي سان گڏ مزاح نگاري وارن ڊرامن به انگلينڊ اندر جنم وٺڻ شروع ڪيو هو: جن جي نمائندگي بين جانسن (Ben Johnson) ڪئي هُئي
مٿي ذڪر ڪري آيل سِڊني جو انهي وقت نثر (Prose) تي به غلبو رهيو هو پر انهي دور ۾ نثر جي پهلُوئن اندر ڪمال آڻڻ وارو شخص لارڊ فرانسس بيڪن (Francis Bacon) هُيو__جنهن اهڙا مضمون لِکيا جن اندر جذبن، رشتن کان ويندي سائنس ۽ فلسفي جي پرچار ٿيل هُئي__پنهنجي زندگي اندر تہ بيڪن سدائين بيگانگي جو شڪار رهيو پر هُن جي ادبي_نثري_مَضمونن (Literary Prosiac Essays) انگريزن جي قومي ادب اندر پنهنجو لازوال مقام ناهيو ڇڏيو هو

# جان ڪِيٽس

# 1795__1821 عيسوي سال

هن کي خبر هئي ته هو مرڻ وارو هو تمام جلد! فراريت هُن جو مقدر بڻجي چُڪي هئي؛ ۽ زندگي هن سان راند کيڏي رهي هئي! هي هر وقت اُنهي انتظار ۾ رهندو هو ته ڪيڏي مهل موت جو فرشتو اچي هن جي زندگي هن کان کسِيندو!! موت کان هن کي نفرت هئي؛ هي پاڻ ڏهن نون سالن جو هو تڏهن هن جي پيءُ زندگي کي اولداع چيو هو__۽ جڏهن هِي اجا پندرنهن سالن جي عُمر کي مس پهتو ته هن جي ماءُ به هن کي اڪيلو ڇڏي وڃي ابدي ننڊ سمهي رهي__۽ آخر ۾: اُنهي کان پوءِ هِن جو ننڍو ڀاءُ به موت جي گهيري ۾ اچي هن کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو هو. هن کي خبر هئي ته هنجي ڦِڦڙن جي بيماري ٽي_بي هن کي به زنده رهڻ ڪڏهن نه ڏيندي! هِن موت کان هر وقت پري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر هِنجُون سڀ ڪوششُون صرف فراريت جون بيگانگيُون هُيون! هن کي لفظن سان جنگ ڪرڻ جو فن ته ضرُور هيو پر فطرت سان مُقابلو هن جي وس ڳالهه نه هئي. سيني عالم ماڻهن جو خيال آهي ته هن کي زندگي صرف ڇويهه سال جيئڻ جي مُهلت ڏنِي هي بهتر شاعر بڻيو پر جيڪڏهن زندگي هن کي وڌيڪ رعايت ڏئي ڇڏي ها ته هُو اجا وڌيڪ ڪُجهه ڪرڻ جي قابل هُيو!

نئين جاگرتا جو دور (Renaissance) جي پڄاڻي کانپوءِ يورپ ۾ رومانوي (Romanicism) جو ظهور ٿيو هو جنهن ۾ ادب، فن ۽ ذهني ڪيفيت ڪلاسيڪي دور (Classicism) جي مونجهارن کان آجو ٿيندي نظر اچڻ لڳو هو. 1800ع دوران يورپ ۾ هڪِڙي تحريڪ جنم ورتو؛ جيڪو بعد ۾ تاريخ، فلسفَي کان ويندي سياست تائين نمايان ٿيڻ لڳي__اُنهي تحريڪ دوران 1800ع کان پنج سال پوئتي 31 آڪٽوبر 1795ع ڏاري مُووئرگيٽ لنڊن ۾ رهندڙ ٿامس ڪيٽس جي گهر ۾ هڪ ٻار پيدا ٿيو جنهن جو نالو هن جان ڪِيٽس (John Keats) رکيو. جان ڪيٽس به انهي تَحريڪ جو حِصو بڻجِي ويو هو، جيڪا تحريڪ اتي جنم وٺي رهي هئي؛ اُها تحريڪ هئي رومانوي تحريڪ (Romanticism)__رومانيت جا سرواڻ وردس ورٿ (Wordsworth)، پرسي برسي شيلي (P.B Shelly)، ايس_ٽي ڪالرج (S.T Colridge)، لارڊ بائرن (Lord Byron) ۽ رابرٽ سدي (Robert Suthey) هئا جن تي فرانس جي انقلاب (French Revolution) بيحد اثر ڇڏيو هو! ڪلاسيڪي دور کي الوداع چوڻ جو وَقت اَچي چُڪو هو جنهن ۾ مَوضُوع مَذهب، خُدا جي تعريف، مٿيئين طبقي جي ساراه ۽ بادشاه کان ويندي راڻين کي لکڻين ذريعي خراج ۽ خوشامديون پيش ڪري روزي روٽي ڪمائڻ جو رواج هو؛ جنهن ۾ تقرِيبن

اديب شاعر ۽ ڊرامہ نِگار درباري ليکڪ بڻجي ڪري پنهنجي پنهنجي فن کي اثر رسوخ واري واٽ تي وٺي هلندا رهيا.

پهرين دفعي رومانيت دوران لکڻين جا موضوع تبديل ٿيڻ شروع ٿيا هئا: لکڻين دوران ٻولي کي سولو لکڻ سان گڏ هَم_اَوست، فِطرت، اِنسان جي آزادي ۽ جنگين ۾ بهادري جي قِصن کان ويندي يُوناني قِصن ۽ ڏند ڪٿائن کي رَونامِوي شڪل ۾ لکيو ۽ ڳايو ويو.

رومانيت جو وجود اصل ۾ هڪ آزادي جو سياسي نعرو هو، جنهن ۾ جان ڪيٽس ۽ وليم گادوِن جهڙن مُفڪرن ارڙهين صدي ۾ انسان جي چرچ ۽ مذهبي عقيدن جي چار ۾ قاتل زندگي کي آزادي جي لاءِ اُتساهيو هو ۽ خُوبصورت فِطري زندگي گذارڻ جو درس ڏيڻ ۾ مصروف ٿي ويا هئا. رومانيت دَر حقيقت فرانس جي انقلاب جو اثر هو جنهن يورپ تي گهرو اثر ڇڏيو هو ۽ تقريبن يورپ جي هڙني ملڪن جي بادشاهن کي خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو.

اُن وقت هر شاعر، ناول نگار ۽ ڊراما نگارن کي صدين کان پوءِ آزادي جو موضوع لکڻين جي لاءِ ملي چڪو هو: جنهن ۾ اُنهن شعوري طور فرانس ۾ آندل تبديلي کي لفظن جي عطيئي سان خوب ساراهيو، ۽ دل کولي لکندا رهيا__پر اُهو سياسي نعرو گهڻو وقت نہ هلي سگهيو هو: ڇو تہ ٿوري ئي وقت کان پوءِ فرانس جي آندل اِنقلاب اندر ڏڦيڙ جنم ورتو جنهن ان وقت جي ليکڪن کي دلشِڪستہ ڪري وڌو هو__۽ تنهن کان پوءِ اُهي سَڀ ليکڪ رَومانيت کي اَدب ۽ شاعري جي زمري ۾ آڻي فطرت جي نشاندهي ڪري جَلال ۽ اَندر جي اُدمن تائين ڪٺي ويا هُئا. روسو ۽ گادوِن جي ڏنل رَومانيت تي شاعرن جو قبضو ٿي ويو هو: پر اُهو قبضو بہ هڪ انقلاب هو ڇو تہ اُن وقت شاعري کي بہ اُنهي شي جي سخت ضرورت هئي .

1798ع دوران وردس ورٿ ۽ سموئيل ٽيلر ڪالرج، لِيريڪل بيلِڊز (Lyrical Ballads) ۾ چيو هو تہ "سونهن ۾ جمالِيات کي شاعري ۾ بنان ڊپ جي لکڻ گهرجي ۽ هاڻي هر شي کي اصُل ٻولِي ۽ سولي ٻولي ۾ لکڻ هن دور جي شان وٺان هُوندو: هر شاعر کي گهرجي تہ جنهن بہ حقيقي شي کي هُو ڏسي ٿو اُنجو تجزيو پنهنجي رُوح ۽ جَذبن سان ڪري بعد ۾ پاڻ بہ اُن کي محسوس ڪري__۽ هاڻي هِي دور هر حقيقت کي آزاد تصور ڪرڻ جو آهي: اِنسان جو حقيقِي ساٿ فِطرت آهي، فِطرت سان گڏ هَلڻ گهُرجي ۽ فِطرت جي پيروي ڪري هڪ نئين راهہ هموار ڪرڻ گهرجي"

رومانيت دور جي شاعرن وٽ علويت (Sublimity) جو قدر وڌڻ لڳو هو ۽ جنهن شي کي اُنهن ڏٺو ۽ جتي هُنن پنهنجي زندگي گذاري، هر لمحي ۽ هر تجُربي کي اُنهن رَومانوي شاعري جو حصو بڻايو ۽ ايندڙ شاعرن جي نسلن کي بہ ڪلاسِيڪل ۽ رومانوي لکڻين ۾ صاف فرق ڪري ڏيکاريائون.

انهي رَومانوي لاڙي کي تَخليق ڪرڻ ۾ وڏي وڏو ڪردار ورڊس ورٿ جو هو: جنهن شاعري جي نالي چيو هو تہ "شاعري هڪ پيمانو آهي جيڪو خُود بہ خُود لَبريز ٿي ويندو آهي" ۽ اُن کان علاوه اُنهي رَومانوي دور جي ٻئي شاعر ڪالرج مطابق "شاعري انساني جذبن ۽ فطرت وچ ۾ هڪڙو ڳانداپو آهي"_جنهن مان مراد "اِنسان فطرت جو تجربو ڪري پنهنجي ذهن ذريعي لطف اندوز ٿي ان مان سُرور وٺندو آهي ۽ انهي سرور ۽ لُطف کي هو ڪڏهن عام لفظن سان تہ ڪڏهن شاعري ۽ اَدب جي فن ذريعي بيان ڪندو آهي".

رومانيت جي نئين اِنقلاب بابت ماڻهن جا جيڪي خيال ۽ احساس هئا تن جي ترجماني فنڪارن اديبن ۽ فلاسافرن ڪئي ۽ ڪن اَديبن ۽ فنڪارن مَوت ڏيندي خيالي قصن، ٻاهرين دنيا جي ڪهاڻين ۽ ماضِي جو ذڪر ٿي ڪيو تہ ٻين وري سماج کي بدلائيندڙ طاقتن کي بيان ڪيو.

رَومانيت پسندن جو اهو بہ چوڻ هو تہ "ماڻهن کي انهن احساسن ڏانهن بہ ڌِيان ڏيڻ گهرجي جيڪي ماڻهو جي وَس کان ٻاهر آهن" ۽ وڌيڪ چوڻ هو تہ "پيار ۽ سونهن کان پيدا ٿيندڙ جذبن يا مذهبي اثاثن کي فقط عقُلي دَلِيلن وسيلي بيان نٿو ڪري سَگهجي". سڀ کان وڏي ڳالهہ رومانيت پسند اِها ڪندا هئا تہ "فن جي فنڪار کي پنهجي طريقي موجب سندس اندر جو عڪاس هئڻ گهرجي" پَر اُن باوجود بہ رَومانيت پسند نئين صَنعتي سَماج جي مَڪروهہ ۽ مادي پرست پاسي کان فراريت جو ٻيو نالو هو.

اَدب جي ميدان ۾ اديبن پنهنجي وِيچار کي ڇُوت ڇڏي ڏنو ۽ سڀ کان اَهم موضُوع آزادي هو__ٻيو وري: هوڏانهن جرمني ۾ بہ اِسٽرم اَينڊ ڊرينگ (Strum and Drang) نالي هڪ جرمن تحريڪ اڀرن نوجوانن جي سوچ کي اڳتي وڌايو هو جيڪي سماج جي مجيل مَعيارن جا مُنڪر هُئا. اُنهي تَحريڪ جي ميمبرن مان هڪڙو جَوهان فِيڊرڪ (Johan Fedrick) بہ هو جنهن سُئيزرليند جي آزادي جي جنگ کي موضوع بڻائيندي 1804ع ۾ وليم ٽيل (william Tail)نالي ڊرامون لکيو هو.

فرانس جي سماجي فلاسافرن کان وِيندي جَان ڪِيٽس ۽ رُوسو وانگر رومانيت پسندن جو بہ خيال هو تہ "قديم ماڻهو معزز ۽ سُنا هئا ڇاڪاڻ تہ تهذِيب کين ڪارِيو نہ هو". اُنهي ڪري رَومانيت پَسند ڏند ڪٿائُن (Mythologies)، پرِين جي ڪهاڻِين (Fairy Tales) ۽ لوڪ گِيتن (Folk Songs) ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺندا هئا ۽ اُهي پراڻين ڪهاڻين ۽ گيتن جا ڪتاب رومانوي تحريڪ جا خزانا (Assets) پڻ هئا.

اَدب کان علاوه هِن تَحريڪ جي عڪاسي پَينٽنگ ۾ بہ ٿي جنهن ۾ فرانس جي "يو جين ٿي لاڪروا" کي رَنگن پرڻ جو بادشاه سڏيو ويندو هو ۽ هُن اُن وقت ٻاهرِين فِطرتي نظارن سان گڏ 30__1820ع دوران يُورپ جي ڪيترن ئي مُلڪن ۾ پيدا ٿيل بغاوتُن جي تصوير ڪشِي کي پنهنجي پَينٽنگ جو موضُوع بڻايو.

رَومانيت واري دور ان کان علاوه موسِيقي ۾ به نئي جوت کي پيدا ڪيو هو: جيئن سُرن جو ميلاپ اڳي کان وڌِي ويو هو__۽ موسيقي ۾ وڏيڪ ساز شامل ٿي ويا هُئا ۽ آرڪيسٽرا (Orchestra) به وڏي وڏو ٿي ويو هو: جنهن کان پوءِ آساني سان ساز ٺاهڻ به سولا ٿي پيا هُئا. اُنهي دور ۾ موسِيقي (Music) کي هٿِي ڏيڻ ۽ ان کي رَومانيت جو لباس اَوڍائِڻ ۾ وڏو هٿ " لُڊوگ وان بيٿون" 1827___1770ع جو هو .

19 صدي جي وچ واري عرصي ۾ کي اهڙا تہ تَمام جذباتي رومانوي فن به وجود ۾ آيا جن ماڻهن کي رومانوي آدرشن جي خلاف ڪري ڇڏيو هو.

رَومانيت سان گڏ اُنهي وقت صَنعتي دور جو ظهور به يُورپ ۾ ٿيڻ لَڳو هو: جنهن کانپوءِ ڪافِي ماڻُهن رَومانيت جي جذبي کي نظر انداز ڪري ڇڏيو هو. ڇو تہ اُنهن رَومانِيت کي پَسند نہ ڪيو هو ۽ اُنهي زماني ۾ ادب ۽ فن جو هڪ نئُون رُوپ منظر عَام تي آيو هو__جيڪو نئين صنعتي دور جي ماڻهن جي پَسند وٺان هو ۽ اُنهي دور کي هِنن حقيقت پسندي سڏڻ شروع ڪيو هو. حقيقت پسندن کي به رومانيت پسندن جِيان پَنهنجي زماني جُون اوکيُون سماجي حالتُون نظر اچي رهيو هيُون پر رومانيت پسند زندگي کي هُوبهُو اصُلي شڪل ۾ جيئن گُذري پئي تيئن بيان ڪرڻ لاءِ سَرگردان هئا. اُنهي دور جي شاعرن ۾ هڪڙو يگانو جان ڪيٽس (Jhon Keats) به هُيو__جيڪو رومانوي دور جي ٻين فنڪارن کان وڏيڪ فرار (Skeptic) ۽ بيگانو ٿي پيو هو ۽ جنهن هر طرح سان زندگي کان فرار ٿيڻ جي ڪوشِش ڪئي هُئي ڇو تہ هن کي زندگي جو فلسفو سمجهہ ۾ نہ آيو هو__يا وري زندگي هِن کي ڪنهن به قسم جي رِعايت ڏِيڻ لاءِ تِيار نہ هُئي .

جان ڪيٽس جو پي هڪڙي هوٽل جي تَبيلي ۾ نوڪرِي ڪندو هو جتي هُن کي گهٽ پگهار ملندي هئي: ۽ هُنجو پي اُنهي هوٽل طرفان مليل هڪ ڪُواٽر (Inn) ۾ پنهنجي زال ۽ اولاد سان گڏ رهندو هو. جان ڪيٽس جي پيدائش به انهي ڪواٽر ۾ ٿي هئي: ٿامس ڪيٽس غرِيب هُجڻ ڪري جان ڪيٽس کي ڪنهن سُٺي اِسڪُول ۾ ۾ داخِل ڪرائڻ جي قابل نہ هو: تنهن ڪري 1803ع دوران هن جان ڪيٽس جي داخلا هڪ سَستي اسڪول جان ڪلارڪ جو اسڪول (Jhon Clerk's School) ۾ ڪرائي__جان ڪيٽس کي نندپڻ ۾ ئِي بوردِنگ واري زندگي گذارڻي پئجي وئِي هُئي .

اِسڪُول ۾ پڙهائِي دوران جان ڪيٽس اُن اسڪول جي هَيڊ ماستر "ڪلارڪ" جي دادلن شاگردن منجهان ٻڻجِي ويو هو، ۽ ان کان پوءِ انهي ساڳِي هيڊ ماستر جو پوٽو چَارلِس ڪَودِن (Charles Cowden) جان ڪِيٽس جو دوست ٻڻِيو جَيڪي بعد ۾ ڪافِي زندگي جي عرصي تائين هڪ ٻئي سان ساڻ رهيا__۽ چارلس هر وقت ۽ هر طرح جان ڪِيٽس جي مدد ڪرڻ کان به نہ لنوايو هو "پوءِ اُها مَدد مالي ڪٽي ڇو نہ هُجي"

چارلس هميشھ جان ڪيٽس جي ڪُلي دِل سان تعريف ڪندو هو؛ هڪڙي هنڌ هُن جان ڪيٽس لاءِ ائين بہ چيو هو تہ ”جان ڪيٽس ننڍپڻ کان ئي هر شي جا اندازا هڻڻ ۽ اُنهن کي سمجهڻ ۾ تمام تيز هو پر خبر ناهي ڇو ننڍپڻ کان ئِي هن جي طبيعت هميشھ ڦرٽي گهرٽي (Fickle Minded) رهي آهي!“

اپريل 1804ع دوران جڏهن ڪيٽس اٺن سالن جو هو تڏهن هن جي پيءُ جي موت ڇمڙي جي بيماري سبب ٿي ۽ پيءُ جي موت کانپوءِ هن جي ماءِ جان ڪيٽس ۽ پنهنجن ٽن ڀين ڀارن کي هنن جي ڏاڏي وٽ ڇڏي پاڻ وڃي ٻي شادي ڪري ڇڏيائين جنهن بعد 1810ع يعني ڇہ سال بعد ڪِٽس جي ماءُ جي بہ وفات ٿي وئي ۽ اُن وقت ڪيٽس جي عمر چوڏهن سال هئي_مزي جي ڳالهہ اُها بہ آهي تہ جَان ڪِيٽس ۽ هن جي ماءُ جي موت جو سَبب ساڳِي بِيماري سَبب ٿِي هئي.

پنهنجي ماءُ جي موت کان ٿورو وقت پوءِ جان ڪيٽس؛ ڪلارڪ جي اسڪول کي الوداع ڪيو ۽ وڃي سرجن بڻجڻ وارو پيشو اپنايائين_۽ اُنهي جي سِکيا هن 1813ع تائين جِيننگ خاندان (انهي خاندان جا جَان ڪِيٽس جي خاندان سان بہ پائِپي وارا ناتا هئا) جي هڪ ڊاڪٽر وٽ ورتائين.

جان ڪيٽس جي سرجن بڻجڻ واري سِکيا وقت واري حالت جي باري ۾ هنجو دوست چارلس ڪوڊِن چيو هو تہ ”اهو وقت جان ڪيٽس لاءِ زندگي جو پهريون اِمتحان هو جڏهن هُو سرجن بڻجڻ وڃي رهيو هو!“

سرجن واري سکيا ختم ڪرڻ بعد هن ڪِنگز ميڊيڪل ڪاليج (Kings Medical College) ۾ باقائدي طور پنهنجي داخلا ونِي ڇڏي هُئي ۽ هڪ مهينو اُتي پڙهڻ کان پوءِ هن کي آپريشن ٿيٽر ۾ مريضن جي پٽِي ۽ صفائي ڪرڻ وارو ڪم سونپيو ويو هو؛ جنهن بعد پڙهائي دوران ئي هُن کي اُتي هائوس سرجن ڪري رکيو ويو هو. هاڻي جان ڪيٽس عَهد ڪري ڇڏيو هو تہ غُربت جي لَعنت کي ختم ڪرڻ لاءِ هُن کي باقائده طور تي صحيح معنيٰ ۾ هڪ ڊاڪٽر بڻجڻو پوندو!! ۽ ڊاڪٽر بنجڻ هاڻي هن جي خواهش بہ بڻجي پئي هُئي. پر هن جي دوست چارلس مُطابق تہ ”هي هَميشھ ڦرٽو گهرٽو رهيو هو“_۽ اَيئن واقعي بہ هُيو ڇو تہ جان ڪيٽس ميڊيڪل جي ٽريننگ ۽ ڪمن ڪارن دوران بہ لکڻ واري عمل کي پاڻ کان پري نہ ڪري سَگهيو هو. اُن مان صاف ظاهِر آهي ”لازمي نہ آهي تہ جيڪو اِنسان سوچي حقِيقت ۾ بہ اُهو ئي ٿئي“__جان ڪيٽس کي جيڪڏهن ڪَير بہ اَڄ تائين سُڃاڻي ٿو تہ اُهو هڪ شاعر جي حيثيت سان، بلڪ؛ نہ ڪنهن سرجن يا ڊاڪٽر جي حيثيت سان!

جان ڪيٽس جا پائر هميشھ اهو چاهيندا رهيا هئا تہ ڪيٽس هڪ سٺو ڊاڪٽر بڻجي ”جيئن اسان مالي گهوٽالي مان نڪري سک واري زندگي گذاري سگهون“_پر هر انسان وٽ هڪ سوچ هوندي آهي جتي هو پاڻ کي مُطمعن سمجهندو آهي هميشھ ان مقصد طرف ئي ڊوڙيندو آهي. ساڳِي طرح ڪِيٽس کي مُطمعن ڪندڙ

مقصد هو "شاعري ڪرڻ"___۽ هاڻي ڪِيٽس پنهنجي بين مصروفِيتُن سان گڏوگڏ شاعِري ڪَرڻ واري ڪرت ڪي بہ لڳو رهيو جنهن ۾ لاءِ هنٽ (Ligh Hunt) ۽ لارڊ بائِرن (Lord Byron)ڪان هي اُن وقت تمام گهڻو مُتاثر هيو: ۽ 1814ع ۾ اوڻويهن سالن جي عمر ۾ هن پهريون بيت "اِسپينسر جو نقل" لکيو جنهن ۾ هن اسپينسر جي فيري ڪُوئِن ڪي پنهنجو موضوع بڻايو هو. ان ڪان عِلاوه اُن دور ۾ نوجوان ليکڪن لاءِ ڪنهن بئي لَيکڪ ڪي نقل ڪرڻ بہ هِڪ رَواج بڻيل هو ۽ جان ڪيٽس اُن وقت اسپينسر جي لکڻين مان بيحد متاثر هو.

1816ع ڌاري جان ڪيٽس ڪي سَرجن هُئڻ جو ليسڻ (Liscens) ملي چڪو هو: جَنهن بَعد هُو اڳتي پڙهي ڪري ائناٽامِي (Anatomy) ۽ فِزيشن (Physician) جو ماهر بڻجي پئي سگهيو___پَر هُنجو مقصد شاعِري لکڻ هو تنهنڪري هاڻي هِن پنهنجي عزيزن اڳيان کُلي اعلان ڪري ڇڏيو هو تہ هُو ڊاڪٽري وغيره واري شعبي ڪي ڇڏي مڪمل طور هڪ شاعر بڻجڻ چاهي ٿو! هن جي بين پائرن جو آسرو هُيو ئي جان ڪيٽس: هُو بہ هاڻي اُهو سمجهي چُڪا هئا تہ "سندن جِتي ۽ جهڙي حالت ۾ هُو زندگي بَسر ڪري رهيا هُئا اُهو سڀ سندن مقدر سمجِهي ڪين ڪي اپنائڻو پوندو"___۽ رَسمي طور تہ خير جان ڪيٽس ڊاڪٽري واري ڌنڌي سان لَڳو رَهيو هو پر پنهنجو گهڻو ٽڻو وقت ادب ڪي ڏنو هُئائين، جنهن ۾ هُن نون بيتن ۽ غزلن جو تجربو ڪرڻ شروع ڪيو هو. مئي 1816ع ۾ هُن هڪڙو بيو بيت "تنهائي" لکيو جنهن ڪي لائي هَنٽ پنهنجي مئگزين د ايگزمِنر (The Eximiner) ۾ ڇاپيو هو ۽ اُها هِن جي پهرِين شاعري هئي جيڪا مئگزين ۾ ڇپي هئي.

جان ڪيٽس جي اها پهرِين شاعِري مئگزين ۾ ڇَپجڻ دوران هُنجي پُراڻي دوست چارلس ڪوڊِن هن لاءِ چيو هو تہ "مونکي هاڻي احساس ٿيڻ لڳو آهي تہ هن واقعي پنهنجي لاءِ زندگي جو صحيح رَستو چُونديو آهي".

اُنهي شاعِري جي ڇپجڻ ڪان پوءِ جان ڪيٽس پنهنجي زندگي جي يادُن ڪي تازو ڪرڻ لاءِ پنهنجي ننڍپڻ ۾ گُذاريل اسڪُول ڪلارڪ جو اِسڪُول گُهمڻ لاءِ مارگريٽ جي شهر ڏانهن رَوانو ٿيو هو جتي ڪِيٽس پنهنجي پُراڻي اُستاد ڪِلارڪ سان بہ مليو هو ۽ هُن ڪي پنهنجي ڇَپيل شاعِري بابت بہ ٻُڌايو هُئائين .

اُنهي سال جان ڪيٽس جِي ملاقات ڪِلارڪ جي مدد سان اُنهي دور جي ٻن شاعرن "پَرسي بَرسي شَيلي" ۽ "لارڊ بائرن" سان بہ ٿي جَن هنجي شاعري ڪي رومانيت جو حقيقي عڪس سڏيو: تنهن ڪانپوءِ اُنهي سال جان ڪِيٽس جي شاعري جو پَهريون مجمُوعو آءِ اِسٽُوڊ ٽِپ ٽُو (I Stood Tip_toe) ۽ سِليپ ائنڊ پوئِٽري ( Sleep and Poetry) ڇَپجي چُڪا هُئا: پر اُن وقت اُهي ٻئي واِليم ڪي خاص نہ پڙهيا ويا هُئا جنهن تي ڪلارڪ (ڪيٽس جي پراڻي ماستر) ايئن بہ چئي ڏنو هو تہ "اُهي ٻَئي والِيم ڦِڦڙن جِي بِيماري جي وَر چڙهي ناڪام ٿي ويا"

پَر اهو سڀ سفر اتي ختم نہ هو ٿيٽو ۽ جان ڪيٽس بہ هار نہ مڃي؛ هُن جي ڇپيل شاعري جي مجمُوعن هن کي ان وقت تہ شُهرت ڪٽي نہ ڏني پر ان ذريعي ڪيٽس کي ڪالرِج، هَيزلٽ ۽ ٿامس ڪارلائِل (Thomas Carlyle) جھڙا دَوست ضرُور مليا، جن هُن کي ۽ هُنجي ڪم کي هر وقت ساراهِيو هو ۽ هُن جي همٿ_افضائي ڪئي هُئي .

اُن سَڀ جي باوجُود: جان ڪيٽس ڪنهن بہ حوالي سان دلشِڪستہ نہ ٿيو ۽ نہ ئي وري "لائِي هَنٽ" جھڙي ماڻھو هن کي اڪيلو ڇڏيو هو. هي پنهنجي مُنهن لکندو رهيو هو ۽ هن کي ڪنهن بہ شي جي لالچ نہ هئي__۽ نہ وري ڪنهن بہ قسم جي شُهرت جي بُک هئي. هن وٽ جذبو هو جيڪو هن کي هر وقت شاعري ڪرڻ تي مجبُور ڪندو رهيو هو__رَومانوي خيالن جي دنيا ۾ هن کي مزو اچي چُڪو هو ۽ هِن دنيا داري جي شُهرت کان فَراريت واري واٽ ورتي هُئي؛ جنهنجو اِظهار هُن پنهنجي هڪڙي دوست بَيلِي (Belly) ڏانهن خط لکي ڪيو هو تہ "مُون وَٽ ٻيو ڪُجھ بہ ناهي مُون وٽ بس نيڪ نِيتي آهي، مُحبت آهي؛ خيالن جي سَچائي آهي ۽ اُهائي سچائي ئي مُنهنجي اندر جي خُوبصُورتي آهي"

اُنهي سچائي ۽ شاعِري جي دُنيا کي اپنائيندي جان ڪيٽس هميشھ هميشھ لاءِ مڪمل طور تي پنهنجي ڊاڪٽري واري شُعبي ۽ ڌِنڌي (Profession) کي الوِداع چئي چُڪو هو__جنهن کان پوءِ وري هُن کي مُعاشي بَدحالي کي مُنهن ڏيڻو پئجي ويو هو. هن کي جيئڻو ۽ گذارو بہ تہ هَر حال ۾ ڪَرڻو هو جنهن کان پوءِ هُن هڪڙي پينٽر بينجمن هائڊن (Benjamin Hyden) کان قرض (Loan) ڪڻڻ شروع ڪيو هو__مُعاشي ڏيوالپڻي هن کي آخر اَيترو تہ تنگ ڪيو جو هُن کي رهڻ لاءِ ڪمرو بہ نہ هُيو ۽ هاڻي ڪيٽس وجي پنهنجي ڀائرن جارج (George) ۽ ٽام (Tom) سان گڏجي اُنهن جي ڪُوارٽر ۾ رهيو. ڪيٽس جي اُنهي ٻنهي ڀائرن مان ٽام کي ٽي_بي جي بيماري هُئي__جنهن جي دَيک ڀَال (Treatment) جان ڪيٽس ۽ جارج گڏجي ڪرڻ لڳا هئا. ٽام جي طبيعت ٿوري بَهتر ٿي وڃڻ کان پوءِ جان ڪيٽس پنهنجي ڀاءُ جارج ۽ جارج جي زال ۽ پنهنجي ٻئي دوست چارلس ڊائِيڪ (Charles Dyke) سان گڏ اسڪاٽ لينڊ (Scotland)، آئر لينڊ (Ireland)، ليڪ ڊِسٽرڪ (Lake District)، لنڪاسٽر ۽ لِيور پُول (Liver_Pool) کان ٿيندو آمريڪا جو چَڪر لَڳايو هو__۽ اُنهي سَفرن دوران جان ڪيٽس کي ڦِڦڙن جي بيماري ٽي_بي سبب گهڻي تڪليف ٿي رهي هُئي ۽ هُو ڪمزور بہ ٿيڻ لڳو هو: جنهن کان پوءِ جان ڪيٽس واپس پنهنجي ڀائرن واري ساڳي رهائش گاھ تي پهتو__جِتي هِن پنهجي ڀاءُ ٽام کي بہ شديد ڪمزور ڏٺو هو. اُنهي ڪانپوءِ هن فلحال طور تي سڀ ڌَنڌا ڇڏي صرف پنهنجي ڀاءُ جي علاج (ڇو تہ هي خود ڊاڪٽر بہ هيو) ۽ ديک ڀال ڪرڻ ۾ لڳي ويو هو پر شايد پنهنجي ڀاءُ کي بچائڻ ڪِيٽس جي هَٿ ۾ نہ

هو ۽ 1 ڊسمبر 1818ع ۾ ڪِيٽس جو ڀاءُ ٽام پنهنجي ڦڦڙن جي بيماري ٽي_بي سان وِڙهندي فوت ٿي ويو.

جان ڪيٽس کي پنهنجي ڀاءُ جي موت جو تہ شدِيد ڏک ٿيو هو پر هُن ٽي_بي کي خانداني بيماري سمجهي پنهنجي اَندر کي دِلاسا ڏيندو وري پنهنجي لکڻين واري دنيا ۾ مصروف ٿي ويو هو. پنهنجي ڇَپيل ٻن شاعرِي جي مَجمُوعن جي ناڪامي ڪيٽس لاءِ ايتري اَفسوسناڪ نہ هئي جيتري خُوشي ڪيٽس کي پنهنجي بعد جي بهترين شاعري لِکڻ تي ٿي هُئي. ۽ اُنهي بعد جي شاعرِي جان ڪيٽس کي ڪيترائي مَداح ڏنا. جنهن کان پوءِ اُنهي دور جو مشهُور رومانوي شاعر ورڊس ورٿ بہ جان ڪِيٽس جي لکيل شاعري مان بَيحد مُتاثر ٿيو؛ ۽ پوءِ ٻنهي جي اُها سڄاڻپ دوستي ۾ بدلجي وئي هُئي. جان ڪيٽس جا جيڪي غزل تمام گهڻو مشهور ٿيا تن ۾ اَوڊ آن گِريشن ارن (Ode On Gracian Urn) جيڪو هن مئي 1819ع ۾ لِکيو هو جنهن ۾ فن ۽ اُن جي سُونهن جي تعريف ڪندي حقيقت کي خُوبصورتي ۽ خوبصورتي کي حقيقت سڏيو هو. اُنهي ساڳِي مهيني مئي 1819ع دوران هن جو ٻيو لکيل غزل اوڊ ٽو نائِيٽينگل (Ode to Nightingale) حقِيقي رومانوِي عَڪس جو شاهڪار هو؛ جنهن ۾ هُن فِطرت جي پيروي ڪندي ڪوئِل جي ٻولي ۽ اُن ۾ فِطرتي ڪشش جي مِٺاس (Sweetness) کي محسُوس ڪري پنهنجي لَفظن ۾ شاعري جي صُورت ۾ بيان ڪيو هو. اُن کان پوءِ هنجو اوڊ آن اِنڊولنس (Ode on Indolence) جيڪو هن 1819 ع ۾ لکيو هو، اُنهي غزل ۾ هڪڙي اهڙي ماڻهُو جو ذِڪر آيل آهي جيڪو اُونهاري جي ٿڌڙي صُبح ۾ پنهنجي اَندر ۾ پاڻ سان ڳالهائِيندي دُنيا جي هر ڏنڌي کي تُرڪ ڪري مُحبت ۽ خُواهش جي دُنيا کي حقِيقي دُنيا سمجهي ٿو___۽ اُنهي ۾ ئِي هُو سُڪون تلاش ڪرڻ جي ڪوشِش ۾ رهي ٿو. " اينڊ مائِن" جيڪو هن 1818 ع ۾ لکيو هو پر اُهو بعد ۾ دير سان هڪڙي مئگزين ۾ ڇپيو، ۽ اُنهي بيت ۾ جان ڪيٽس دنيا جي ظاهري وَجُود ۽ خيالن جي جُڙيل دُنيا جي وچ ۾ فرق ڏسيندي ٻڌائي ٿو تہ "هي دنيا فانِي آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي سچي مُحبت حاصل ڪرڻي آهي تہ هُن کي پنهنجي اندر ۾ رهي ڪري زندگي جي حقيقي مُحبت ۽ عِشق کي پنهنجي خيالن جي رَومانوي اَنداز ۾ ڳولڻ کپي". اُنهي کان پوءِ هُن جا د اِيو آف اَيس_ٽِي اَيگنس ( The Eve of S.T Agence) لا بيل ڊيم سنز مرسي ( LA Belle Dame Sans Merci)، هائپرن (Hypron) "ليما" جهڙن لکيل غزلن ۽ شاعري ڪِيٽس جي شخصيت کي وڌيڪ اُجاگر ڪيو هو. هن کي هاڻي ڪنهن شي جي ڪمِي نہ رهي هُئي___۽ ها اُن کان علاوه جَان ڪِيٽس کي هن جي هِڪڙي دوست چارلس برائون (Charles Brown) پنهنجو محل "وينٽروِٿ محل" ڪيس تحفي ۾ ڏئي ڇڏيو ۽ جنهن ڪانپوءِ جان ڪيٽس کي رهڻ جي لاءِ سُنو گهر ملي پيو هو. جان ڪيٽس جي وفات کان پوءِ هِن مَهل تائين اُهو گهر جان ڪيٽس جي نالي سان اُنجو مِيُوزيم بڻيل آهي. پنهنجي شاعري

جي رومانيت ۾ جان ڪيٽس ايترو تہ مَهُو تي پيو هو جو دُنيا جي هر حُسن سان هن ڪي مُحبت ٿيڻ لڳي هئي.

1817ع هن جڏهن شاعرن ۽ پڙهيل دوستن کي گڏ ڪري اِسٽڊي سَرڪل هلائڻ شروع ڪيو تڏهن اتي هنجي سڃاڻپ آئس بيلا جونس (Isbela Jhons) نالي عورت سان ٿي جيڪا بيحد خوبصورت ۽ دِلڪش هُئي_جان ڪيٽس پنهنجا بہ بيت (At the Eve of S.T Agnes) ۽ (Athe Eve of S.T Mark) آئسبيلا جي ساراهہ ۾ ۽ سُونهن تي موهجِي لِکيا هئا. اُنهي وقت اُتي ڪافِي موجُود ماڻهن جو خيال هو تہ "جان ڪِيٽس ۽ آئسبيلا پاڻ ۾ صرف سُنا دوست هُئا ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪي بہ جنسي لاڳاپا نہ هئا"__پر اُنهي دوران ڪِيٽس پنهنجي ڀاءُ جَارج ڏانهن خط لکي هُنڪي ايئن بہ ٻڌائي ٿو تہ "آئسبيلا تمام خوبصورت آهي ۽ منهنجي دل نہ پئي چاهيو پر ان باوجود بہ مان پنهنجي جسم کي هنجي جسم سان گرم ڪري ڇڏيو ۽ مان هن جي چپن کي بہ چُميو، هُو ديوي آهي__سونهن جي ديوي!!"

پر آئسبيلا ۽ جان ڪيٽس جو ساٿ گهڻو نہ هَلِي سگهيو هو: اُهو اُن لاءِ تہ 1817ع ۾ آئسبيلا پنهنجون موڪُلون گذارڻ لاءِ بو_پيپ (Bo_Peep) جي ڳوٺ هاسٽنگس (Village of Hasting) آئي هئي: ۽ هُن کي عِلمي ڪِرتن سان چاهہ هو، جنهنڪري هُن ڪيٽس جي اِسٽڊي سَرڪلز ۾ وڃڻ شروع ڪيو هو__جتي ٻنهي جي دوستي ٿي ۽ چند مهينا اُتي رهڻ کان پوءِ هُو اتان واپس هلي وئي. اهو رشتو ايسيتائين تائين ئي هلي سگهيو هو پر سيپٽمبر 1818ع ڌاري هن جي ملاقات ڊائيڪ خاندان سان تعلق رکندڙ اَرڙهن سالن جي فيني بران (Fanny Brawn) سان ٿي هئي .

جان ڪيٽس ۽ فيني جا ابا ڏاڏا شُروع کان ڪي هِڪ ٻئي جو خاندان (خاندان معنيٰ جيئن اَسانجي سِنڌ ۾ ڀائِپي ۽ برادري) هئا. فيني کي بہ پڙهڻ ۽ فطرت جي سُونهن سان بَيحد مُحبت هُئي جَنهن ڪانپوءِ ڏسندي ۽ ملندي: ٻئي هڪ ٻئي کي تمام ويجهو اَچي چُڪا هئا__۽ 13 اپريل 1819 ع ڌاري فيني ۽ هن جي بيواهہ ماءُ پنهنجو گهر تبديل ڪري اَچي وينٽروٿ محل جي سامهُون رَهيا جتي هر روز ۽ هر وقت جان ڪيٽس ۽ فيني هڪ ٻئي کي ڏسي ۽ مُلاقات ڪري ٿي سَگهيا. جان ڪيٽس جا سَڀ حَواس ۽ وقت هاڻي صرف فيني لاءِ مقرر ٿي چُڪا هئا جنهن سان گڏ هُن کي گهُمڻ، گڏجِي ماني کائڻ، گڏجي ڊانٽي(Dante) جا ڪتاب پڙهڻ ۽ گڏجي سمهڻ ۾ هميشہ سُڪون مِلندو هو. جان ڪيٽس جي خواهش هئي هُو فيني سان شادي ڪري جنهن کان پوءِ ٻنهي جي مڱڻي ٿي ۽ اهو ڪِيٽس جو فِيني سان حقِيقي عِشق هو.

سسيپٽمبر 1820ع اُنهي ڏينهن ڪِيٽس جو سڄو جِسم پگهر ۾ تِمي (ترِمي) رهيو هو: جڏهن ڊاڪٽرن ڪِيٽس کي ٻڌايو تہ "تنهنجي ڦڦڙن جي بيماري ٽِيُوبَر ڪلاسِز (ٽي_بي) شديد ٿي وئي آهي"__اُنهي خَبر ڪيٽس کي دِلشِڪستہ ڪري ڇڏيو هو. زندگي هن سان ڏوکو ڪري رهي هئي! پر هي هاڻي زنده رهڻ پيو چاهي ۽

هُن فيني برائون سان شادي ڪرڻ جو سوچي ڇڏيو هو__پر شايد: بَخت جا سِتارا هن جي حق ۾ گردش ڪرڻ لاءِ نه بچيا هئا!__ڊاڪٽرن ڪيس صلاح ڏني ته "توکي کي هاڻي وڃي ڪنهن گرم علائقي ۾ رهڻ گهرجي ڇو ته: ٿڌي علائقي ۾ رهڻ تنهنجي زندگي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سَگهي ٿو!"

اُنهي بيگانگِي واري صُورتحال ۾ ساڳي مهيني سيپٽمبر 1820ع ڌاري جان ڪِيٽس رَوم ڏانهن وڃي رهڻ جو اِرادو ڪيو هو: جتي گرم موسم شايد هُن کي ڪُجهه فُرحت ڏئي وڃهي__پر قسمت کي ڪِيٽس جو اهو فيصلو به گوارا نه لڳو ۽ روم ۾ وڃي رهڻ کان پنج مهينا بعد هُن پنهنجي بيماري سان وڙهندي بَيگانگي جي عالم ۾ دَم ڏنو.

روم وڃڻ وقت ڪيٽس فيِني بران سان نه مليو هو: هُن فقط فيني جي ماءُ کان موڪلايو ۽ رَوم وڃڻ کان پوءِ هَر وقت فيني ڪيٽس جي اِنتظار ۾ بيچين رهڻ لَڳي هُئي. جڏهن روم ۾ جان ڪيٽس جي موت ٿي تڏهن ذَريعن جي نه هُجڻ ڪري هڪ مَهينو بعد ڪيٽس جي موت جي خبر لَندن پُهتي: ۽ اها خبر فيني بران لاءِ تمام گهڻو ڏُکوئِيندڙ خبر هئي جنهن کان پوءِ ڇهن سالن تائين فيني اُنهي ڏک ۾ پنهنجي رُوح اندر ماتم ڪندي رهي. جان ڪيٽس جي موت کان پوءِ ٻارنهن سالن تائين فيِني ڪنهن ٻئي شخص جي باري ۾ نه سَوچيو هو پر پنهنجي ماءُ جي چَوڻ تي هُن بعد ۾ شادي ڪري ڇڏي هُئي ۽ ٽن ٻارن جي ماءُ بڻي. جان ڪيٽس جي موت کان پوءِ هُو چاليِهه سال پنهنجي ازدواجي زندگي ۾ هر وقت جان ڪيٽس کي ياد ڪندي رهندي هُئي ۽ فَيِني کي اهو به اِحساس هو ته "جان ڪيٽس هن جو پهريون مگيندو هو".

جان ڪيٽس جو فيني بران ڏانهن شَديد مُحبت ۽ چاهت ڀريو هِڪڙو خط جيڪو دوستن لاءِ سِنڌي ۾ هيٺ ترجمو ڪجي ٿو.

**خط**

**منهنجي پياري !**

هن وقت آئون پنهنجي بيتن کي پنهنجي اندر ۾ لاهي نئين سِر لکي رهيو آهيان پر خبر ناهي مونکان اهو لکڻ نٿو پُڄي! تنهنڪري مان سوچيو ته توڏانهن چند سٽون لکان ۽ ڏسان ته ان ذريعي ٿوري وقت لاءِ متان تون منهنجي ذهن تان هٽي وڃين_پر نه مان سمجهي ويو آهيان منهنجي رُوح ۾ تو سوا ٻيو ڪجهه به ناهي هاڻي. خير اهُو وقت گذري ويو جو مان صبح جو اٿڻ وقت به تنهنجي تمنا ئي ڪندو هو يا صبح جي ياد توکي ڏياريندو هوس_منهنجي توسان محبت مونکي خود غرض بڻائي ڇڏيو آهي ۽ مان تو کان سوا پاڻ کي ڪٿي به موجُود ڪون ٿو سمجهان_مان هر شي کي ڪٿي وساري ويهندو هان پر توکي ڏسڻ وساري نٿو سگهان_۽ منهنجي زندگي مون کي اُتي اچي بيهاريو آهي جو هاڻي توکان سواءِ مونکي ٻيو ڪجه نظر ئي ناهي ايندو!.

تو مونکي هر طرح سان پنهنجي رُوح اندر جذب ڪري ڇڏيو آهي جو مونکي منهنجي پنهنجي اندر جي ڳرڻ جو احساس ٿي ٿيندو آهي_ توکي مونکي ڏسڻ وقت ناقابِلِ رداشت ٿيڻ کپي ۽ توکي مونکي پاڻ کان پري رکڻ تي دڄڻ به گهرجي. منهنجي پياري فينِي...مونکي اهو به ٻڌا ته ڇا تنهنجي محبت ته نه بدلبي ڪڏهن؟ ۽ تنهنجي هڪڙي ڇنڙي ملي جنهن کي پڙهي مان ڪافي خوش ته ڪون ٿيس_غربت ته آهي امير هئڻ جي برخلاف واري شي ۽ مونکي ڪڏهن به اُنهي حال ۾ جيئڻ جو تعنو نه ڏجانءِ_مان حيران آهيان ته ڪي ماڻهو پنهنجي مذهب خاطر به پنهنجي جان ڏئي شهيد ٿي ويندا آهن_ ۽ مان به پنهنجي مذهب خاطر قربان ٿي سگهان ٿو پر ياد رک ته منهنجو مذهب منهنجي محبت آهي_۽ تون ئي آهين منهنجي محبت!!۽ ها مان تولاءِ شهيد ٿي سگهان ٿو!

اِها ڳالهه به ٻڌ ته منهنجي زندگي جِي وڏي ۾ وڏِي لالچ محبت آهي ۽ تون ئي صرف انهي جو هِڪڙو اُصول آهين_ جيڪڏهن پنهنجي طاقت سان تون مونکي پاڻ کان دور ڪندِيئن تگ مان ضرور اُن جي مزاحمت ڪندُس_۽ جڏهن ڪا مان توکي ڏنو آهي تڏهن کان مان ان جو مقابلو ڪندو رهيو آهيان_انهي سان گڏ جڏهن آءُ توکي ڏسندو آهيان تڏهن اڪثر ڪري منهنجا سڀ حواس پنهنجو ڪردار نيائڻ ڇڏي ڏيندا آهن_ انهي کان وڏيڪ ٻيو ڪجهه آءُ لکي به نٿو سگهان_عشق جو درد هميشه منو ئي هوندو آهي ۽ سڪُون بخشيندڙ بہ_پر منهنجي محبت به خود مون جِيان غريب آهي ۽ مونکي ايتري ئي خبر آهي ته مان توکان بغير هڪ پل به نٿو رهي سگهان ۽ نه ئي جِي سگهان ٿو!

13 **آڪٽوبر** 1819

**جان ڪِيٽس**

# چارلس ڊڪنز
# 1812__1870 عيسوي سال

فرانس جي انقلاب 1789ع جاگيرداري نظام کي ڍاهي چٽ ڪري ڇڏيو هو؛ ۽ اُن مَهل اُتان جي انقلابين بادشاه لوئي سورنهن جو گردن ڌڙ کان ڌار ڪري اهو بہ ثابت ڪري ڏيکاريو هو تہ "زندگي جيئڻ جو حَق هڪ پورهيت کي بہ آهي"__انهي وقت فرانس جي انقلاب (French Revolution) سَببان سڄي يُورپ سان گڏ اِنگلينڊ بہ بدلجڻ لڳو هو ۽ هڪڙو ٻيو دور شروع ٿيڻ لڳو هو__جنهن کي صنعتِي دور ( Industerial age) جو نالو ڏيڻ جي شروعات ٿِي وَئِي هئي .

نومبر 1774ع ڌاري هڪڙي نوجوان پنهنجي پِي ڏانهن خط لکيو تہ "مان هِتي جنهن ڪم سان لڳو پيو آهيان تنهن ۾ ڪُجھ ڪامياب ٿيو آهيان؛ يعني تہ ٻاڦ تي هلندڙ اُها انجڻ جيڪا مُون ايجاد ڪِئِي آهي سان هلي رهي آهي ۽ هِن مَهل تائين ٻي هر مشين جي ڀيٽ ۾ گهڻو بهتر ڪم ڪري رَهي آهي". اِهو خط اوزار ٺاهيندڙ جَيمس واٽ (James Watt) نامي هڪ اِسڪاٽ (Scott) شخص پنهنجي پيءُ ڏانهن لِکيو هو. اها هڪ حادثاتي تاريخ (History of a Miracle) هُئي جنهن ۾ ٻاڦ واري اِنجڻ تيار ٿي هُئي.

جَيمس واٽ جي ٻاڦ تي هلندڙ اِنجڻ آخر ڪار طاقت جي پُراڻن ذريعن يَعني گهوڙن، ڏاندن، پاڻي ۽ ماڻهن جي طاقت جي اِستعمال کي يا تہ گهٽائي ڇڏيو هو يا وري اُنهن جي جاءِ والاري هُئي. جيمس واٽ جي وَفات يعني 1819ع تائين ٻاڦ تي هَلندڙ مشِينون برطانيہ جي ڪيترن ئي صَنعتن ۾ هٿ سان هَلندڙ اوزارن جي جاءِ والاري رهيوُن هيون. اوڻويهن صَدي تائين نوان صنعتي طريقا اَولھ يورپ ۾ بہ تيزي سان پکڙجي ويا هيا ۽ تنهن کان سواءِ اُهي سمُندن جي هُن پار آمريڪا (U.S.A) ۽ جَپان (Japan) تائين بہ پُڄي ويا هُئا.

صَنعت جي پيداوار سان گهڻي ترقي ٿي؛ سائِنس (science) ۽ دوائن جي ميدان (at field of Medical) ۾ جيڪي نيون دَريافتُون ٿيون؛ تن جتي اِنسانذات کي فائدو ڏنو اُتي اُنهن جي لاءِ مَسئلا بہ پيدا ڪيا. صَنعت پوڻ ڪري دُنيا ۽ هِڪٻِئي جي باري ۾ ماڻُهن جا خَيال ۽ رايا بہ مَتجي چُڪا هُئا__۽ اُوڻويهين صَدي جي صَنعتي انقلاب (Industrial Revolution) جو اَثر ادب، فَن، مَوسِيقي ۽ عِمارت سازي تي بہ پيو هو؛ اَهڙي طرح صَنعتي اِنقلاب وڏن شهرن واري سَماج جي نئين دور کي جنم ڏنو هو.

انقلاب جي معنيٰ آهي "ڪا زوردار تبديلِي جيڪا هر شي کي بدلائي ڇڏي"؛ اهو لفظ تارِيخ جي واقِعن ۾ مُختلف اَندازن سان بيان ٿيل آهي ۽ اهڙي

طرح يُورپ ۾ به وڏا اِنقلاب برپا ٿيا جن بعد ۾ سڄي يورپ ڪي بدلائي جديد ٿيڻ جو رَستو ڏنو هو جن ۾ هڪ فرانس جو انقلاب ٻيو برطانيه جو صنعتي انقلاب

صنعتي انقلاب برطانيه (England) کان شروع ٿيو، هڪ ته برطانيه قُدرتي وسِيلن سان مالا مال هو ۽ ملڪ ۾ ڪوئلي ۽ لوح جا وڏا زخيره موجود هئا. اتي موجود نندِيُون ۽ تيز رفتار نديون پاڻي تي هلندڙ ڦِيتا پاڻي جي طاقت تي مِلُن کي هلائڻ جي قابل هُئا۔۔۽ ٻيو ته بَرطانيه کي پنهنجين سَمنڊ پار ٻيئنڪن (Colonies) مان جيڪي قُدرتي وَسِيلا مليا تن جو هُن پورو فائدو ورتو هو. اُنهن ٻَينڪن مان مِلندڙ اُن ۽ ڪَپهه به برطانيه جي وڌندڙ ٽيڪسٽائيل انڊسٽري (Textile Industries) لاءِ خام مال (Raw Material) مُهيا ڪيو جنهن سان سان گڏ اُن وقت انهن مشِينُن برطانيه جي پوکِي ۽ مُلڪ ۾ خوراڪ جي فراهِمي کي به وڌائي ڇڏيو هو. اُنهي کان پوءِ اُتي خام مال جي اَنگ ۾ واڌ اَچڻ ڪَري برطانيه جي آدم شُماري به تمام گهڻي وڌي وئي هئي۔۔۽ ان کان علاوه اُتان جي وَسيلن ۽ افرادي قُوت سان گڏ هاڻي اُتان جا ڪاروباري ماڻُهو به گڏجي ويا هُئا جن وٽ سَرمايو هو! جنهن کان پوءِ اُتي سامان خرِيد ڪرڻ لاءِ مارڪيٽُون به موجُود هُيون ۽ تنهن کان سواءِ 1651ع ڌاري بَرطانيه پنهنجي ٻَينڪين لاءِ اهڙا ته قانون پاس ڪيا جو هاڻي ته انهن کي سامان به برطانيه جي ٺهيل فيڪٽرين مان خريد ڪري استعمال ڪرڻو هو. پر سڀ کان وڏو فائدو برطانيه کي اهو پيو جو اُتي موجُود هڪ لچڪدار سماج قائم ٿي پيو هو جنهن ۾ اُتان جي مزدورن سستي اگهه ۾ پنهنجي مالڪن لاءِ سخت محنت تي ڪئي، ۽ پنهنجي مالڪن کي گهڻِي رَقم بچائي ڏيڻ ۾ مهُو تي ويا هُئا. مَتيان طبقا ڪاروباري هُئا ۽ اُهي مزدُورن ۽ هينين طبقن جي پئسي تي هر لحاظ سان زور تي حاوِي رهيا هئا. هاڻي مَشين هر شي ناهڻ لاءِ اِستعمال ٿيڻ لڳِي هُئي گهرن ۾ ڪم ڪندڙ دَستڪار به روڊ رستن تي اَچي ويا هُئا: ڇَو ته مَشينون اُنهن دستڪارن کان هَزار ڀيرا وڌيڪ شيُون ناهڻ جي قابل هيون. اُنهي ڪري اُهي دَستڪار مجبُور ٿي ڪري هاڻي اُنهن ساڳين فيڪٽرين ۾ مَزدُوري ڪَرڻ لڳا هُئا: پَر تنهن باوجُود به شين جي ضرُورت وڌندي تي وَئي هُئي، جنهن کان پوءِ اُتي 1733ع ڌاري کان وڌيڪ مشينون ايجاد ٿيڻ لڳيون۔۔۽ پوءِ خاص طور تي ٽيڪسٽائيل وارو ڪم گهڻو ۽ وڌيڪ ٿيڻ لڳو هو. انهي ايجاد کان ڪافي وقت بعد 1779ع ۾ ”سموئيل ڪرامٽن“ نالي هڪڙي ٻئي شخص پنهنجي اَيجادُن ذريعي اُن کي وڌيڪ آسان ۽ ڪارائِتو ڪيو: جنهن کان پوءِ ڌاڳي کان وني ڪپڙي نهڻ تائين وارو سَڄو ڪم مشين ڪرڻ لڳي هئي. هاڻي 1800ع ڌاري اُنهن ايجادن مان نهيل ڪپڙو وڏي مقدار ۾ بازارُن (Markets) ۾ اَچي ويو هو ۽ وڪرو ٿيڻ لڳو هو. اُنهي مَشينن جي استعمال سان برطانيه کي اهو فائدو به پيو جو خام مال کي ناهڻ سان گڏ هاڻي اُتي بجلي به گهڻي مقدار ۾ پيداٿيڻ لڳي۔۔جنهن کان پوءِ پاڻي تي هلندڙ مَشِينُون به اَيجاد ڪيُون ويُون ۽ پاڻي وارين مشينن جي ڪري ڪافي ننڍا وڏا ڪارخانه تيز ندين جي ڪنارن تي نهڻ

لڳا__جنهن ڪان پوءِ اتي نئا نئا شهر نهندا ويا؛ پر هاٽي ٻاڦ تي هلندڙ اِنجڻ جو بہ اُتي ڪم شروع ٿي چُڪو هو جنهن ڪان پوءِ ڪارخانہ ندين جي ڪِنارن ڪان ڪجي وڏن شَهرن ۾ پُهچي ويا هئا.

بَرطانيہ ۾ وڏا شهر نهڻ لڳا هئا ۽ هاٽي اُتي روڊ رستن سان گڏ ٽيڪال جو سسٽم تبديل ٿيڻ سان گڏوگڏ جديد بہ ٿيڻ لڳو هو. هزارين ماڻهو ڳوٺن کي ڇڏي شهرن جو رُخ ڪرڻ لَڳا هُئا؛ زندگي جيئڻ جي انداز سان گڏ اُتان جا فيشن تبديل ٿيڻ لڳا، سگريٽ پيئڻ پرم بنجي پيو هو، هر طرف هر ڪو پنهنجو پاڻ کي وڏائڻ ۽ خوشامدي واري چَڪر ۾ مَشغُول هُيو، اِخبارُون (Newspapers) ۽ رِسالا (Magazines)، ڪَهاڻِيُون (Stories) ۽ ڪتاب (Books) پڙهڻ ماڻهن جو شوق بڻجي پيو هو__اُن سان گڏ آمدَرفت آسان بڻجندي پئي وئي، سفر آسان ۽ آرامده ٿيڻ لڳو هو. “محبتون ڪندن کي گهيري چڪيون هيو”__هر هِڪ محبوب ۽ عاشق بڻجڻ لاءِ تيار هو، هر ڪَنهن وٽ زندگي جُون اڌُوريُون خُواهشُون ۽ اَرمان هُئا، هر ڪنهن جي دل تہ خير خوش ڪان هُئي پر هر ڪنهن جي اک آلِي بہ نہ هُئي؛ اُتي سڀ ڪجهہ هيو بہ پر وري بہ ڄڻ گهٽين شين جي اڌوري پن جو احساس باقي هُيو. جديد سائنسي اسڪُول (Modern Scientific Schools) بہ نهڻ لَڳا هُئا تہ لائبررين ۾ ويهي پڙهڻ جو رِواج بہ وڌي رهيو هو. تنهن باوجُود بہ ٻار فيڪٽرين ۾ ڪم ڪري پنهنجي زندگي جيئڻ جو وَسيلو تلاش ڪرڻ ۾ لڳل رهيا ٿي__صَنعت جو هي اُهو دور هو جنهن ۾ 1812ع دوران هڪ ٻار پيدا ٿيو، ڪنهن کي بہ اُن وقت اِهو اَحساس ئِي نہ هو تہ اهو ننڍڙو ٻار اڳتي هلي اُنهي دور جو بهترين لَيکڪ (Writer) يا ناول نگار (Novelist) ٿيندو__پر اُهو ئي ٿيو جو هڪ ڏينهن اُنهي صَنعتي دور ۾ چارلس ڊڪنز (Charles Dickens) کي پڙهڻ بہ هِڪ رواج بڻجي پيو هو!

7 فيبروري 1812ع ڌاري هڪڙي نيوي دفتر (Navy Office) جي ڪلارڪ جان ڊڪنز (Jhon Dickens) کي پٽ ڄائو جنهن جو نالو هُن چَارلس ڊِڪنز (Charles Dickens) رکيو هو. چارلس ڊڪنز جو پي اَيترو امِير تہ نہ هو بس صَحيح نموني گهر جا خرچ برداش ڪرڻ ۽ زندِگي گذارڻ جَيترو پَئسو هُن وٽ موجُود هو. چارلس ڊڪنز جي زندگي ٻاروَتڻ ۾ لَندن (London) جي شهر ليند پورٽ (LandPort) ۾ گُذرِي جِتي هُو ڄائو هو__اُنهي دَور جو صَنعتي اِنقلاب رَوان دَوان هو ۽ چَارلس ڊڪنز اُنهي ماحُول جي وچ ۾ پليو ۽ نَنڍپڻ کان ئي اُنهي نِظام جو عادِي ٿِي چُڪو هو. انهي دور جو نهترين ناوِلسٽ هُجڻ سان گڏ؛ پنهنجي لِکٽين ۾، ڊِڪنز هميشہ اُنهي دور جي صنعت، طبقن ۽ مزدوري واري نظام کي عنوان بڻائيندو لِکندو رهيو__پر اُن ڪان اڳ چارلس ڊڪنز جي ٻاروتڻ واري زندگي ڪا خاص بهتر ڪانہ گُذري هئي__اُهو ان لاءِ تہ جڏهن هي اجا ٻار ئي هُيو تڏهن هِنجو پي قرضِي ٿي پيو ۽ قرض ادا نہ ڪرڻ جي صُورت ۾ هُن کي جَيل موڪليو ويو هو .

جان ڊڪنز جي جيل وڃڻ کان پوءِ ٻين سيني پيڻ ڀائرن ۾ هڪڙو چارلس ڊڪنز ئي هُيو جنهن کي پنهنجي ماءُ ايلزبيٿ جو قدر تيڻ لڳو هو: ۽ هُن، تنهن وقت پنهنجي گهر جي مُعاشي بدحالِي کي محسُوس ڪندي هڪڙي فيڪٽري ۾ ڪم ڪرڻ شُروع ڪيو هو. تڏهن هُنجي عُمر ٻارَنهن سال هُئي__پر بَعد ۾ پنهنجي پيءُ جي چَوڻ تي فيڪٽري ۾ ڪم ڪرڻ کي ڇڏي وڃي لندن جي اسڪول (London School) ۾ داخلا ورتائين. هِي پندرهن سالن جي عُمر جو جڏهن ٿيو اُن وقت هُن کي هڪڙي وَڪيل جي آفيس ۾ پٽيوالِي جي نوڪري ڪرڻي پئجي وئي: پر اُتي هِن کي سُٺو ماحول پڻ مُيسر ٿي پيو هو ۽ چارلس ڊِڪنز اُتي ٿوري عَرصي دوران شارٽ هَينڊ (Short_Hand) لکڻ بہ سکي ورتو هو. تنهن باوجُود بہ هُن جي ذهن ۾ خوف طاري هيو: ڇو جو ويهي ويهي ڪڏهن ڪڏهن هُن کي پنهنجا فيڪٽري ۾ ڪم ڪرڻ وارا ڏُکيا ڏينهن ( Hrad Time) بہ ياد اِيندا هئا.

هي هميشهہ اُنهن ڏينهن کي ياد ڪري اداس ٿي پوندو هو ۽ تمام گهري خوف ۾ مُبتلا ٿي ويندو هو. اُنهي سوچُن واري ڪَشمُڪش جي ڪري ڊِڪنز سَدائين اڪيلو رهڻ پسند ڪندو هو__پر هاڻي هن پنهنجو ڪافي وقت ادب پڙهڻ کي ڏنو هو: جنهن ۾ هُو ٽُوبيا سومو ليٽ، هينري فِيڊلنگ (Henry Fiedling)، روبن سن ڪُروسو (Robinson Crusoe) ۽ اِلف ليليٰ (Arabian Knights) جي لکڻين کي گهڻو پَسند ڪندو هو.

1822ع چارلس ڊڪنز جي خُوش ٿيڻ جو سال هو: جڏهن هُن جي پيءُ کي وري نيوي واري نوڪري تي بحال ڪيو ويو هو__۽ بعد ۾ سواءِ چَارلس ڊِڪنز جي جان ڊڪنز پنهنجي سَڄي خاندان سان گڏ وڃي نيوي جي هَيڊ ڪُواٽر ۾ رهيو.

چارلس ڊِڪنز فِطرت جو ڪُلي اک سان مُشاهِدو (Analyse) ڪيو هو: ۽ هُنجا مُشاهدا هن جي زندگي جا ذاتي تجربا (Personel Experiences) پڻ هئا__معُاشراتي ماڻهو هُئڻ سان گڏ چارلس ڊڪنز کي پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ بہ هاڻي گهري دلچسپي پيدا ٿيڻ لڳي هُئي__۽ اُن سان گڏوگڏ شارٽ هينڊ لکڻ جو فن تہ هن ۾ اَڳ ۾ موجُود هو، تنهن ڪري ڪافي وقت بعد 1829ع ڌاري هي بنان معاوضي (Volunteerily) ڪورٽ ۾ رپورٽر بڻجي ويو هو: جنهن ۾ هي شارٽ هينڊ واري فن سان ڪيسن ۽ گواهِين کي اڃي پني تي اُتارِيندو هو.

1832ع ڌاري ڊِڪنز جي مُلاقات هڪ بئنڪ مَينيجر جي ڌي ماريہ (Maria) سان ٿي جنهن سان هُن کي مُحبت ٿي وئي هئي__هاڻي ڊڪنز کي رَومانس کي سمجهڻ ۽ اُنهي عنصر کي پنهنجي پني تي اُتارڻ واري جذبي جي بہ خبر پئجي چُڪي هئي. هن کي لکڻ سان بي اِنتها مُحبت ٿي وئي هُئي ۽ 1832ع ۾ هن اِخبارُن لاءِ لکڻ شروع ڪيو هو: پر اُن دوران هن کي هڪ وڏو صدمو رسيو هو "اُهو هُنجو ۽ ماريہ جو جدا ٿيڻ هو"__۽ اُنهي جو سبب هو ماريہ جو پيءُ! جنهن ناپسنديِ جو اِظهار ڪندي

مَاريہ کي ڊِڪنز کان رشتا ٽوڙڻ لاءِ ائين چيو هو تہ ”هي رشتو مون کي بِلڪُل بہ نٿو وڻي“.

ڊڪنز هاڻي اخبارن ۾ مضمُونن (Essays) لکڻ سان گڏ اَفسانا (Short Stories) ۽ گڏو گڏ قِسطن سان ناول (Novels) بہ لکندو رهيو۔۔۽ پنهنجي لِکڻين ۾ سَدائين چارلس ڊڪنز پنهنجي زندگي جي عَڪس کي ڪردارن ۾ پيش ڪندي نظر آيو هو. هُنجي لِکيل (ناول) ڪتاب ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ (David Copperfield) جي نالي ائين بہ چيو وڃي ٿو، تہ اهو چارلس ڊڪنز جي زندگي جي پنهنجي ڪهاڻي آهي.

چارلس ڊِڪنز جي پي کي ڪڏهن بہ هن جي ڏاهپ جو اَحساس نہ هو ۽ نہ ئِي ڪڏهن هُن چارلس ڊڪنز جي صلاحيتن کي ماپڻ جي ڪوشِش ڪئي هُئي. چارلس ڊڪنز جا پائر هن کي رولُو ۽ ناڪاره سمجهڻ لَڳا هُئا پر بعد ۾ جڏهن هن لکڻ شروع ڪيو ۽ هن وٽ پئسو اَچڻ لَڳو تنهن وقت هنجو پي ۽ هن جا پائر هنجو پاسَو ونڻ لَڳا هُئا.

1835ع دَوران ٻيهر ڊِڪنز جي مُلاقات هڪڙي ٻي عورت ڪيٿرين هوگارٿ (Katherine Hogarth) سان ٿي ۽ هڪ دفعَي ٻيهر چارلس ڊِڪنز کي انهي مائِي سان مُحبت ٿي وئي، جنهن کان پوءِ 1836ع ۾ ٻنهي شادي ڪري ڇڏي. اُنهي دوران هاڻي چارلس ڊڪنز اَدب جي عروج کي ڇُهندو ٿي ويو هو؛ ۽ اُن مَهل تائين چارلس ڊڪنز جي تَخليق ڪيل ناول پڪ وِڪ پيپر (PicWick Paper) هن کي هڪڙي نئين سڃاڻپ ڏني۔۔هاڻي اُنهي لِکيل ڪِتاب جي ڪاميابي ڪانپوءِ چارلس ڊِڪنز عَهد ڪري ڇڏيو هو تہ ”مون کي هاڻي ناول_نگار (Novelist) ئي ٿيڻو آهي“.

اُنهي کان پوءِ چارلس ڊِڪنز 1839ع ڌاري هڪ ٻيو ناول اوليور ٽوِسٽ (Oliver Twist) لِکِي مُڪمل ڪيو هو۔۔۽ هاڻي ڊِڪنز ناوِل لکڻ سان گڏوگڏ اَخبار ۾ اَيڊيٽوريل لکڻ وَاري ڪم کي بہ جاري رَکيو۔۔پر اُنهي سال هن اَخبار ۾ لکڻ واري نوڪري تان اِستعيفا ڏئي ڇڏي هئي ۽ پنهنجو پورو ڌيان ناوِل نِگاري ۽ اَدب کي ڏنائين. چَارلس ڊِڪنز يُورپ جي اُنهي دَور جي عَڪاسي ڪندي ۽ لکندي اُتان جو بَيسٽ سَيلر (Best Seller) ۽ مُعتبر ليکڪ بڻيو.

1840ع دوران چارلس ڊِڪنز جا ناول يورپ جي ڪيترن ئي مُلڪن تائين پَبلش ٿيندا رهيا پر اُنهي دَوران هُن کي هڪڙي ڳالهہ ڏاڍو پريشان ڪيو هو؛ اَهو ائين تہ يُورپ ۽ آمريڪا جي ڪُجهہ پَبلشرن ڊِڪنز جي لکيل مَواد کي غَير قانُوني طور چيرائي اُنهن جو وِڪرو ڪري ڪمائڻ لَڳا هئا؛ جنهن جي رَائِلٽِي چارلس ڊڪنز کي نَصيب ڪا نہ ٿيندي هُئي. تنهن کان پوءِ 1842ع ۾ چارلس ڊِڪنز ڪئنيڊا ۽ آمريڪا وڃي اُتان جي پَبلشرن سان مِليو ۽ قانُوني طور اُنهن کي پنهنجي مَواد ڇاپڻ جي تَلقِين ڪيائين؛ اُتان موٽڻ کان پوءِ چارلس ڊڪنز هِڪڙو ٻيو ناول ڪرسمس ڪيرول

(Christmas Carol) لِکي پُورو ڪيو هو_جيڪو اُن وقت ماڻهن کي تمام گهڻو وڻيو ۽ وڏي تعداد ۾ اُن جي کپت ٿي.

ساڳي سال اُنهي ناوِل جي پَبلش ٿيڻ کان پوءِ چارلس ڊِڪنز پنهنجي خاندان سان گڏ اِٽلي گُهمڻ ويو ۽ تنهن کان پوءِ سُئيزلَينڊ ۽ فرانس به ويو؛ ۽ 1844ع ۾ هُو اُتان موٽي لَندن آيو پر اَلاهي چو 1845ع ۾ هڪ سال کان پوءِ وري وڃي اِٽلي ۾ رهيو ۽ اُتي ئي هن ڊيلي نيوز (Daily News) نالي هڪڙي اَخبار ڪَڍڻ شُروع ڪيو، جنهنجو ڪافي وقت هُو پاڻ ئي اَيڊيٽر (Editor) به رهيو_تنهن کان پوءِ هُن اٽلي کي الوِداع ڪيو ۽ وڃي سُئيزرلينڊ ۾ رَهيو ۽ اُتي رهڻ دوران هُو مُختلف مَئگزَينس ۾ لِکندو رهيو.

چارلس ڊڪنز وٽ زندگي جا ڪيترائي تَجرُبا هئا جيڪي هُن پنهنجي ڪهاڻين ۽ ناوِلن ذريعي پَيش ڪيا هئا! پر تنهن باوجُود به هُن پنهنجي زندگي جي ڪٿا کي ڪهاڻي جو رُخ ڏئي پنهنجي ناول ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ ۾ کولي لِکيا_جيڪو هُن سَن 1849ع ڌاري لِکِي پُورو ڪيو هو. چارلس ڊِڪنز جي وڏي مصروفيت ۽ وِندر ناول نگاري سان گڏوگڏ اخبار نويسي به هئي؛ جنهن بعد 1849ع کان پوءِ چارلس ڊڪنز لڳاتار مختلف اخبارن ۾ هڪ ڪالم نِگار ۽ اَيڊيٽر جي حَيثيت سان به پنهنجُون خدمتُون سَر اَنجام ڏِيندو رَهيو.

1853ع ڌاري چارلس ڊِڪنز پنهنجي دوست وِڪي ڪُولن (Vicky Colins) سان گڏ ٻيهر اِٽلي گُهمڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ واپس اَچڻ تي ڊِڪنز به ٻيا ناول لِکڻ شُروع ڪيا هُئا_هڪڙو بِلِيڪ هائوس (Bleak House) ۽ ٻيو گريٽ دَ ايڪسپيڪٽيشن (The Great Expectations) جيڪي قسطوار مئگزين ۾ ڇپيا؛ ۽ بعد اهي ناول ۾ ڪتابن جي صُورت ۾ پَبلش پڻ ٿيا هُئا. تنهن کان پوءِ چارلس ڊِڪنز پنهنجي خاندان سان اِٽلي ۾ رهيو (جيڪي پهريان ئي اٽلي ۾ موجود هئا) ۽ جتان اُهي وري هڪ دفعي ٻيهر اٽلي ۽ پَئرس ڏانهن گهُمڻ لاءِ روانا ٿيا هُئا___۽ اتي هُن پنهنجي ٻئي ناول لٽل ڊارِيٽ (Little Doriat) تي ڪم ڪيو. 1856ع ۾ ڊڪنز جي دوست وِڪي ڪُولن ۽ هِن گڏجي هڪڙي ڊرامي فِورزن ڊِيپ (Frozen Deep) تي ڪم ڪيو. ٻنهي جو اهو ڊرامون لِکڻ اُن وقت راڻي کي خراج تحسِين پيش ڪرڻ هو؛ ۽ اُنهي دوران چارلس ڊڪنز ايلين ٽرنِن (Alen Ternan) جيڪا اُن ڊرامي ۾ خاص عورت جو ڪردار اَدا ڪرِي رهي هُئي تي فِدا ٿي پيو؛ جنهن بعد ٻنهي کي هڪٻئي سان مُحبت ٿي وئي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ذِهني هَم آهنگِي ٻنهي کي تمام گهڻو ويجهو وني آئي هُئي___خَيالي طور بِه تہ جِسمانِي طور بہ!

1858ع وارو سال چارلس ڊڪنز لاءِ تمام پَريشانين وارو سال ثابِت ٿيو هو؛ جنهن ۾ ڊِڪنز جو پنهنجي ليکڪ دوست ٿيڪري (Theckray) سان دوستي وارو ناتو ٽُٽي پيو هو__۽ اُنهي جو سَبب به ٻنهي جي ادبي دُنيا اَندر هِڪٻئي سان ناپوتِي

هُئي. پر اُن ڪان وڌي پريشاني اِها ٿي جو: چارلس ڊڪنز ۽ هن جي زال جي وچ ۾ محبت ۽ اعتبار جو ڌَم ٽُٽي پيو هو، جنهن بعد ٻنهي هڪٻئي کي طلاق ڏئي ڇڏي هُئي. زندگي جي اَهڙن اوچتن حالتُن چارلس ڊِڪنز کي جَذباتي طور پريشان ۽ بيگانو بڻائي ڇڏيو هو__ ۽ في_الحال ڪافي وقت تہ هُن ڪان ڪو بہ ڪم ڪرڻ نہ پئي پُڄُو. تنهن باوجود: ڊڪنز پنهنجي پاڻ کي سنڀالڻ جي ڀَرپُور ڪوشش ڪئي هُئي، پر پوءِ بہ هي پنهنجي پراڻي لکيل ناول ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ کي وري وري پڙهڻ لَڳو هو جنهن ۾ شايد هُنجي پنهنجي حقِيقي زندگي جو عَڪس سمايل هو.

1860ع ڌاري چارلس ڊِڪنز اِنگليند (England) ۾ ترسِيل هو: جتي هُن هڪڙو هفتيوار (Weekly) مئگزين ڀيئر رائونڊ (Round Year) جي نالي سان ڪڍڻ شُروع ڪيو هو: ۽ ان ڪان علاوه ساڳي اخبار ۾ هُن پَنهنجي ناول ڏَ گريٽ ايڪسپڪٽيشنز کي بہ قِسطوار لکيو هُئائين__ان ڪان علاوه هاڻي ڊِڪنز باضابِطہ طور ماڻهن جي وِچ ۾ اَچڻ لَڳو هو، ۽ هن کي پنهنجي دوست ٺيڪري ڪان وِڇڙڻ تي جو بہ بَيحد اَفسوس هو__جنهن ڪان پوءِ ڊڪنز وِيچن کي وساري ٺيڪري سان پنهنجي دَوستي کي ٻيهر بَحال ڪيو ۽ اُن وٽ وڃي سندس معافي گهريائينس. 1864ع تائين ڊڪنز لَندن ۽ يُورپ جي ٻين ملڪن ڪان ويندي پئرس تائين پبلڪ ريڊنگس (Public Readings) ڪندي مصروف رهيو ۽ انهي مصرُوفيتن ڊِڪنز جي صَحت تي طبيعتُن ڪافي ناڪاري اَثر وڌو ۽ هاڻي هُن جي صحت بگڙڻ لَڳي هُئي__جنهن جو سَبب لَڳاتار ڪم ڪرڻ ۽ ٿڪجڻ هو.

1865ع وارو سال ڊِڪنز لاءِ تمام خراب ثابت ٿيو هو: جڏهن هي پنهنجي محبُوبہ اَيلن ٽَرنن (جنهن جي محبت ۾گرفتار ٿي ڊڪنز پنهنجي اڳين زال کي طلاق ڏئي ڇڏيو هئو) سان جڏهن پئرس ڪان واپس اچي رهيو هو: تہ جنهن ريل ۾ ڊڪنز ۽ هن جي محبوبہ ٻَئي سوار هُئا اُها ريل پٽڙي تان لهي وئي هُئي__جَنهن ۾ ڪافي مُسافرن سان گڏ ڊِڪنز بہ زَخمي ٿي پيو هو. اُنهي حادثي ڪان پوءِ ڊِڪنز کي ڊاڪٽرن طرفان آرام ڪرڻ جو چيو ويو هو ۽ هُنن ڊِڪنز کي هُن جون سڀ اَدبي مشغُوليُون ختم ڪرڻ جي صلاح ڏني هُئي__پَر ڊِڪنز: ڊاڪٽرن جي صَلاحُن کي نظر انداز ڪندو ويو ٿي، ۽ پنهنجي ڪمن ڪارن ۾ مصروف رهندو ٿي آيو هو__تان جو 1868ع ڌاري هنجي صحت وَيتر تمام گهٽي خراب ٿيندي وئي، پَر اُن باوجود هُن انگليند، اسڪاٽليند (Scotland) ۽ آئر ليند جا دورا ڪيا. چارلس ڊڪنز کي هاڻي اِهو محسُوس بہ ٿيڻ لَڳو هو تہ سندس حافِظو ساٿ ڏيڻ ڇڏيندو پيو وڃي! پر اُن باوجُود هُن ڪُجهہ وَڌِيڪ ڪرڻ تي چاهيو هو.

1870ع ڌاري ذهني ۽ جِسماني طور ڪمزور ۽ بيمار هُوندي بہ هُن پنهنجي ناول ايڊون ڊرُوڊ (Edwin Drood) تي ڪم ڪرڻ شُروع ڪري ڏنو هو! ۽ شايد هُن پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي لکڻين سان مُعاهدو ڪيو هو جو ايڊون ڊرُوڊ ناول کي

پوري لِکڻ جي هُن خواهش ڪئي هُئي_پَر هُن 9 جون 1870ع ڌاري اُنهي کي لِکڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ جيڪو پورو نہ ٿي سگهيو هو_۽ 14 جون 1870ع ۾ ڊڪنز فانِي جَهان (Mortal Universe) کي الوِداع ڪيو: وفات کان پوءِ هُن کي وڏي اعزاز سان ويسٽ مِنسٽر ابي (West Minster abbey) ۾ دفنايو ويو هو_ڊِڪنز اُنهي صنعتي دور تي ناول لکيا اُنهي دور کي جياريو هو ۽ پنهنجي زندگي لِکڻين کي سونپي ڇڏيو هُئائين. هُن ڪافِي ناول لِکيا هُئا پر هنجو گهڻو پڙهجيو ويندڙ ناول ٻن شهرن جي آکاڻي (A Tale of Two Cities) کي گهڻي مقبُولِيت ملي هئي ۽ اَدبي دنيا (Literary Arena) ۾ اَڄ تائين پڙهيو ۽ پَسند ڪيو ويندو آهي.

اڳتي هَلي ڪري اَسان ٻن شَهرن جِي آکاڻي (A Tale of Two Cities) کي مُختصر پڙهنداسين پَر اُن کان اَڳ اَسان ڊڪنز جي ٻين لکڻين کي بہ هت هَلڪِي نظر ضرُور پڙهنداسِين .

## اَوليِوَر ٽوِسٽ Oliver Twist

چارلس ڊڪنز جو هي ناول 1838ع ۾ شايع ٿيو هو: جَنهن ۾ هُن اُنهي دور جي ڏوهن واري دُنيا کي پَنهنجي ناول جو موضُوع بڻايو هو_جَنهن ۾ ڏوهاري ماڻهو پنهنجي مُعاشِي مُفادن خاطر ننڍڙن ٻارن جي زندگين کي يَرغمال بڻائي اُنهن کي چوري ۽ کِيسا ڪتِڻ جا فن سيکاري پاڻ آرام سان تماشو ڏِسن ٿا. جنهن ۾ اَولِوَر نالي هِڪڙو يتيم خانَي مان ڀَڄي نڪرندڙ ٻار هڪڙي ڏوهاري گُروپ جي وَر چڙهي چَور بڻجي وِيندو آهي ۽ اُنهي ناوِل ۾ ڊِڪنز اُنهي دَور جي ڏوهارين جي زندگِين، انهن جي فن ۽ ڏوهن کي ڀَرپُور حقِيقت واري انداز ۾ کولي بَيان ڪيو آهي. اُن کان عِلاوه اُنهي ڏوهن جي ڏنڊي ۾ اُنهي دور جي نسل جي بگڙجندڙ زندگين کي بہ هُن سَچائي ۽ صَفائي سان بيان ڪيو آهي .

## ڊَيوڊ ڪاپرفيلڊ David CopperField

چارلس ڊِڪنز جو هي ناوِل شادِي وارِي زندگي جي موضُوع جِي عَڪاسِي ڪري ٿو: اِهو ناوِل 1849ع ۾ شايَع ٿيو هو، جنهن ۾ ڏسيل آهي تہ صنعتي دور ۾ پئسي جي ڪوٽ شادي شُده زندگين تي بہ ڪِهڙا ناڪارِي اَثر وِجهي ٿو_جنهن ۾ ڊيوڊ نالي هڪ شخص زندگي جي ڏکيائين کي مُنهن ڏيندو آخر ڊورا (Dora) نالي عورت سان شادي ڪري ٿو: پر اُنهن ٻنهي جي وچ ۾ هَم آهنگي پيدا نہ ٿيڻ ڪري شادي ناڪام بڻجي وِيندي آهي_۽ آهسِتي آهستي سَندن مُحبت بہ خَتم ٿِي وِيندي آهي_ڊيوڊ ۽ ڊورا کان علاوه اُنهي ناول ۾ ٻين شادي شُده جوڙن جي شادي شُده زندگين

جي عَڪس ڪي بہ چٽيو وَيو آهي؛ جنهن ۾ سَمُورن مَسئلن جي جڙ، ڊِڪنز، بَيگانگِي ۽ مُعاشي اَٿُوند ڪي ڄاڻايو آهي .

## دَگريٽ اَيڪسپيڪٽيشنز Great Expectations

چارلس ڊڪنز جو هي ناول 1861ع ۾ مڪمل طور تي شايع ٿيو هو؛ جنهن ۾ هُن صَنعتي دور جي ماڻهن جِي نفسيات کي عَڪس ڪندي هر مسئلي جو حل پئيسي کي قرار ڏنو آهي_جنهن ۾ پِپ (Pip) نالي هِڪڙِي ڇوڪرَي کي “ايسٽيلا” سان مُحبت ٿي ويندي آهي؛ پر پِپ هِڪڙي لوهَار جو پُٽ آهي جيڪو خوفزده هوندو آهي تہ “ڇا ايسٽيلا مونکي منهنجي غربت باوجود بہ چاهيندي يا نہ”! يَعني مُحبت کان وٺي رشتن ۽ هر جاءِ صرف پئسو ئي آهي جيڪو ماڻهو جي هر نَفسِيات جو عِلاج ڪرڻ لاءِ هِڪ ٽِڪ آهي_اُنهي دور ۾ پئسي وارَو هُجڻ بہ هڪ فيشن ۾ شمار ٿيندڙ عَمل هو؛ جتي پوءِ پِپ بہ هاڻي ذهن ۾ خيال جوڙي وٺندو آهي تہ ڇا بہ ٿي پوي پر پئسو ڪمائڻو آهي! پئسي کي موضوع بڻائيندي حقيقي غُربت وارِي زندگي کي چارلس ڊڪنز حقيقي رُوپ ۾ ڀرپور نموني عڪس ڪندي نظر اچي ٿو.

## ڪِرسمَس ڪَيرَول Christmas Carrole

چارلس ڊِڪنز جو هي ناوِل 1843ع ۾ شايَع ٿيو هو؛ جنهن ۾ هُن “ٻين کان نفرت ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي ٻين کان اعلىٰ تر سمجهڻ” واري موضوع جي نشاندهي ڪئي آهي_اِسڪروج نالي هڪڙو شخص جيڪو ڪنجُوس ۽ پنهنجو پاڻ کي دنيا کان ڪٽيل ۽ اَلڳ سَمجهڻ لَڳندو آهي؛ هُن کي مُعاشري جي هر ماڻهو جي سَوچ کان چِڙ هُوندي آهي. اَيتري قدر جو هُن جو پَنهنجي ڀائٽي ۽ ٻين رشتيدارن سان بہ ڪا بہ هَم آهنگي ناهي رهندي_پر هِڪڙي ڏِينهن ڪِرسمس کان موتندي هُن کي رُوحاني طاقتن وسيلي پنهنجي اندر کي سُڃاڻڻ ۽ ٻين ماڻهن سَان هَم آهنگي پيدا ڪرڻ جو خيال پيدا ٿي ويندو آهي! ۽ هُن کي اُن کان علاوه اِهو اَحساس بہ ٿِيندو آهي تہ دُنيا عارضِي آهي تنهنڪري جيترو ٿي سَگهي اُنهي کي سُٺو ۽ سَخِي ٿي گذارجي؛ اُن کان علاوه ڊِڪنز جو سَخاوت ۽ هم آهنگي ۾ حقيقي موضُوع مُعاشري ۾ حقِيقي مُحبت ۽ بَرداشت جو واحِد سَبب آهن .

چارلس ڊڪنز جي سَڀني ناولن جو جَڙ ڏِسجي تہ حقِيقي مَوضُوع غُربت ئي رَهيو آهي؛ پر اُن بَاوجُود بہ هُن ۾ غُربت سان گڏ مُحبَت، قُربانِي، اَخلاقيات کي مُوضوع طور ڪٽي هلڻ جو فن هو! جنهن کي ٿورو وَڌيڪ بهتر نمُوني سَمجهڻ لاءِ اسان ڊِڪنز جي لکيل ناول ٻن شهرن جي ڪهاڻي (A Tale of Two Cities) کي ٿورو تفصيلي نَظر سان پَڙهنداسِين .

# ٻن شهرن جِي ڪهاڻي A Tale of Two Cities

چارلس ڊِڪنز اِهو ناول 1859ع دوران پنهنجي مئگزين ۾ قِسطوار لِکڻ شُروع ڪيو هو؛ جنهن ۾ ڊِڪنز بغاوت (Rebellion)، محبت (Romanse)، رشتن ۽ سچائي جي موضُوع (Theme) کي فرانس جي انقلاب سان گڏ ڪٽي ڪري، اُن مهَل اُتي پيدا ٿيندڙ ماحول جي گرمجوشِي ۽ بَعد ۾ سڊني ڪارٽن (Sideny Craton) جي قرباني واري انداز کي ڀرپُور نَموني پڙهندڙن آڏو وڏي صَفائي سان پيش ڪرڻ وارو فرض نڀائيندي نظر اچي ٿو .

هي ناوِل جَڏهن شروع ٿئي ٿو اُن وقت هڪڙو واپاري جيڪو لندن کان پئرس ڏانهن روانو ٿئي ٿو؛ اُهو اُن لاءِ ته اَرڙنهن سال اڳ فرانس جي هِڪڙي ڊاڪٽر کي بنا سَبب فرانس جي بيسٽائيل قلعي (Bastile Tower) جي جيل اندر رکيو ويو هو__جيڪو بَعد ۾ ويهن سالن کانپوءِ بنا سَبب ۽ ڳالهه ٻولهه جي آزاد ڪيو وڃي ٿو. تنهن کان پوءِ هُو پنهنجي پراڻي نوڪر ارينسٽ ڊيفريج (Earnest Defrage) وٽ رَهندو آهي. اُهو واپاري جيڪو لندن کان پئرس طرف روانو ٿئي ٿو__اُن جو نالو لوري آهي جيڪو قيد ۾ آزاد ٿيل ڊاڪٽر جو دوست هو. لوري جو پئرس وڃڻ جو مَقصد صِرف ۽ صِرف پنهنجي دوست ڊاڪٽر مَينيٽ (Dr: Mannate) کي واپس لندن وٺي وڃڻ آهي؛ جتي ڊاڪٽر جي ڌي مس مينيٽ (Mis Mannate) پوين ارڙهن سالن کان پنهنجي پي جو انتظار ڪري رهي آهي. ڊاڪٽر مينيٽ جنهن ارڙنهن سال اڳ پنهنجي ڌِي کي لوري وٽ پالنا لاءِ ڇڏيو هو ۽ جيڪا هاڻي ارڙنهن سالن بعد هڪ خوبصورت، جوان ۽ حسِين ڇوڪري بڻجي چڪي هئي .

لوري چاهي پيو ته ڊاڪٽر مينيٽ کي لندن وٺي وڃي سُک واري زندگي گذارڻ جو شرف ڪيس ڏجي ۽ هوڏانهن ڊاڪٽر مَينيٽ قيد دوران (نظربند) پاڻ کي مصُروف رکڻ لاءِ پنهنجو گهڻو وقت بُوٽ ڳنڍڻ ۽ پنهنجي اُونداهي ڪَمري ۾ خُواهمخواه هَيڏي هوڏي گهُمڻ ۾ صِرف ڪري ڇڏيندو آهي__يَعني ڊاڪٽر تمام رحم واري زندگي گذاريندو آهي "پوراارڙنهن سال"!!!

لورِي ۽ ڊاڪٽر جي ڌي لوسي (مس مينيٽ) جي ڪوشش سان ڊاڪٽر انهي قيد مان آزاد ٿي لندن پهچندو آهي؛ جِتي هُن جي ڌي هُنجو ڀرپور خيال رکندي آهي. ڊاڪٽر جي صحت به بحال ٿي ويندي آهي ۽ هو عام روز مره جي زندگي ۾ وري پير پائيندو آهي ۽ پاڻ کي مڪمل آزاد سمجهندو آهي .

هي ڪهاڻي 1775ع جي پَهلو کان شُروع ٿيندو آهي؛ ۽ هاڻي ڊاڪٽر جي انگليند پهچڻ بعد 1780ع تائين ڊاڪٽر پنهنجي ساڳي زندگي سان جڙي ويندو آهي___هن جي ڌي جنهن کي ارڙنهن سال اڳ هُن پنهنجي دوست وٽ پالنا لاءِ ڇڏِيو هو اُها به جوان ۽ سونهن جي شهزادي بڻجي پئي هئي. لوسي ۽ ڊاڪٽر جي محبت ڌِي ۽ پي جي رشتي جو مِثال هوندو آهي. ڊاڪٽر آزادي کان پنج سال بعد وري ساڳيو ڏنڌو

اَپنائي ڊاڪٽر بڻجي وِيندو آهي ۽ لوسي پنهنجي ننڍڙي گهر سوهو (Soho) واري عِلائقِي ۾ گُذاريندي آهي. اُن ڪان عِلاوه لَوري جَيڪو ڊاڪٽر جو دَوست آهي، اُهو بہ هاڻي هِنن جي خاندانِي زندگِي جو حِصو بڻجي ويندو آهي .

اُنهي دوران هِڪڙي ڪَيس جي گواهِي لاءِ ڊاڪٽر ۽ لُوسِي کي ڪورٽ ۾ گهرايو وِيندو آهي. اُهو ڪيس اِنقلاب سان غداري جو ڪَيس هُوندو آهي؛ جيڪو چارلس ڊارني (Chales Darney) نالي شخص تي دائِر ٿيل هوندو آهي__چارلس ڊارني فرانس جي اعليٰ خاندان اَيوَر مَونڊِس خاندان جو فرد هوندو آهي__۽ هَوڏانهن فرانس ۾ مزدُورن جو اِنقلاب بہ روان دوان هوندو آهي__جِتي شاهي خاندان سان تَعلُق رکندڙ هر ماڻهو جو سِر ڌَڙ کان ڌار ڪري اُنهن کي موت جي ننڊ سُمهاريو ويندو آهي. اِهو انقلاب مزدورن جوانقلاب هُوندو آهي جيڪي هاڻي پنهنجي ٿيل اِستحصال جو پلاند ڪري رَهيا هُوندا آهن.

اُنهي ڪَيس جي گواهي دوران چارلس ڊارني جي مُلاقات لوسي يعني ڊاڪٽر مَينيٽ جي ڌِي سان ٿي ويندي آهي، جَنهن کان پوءِ ٻنهي جي مُحبت ٿي ويندي آهي .

اُنهي دوران هِڪڙو ٻيو ڪردار ظاهر ٿيندو آهي؛ سِڊني ڪَارٽن، جيڪو پَيشي جي حوالي سان وڪِيل هوندو آهي؛ اُنهي وڪِيل جِي بہ لُوسي سان مُحبت ٿي ويندي آهي. پَر لُوسي پنهنجي جَذبن جو رُخ چارلس ڊارني طرف موڙي ڇڏيندي آهي ۽ سِڊني ڪَارٽن جي اظهار تي لوسي هن کي سڌو اِنڪار جو جواب ڏئي ڇڏيندي آهي

چارلس ڊارنَي ۽ لوسي شادي جو فيصلو ڪندا آهن ۽ شادي واري ڏينهن چارلس ڊارني ڊاڪٽر کي هڪ راز ٻڌائيندو آهي تہ "مان فرانس جي اعليٰ خاندان جو فرد آهيان ۽ مان هن وقت فرار ٿي لندن پڇي آيل آهيان ۽ مُنهنجو تعلق فرانس جي اعليٰ خاندان اَيورموندس سان آهي" اهو ٻڌي ڊاڪٽر جا حَواس ڪن پل لاءِ تہ ٺپ ٿي ويندا آهن! ڇو تہ ايورموندس اُهو ئي خاندان هو جنهن ڊاڪٽر کي اَرڙنهن سال بنا سَبب جَيل ۾ رَکيو هو ۽ انهن فرانس (پئرس) ۾ هر ماڻهو تي ظلم ڪيا هُئا؛ ۽ هاڻي اُتي عام ماڻهن جي بَغاوت اَيورموندس خاندان جي خلاف هئي__جيڪو بہ اُنهي خاندان جو فرد اُنهن کي هٿ چڙهِيو اُنهي جو سِر ڌَڙ کان ڌار ڪيو ٿي ويو. اُنهي ڪري چارلس ڊارني فرانس ڇڏي لَندن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ پهچي ويو هو؛ جِتي هن کي بعد ۾ ڪورٽ ۾ بہ گهُرايو ويو هو؛ پر لُوسي ۽ ڊاڪٽر جي اَڻجاڻائي واري گواهِي تَحت هُن کي آزاد ڪيو وِيندو آهي ۽ اُنهي دوران هُنجِي لوسي سان هاڻي شادي بہ ٿي ويندي آهي.

ڊاڪٽر کي چارلس ڊارني جي اُنهي خبر ۽ راز سوچڻ تي مجبُور ڪري ڇڏيو هو! پَر ڊاڪٽر چارلس کي هُن جي خاندان کان اَلڳ ۽ صَحيح ماڻهو جي

حيثيت سان پنهنجي گهر جو فرد بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ پراڻين خانداني ڳالهين تي سوچڻ کي هُو فضُول سمجهي اُنهن کي درگُزر ڪري ڇڏيندو آهي!

اِهو هيو لندن جو احَوال، پر فرانس يعني پئرس ۾ ڇا صُورتَحال هُئي؟ لندن ۾ ته ڊاڪٽر، لوسي ۽ ڊارني خوشحال زندگي گذاري رهيا هئا، پر پئرس جو حَشر ڪُجهه ٻيو هو! جتي بَغاوت چوٽ چڙهيل هُئي ۽ اُها بغاوت ڊارني جي خاندان خلاف هُئي. جِتي پئرس جو اعليٰ خاندانن عوام جو خيال نه ڪندا هُئا، جيڪڏهن ڪو به مقامي ماڻهو اُنهن جي ٽانگي (بَگِي) هينان غلطِي سان اچي ويندو هو، ته اُهي اُنهي کي ڇيپاٽي ماري هليا ويندا هئا، جنهن جو رَدِ عَمل اِهو نڪتو ته پئرس جا ماڻهُو پاڻ ۾ گڏجي ويا، ۽ هُنن بغاوت جو اَعلان ڪَري ڇڏيو هو. اِنقلابي گرُوپ جُڙي چُڪا هئا! ۽ اُنهي گرُوپ ۾ اِنقلابي ماڻهو هڪٻئي کي "جَيڪيُوز" جي نالي سان سُڃاڻيندا هئا

اُهو ڳوٺ جِتي اَيوَرمَونڊس خاندان رَهندو هو اُتي هڪڙي باغِي ماڻهو يعني: اُنهي خاندان جي رکوالِي ڪندڙ ماڻهو مارڪيُوز (اعليٰ خاندان جو سردار) کي ماري وجهي ٿو، ۽ هَاڻي ڳوٺ ۾ رَهندڙ ماڻهُن نئين کان نئين مارڪيُوز جي گهر ڪئي هُئي ڇو ته اُتي جي مارڪيُوز يَعني اُنهي ڳوٺ جي چڱي مڙس (اڳواڻ) جو لقب هو. جيڪڏهن هِڪڙو مارڪيُوز (چڱو مُڙس) مرندو هَو ته اُنجي جاءِ تي ٻيو مارڪيُوز اُن ڳوٺ (علائقي) جي رکوالِي ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويندو هو. ماڻهُن اَيورمَونڊس خاندان جي آخِري وارِث کي به ختم ڪرڻ پيا چاهن ۽ اُهو آخري وارث چارلس ڊارنَي ئي هو جنهن جي هاڻي لندن ۾ ڊاڪٽر جي ڌِي لوسي سان هاڻي شادي ٿي هئي!

ايورمونڊس خاندان جو داروغو لندن هِڪڙو خط اُماڻيندو آهي، ۽ اُنهي خط لکڻ کان پوءِ باغِي ماڻهو (جَيڪيُوز) داروغي کي جيل ۾ وجهي ڇڏيندا آهن ۽ هاڻي اِنتظار ڪندا آهن ته نئون مارڪيُوز يَعني اعليٰ خاندان جو آخِري فرد ۽ وارِث (چارلس ڊارني) اَچي ته اُن کي پڪڙي اُن جو سِر ڌڙ کان ڌار ڪجي، يَعني مارڪِيُوز کي ماري چوڻ لڳا هُئا ته "اسان کي هي پسند نه هو ۽ اسان کي نئون مارڪيوز کپي"، جنهن تي پوءِ اُهي باغي خوُد گڏجي داروغو کان چارلس ڊارنيِ ڏانهن خط لکرايو هُئائونس. خَط لکِرائڻ بعد اُنهن باغِين جو مَقصد چارلس ڊارنَي کي ڪَهُرائي عَدالت ۾ ڪَيس هَلرائي هُنجو سر ڌَڙ کان ڌار ڪرائڻ هو. خط جڏهن چارلس ڊارني کي مليو ته هُو ڊاڪٽر ۽ پنهنجي زال کي آگاه ڪرڻ بغير لندَن کان پَئرس اچي پُڄندو آهي، جتي باغي هُن کي انهي شهر ۾ داخل ٿيڻ شرط ئي پڪڙي اچي جَيل ۾ بند ڪندا آهن. هَوڏانهن ڊاڪٽر ۽ لُوسِي کي به خبر پئجي ويندي آهي ته پئرس ۾ چارلس ڊارني کي پڪڙي جيل ۾ رکيو ويو آهي. تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر مَينيٽ ۽ لُوسي اَچي پئرس پُهچندا آهن! .

ڊاڪٽر پَئرس اچي ڪورٽ ۾ وڃي جذباتي درخواست ڪندي چوندو آهي ته "مُنهنجي ڌي جِي مڙس کي آزاد ڪيو وڃي!!" ڊاڪٽر ڪورٽ کي اُن وقت ٻڌائيندو

آهي "هي مُنهنجو نِياڻو آهي ۽ اَهڙي ڪنهن بہ خاندان سان هن جو تعلق ناهي" اَهڙي درخواست ۽ شڪ جي بنيادن تي جَج چارلس ڊارني کي آزاد ڪندو آهي؛ پر حُڪم جاري ڪري ڇڏيندو آهي تہ "جُستجو جاري رکي، اِهو مَعلُوم ڪريو تہ ڇا واقعي چارلس ڊارني پئرس جي اَيورموندس خاندان جَي اولاد مان ناهي ناهي"!

بغاوت جو وِچون دور جاري هو_ڊاڪٽر ۽ لُوسي چارلس ڊارني جي آزادِي تي بَيحد خُوش هئا پر اها خوشُي مُختصر هُئي! جو چارلس ڊارني کي ٻيهر حِراست ۾ وٺي جيل ۾ وڌو وڃي ٿو! اهو ان لاءِ تہ ڊاڪٽر جو پئرس ۾ رهندڙ پراڻو ملازم "ارينيسٽ دفيريج" جا پڪين گواهِين ۽ ثبوتن وارا بيان، چارلس ڊارني کي اعليٰ خاندان ايورموندس جي اولاد ثابت ڪندا آهن_جنهن تي ٻيهر ڊاڪٽر مَداخلت ڪرڻ جي ڪَوشِش ڪَندو آهي، پر ناڪام ويندو آهي!

هاڻي چارلس ڊارني جو سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ جو حڪم جج ڏئي ڇڏيو هو!_ڊاڪٽر ۽ لوسي بي حال ۽ ناڪام تي ويا هئا پر اتي سِڊني ڪَارٽن، لُوسي جو پراڻو ۽ ناڪام پُراڻو عاشق بہ لندن کان پئرس پُڄي ويندوآهي! جيڪو لُوسي وٽ پُهچڻ شرط ئي هُن سان واعِدو ڪندو آهي تہ "مان تنهنجي مُحبت چارلس ڊارئي کي ڪڏهن بہ مرڻ نہ ڏِيندُس".

سِڊني ڪارٽن جَيل ۾ وَڃي چارلس ڊارني جا ڪپڙا وغيره پاڻ پائي چَارلس ڊارني کي چَمڙا پَوش (Disguise) ڪري جَيل مان فرار ڪري ڇڏيندو آهي_۽ اُن جي جاءِ تي پاڻ چارلس ڊارني بڻجي ويهي رهندو آهي. ٻئي ڏينهن چارلس ڊارني جي جاءِ تَي سِڊني ڪارٽن جو سِر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويندو آهي؛ ۽ چارلس ڊارني، ڊاڪٽر ۽ لُوسِي لندَن طرف بگي ۾ روانا ٿيندا آهن!

"سڊني ڪاراٽن پنهنجي پراڻي عشق جي لاءِ قرباني ڏئي پنهنجي ناڪام محبت جي اتحاظ کي هميشہ لاءِ امر ڪري ڇڏيو".

## راڻي وِڪٽوريا جَو دَور مُختصر جائِزَو

راڻي وڪٽوريا جو دور (Victorian Age) عام طور تي 1837ع کان شُروع ٿيو هو_جنهن وَقت راڻي وڪٽوريا بَرطانيہ جي تَخت تي ويٺي هُئي؛ 1830ع کي اَنگريزي اَدب ۾ رَومانيت جي پُڄاڻي جو دور چيو ويندو آهي_جتان پوءِ نئون ۽ ٻيو دور شُروع ٿيو هو، جنهن کي وڪٽورنزم (Victorianism) سَڏيو ويو هو. اُهو دور اُن وقت پُڄاڻي تي پُهتو جڏهن راڻي وڪٽوريا جي وفات ٿي.

عام طور هن دور مُطابق اِهو بہ رايو رهيو هو تہ اُن دور جا ماڻهو بناوتي (Artificial)، منافق (Hypocrate)، مفادن سان ڀريل ( infested with mercenary reasons) ضمير جا مالڪ ۽ هلڪڙي ذهانت جا مالِڪ هُئا_پر ڪيترن ئي تاريخ دانن اهو خيال مُسترد بہ ڪيو؛ ۽ اُنهي دور کي ايترو سَستو ۽ پَست ڪري لکي پيش ڪرڻ تي

ڪافي تنقيدي بحثن به جنم ورتو! پر اها به حقيقت ضرور هُئي ته اُنهي دور ۾ طبقاتي فرق تمام گهٽو وڌي ويو هو: جنهن ۾ هر وچين طبقي جو ماڻهو جَتن ڪندو رهندو هو ته اعليٰ ۽ مٿين ڪلاس جي ماڻهن سان رُلجي مِلجي وڃي!

هِن دور جي ٻي نواڻ اها به هُئي ته اُن وقت برطانيه جي سَلطنت اڌ دُنيا تي قائم ٿي چُڪي هُئي: ۽ اَنگريزي ٻولِي به ڪوهين ڏُور ٻين مُلڪن تائين پَکڙجي چُڪي هُئي.

هي دور برطانيه جي ڪافي ماڻهن لاءِ جتي خوشامدي وارو دور هو: اُهو وقت هڪ دريافتُن جو دور پڻ هو__جنهن ۾ سائِنس ترقي ڪئي ۽ نيُون شيُون جهڙوڪ: اَوزار ۽ نيُون مَشينون اَيجاد ٿيُون هُيون__ماڻُهن جي مَشيني طاقت ٻيڻي ٿي ۽ اُن دور جي ماڻهن زندگي کي آسان ڪرڻ جا نوان طرِيقا پڻ ڳولي لڌا هئا.

هن دور کان اڳ يورپ اندر جتي عِيسائيت جو قبضو هو، هاڻي اُتي ماڻُهن جي ذهنن ۾ شَڪ واري فلسفي جنم ورتو هو. جنهن پوءِ اَدب فڪر، روشن خيالي ۽ رومانيت کي پنهنجي جذبن سان مِلائي پنهنجو پاڻ کي عِيسائيت ۽ پاپئيت جي ڄار کان آهِستي آهِستي آزاد ڪرائيندا ٿي آيا.

اُن سان گڏ هن دور نون نظرين (Theories) کي جَنم ڏنو هو: جِهڙوڪ نئين جَهموريت (Democracy)، عَورتَزادِيت(Feminism)، سوشلزم (Socialism)، ماڪسزم (Marxism) ۽ اُن کان عِلاوه: ٻيون به ڪيتريُون ئي تحريڪون (Movements) هِن دور ۾ پنهنجي پنهنجي اثر سان اُڀريُون هُيون.

اهو هِڪڙو اهڙو دور هو جنهن وقت اِلاهِي ماڻهو چرچ کان پري ٿي چُڪا هُئا ته ٻئي پاسي چرچ جا پوئِلِگ ۽ مذهبي ماڻُهو به هُئا، جيڪي اجا تائين بائيبل جا سبق پڙهندا هئا پنهنجي مذهبي اخلاقيات جو درس به ڏيندا وتندا هُئا.

اُنهي وِڪتورين دَور جي اِنگليند ۾ تعليم به هر ڪنهن لاءِ ساڳي نه هُئي، غريبن ۽ هيٺين طبقي جا ٻار يا ته ڪِنهن فيڪٽري ۾ ڪم ڪندا هُئا يا وري وڃي ڪنهن غريب اِسڪول ۾ داخلا وٺي ڇڏيندا هُئا__پر اَميرن جي ٻارن لاءِ تعليم مُختلف هئي__اَميرن جي ٻارن لاءِ اُنهن جا مائٽ بُنيادي تعليم ڪين گهر ۾ ڪو ماستر پگهار تي رکي ڏياريندا هئا__۽ بعد ۾ اُنهن کي تيار ڪري اِسڪول يا ڪالَيج موڪليو ويندو هو__اُنهن جي تعليم ۾ لازمي طور انهن کي رياضي (Mathematics)، قانون (Law)، فلسفو (Philosophy) ۽ جديد تاريخ (Modern History) پڙهايو ويندو هو. ٻئي پاسي جنسي تفاوت به اُنهي دور ۾ موجُود رهيو هو! اُهو ايئن ته ڇوڪرين لاءِ سڄي تعليم ڪين گهرِ ۾ مُهيا ڪئي ويندي هُئي ۽ ڪٿي ڪٿي اُنهن لاءِ مائٽ الڳ اسڪول ۽ بورڊنگ ۾ تعليم جو بندوبست ڪندا هُئا__ڇوڪرين جي تعليم به ڇوڪرن کان مُختلف هئي جنهن ۾ ڇوڪرِين کي ڊرائينگ، ڊانس ۽ موسيقي وغيره سان گڏ پَرت پَرڻ وارو ڪم به سيکاريو ويندو هو.

اُن دور ۾ ٽي طبقا موجُود هُئا: جَن ۾ پهرِيون مزدور طبقو جَيڪي مزدوري ڪندا هُئا: ۽ ڪين اُجرت ڏِينهنن يا هفتن جي حِساب سان ڏنو ويندو هو ـــ ٻيو وِچولو طبقو جيڪي هر ڪم ۾ پنهنجو ذهن استعمال ڪندا هئا ۽ انهن کي اُجورو (Remuneration) مَهيني يا سالن ۾ ادا ڪيو ويندو هيو ـــ ٽِيُون (ٽرِيُون) طبقو يعني مَٿيون طبقو جيڪو ڪنهن بہ قسم جو پورهيو ڪونہ ڪندا هُئا ۽ پنهنجي اَبن ڏاڏن طرفان ورثي ۾ ڇڏيل ملڪيت تي گذارو ۽ عياشِيُون ڪندا هُئا. مزدور طبقي لاءِ اُنهي دور ۾ جنسي مَيلاپ جو ذريعو بنا روڪ ٽوڪ جي هُيو ـــ ۽ اهو اُن لاءِ تہ فيڪٽرين ۽ ڪارخانن ۾ مزدُور طبقي جي مردن ۽ عورتن جي ملڻ تي ڪا بہ پابندي ڪانہ هُئي، ۽ مزدور طبقا پنهنجي شادي جو فيصلو بہ پاڻ ڪندا هُئا ـــ ۽ شادي کان پوءِ بہ جِنسي مَيلاپ انهي طبقي لاءِ ڪا وڏي ڳالهہ ڪان هُئي. 1800ع ڌاري مَزدُور طبقي جُون تقريبن ٽيون حصو عورتون شادي کان اَڳ ئي پيٽ سان (Pregnant) ٿي چُڪِيون هُيُون .

وِچين ۽ مٿين طبقي جي ماڻهن لاءِ جنسي ميلاپ جو ذريعو شادي کان اڳ پَنهنجي نوڪرِياڻِين (Maids) يا ڪَسبِياڻِين (Mistresses) سان رهندو هو.

اُنهي دور جي اَنگن اَکرن مُطابق انگليند ۾ تقريبن اسي هزار (Eighty Thousand) مايُون اُنهي وقت جسم وِڪڻِنديُون هُيون: ۽ هزارن جي تعداد ۾ مايُن کي ڪِرائي تي هلائڻ وارا مرد (Pimps) بہ موجود هُئا! تنهن باوجُود اِنگليند ۾ اُن وقت هم جنس پرستي (Homo_Sexual Activities) جي سزا موت هُئي: ۽ رياست طرفان اهو هڪڙو وڏو جُرم تصور ڪيو ويندو هو، جنهن جي سزا ڪين هر حال ڏني ويندي هئي! پر تنهن سيني اُٽاين باوجود اُنهي دور جي اَدب اندر ڪافي نواڻ جو مُظاهرو ٿيو هو جِنهنجو احوال هيٺ ڏجي ٿو:

## وِڪٽوريہ دَور ۾ مُختصر اَدبي جائزو

رَومانيت جو جنم هڪڙي تيز طوفان جيان ٿيو هو، جيڪو ٽيهن سالن تائين وڌندو ئي رهيو هو ـــ ۽ جنهن ۾ اُن وقت جي شاعِرن ۽ نَثرنگارن اَلهامي جذبن ۽ قُوتن جا ڪرِشما جوڙيا هُئا. 1822ع ڌاري رومانيت سياست اندران پيدا ٿي، جنهن بعد 1835ع کان پوءِ ساڳي رومانيت کي ادب ۾ جاءِ مِلي ـــ پر رومانيت کان بعد هڪڙي نئين دور جي پيدائش ٿي هُئي ـــ ۽ اهو هو راڻي وِڪٽوريہ جو دور! جنهن دور ۾ انگليند جون سلطنتون بہ سمنڊن پار ڦهلجي ويون چُڪيون هُيون، ۽ اُنهي بدلجِندڙ دَور سان گڏ اَنگريزن اندر قوم پرستي (Nationalism) بہ مظبوط ٿي چُڪي هُئي ـــ ۽ انهي دوران انگريزي قوم دنيا ۾ ۽ يُورپ اندر ٻين قومن کان مٿي ترقي جا ڏاڪا بہ چڙهندي ٿي وئي هُئي! هاڻي انهي قوم کي پنهنجي پاڻ کي سنوارڻ جو احساس بہ ٿيو: جنهن کان پوءِ اُتان جي مُلڪي مُعاملن ۽ سَماجي اخلاقياتن کان ويندي فَن ۽ اَدب کي بہ اُتان

جي ماڻهن پنهنجي زندگي جو حِصو سمجهي انهي کي نئين سِر ۽ نئين اَنداز سان تَخليقڻ جي ڪوشش ۾ لڳي چُڪا هُئا.

انهي دوران علمن جي ميدان ۾ اَنيڪ تبديليون رونما ٿي رهيون هُيون، صدين کان يورپ اندر فلسفَي ۽ سوچُن جي گردشن نون خيالن کي جنم ڏنو هُو: جنهن کان پوءِ هاڻي يورپ جي ماڻهن ڪائنات جي نظرين کي ڳولهڻ جي جُستجو جاري رکي هُئي__تنهن وقت چارلس ڊاروِن (Charles Darwin) آرِجن آف اِسپيشِيز (Origin Of Species) لکيو هو__جنهن جي انهي انساني اِرتقا جي نظرئي (theory of Evolution) يورپ اندر نئين بحثن جي هِڪ نئين جنجهڙ کي مچائي ڇڏيو هو! اِرتقا جي نظرئي ان وقت ماڻهن کي اهو ٻڌايو هو تہ "انسان پنهنجي جانورِي (Animalical) واري زندگي کان ترقي ڪندو آخر ڪار هِڪڙو انسان بڻيو آهي: ۽ هاڻي آدَم (Adam) ۽ حَوا (Eve) کان ويندي خُدا جي مرضِي جو تہ ڪو سَوال ئِي پيدا ڪون ٿو ٿئي"! ڊاروِن پاڻ هِڪ مذهبي ماڻهو ۽ خُدا جي ذات جو قائل هو پر اُن وقت اُتان جا مذهبي ماڻهو انهي نظرئي کان ڇرڪِي ويا هُئا ۽ ڊاروِن خلاف مختلف محاذ قائم ڪري ڇڏيا هُئائون!

انهي وقت تائين يورپ اندر اجا هزارين اهڙا ماڻهو هُئا جيڪي سائنس جي مخالفت ۾ لهي آيا هُئا! پر تنهن باوجود ڊاروِن جو اهو نثري نظريو انگليند جي ادبي دُنيا اندر شاهڪار تخليق هُئي.

هاڻي تہ انهي نظرين جي مُخالفت باوجود ڪافي ماڻهن انهي نظرئي جي پوئلڳي بہ ڪئي هُئي: ٿامس هينري هَڪسلَي (Thomas Henry Huxley__1825ع کان 1895ع) انهي نظرئي کي ڦهلايو هو__ تنهن کان پوءِ ٿامس آرنلڊ (Thomas Arnold__1795ع کان 1846ع) انهي مذهبي ۽ ارتقائي اختلافُن کي مَنطقي انداز سان حَل ڪرڻ جو درس ڏنو هو__تہ وري براڊ چرچ (Broad Church) بہ مذهبن جي وچ ۾ رواداري کي اَهم ٿي سَمجهيو هو! رَومانيت لاءِ هاڻي اِنگليند اندر ماڻهن جو اهو بہ خيال هو تہ "رومانِيت هڪڙي مخصُوص عَنصر جو نالو هُيو جيڪو حقيقي دُنيا اندر انساني جذبن جي نمائندگي ڪرڻ جي قابل نہ هو" ; اهو هيو اُن وقت انهي دور جي ماڻهن ۽ اديبن جو خيال!

گهڻن جو تہ خيال اُن وقت اهو بہ هيو تہ "ڪلاسيڪي دور پنهنجي اندر ۽ فن ۾ پنهنجي جذباتي حوصلن کي قابو ۾ رکڻ جو دور هو پر رومانيت پَسندن جذبن کي هَوا جي لهرن جيان ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو هو"__تنهن باوجود وِڪٽورين دور جا اديب رَومانيت جا پيروڪار رهندا ٿي آيا هُئا: پر وري بہ اُنهي سان گڏ هُنن پنهنجي نئين قومي جُڙندڙ حالتُن ۽ اثرن کي پنهنجي قومي اَدب اندر جاءِ ڏئي لکڻ لڳا هئا. وِڪٽورين دور جي تقريبن اديبن نثرنگاري (Prose) تي تمام گهڻو ڌيان ڏنو هو: ۽ هُنن پنهنجي قلم جي زور تي نون اصلاحي خيالن کي جنم ڏنو هو!

انهي دور ۾ نثرنگاري جي نمائندگي ڪندڙن ۾ نمايا نثرنگار ٿامس ڪارلائيل (Thomas Carlyle) هيو__هُن ايڊنبرا يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪئي هُئي ۽ جرمن فلسفي سان هُنجو خاص عشق ٿي ويو هو: اُن کان علاوه هُن گوئٽي (Goethe) جي ڪيترن ئي لکڻين کي بہ ترجمو ڪيو هو. ٿامس ڪارلائيل ڪيترائي مضمون لکيا هُئا ۽ انهي وقت هُن هڪڙي جرمن فلسفِي وليم مئيسٽر (William Meister) جي زندگي (Biography) بہ لکي هُئي. فرانس جي انقلاب (French Revolution) جي تارخ لکڻ سان گڏوگڏ هُن: آن هيِروز اينڊ هِيرو ورشپ (On Heroes and Hero-worship) تي ڪافي ليڪچر ڏنا هُئا__جن اُن وقت هن کي وَڏي شُهرت جو دَم بخشيو__اُنهي پنهنجي صِنف ۾ هُن فلسفي، تاريخ ۽ زمانن جي منزلن کي پيغمبرن جي مثالن سان پيش ڪيو هو. ڪارلائيل عجيب قسم جو انسان هو جيڪو سائنسي دور ۾ پيدا ٿي ڪري بہ روحاني ڪَشمُڪش جي ور چڙهيل هو!__انهي کان پوءِ هُن پاسٽ ائنڊ پريزنٽ (Past and Present)، لَيٽر ڊَي پَمفليٽ (latter Day Pamphlets) ۽ پرافٽ آف چيلسي (Prophet of Chelsea) کان ويندي ڪرام ويل (Cromwell) جهڙا نثري مضمون لکيا ۽ انهي دور جي نثر اندر پنهنجو ادبي حصو ڇڏيو هو. ڪارلائيل کان پوءِ انهي دور جو ٻيو نثر نگار لارڊ ميڪالَي ( Lord Macaulay___1800ع کان 1859ع) جنهن اُن وقت ڪيترائي مضمون لکيا هُئا ۽ اُن سان گڏ هُن انگليند جي تاريخ (History of England) تي بہ ڪوڙ سارا مضمون لکي انهي دور جي ادب ۾ حصيدار ٿي ويو هو.

هون تہ وِڪٽورين دور حقيقت جي پيماني تي ٻڌل دور هيو: پر انهي سيني ۾ انهي وقت جو نثرنگار جان رَسڪن (John Ruskin___1819ع کان 1900ع) تي اجا رومانوي دور جو اثر جاري هيو___رسڪن هڪڙي شرابي واپاري جو پُٽ هو ۽ بعد ۾ هُن آڪسفورڊ مان تعليم پرائي هُئي. وِليَم بِلئڪ ۽ وَردس وَرٿ کان هُو بيحد مُتاثر هُيو__روحانيت ۽ اخلاقيات سان هُنکي تمام گهڻي دلچسپي ٿي وئي هئي: جنهن پوءِ مُصوري، ادب کان ويندي تعمير جي فن ۾ بہ هُن حُسن کي رُوحانيت جي ڪَرشمي جِيان پيش ڪيو هو. هِن جو مَاڊَرن پَينٽرز (Modern Painters) پنجن جُلدن ۾ ڇپيو هو: جنهن ۾ هُن تعميراتي فن ۽ عمارت سازي جي فن کي بہ روحاني حُسن سڏيو هو__تنهن کان پوءِ هُن اقصاديات تي ڪتاب، اَنٽوُ دِس لاسٽ (Unto this last) لکيو، جنهن کي ماڻهن وڏي شوق سان پڙهيو هو.

انهي سيني جي وچ ۾ هڪڙي تعليمدان، ٿامس آرنلڊ (Thomas Arnold) جي پُٽ مَيٿيُو آرلنڊ ( Mathew Arnold) بہ انهي دور جو تهذيبي يافتہ نثرنگار پيدا ٿي ايريو هو__مَيٿيُو آرلنڊ آڪسفورڊ مان تعليم ورتي ۽ بعد ۾ انهي ساڳي آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ شاعري جو پروفيسر بڻيو هو__شاعري سان گڏ هُن نثر بہ لکيو ۽ اُنهي ٿرنگاري ۾ بہ هِن جي ٻولي مان رومانيت جي خُوشبو ايندي هُئي جو هو بُنيادي طور هڪ شاعر هو__۽ سُهڻن لفظن جي اُٿت هُن جي فطرت ۾ سَمايل هئي__هُن شاعري کي

زندگين تي تنقيد سڏيو هو__ ۽ هُن وٽ تنقيد جو بہ ڪافي علم هو: هُن جي مشهور لکڻين مان هڪڙو دَ فنڪشنز آف ڪرِٽيسزم (The functions of criticism) آهي: ۽ ٻيو هُن لِٽريچر ائنڊ ڊوگما (Literature and Dogma) جي عنوان سان بہ مواد لکيو هو__جنهن ۾ هُن مذهب جي جاءِ تي فلسفي کي ترجيع ڏيڻ جي صلاح ڏني هُئي__پر انگريزي ادب ۾ بهترين ڄاتل هِنجو نثري مَسودو ڪلچر ائنڊ انارڪي (Culture and Anarchy) آهي__جنهن ۾ آرنلڊ انگريز قوم اندر هيٺين، وچولي ۽ مٿين يعني ٽنهي طبقن جي باري ۾ پنهنجا خيال وندي ٿو ۽ مذهب کي بہ انهي طبقن جي وچ ۾ هڪڙي عنصر جيان پيش ڪري ٿو.

اُنهي کان علاوه وِڪٽورين دور ئي اِنگليند لاءِ اهو دَور هو جتان کان نثرنگاري عروج کي ڇهندي ٿي هلي هُئي، پر تنهن باوجود اُنهي دور ۾ ڪن مشهور شاعرن جو اتي جنم ٿيو__تن ۾ انهي دور جو مشهور شاعر لارڊ ايلفرڊ ٽينيسن Lord Alfred Tennyson) 1809__ع کان 1892) هو__ هُن ڊرئميٽِڪ مونالاگ (Dramatic monologue) بہ لکيا ۽ هَومر جي اَوڊيسي جي هيرو يوليسِس (Ulysses) جي بہ پنهنجي شاعري ۾ ڪردارڪشي ڪئي هُئي__يا انهي کان پوءِ انهي دور جو ٻيو شاعِر رابرٽ برائوننگ (Robert Browning__1812ع کان 1889ع) هو جنهن شاعري جي دُنيا اندر فن جي نئين اثر کي ڇيڙيو هو__ ۽ بعد ۾ هُن لَوَ ائند رُونس (Love and ruins) کان ويندي لاسٽ رائيڊ ٽو گيڊر (Last Ride together) ۽ ماءِ لاسٽ ڊچز (My last Duches) جهڙا شاهڪار نظم لکي وِڪٽورين دور ۾ جڻ رومانيت جي تار کي ڇيڙيو هو

انهي دور جي ناول نگارن ۾ وِليم مَيڪ پِيس ٺَيڪري ( William Makepeace Thackeray) ۽ جارج اِليئٽ (George Eliot) ٺي هُئا پر__وري بہ انهي دور جو وڏي ۾ وڏو ناول نگار چارلس ڊڪنز (Charles Dickens) ٺي هُيو!

## چارلس ڊِڪِنز جي لِکڻين ۾ حَقيقت پسندِي جَو جائِزو

چارلس ڊِڪنز اُوڻهين صدي ۽ وڪٽوريہ دور جو مشهُور لَيکڪ طور ڄاتو وڃي ٿو__هن جي تَخليق ڪيل ادب دَ گريٽ ايڪسپيڪٽيشنز، اوليورٽوسٽ ۽ ڪرسمس ڪيرول ۾ ڊِڪنز هر لحاظ کان حقيقت پسند ٿي پنهنجي دور جي ترجُماني ڪندي نَظر آيو آهي. جنهن ۾ ڏُکي زندگي، خوشامندي ۽ ماڻهن طرفان پيدا ڪيل ڏوھ وارا ڏنڊا شامل آهن. اُن کان علاوه چارلس ڊڪنز اُن وقت اِنگليند اندر برپا ٿيندڙ صنعتي دور جي هر نُقطي کي پنهنجي لِکڻين جو موضُوع بڻايو هو. اوليور ٽوسٽ ۾ هڪڙي يتيم ٻار جي ڪردار کي ڏوهي گرُوه جي هَٿن تائين پُهچائڻ: ۽ ڏوه جي دُنيا کان ويندي اُن وقت اُتي رائِج نااِنصافي واري ماحُول کي پنهنجي لکڻين ۾ لکي ننگو ڪرڻ هو__اُهو اُن لاءِ تہ وِڪٽورين دور ۾ چارلس ڊڪنز ئِي اُهو دَمدار ناول نگار هو جنهن رومانوي ۽ تنقِيدي ٻنهي لحاظن سان اُنهي دور جي ترجماني ڪئي هُئي.

چارلس ڊڪنز وارو اهو دور تعليم جي کوٽ ۽ اڻ_سَهپ واري جذبن جو دور هو! جنهن ۾ هن ثابت ڪيو هو تہ “واقعي هُو اُنهي دور جو بهترين لَيکڪ آهي”_ساڳي طرح دَ گِرَيٽ اَيڪسپيڪٽيشنز ۾ هُن پئسي جي پويان پڄندڙ وچين طبقي ڪي ڪٽي پنهنجي ناول جو موضُوع بڻايو هو جنهن ۾ جيڪڏهن مُحبت بہ ڪرٽي آهي تڏهن بہ اُهو پئسي کان بغير نامُمُڪن آهي

ٻين ناولن ڪِرسمَس ڪَيرول ۽ ڊَيوِڊ ڪاپَر فِيلڊ ڪانپوءِ هُنجو مشهور ناول ٻن شهرن جي آکاڻي پڻ حقيقت پسندي جو بهترين مثال آهي_جنهن ۾ اُن وقت چارلس ڊڪنز صنعتي ڪار_وهنوار سان گڏ فرانسي اِنقلاب جي پهلو تي بہ نظر هٽي اُن ڪي پنهنجي ناول جو موضُوع بڻايو هو. ڊڪنز اُن دور ۾ لکڻين ذريعي ظاهر ڪيو هو تہ “اُن وقت ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح سان ماڻُهن جا سر ڌڙ کان ڌار ڪيا ويا هُئا: ۽ ڪهڙي طرح بزنس کان ويندي عِلم جي کوٽ سَبب ۽ ڪيئن عام ماڻهن جُون زندگيون بُڏتر جو شڪار ٿي ويون هُيون”! اُنهي سيني موضُوعن جي پَهلُوعن تي لکڻ کان ويندي ڊِڪنز مُحبت ۽ اُن وقت اُتي جنم وٺندڙ داخلي ۽ ظاهري جذبن جي ترجماني ڪندي اَدب جي دُنيا اندر اُنهي دور جي هر طرح سان شاندار مَنظر ڪشِي (Diction of sublimity) جو مُظاهرو ڪيو: جيڪو اُن وقت حقيقت پَسندي جو بَهترين مِثال هو.

# يُوحان وَولف گانگ گوئِٿي
# 1749___1832عيسوي سال

نيپولين هن کي ڏِسندي ئي هِڪدم چئي ڏنو هو تہ "بيشڪ هي هِڪ انسان آهي"__اَرڙهين صدي ۾ جَرمن فَلسفو (German Philosophy)، شاعري ۽ ناول نويسي ۾ يُورپ دنيا ۾ پرپُور انداز سان اُڀري نروار ٿي پيو هو. جڏهن جرمني ۾ اَيميونل ڪانٽ(Emunal Kant) جهڙن فلسفِين جي پيدائش روشن خيالي (Enlightenment) کي جنم ڏنو هو: جنهن ۾ اِنسان سوچڻ سان گڏ هر شي کي سائِنسي نظر سان جاچڻ ۽ پرکڻ لڳو. اُنهي سان گڏ: هي اهو ئي دور هو جنهن ۾ چَرچ آخري پساه پريندي دَم ٽوڙي رهي هُئي ۽ اِنسان صَدين کان جڪڙيل مذهبي وَهم پرستي جي زنجيرُن کان بہ پنهنجي جند آجي ڪرائڻ جي جُستجُو ۾ لڳو پيو هو! تڏهن هِڪڙي شاعِر ناول نويس، ڊرامہ نِگار ۽ فلسفِي (Philosopher) جنم ورتو هو.

هن وٽ آسمان کي چُهڻ جُون خُواهشُون هيُون ۽ زندگي کي سمجهڻ جُون تمنائُن سان گڏ تجربن ڪرڻ جي همٿ بہ اندر ۾ سمايل هئي__بي سبب رلُڻ، رُوح ۾ بيقراري ۽ لاپرواهِي هئڻ سان گڏ اُميدن جي توازن سان هُو دنيا ۽ معاشري سان هم آهنگ بہ رهندي ٿي آيو هو! اُنهي هَم آهنگي جو هِڪڙو سبب اهو بہ هئو تہ هن جي سيني ۾ بہ رُوح هُئا: هڪ تہ هُو حُسن پرست شاعِر هو تہ ٻيو هُو هميشہ پنهنجي اندر ۾ هڪڙو حقيقت پَسند انسان ئي هُيو. هُو ائين بہ چوندو هو تہ "مُنهنجي اندر ۾ ٻہ رُوح آهن ۽ ٻئي پنهنجي پنهنجي ڪَشمُڪش ۾ آهن هڪ رُوح ٻئي رُوح تي غالب ٿيڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي"

يُوحان وَولف گانگ گوئِٿي (Johann Wolfgang von Goethe) دريا ڦائِن جي ڪناري واري شهر فرانڪفرٽ (Frankfurt)، جرمني ۾ 28 آگسٽ 1749ع جي وقت ٻيپهري جي ڄائو هو__هُن جي ابتدائي تعليم گهر ۾ ئي هن کي ڏني وئي هُئي: بعد ۾: جنهن ۾ هُن يُورپ جي قديم ۽ جديد ٻولين کان ويندي مَذهب (Religion)، سائِنس (Science)، جاگرافِي (Geography) ۽ اَدب (Literature) کي پڙهِيو هو. هن کي ننڍپڻ کان ئي گهوڙي سواري (Horse Riding) جو تَمام گهڻو شوق هو__مَوسِيقي ۾ بہ هن جي تمام گهڻي دلچسپي هئي: پر اَچانڪ هُن پنهنجا سڀ شوق هڪڙي ڏينهن ڇڏي ڏِنا هئا!

جَڏهن گوئِٿي سورنهن سالن جو ٿيو تہ هُن جي پيءُ هن کي وڪالت پڙهڻ لاءِ لائِپزِنگ يُونيوَرسٽي ۾ داخل ڪرايو جتي هُن وڪالت سان گڏ اَدب

۽ فلسفي جو بہ گھرو مُطالِعو ڪيو هو. ٽن سالن تائين اُنهي ساڳي يُونِيورسٽي ۾ رهڻ دوران هڪ ڏينهن اَچانڪ گوئٽي جي طبيعَت خراب ٿي پئي جنهن ڪان پوءِ مَجبُورن هُن کي گھر واپس ورڻو پئجي ويو هو۽ گھر پُهچڻ ڪان چند مهينا بعد گوئٽي صحتياب ٿي ويو هو. هاڻي هن جي پيءُ هن جي داخلا اِشٽراس بَورگ يونيورسٽي ۾ ڪرائِي جِتان هُن وڪالت جي سند ورتي ۽ اُنهي سان گڏوگڏ اِشٽراس بَورگ ۾ هُن طِب (Medicine)، ڪِيميائي علم (Chemistry) ۽ علم برقي جو بہ ڪافي مُطالعو ڪيو هو . 1770ع ۾ جڏهن گوئِٽي جي داخلا اشٽراس بَورگ ۾ ٿي هُئي تڏهن اُتي رهڻ دوران هن جي ملاقات هَردر(Herdar______هردر جي باري ۾ وڌيڪ اڳتي اسان تفصيلي جائزو وٺنداسين) نالي هِڪڙي شخص سان ٿي جنهن گوئٽي جي زندگي تي تمام گهڻو مُثبت اَثر وڌو هو. گوئِٽي لاءِ هَردر عجيب۔وَ۔غريب شَخص هو۽ هردر عقُل جي مُقابلي ۾ اَحساسن جي شدت، تيزي ۽ تربيت تي زور ڏيندو هو؛ ۽ هُن جي خيال ۾ "شاعِري جو مَقصد صِرف تفريح نہ هو، پر هُن جي نظر ۾ شاعِري ۽ شاعِر جو ڪم قومي جذبن کي اُيارڻ آهي ۽ اُنهن کي اِخلاقي ۽ عَملي سطح تائين پُهچائڻو آهي". اُن کان علاوه هَردر هَميشهہ پنهنجي دور واري يُورپي معاشري (European Society) ۽ يورپ تي تنقيد ڪندو رهيو هو. اُنهي حوالي سان هردر بہ ڪَيترائِي مَضمُون لکيا هُئا جيڪي تَنقيد ۽ اَدب تي مُبني هُيا ۽ اَهڙي طرح گوئٽي هردر جي محبت ۾ اچي "گوئٽي" بڻجي ويو هو .

هردر جو اثر گوئِٽي جي زندگي تي ايترو تہ پيو جو هُن فرانس جي لِکٽين کي نقل ڪرڻ ڇڏي ڏنو۽ جَرمن طرز جو خَيال پَرست بڻجي ويو هو. هاڻي هُن رُوح جي گهرائين تائين پنهنجي مَقصدن کي تلاش ڪيو هُئو! اهو هڪ اهڙو دور هو جنهن ۾ يورپ جون پُراڻيون روايتون دَم ٽوڙي رهيُون هُيون ۽ اَدبي ميدان ۾ بہ جَرمني اندر (Strum and Drang) اِسٽرم اَيند ڊِرينگ جي تَحريڪ هلي هئي جيڪا (1770 کان 1780) ڏهن سالن تائين جاري رهي پر اُن تحريڪ اُنهن ڏهن سالن اندر اَدب جي هڙني پراڻين روايتُن جي ڏنل يت کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو هو! اُنهي تحريڪ کي جنم ڏيڻ وارو ماڻهو بہ هَردرر هو، جنهن بعد ۾ ان دور جي ليکڪن گوئٽي، بورگر، هامن، مِرڪ ۽ فريڊرِڪ ڪِلنجر کي موهي وڌو هو .

اِسٽرم اَيند ڊرينگ جي ميدان ۾ شَيڪسپِيئر جي فِطرت۔پَرستي، پُراڻن خيالن ۽ جَين جَيڪز رُوسَو جي پيروي ڪرڻ تي وڌو دخل پيدا ٿي پيو هو! رُوسو پنهنجي دور ۾ هر طرح سان نمايان رهيو هو ۽ هُن پنهنجي هَمعصرن جي وچ ۾ خيالن جي وڏي گرمجوشي پيدا ڪري ڇڏي هُئي۽ بعد ۾ اُنهن سِپني گڏجي جذبن جي ميدان اندر بَغاوت واري رُوحن کي جنم ڏنو هو۽ فطرت پرست نوجوانن کي ڪٽي اَچي اهڙي راهہ تي بيهاريائون جتي رُڳو تنهائي هُئي، طوُفان جو شور هو، موسيقي جُو اندر کي ڇيڙي جَلترنگ ڪرڻ واري جذباتي احساسن سان گڏ اذيت ڀريا نغما بہ هئا!

اهڙي طرح فطرت_پَرست بڻجي اُهي نوجوان روايتن جي خلاف بغاوت ڪرڻ ۽ خيال پرستي کان مُتاثر ٿي هر ننڍي وڏي تڪليف تي ماتم ڪرڻ لڳندا هئا_۽ ڳوڙها ڳاڙڻ شروع ڪندا هئا! پر هاڻي جَرمني ۽ جَرمن قوم جو خيال بلڪل تبديل ٿي چُڪو هو_هُنن جو چوڻ هو تہ "جيڪڏهن جَرمن قوم بڻجڻو آ تہ سچائي اندر تخليق ٿيل رومانوي جذبن جي طوفانن تي سوار ٿيڻو پوندو؛ پُراڻن قانونن کي ٽوڙڻو پوندو، ۽ هر لحاظ کان فطرت جي پيروي ڪندي فطرت سان هر حال ۾ هلڻو پوندو".

1771ع ۾گوئٽي پنهنجي وڪالت جي سَند وصول ڪري واپس پنهنجي گهر فرانڪفرٽ پهتو؛ جتي پوءِ هُن وڪالت شروع ڪري ڇڏي هئي؛ پر وڪالت ڪرڻ ۾ هن جي ڪنهن بہ قسم جي ڪا بہ دلچسپي ڪان هئي_۽ وڪالت جي بدران هن جو لاڙو ادب ڏانهن وڌندو ٿي ويو هو. انهي وقت فرانڪفرٽ ۾ رهڻ دوران هُن جي پيءُ ڏٺو تہ گوئٽي جون سرگرميون وڪالت بدران ادب ڏي وڌي رهيو آهن تڏهن هن گوئٽي کي وَيٽزلر جي عدالت ۾ وڪالت لاءِ موڪلي ڇڏيو.

1772ع ۾ گوئٽي ويٽزلر پهتو ۽ وڪيلن جي فهرست ۾ شامل ٿي ويو هو؛ پر هن کي اُتي ججن جي گهٽ پگهار هئڻ ڪري عدليہ ۾ رشوت جو جهان ڏسڻ ۾ آيو؛ ۽ جتي ڪنهن بہ قسم جو ڪيس انصاف يا نظم ۽ ضبط نظر نٿي آيو_۽ ان کان علاوه اُتي ايندڙ مجرم جڻ پنهنجا مسئلا پاڻ عدالت ۾ وڙهي هڪٻئي سان حل ڪندا هئا! انهن سيني مسئلن گوئٽي جي وڪالت تان دل ڪٽائي ڇڏي ۽ هاڻي هن وڪالت جي سرگرمين کي ڇڏي ڪري يُوناني ادب مثلا هومر (Homer) ۽ پِندار (Pindar) کي پڙهڻ شروع ڪيو هو.

ويٽلرز ۾ ڪافي نوجوانن جي دوستي گوئٽي سان ٿي جنهن کان پوءِ گوئٽي کي انهن سان گڏجي گهمَندي ڦرندي مزو اچي ويو هو؛ انهن دوستن سان گڏجي گوئٽي ڪلبن ڏانهن وڃڻ لڳو، جتي بعد ۾ هلي ڪري هُو ان ڪَلب جو ميمبر بہ بڻيو. دوستن جي وچ ۾ رهڻ سان گوئٽي کي جڻ هڪ نئين مصرُوفيت ملي وئي هئي جتي هو ادب فنُون لطِيفہ ۽ پنهنجي فلسفي کي بيان ڪري وٺندو هو.

انهي دوران ساڳي شهر ۾ گوئٽي جي ملاقات ڪَينسٽر (Kenster) نالي شخص سان ٿي جيڪو هن کان عمر ۾ تہ اٺ سال وڏو هو پر ان باوجود ٻنهي جي وچ ۾ ڪا ذهني هِڪ رنگي ضرور هئي! جيڪو ٻنهي کي هڪٻئي جي گهڻو ويجهو وٺي آئي هُئي_ٻنهي جي ملاقاتن هڪٻئي کي بيحد مُتاثر ڪيو جنهن کان پوءِ هڪ دفعي ڪينسٽر، گوئٽي جي باري ۾ پنهنجي هڪڙي دوست کي خط لکندي لکي ٿو؛

"تہ منهنجي ملاقات هتي گوئٽي نالي هڪ شخص سان ٿي آهي جيڪو ٽيويهہ سالن جو آهي. هنجو تعلقُ امِير خاندان سان آهي ۽ هي هِتي وڪالت سکڻ آيو آهي. گوئٽي تمام قابل ذهن ماڻهو آهي ۽ هن جي خيالن ۾ پُختگي ۽ رنگِيني سمايل آهي؛ اهو ائين تہ هِي ڳالهائڻ وقت لفظن سان عَڪس جوڙيندو ويندو آهي ۽ هن

جي جذبن ۾ جوش آهي! پر ان سان گڏوگڏ هن کي پاڻ تي قابو رکڻ جي صلاحيت جي به خبر آهي، هن کي پنهنجي آبرو ۽ فيشن جي پرواهه ناهي؛ جيڪو سندس جيءُ ۾ ايندو اٿس انجو اظهار هُو کلي عام ڪري وجهندو آهي ڇو ته هن کي پابنديون ناهن وڻنديون ۽ پابندين کان سندس نفرت آهي. هي هر اُن وقت جڏهن ٻين ڪمن ڪارن کان فارغ هوندو آهي ته ٻارن سان کيڏڻ ۾ لڳي ويندو آهي. هن کي ٻارن سان گهڻي محبت ۽ عورتُن لاءِ تمام گهڻي عزت هوندي آهي__فلحال ته هُن وٽ زندگي جو ڪو به اصول ناهي پر مُونکي يقين آهي تمام جلد هُو پنهنجي زندگي جا اصول به جوڙي وٺندو. هِڪڙي وڏي خُوبي هنجي اها به آ ته هي پنهنجن فيصلن ۾ ڪنهن کان به مشورو نه وٺڻ کي ترجيح ڏيڻ جو قائِل آهي__ڇو ته پنهنجي فيصلن ۾ ٻين کي آڻي هُو پنهنجي خيالن ۾ رَنڊڪ پيدا ڪرڻ نه چاهيندو آهي. هِڪڙي ٻي ڳالهه اها به آهي ته هِي هَميشه شڪ کان پري پيچڻ ۽ حقيقت تي غور ويچار ڪرڻ جو عادي آهي__هِن کي نه ئي ڪنهن عبادت ۾ شريڪ ٿيڻ ايندو آ ۽ نه ئي وري ڪڏهن مان هن کي گِرجا ويندي ڏٺو آهي__هي هميشهه پُڇڻ تي اهو ئي جواب ڏيندو آهي ته “مون کي عيسائيت سان محبت ضرور آ پر مذهب تي پادرين جي قبضي ڪرڻ وارو عمل مون کي پسند نه آهي”. هي هميشهه سچائي ۽ حقيقت جو مُتلاشي نظر ايندو آهي، اهو ان لاءِ ته هي ننڍي عمر ۾ ئي گهڻو ڪجهه پڙهي چڪو آهي__غور ۽ فڪر ڪرڻ به جو عادي بڻجي چڪو آهي؛ ڪمائي ڪائڻ واري علم کان سواءِ هن کي ٻين تمام علم جي شاخن سان دلچسپي آهي”!.

زندگي کي اصولن تحت گذارڻ لاءِ گوئٽي لاءِ شايد اهو وقت اچي ويو هو جڏهن هاڻي هتي گوئٽي جي مُلاقات هتان جي مشهور شهري مِسٽر بَوف (Mr: Boaf) جي ڌي شارلَوٽِي (Charlote) سان ٿي هئي. جنهن کي پيار مان “لوٽي” يا “ لوٽشن” به سڏيندا هئا. شارلوٽي بيحد حسِين، نازُڪ ۽ خوش طبيعت هئي پر گوئٽي وانگر ڪتاب پڙهڻ سان هنجي ڪا به دلچسپي ڪان هئي؛ تنهن باوجود به هُو ڪجهه نه ڪجهه پڙهڻ جي عادي ضرور هئي. هي گهڻو تڻو وقت گهر جي ڪمن ڪارين ۾ مصروف رهندي هئي؛ ڇو ته هن جي ماءُ کي فوت ٿئي به سال گذري چڪا هئا__جنهن وقت هن جي ماءُ هن کي اڪيلو ڇڏي وڃي خدا حقيقي سان ملي هئي ان وقت شارلوٽي جي عمر سورنهن سال هئي ۽ تڏهن کان گهر جُون سڀ زميواريون هُن جي حوالي ٿي ويون هيون. شارلوٽي جون پيٽيون ۽ ڀائر به هئا ۽ هُوءَ گهر جي صفائي ۽ خاندان جي ڏيک ڀال وارا سمورا ڪم ڪندي هئي ۽ ننڍڙن ڀائرن جي پرورش کان ويندي رڌ پچاءُ وارا سمورا ڪم ڪار به هن جي ذمي هوندا هئا. هُوءَ ايتري ته صبر واري هئي جو اهي سڀ ڪم ڪار ڪندي هن ڪڏهن به تنگي محسوس نه ڪئي ۽ نه وري ڪا زندگي کان شڪوه شڪايت ڪئي هُئائين!

قسمت جو راز شايد گوئٽي ۽ شارلوٽي ڪي ملائڻ هو ۽ هڪ دفعي ٻنهي جي ملاقات هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ "لِپرٽ هاوِزن" ۾ ٿي_ جتي پهرين دفعي گوئٽي شارلوٽي کي رقص ڪندي ڏٺو هو: انهي دوران گوئٽي جو دوست ڪَينسٽر به انهي دعوت ۾ گوئٽي  سان گڏ اُتي موجود هو. ڪينسٽر گوئٽي جو اخلاقي محبوب بڻجي چڪو هو! جنهن دعوت  کان موٽندي هڪ ٻيو خط پنهنجي ساڳي دوست ڏانهن لکيو هو، جنهن ۾ هن گوئٽي جي اخلاقيات کي ڪجهه هن طرح بيان ڪيو:

"گوئٽي  هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪ هنڌ رقص جي دعوت ۾ موجود هو ۽ مان به ساڻس گڏ هيس_ڊاڪٽر گوئٽي هڪ قابل ماڻهو ۽ حقيقي انسان آهي. هن فطرت ۽ اخلاقيات جو گهرو مُطالعو ڪيو آهي جنهن هن جي هر انداز ۾ خُوبصُورتي پيدا ڪري ڇڏي آهي. رقص ۾ شرڪت دوران هن کي ڪنهن به عورت سان ملندي يا ڳالهائيندي ڪنهن به قسم جي خوشي نه ٿي: پر اتي موجود هڪڙي مائِي شارلوٽي هڪدم هن جي نظرن جو مرڪز بڻجي وئي هُئي! شارلوٽي ۾ ڪنهن به قسم جو اُمنگ يا خوبصورتي ته نظر ڪان ٿي آئي پر اُن باجود هن جي چهري ۾ ڪا خاص دلڪشي ۽ اِنٽلِٽڪچُوئسِي ضرور هُئي_ ۽ ڪا سادگي هئي يا ڪا شاعراڻي تازگي! شارلوٽي کي رقص سان بيحد محبت آهي، جڏهن هوءَ رقص ڪندي آهي تڏهن بي حد خوش نظر ايندي آهي_ ۽ فطرت جي حُسن ۾ گوئٽي کي شارلوٽي جي دلچسپين جو علم به ٿيو هو. گوئٽي کي اها خبر به نه هئي ته شارلوٽي جي زندگي ڪنهن ٻئي سان منسوب ٿيل آهي! يعني هُو ڪنهن ٻئي شخص جي مڱيندي هئي. اُن باوجود: بي خبري جي دنيا ۾ ئي سهي گوئٽي تمام خوش نظر پئي آيو. هونئن ته گوئٽي هر وقت خوش رهڻ جو عادي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن بي حد دلگِير ۽ اُداس نظر ايندو آهي. هِن جي خوشي ۾ مونکي هڪ سبب نظر ايندو آهي هن جي اداسي مونکي سدائين بي سبب لڳندي آهي"!

گوئٽي جون نظرون شارلوٽي تي ۽ ان جي رَقص تي ڄميل هيون: ٻئي ڏينهن گوئٽي شارلوٽي جي گهر هُن سان مِلڻ ويو هو__گذريل رات ته گوئٽي هن کي رقص ۽ هن جي خوش طبيعتي مان گهڻو لطف اندوز ٿيو هو، پر: هاڻي هي شارلوٽي کي ٻئي روپ ۾ ڏسي هن جي سادگي تي وڌيڪ موهجي پيو هو__"اُها سادگِي شارلوٽي جي گهر جا ڪم ڪار دوران گوئٽي کي نظر آئي هُئي"

زندگي شايد گوئٽي کي هُن جي اصولن ڏانهن وٺي وڃي رهي هئي. هن وٽ اُن وقت خوشي به هئي: پر هي ان ڪان بلڪل اڻڄاڻ هو ته اها خوشي هن کي هر وقت اذِيتون ڏيندي رهندي ۽ هن وٽ چند يادن ڪان سوءِ ڪجهه به نه بچندو! پنهنجي آتم ڪٿا ۾ گوئٽي شارلوٽي جي باري ۾ لکي ٿو ته "شارلوٽي بيحد سادي

طبيعت جي عورت هئي ٻيو تہ هن جنهن شخص (پنهنجي مڱيندي) سان محبت ڪرڻ شروع ڪئي هئي اُهو بہ هن لائق هو__ ۽ هُو هن جو هر طرح سان رفيقِ حَيات بڻجڻ لاءِ تيار هيو. هن هر طرف کان پنهنجي لاءِ مُسرت ۽ خوشي وارو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو__مُلاقاتن جي سلسلي ان شخص کي پنهنجي پاڻ کان بي قابو ڪري وڌو هو (هتي گوئٽي پنهنجي باري ۾ چئي رهيو آهي)__هُو دل شِڪستہ ٿيڻ لڳو ۽ هن کي شارلوٽي ۾ هڪ دوست هئڻ واريون سموريون خُوبيون نظر اچڻ لڳيون هيون. شارلوٽي مستقبل کان بي پرواهہ حال ۾ زندگي کان لُطف اندوز ٿيڻ پئي چاهي ۽ هُن صرف ملاقاتي دوستي کي زندگي جي خوشي سمجهي! ۽ هُو شخص هن جي عدم موجودگي کي محسوس پيو ڪري__ڪجهہ ملاقاتن جي لهرن ۾ بنجر زمين اندران محبت واري فضا جا گل نڪرڻ شروع ٿيا هُئا__وقت ٻنهي کي هڪ رفتار سان ڪٽي هلڻ لڳو هو؛ ڪڏهن ڪڏهن شارلوٽي جو مڱيندو بہ گڏ هوندو هو! پر؛ انهن ٽنهي کي ڪنهن بہ قسم جي ڄاڻ نہ هئي تہ ڪيئن اُهي ٽئي هِڪٻئي جا دوست ٿي رهڻ لڳا هئا.

گوئٽي محبت جو پُتلو بڻيو هو ۽ هُن پوڳيو هو تنهائي ۾!

جنهن کي هن پنهنجي هڪڙي خوبصرت ناول ۾ شارلوٽي (Charlote) ۽ ورٿر (Werther) جي روپ ۾ لِکي پنهنجي ناڪام محبت جو ڏُکايل اظهار ڪيو آهي. هُن جڻ انهي ناول ۾ محبت ڪندڙ گوئٽي جي ڪردار ورٿر کي ماري پاڻ خودڪشِي ڪئي هئي! حقيقت ۾ شايد هي اهو نہ ڪري سگهيو هو؛ پر شارلوٽي ۽ ورٿر جي ڪهاڻي گوئٽي جي زندگي مان ڪيئن ڦُٽي نڪتي؟ ان لاءِ گوئٽي جو لکيل ناول جوان ورٿر جون پيڙائون The Sorrows of Young Werther تي نندڙي نظر وجهڻ لازمي آهي.

## جَوان وَرٿَر جو قِصو Sorrows of Young Werther

ورٿر (Werther) هڪ اهڙو ڪردار آهي جنهن کي گوئٽي پنهنجي زندگي جي ترتيب سان لکيو آهي.

ورٿر يعني گوئٽي؛ اُنهي پنهنجي لکيل ناول ۾ ورٿر (گوئٽي) پنهنجي شارلوٽي سان ناڪام محبت جو احوال ۽ ذڪر ڪندي ورٿر جو انت آڻي ڇڏي ٿو! ورٿر جيڪو انهي ناول ۾ گوئٽي جو هم عمر آهي ۽ ذهِين هئڻ سان گڏ هن ۾ ظاهري طور تي قابليت جي ڪٿي بہ کوٽ نہ تي نظر اچي__۽ طبيعتن ۾ هن جي بَي_حَد هلچل ۽ رنگِيني سمايل آهي. فطرت جو عاشق ۽ پڄاري هئڻ سان گڏ آزادي پسند ۽ نوڪرين کان پري پڄڻ واري هن نوجوان کي دنيا جا ڌنڌا پسند نہ آهن ۽ هن کي سفارتخاني ۾ نوڪري بہ ملي ٿي پر اتان هُو استعفا ڏئي ٿو ڇڏي.

هن جو نندپڻ مُسرت ۽ شادمانين سان گذريو؛ هن کي پنهنجي نندپڻ ۾ پنهنجي ڏاڏِي جو پرين واريون ٻڌايل ڪهاڻيون هن جي ذهن ۾ خيالن

۽ عڪسن ڪي جنم ڏينديون رهيون جن سان هن کي بي حد محبت هئي. انهي ڳوٺ جي پرسان جتي هي رهندو هو هڪ دلفريب پهاڙ ۽ درياءُ جو حقيقي منظر هو__جتي ويهي ڪري ورٿر انهي پهاڙ تي چڙهڻ جا عڪس پنهنجي ذهن ۾ جوڙيندو رهندو هو. پاڙي جي ٻارن سان کيڏڻ ۾ هن کي پنهنجي ننڍپڻ جي زندگي ۾ آزاد هُئڻ جو احساس ٿيندو هو!

انهي ننڍپڻ واري زندگي کان اڳتي: ورٿر جڏهن پنهنجي جواني کي پهتو تہ هن جي ملاقات هڪڙي ڇوڪِري سان ٿي جيڪا هن کان عمر ۾ وڏي هئي__انهي هَم نشِيني ورٿر جي صلاحيت کي بَيدار ڪيو هو، پر اها دوستي ۽ مُحبت گهڻو وقت نہ هلي سگهي هُئي: ڇو تہ ان جي چند ڏينهن کان پوءِ ان ڇوڪِري جي موت تي وجي تي ۽ هاڻي ورٿر رنج تي ڪري تنهائي جي زندگي بسر ڪرڻ تي مجبُور ٿئي ٿو! پر انهي دوران هڪڙي ٻي ڇوڪِري لِيو نُورا (Leonora) سان هن جي اچانڪ ملاقات ٿئي ٿي، جيڪا ورٿر تي فِدا ٿي پئي ٿي پر ورٿر جي دل ۾ هن لاءِ ڪنهن بہ قسم جي محبت وارو جذبو پيدا نہ ٿيو ۽ هي انهي کان پري رهڻ لڳندو آهي.

برحال اهو زمانو هُو مزي ۾ گذاريندو ۽ معصُومِيت جي ٻي ڇڪري واري زندگي کان اڳتي نڪرندو اچي جواني ۽ شباب جي خاردار زندگي ۾ قدم ٿو رکي جنهن ۾ فرَيب، جگر جلندي ۽ طبيعتن ۾ بيچيني محسوس ڪري ٿو.

يورپ ۾ جڏهن ٿڌ واري موسم ختم ٿيندي آهي تڏهن بهار جو ظهُور جنت جو ڏيک هوندو آهي. هر طرف سبز چراگاهُون، گُلن جي خوشبُو، فِضا ۾ پوپٽن جو رَقص ڪرڻ ۽ انهي سيني فطرتي نظارن کي ڏسي ڪري دل نچڻ لڳندي آهي ۽ انهي ماحول ورٿر جي زندگي ۾ شرمساري ۽ بي خُودي جي عالم کي پيدا ڪيو هو_پر هن جي نگاهہ اجان ڪنهن ٻي بهار جي انتظار ۾ هئي ۽ اها بهار هن کي جون مهيني ۾ نظر آئي جنهن مهل هن شارلوٽي کي هڪڙي دعوت ۾ ڊانس ڪندي ڏٺو هو! ۽ ورٿر جي ان وقت ملاقات کان پوءِ هن جي بَيباق دل هن جي هٿن مان وئي هلي، ۽ دل سان گڏ هن جي صبر بہ هنجو ساٿ ڇڏيندي وئي. ورٿر کي اها بہ خبر هئي تہ شارلوٽي جي زندگي البرٽ (Albert) نامي شخص (هنجي مڱيندي) سان جڙيل آهي پر ان جي ڳِڻتي بغير هي پنهنجي خيالن ۾ هر وقت مست رهيو.

اهڙي طرح ٻنهي جي وچ ۾ ملاقاتن جا ڏينهن گذرندا رهيا__تان جو جڏهن جولائي جي هڪڙي شام شارلوٽي جو مڱيندو البرٽ بہ اتي اچي پهچندو آهي ۽ هو شارلوٽي ۽ ورٿر کي اُتي ڏِسندو آهي. البرٽ هڪ نيڪ سِيرت انسان آهي پر هن جي اچڻ سان ورٿر جي حرارت ۽ عاشق مزاجي سَرد ٿِڄي ويندي ٿي__۽ هن جي طبيعت ۽ ڍنگ ۾ نہ اها روانگي رهي ٿي ۽ نہ ئي اُها الهامي شُفتگِي___ورٿر ۾ معاملي کي سمجهڻ جي نزاڪت هئي تنهنڪري ان وقت البرٽ جي هوندي هن لاءِ چپ رهڻ ئي مناسب هوندو هو .

انهي ورٿر جي نا اميد زندگي جي نزاڪت اتي اچي پهتي ته هو البرٽ سان خودڪشي تي بحث ڪري ٿو ۽ انهي عمل کي صحيح قرار ڏيڻ لڳي ٿو.

هن جي زندگي جون سڀ تمنائون جڻ ڪليل قبر حوالي ٿي ويون هُيون! ۽ هنجو پنهنجي پاڻ تا ن ضابطو ٽٽندو رهي ٿو_اها خبر جڏهن هن جي دوست وليم (William) کي پوي ٿي ته هو ورٿر کي تاڪيد ڪندو ٿو رهي ته هُو اتان واپس هليو اچي پر ورٿر هر بار ڪيترائي بهانه تلاش ڪري اتي ئي رهڻ کي ترجيح ڏيندو ٿو رهي! برَحال 11 سيپٽمبر جي ڏينهن بغير ڪنهن اطلاع ڏيڻ جي هو اُتان هليو وڃي ٿو ۽ اتي ناول جو پهريون حصو ختم ٿئي ٿو؛

ناول جي ٻئي حصي جي شروع ۾ اسان کي پڙهڻ دوران خبر پوي ٿي ته ورٿر کي سُفارتخاني ۾ مُنشي جي نوڪري ملي ٿي_۽ اُنهي دوران هو پاڻ کي ڪم ڪارن ۾ مصروف رکي شارلوٽي جي يادن کان پري سُڪون وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو! انهي نوڪري مان ورٿر کي ويتر چڙ لڳڻ لڳي ٿي_چو ته سفير صحيح مزاج جو ماڻهو نه هوندو آهي ۽ وري مٿان غير قانوني قسم جو ماڻهو هوندو آهي_برحال انهي نوڪري دوران هن کي امير طبقي جي ماڻهن وچ ۾ رهڻ ۽ انهن جي زندگين کي پرکڻ جو به موقعو ملي ٿو؛ جتي هن ڏٺو ته هر ڪو ڪُرسي ۽ پيسي جي لالچ سان گڏوگڏ عُهدن تي اڳيان اچڻ جا رستا ڳولڻ جي جُستجو ۾ آهي! هن کي پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ به ايندي هئي ۽ افسوس ڪرڻ به لڳندو آهي_اُنهي طرح هنجو اُهو سال ڪم ڪندي گذري وڃي ٿو.

فيبروري ۾ هن کي خبر پوندي آهي ته البرٽ ۽ شارلوٽي جي شادي ٿي وئي آهي! ۽ هو خط لکي هُنن ٻنهي کي مبارڪباد چوندو آهي. مارچ مهيني ۾ انهي سفارتخاني ۾ ڪم ڪندڙ ورٿر جو دوست ڪائُونٽ (Kount) ورٿر کي پنهنجي گهر اچڻ جي دعوت ڏئي ٿو، ۽ جڏهن ورٿر ڪائونٽ جي گهر ويندو آهي اتي اتفاق سان اِميرن جو ٽولو انهي دعوت تي جَمع ٿيل هُوندو آهي. ان وقت جي يورپي اميرن جو اصول هوندو هو ته هو پاڻ کان گهٽ درجي جي ڪنهن به ماڻهو سان ملڻ يا ڳالهائڻ پسند نه ڪندا آهن! ۽ اهڙي طرح ورٿر کي اُتي اچي ڪري پڇتاءُ ٿئي ٿو. ان کان علاوه اتي موجُود هڪ چاتل سُچاتل عورت سان جڏهن ورٿر ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته اُها مائي هن کي نظر انداز ڪري ٿي ڇڏي، ۽ آخر هڪڙو ماڻهو اڳيان اچي ورٿر کي چئي ٿو ته "توهان مهرباني ڪري هتان هليا وڃو!" اهو سڀ ٻُڌي ورٿر کي تمام گهڻي ڪاوڙ ٿي اچي_دئونس ۽ ڪاوڙ جي حالت ۾ ورٿر پنهنجي گهر پهچي ٿو ۽ انهي مهيني پنهنجي سفارخاني جي نوڪري مان استعفيٰ ڏئي ٿو ڇڏي.

مئي مهيني ۾ هي سير تفريح تي نڪري ٿو ۽ جُون جي آخر ۾ هنجي دِل وري هن کي شارلوٽي طرف موٽڻ تي مجبور ڪري ٿي! جڏهن ورٿر شارلوٽي جي گهر پهچي ٿو تنهن وقت البرٽ هن جي سُني آڌرياءُ ڪندو آهي؛ پر ورٿر کي هر

شي بدلِيل نظر ايندي آهي__نه اها زمين نه اهو ساڳيو آسمان، نه اها دل رهي نه اُهو ساڳيو حوصلو! هر شي هن کي بيگاني لڳندي آهي ۽ ڪنهن به شي ۾ هن کي لُطف ناهي ايندو. هِن جُون سڀ خواهشون ۽ ارمان هن جي ڳوڙهن ۾ سمائجي زمين تي هيٺ ڪِري جذب ٿي ويندا آهن! ڇا بچيو هو؟ ڪجھ به ته نه!

شارلوٽي هاڻي البرٽ جي زال بڻجي چڪي هئي پر ان باوجود به شارلوٽي ورٿر سان ويهي پل گهارڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ مان لنوائِيندي ڪان هئي.

شارلوٽي کي پنهنجي ۽ ورٿر جي طبيعت ۾ هڪ طرح سان هم آهنگي نظر ايندي هئي ۽ هُو اِهو به چاهيندي (سوچِيندي) آهي ته "ڪا پنهنجي سهيلِي ڳولهي انجي شادي ورٿر سان ڪرائي جيئن ورٿر هميشه شارلوٽي جي ويجهو رهي ۽ ٻنهي جي ملاقات ٿيندي رهي".

ورٿر___! پر ورٿر وٽ هاڻي ڪو به مقصد نه هو هُن وٽ ڪو به مستقبل نه هو: ۽ هر طرف هن کي اونداهي نظر ٿي اچي، اها ڪهڙي شي آهي جيڪو هر تڪليف کان سڪون ڏئي سگهي؟ ۽ انهي نااميدي کان بچائي سگهي__ها اهو مَذهب آهي! هي مذهب طرف جهڪڻ لڳي ٿو__پر هن جي دل ۾ يقين ۽ عقيدي بدران شڪ جو فلسفو سمايل آهي ته پوءِ هن کي مذهب مان ڪيئن تسلي ملي ها!؟

هنڪي اونداهين راتين سان محبت ٿيڻ لڳي هئي: برسات ۽ طوفاني راتين کي پنهنجو ساٿي ٿو سمجهي ۽ انهي برساتي ۽ طوفاني راتين ۾ اڪيلو سير لاءِ ٻاهر نڪري ٿو__پر هن جي دل جي وحشت نه ٿي گهٽجي ۽ هن کي ايئن لڳندو آهي ڄڻ هن جو آخري وقت ويجهو پيو اچي! هن جي محبت شارلوٽي هن کي نصيب نه ٿي ۽ هو اڪيلو رهجي ويو هو. هن کي خبر هئي ته شارلوٽي ۽ البرٽ پنهنجي زندگي ۾ بَيحد خوش آهن ۽ ان باوجود به ورٿر پنهنجي ضابطي واري قوت کي سنڀالي نه سگهيو. هي شارلوٽي جي محبت ۾ مُڪمل طور گرفتار ٿي برباد ٿي ويندو آهي ۽ هُو (شارلوٽي) پنهنجي زندگي کي انهي پنهنجي مزاج ۾ گذاري ٿي: ۽ ورٿر کي هي تنهايون ۽ رسوايون نصيب ٿين ٿيون، هاڻي هي هر وقت موت جو در کڙڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

مرڻ وارو فيصلو___!پر ڪيئن؟ هي سوچي ٿو مرڻ کان هڪ دفعو ٻيهرين هن کي شارلوٽي سان ملڻ گهرجي:__شايد آخري بار!

آخرڪار البرٽ جي موجودگي ۾ ڪِرسمس واري ڏينهن کان هڪڙو ڏينهن پهرين ورٿر شارلوٽي جي گهر پُهچي ٿو ۽ پنهنجي مُحبت ۽ ان ۾ شدت کي شارلوٽي جي اڳيان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو__ورٿر جون اکيُون پرجي اچن ٿيون ۽ ٻئي بَيتابي جي عالم ۾ سُڏڪا ڀرين ٿا! ورٿر شارلوٽي کي پنهنجي رُوح ۾ ڀري هن جي چپن کي پنهنجن چپن سان ملائي ڇڏي ٿو__شارلوٽي هٽي وڃي ٿي ۽ هُن کي احساس ٿيندو آهي ته هوءَ البرٽ جي زال آهي! ۽ پنهنجين ازدواجي زميدارين

جو هُن کي احساس ٿيڻ لڳي ٿو؛ بيتابي جي عالم ۾ اُتي شارلوٽي پنهنجي ڪمري طرف ڊوڙي وڃي اندران در بند ڪري ٿي ڇڏي ۽ ورٿر نااميدي جي عالم ۾ هن کي سڏي ٿو؛ پر اندران ڪو بہ جواب نٿو ملي ۽ ورٿر واپس هليو ويندو آهي.

هي ٻئي ڏينهن وري شارلوٽي جي گهر ايندو آهي ۽ البرٽ کان موڪلائي هن کي چوندو آهي تہ "مان سفر تي پيو وڃان تنهن ڪري مونکي تُنهنجو پستول گهرجي"_ البرٽ هِن کي پنهنجو پستول ڏيندو آهي ۽ هن کي خيال رکڻ جي تلقين بہ ڪندو آهي. ورٿر اُهو پِستول کڻي اُتان نڪري ٿو ۽ رات جو ٻارهين بجي شارلوٽي کي الوداع چئي پنهنجي ڪمري ۾ پنهنجو پاڻ کي انهي ساڳي پستول سان ماري ٿو___"ورٿر مري چڪو آهي"! اها خبر جڏهن شارلوٽي کي پئي ٿي تہ هُو بيهوش ٿي البرٽ جي پيرن ۾ ڪري پئي ٿي__پر هاڻي ڇا ٿيندو ورٿر تہ مري چُڪو هو!

## اِسٽرم آئنڊ ڊرينگ، مُختصر جائزو

يورپ اندر پڙڪي پيدا ٿيل انقلابن جي باھ، يعني فرانس ۽ آمرِيڪا جي انقلابن يورپ جي هڙني مُلڪن اندر پنهنجو اثر ڏسيو هو؛ جَنهن مان اُن وقت سيني مُلڪن اَندر فرانس ۽ آمرِيڪا جهڙا اِنقلاب تہ ڪون آيا___پر، تنهن باوجود اُنهي ٻنهي اِنقلابن يُورپ اندر اَدب ۽ آرٽ جي توازن کي رَومانوي عنصرن جي پيمانن تي طورڻ جي ڪوشِش ضرور ڪئي هُئي_جيئن اِنگلينڊ اَندر رُومانوي شاعري سان گڏ اُتان جي پُوري اَدب اندر بہ رُومانيت جو جادُو ڇائنجي ويو هو. پوءِ تہ وري اَرڙهين صدي تائين يُورپ جي شهر جَرمنِي اَندر رَوشن خيالي (Enlightenment) جو ظهُور بہ ٿي چُڪو هو_جتي هاڻي اُتان جي فلسفين ۽ شعُور سان سَلهاڙيل ماڻهُن دُنيا جي رَوين کان ويندي دُنيا جي هر علم کي مادي بنيادن تي جاچڻ ۽ سَمجهڻ جي ڪوشش ڪَئي هُئي.

يورپ اندر جرمني اُهو مُلڪ آهي جتي ارڙهين صدي تائين گهڻي کان گهڻا فلسفِي پيدا ٿيا؛ جَن بعد ۾ روشن خيالي (Enlightenment) جي ناري کي جنم ڏنو هو. جرمني اهو ئي مُلڪ آهي جتان ايمينِيول ڪانت ۽ فردِرڪ نطشي جي پوئلگن بعد ۾ دنيا جي معالمن کي مادي حواسن ذريعي پرکڻ جو درس ڏنو هو. پر انهي وقت جرمني اندر هڪڙي تحريڪ جُڙي اُٿي هُئي؛ اُن تحريڪ جي حياتِي بہ ڪا وڏي ڪان هئي ۽ انهي جو روش بہ صرف ڏهن سالن تائين ئي هلِي سگهيو هو__۽ اُنهي تحريڪ کي اِسٽرم ۽ ڊرينگ (Strum and Drang) جي نالي سان ياد رکيو ويو هو. جرمني اندر اها ڪا سياسي يا مذهبي تحريڪ بِلڪُل ڪان هئي؛ پر اُها هڪڙي اَدبي رومانوي تحريڪ (Literary Romantic Movement) هُئي_جنهن ۾ جرمني جي ڪلاڪارن کي پهرئين دفعي اهو احساس ورايو هو تہ "فطرت ئي صِرف اِنسان جي جذبن کي حقيقي مُسرت جو دڳ ڏسي سگهي ٿو".

رومانوي تحريڪ جي نارَي جو بنياد هونئن تہ يُورپ اندر جان جَيڪسن رُوسو (John Jacques Rousseau) ۽ جارج هَيمن (George Hamann) ئي رکيو هو، پر پوءِ اُنهي تحريڪ ادب اندر سمائجي يورپ جي ڪيترن ئي مُلڪن تائين پکيڙ ڪاڙِي هئي. انهي رومانيت (Romanticism) جو جامد اثر پهريون اثر انگليندَ (England) اندر ڦهليو هو: ۽ اهُو رومانوي اثر اُتان جي شاعرن وَردِس وَرٿ (Wordsworth) کان وينڊي جان ڪِيٽس (John Keats) وارن تي بہ پيو هو جَن پنهنجي دور ۾ انهي اثر کي وڏي جذباتي انداز سان قبُولي انهي جي عهد جي نمائِندگي ڪئي هُئي.

اسٽرم ائنڊ ڊرينگ جڻ جرمني اندر نوجوان ڪلاڪارن جي هڪڙي تحريڪ هُئي ۽ انهي جي شروعات گوئٽي ۽ جَوهان گاٽ فِرائيڊ وان هَردِر ( Johan Gottfried von Herder) گڏجي ڪئي هُئي__گوئٽي جنهن وقت اِشٽراس بَورگ (Strasbourg) يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ويو هو تنهن وقت هُن جي مُلاقات هرڊر سان ٿي هُئي. هرڊر پنهنجي اندر ۾ هِڪڙو رومانوي شخص هو جيڪو هميشہ جرمن رومانوي لوڪ (Romantic folk songs) گيتن کان وينڊي وليم شيڪسپيئر جي ڪلا کان بہ تمام گهڻو مُتاثر رهيو هو، ۽ انهي وقت انهي تحريڪ جي اديبن جو خيال اهو بہ هيو تہ "شيڪسپيئر ڊرامن واري دُنيا جو هِڪڙو ذهين ڪلاڪار هُيو جنهن پنهنجي ڊرامن ۾ وقت (Time)، تسلسل (Unity) ۽ جاءِ (Place) جهڙن عنصرن جي وڏي ڪاريگري ڏيکارَي ڊرامن جي شاندار اُٽت ڪئي هُئي"__گوئٽي جي هرڊر سان مُلاقات واري لَمحن گوئِٽي تي گهرو رَومانوي اثر ڇڏيو هو ۽ اُنهي دور ۾ تحريڪ جو مُعتبر ڪلاڪار بہ گوئٽي ئي رهيو جنهن جي لکٽين اُن وقت جرمن قوم جي جذبن کي رومانوي واٽ تي هلڻ ڪاڻ اُتساهيو هو!

اُن وقت جي جَرمن اديبن کي يُورپ اندڙ وڏندڙ سرمائيداري نظام کان وينڊي سائنس ۽ سوچ ذريعي پيدا ٿيندڙ خيالن (Enlightenment) کان جڻ جذباتي طور چڙ ٿي پئي هُئي: ۽ اُنهي سيني پَهلوئن جي خلاف اِسٽرم اينڊ ڊَرينگ جڻ هِڪڙو رومانوي نارو هُيو__جنهن ۾ اُن وقت جي اديبن ۽ ڪلاڪارن جو خيال هو تہ "وڏن ۽ اوچن فلسفِي بحثن کا اڳ اسان جرمن قوم کي پنهنجي مُعاشري اَندر جُڙندڙ رَوين کان وينڊي پنهنجي روح اندران پيدا ٿيندڙ جذبن جي نشاندهي ڪرڻ گهرجي"

انهي کان علاوه سورهين ۽ سترهين صدي ڏاري جرمني جي چانسلر بِسمارڪ آسٽريا ۽ هنگري جهڙين رياستن کي بہ جرمني جي تسلط هيٺ آڻي ڇڏيو هو: جنهن ۾ هاڻي ارڙهين صدي تائين اُنهن رياستُن اندر بہ انتشار جنم وٺي رهي هُئي ۽ اُهي زورَي جرمني اندر آيل رِياستون پنهنجي آزادي طرف رُک رکي رهيون هُيون__۽ اِسٽرم اينڊ ڊَرينگ تحريڪُن جي پوئلڳن کي هاڻي جرمني اندر پنهنجي قومي احساس بہ اڇي ورايو هو!

انهي کان علاوه اِسٽرم ايند ڊرينگ تحريڪ جو مقصد اُن وقت جرمني جي نوجوان کي پنهنجي اندر ۾ قاتل جذبن جي ڇار کان آزاد ڪرائڻ هو__جنهن ۾ نوجوان تقريبن بيگانگي جو شڪار رهڻ لڳا هُئا؛ ۽ انهي کان علاوه انهي تحريڪ جي نمائندن پنهنجي فن ۽ ڪلا ۾ سَولِي ۽ رومانوي ٻولي جو اظهار ڪري فلسفي جي ڏکي ۽ مُنجهائيندڙ ٻولي مان آجپو ڏي چاهيو هو.

انهي دور ۾ ناول، ڊرامي ۽ شاعري کان ويندي موسيقي اندر بہ رومانوي جِدت جو ظهور ٿيو هو. جيئن گوئٽي جو تخليق ڪيل ساروز آف ينگ ورٿر (Sorrows of Young Werther) جنهن اُن وقت يوُرپ جي نوجوانن جي اُن وقت جذباتي طور نمائندگي ڪئي هوئي يا انهي کان پوءِ ڊارڪٽر گوئٽي جو لکيل شاهڪار ڊرامائي شاعري (Dramatic Poem) فائوسٽ (Faust) بہ اسٽيج جي وڏي ۾ وڏي ڪَلا طور مڃيو ويو هو. انهي وقت يورپ جي ٻين اديبن جيان گوئٽي اٽلي ۽ يورپ جي ٻين مُلڪن جو سفر ڪيو هو؛ ۽ هُن اُتي وڃي اتان جي تهذيب ۽ تعميرسازي کان ويندي گُذريل هڙني ڪلاڪارن جي فن جو مُعائنو ڪيو هو ۽ پوءِ رومانوي شڪل ۾ انهي سيني کي پنهنجي جذبن اندر ۾ سانڍهي اَچي جَرمني پُهتو هو.

اسٽرم ايند ڊرينگ واري رومانوي تحريڪ جي اندر، تنهن باوجود بہ، اهڙن ماڻهن دلچَسپي کانہ ڏِسي جيڪي شين ۽ جذبن جي اَندازن کي سوچڻ (Reasoning) واري مدار اندر ڏي ڪٽي آيا هُئا__انهي کان پوءِ فرانس اندر سترهين صدي جي شروعات ۾ جُڙيل هڪڙي ٻي تحريڪ بہ اسٽرم ايند ڊرينگ واري رومانوي تحريڪ جي فن، ڪلا ۽ ادبي دُنيا اندر مُخالفت ڪئي هُئي__اُنهي تحريڪ کي بَرُوڪ (Baroque) جو نالو ڏنو ويو هو__۽ انهي بَرُوڪ (Baroque) واري تحريڪ جو مقصد اُن وقت فرانس اندر مذهبي آرٽ ۽ فَن جِي پيروي ڪرڻ ۽ اُن کي ترجِيع ڏيڻ هو، جنهن دوران فرانس ۾ اُنهي وقت جي ڪَلاڪارن مارٽِن لوُٿر (Martin Luther) واري خيال جي پوئِلِڳي سان گڏ آرٽ ۽ مُجسمي سازِي ۾ بہ مذهبي فن کي پنهنجي جَذبن سان نِروار ڪيو هو__۽ اُنهي تحريڪ جي ڪَلاڪارن وٽ ڪِلاسِڪيت جو وڏو مان هو ۽ رَومانوِي جذبن کان ويندي رومانوي خيالن واري دُنيا هُنن لاءِ جڻ ڪا خاص اهميِت جوڳي شي ڪان هُئي!

اسٽرم ايند ڊرينگ واري تحريڪ جي باقاعدي شُروعات فريدرڪ مئسيمِلن ڪِلنگر (Friedrich Maximilian Klinger) جي لکيل ڊرامي اسٽرم ايند ڊرينگ کان ئي ٿي هُئي ۽ اهو ڊرامو هُن سَئِلر ٿيٽر ڪمپني (Seyler Theatre Company) لاءِ لکيو هو__ائبل سَئِلر (Abel Seyler) نالي هِڪڙي واپاري ماڻهو انهي ڪمپني جو بُنياد 1769ع ڏاري وڌو هو. ڪِلنگر جي اُنهي ڊرامي جو موضوع آمريڪا جي انقلاب اندر پيدا ٿيندڙ وڳوڙ هُيو__جنهن ۾ هُن اِهو ڏي ڏسڻ چاهيو هو تہ "ڪيئن نہ آمريڪا جي انقلاب دوران وڳوڙن جنم ورتو هو ۽ اِنساني اندر مان جذبا هوا جِيان اُڏامي ڏنڊلا ٻڻجي چُڪا هُئا"__۽

انهي ڊرامي لکڻ ۽ اسٽيج تي ڏسڻ کان پوءِ جرمني اندر ماڻهن کي عقُليت (Rationalism) سان گڏ پنهنجي اندر جي جمالياتي جذبن (Aesthetic Pleasure) جي خبر پوڻ بہ شُروعات تي هُئي

انهي تحريڪ اندر اُنهي وقت ڪافي بحث مباحثا ٿيا: اُنهي سان گڏ اِنهي ڳالهہ تي بہ سوال اُٿاريا وايا تہ "انهي تحريڪ اسٽرم اينڊ ڊرينگ جا حقيقي سرواڻ ڪير هُئا"!؟__۽ انهي بحث سان گڏ اُن وقت گوئٽي، هرڊر ۽ جيڪوب مائيڪل رِنولڊ لينز (Jakob Michael Reinhold Lenz) کي انهي دور جي حقيقي اڳواٽي ڪندڙ ڪلاڪار سڏيو ويو هو__جن شاعري، ڊرامي ۽ ناول اندر جمالياتي ۽ رومانوي پهلوئن جي عڪسن کي نمايا ڪيو هو!

هرڊر انهي دور جو رَومانوري رَهبر هوندي بہ اَيمينيوئل ڪانٽ جي دوستي ۾ رهيو__جنهن کان پوءِ 1773ع ڌاري هُن مضمونن جو مجموعو بہ لکيو: جيڪو شيڪسپيئر ۽ اوسين (Ossian) جي رَومانوي عنصرن جي پيروي جو هڪڙو مثال هو. انهي اِسٽرم ائنڊ ڊرينگ وارِي تحريڪ دوران ادب جي دُنيا اندر ڪردار جيڪي بہ ڪِردار نيائي رهيا هُئا تن جو ڪِردار وڳوڙ (Violence) ۽ مُنافِقتُن کان هٽيل رهيو__۽ اُهي ڪِردار سدائين پنهنجي جذبن واري پلاندن جي وَر چڙهيل رهُيا__ يا انهي سان گڏ انهي تحريڪ جي ڪردارن اندر انسان دوستي وارو عنصر وڏي پئماني تي نمايا هو جنهن جو مثال اسان کي گوئٽي جي کُٽل (Unfinished) لکٽي پروميٿس (Prometheus) مان بہ ملي ٿو__۽ انهي دور ۾ لکٽين جو سجو تعلق اُن وقت اُتي موجوده صدي جي انساني جذبن سان هم_آهنگ ئي هو__۽ انهي سان گڏ اها تحريڪ اعليٰ خانداني ۽ شهنشاهي رَوين جي بہ خلاف هوئي جو انهي تحريڪ جي اڳواٽن جو قول هو تہ "اعليٰ طبقن ۽ شهنشاهي تِرز ماڻهن جي اندر ۾ فطرت ۽ رومانوي جذبن کان ويندي پنهنجائپ جو ڪو بہ قدر ناهي هوندو"

انهي دور جي ليکن وٽ مُحبت ۽ عشق ۽ انسانيت ئي اصل جذبي جو نالو هو، ۽ جنهن جي پورائي جو فرض اسان کي گوئٽي جي ڏسيل ناول ساروز آو ينگ ورٽر ۾ بہ پڙهڻ لاءِ مِليو__جنهن ۾ عشق جي جذبي کي سڀ کان اعليٰ سمجهي وڃوڙي جي باھ کي ورٽر خودڪشي جي نالي سان جَهڪو ڪندي نظر اچي ٿو! يا انهي کان پوءِ 1781ع ڌاري فريڊڪ شلر (Friedrich Schiller)، داءِ رَئبر (Die Räuber) نالي هِڪڙو ميلوڊرامہ (Melodrama__اهڙن ڊرامن جو تعلق سُرور ۽ انساني جذبن سان هوندو آهي) لکيو هو، جنهن ۾ ٻن امير (Aristocrat) ڀائرن جو قصو بيان ٿيل آهي__جنهن ۾ اُهي ٻئي ڀائر هِڪڙي ئي جاگِير جي مالڪِي (Ownership) حاصل ڪرڻ لاءِ هِڪٻئي سان ورهن ٿا!

اِسٽرم ائنڊ ڊرينگ واري ڏهن سالن جي تحريڪ ادب کان علاوه موسيقي اندر بہ رومانوي جِدت کي جنم ڏنو هو__جنهن ۾ ڪِرسٽوَف وِلِيبَئلڊ گلڪ (Christoph

(Willibald Gluck) ترنمي گِيت (Ballet) ۽ ڊَن جُئان (Don Juan) لکيو هو: انهي گيت کي ٻه جرمني جي ڪلاڪارن اِسٽرم ائنڊ ڊرينگ جي رنگ سان رنگي انهي کي پنهنجي قومي موسيقي اندر جدت جو نالو ڏئي ڇڏيو هُئائون_مزي جي ڳالھ تہ اها هُئي! جو ڪِرسٽوَف وِليبَئلڊ جو جنم تہ پئرس ۾ ٿيو هو پر هُن جي گيتن جرمن قومي ڪلاڪارن کي بہ موهي وڌو هو__يا انهي کان پوءِ جرمني جي اسٽيج تي جين جيڪسن روسو (Jean Jacques Rousseau) جي ڊرامي پِگميليئن (Pygmalion) کي ڏيکاريو ويو هو جنهن انهي ڊرامي اندر هلندڙ موسيقي کان ويندي تماشي ۽ گيتن اندر بہ موسيقي جي ڪردار کي اڳيون مقام ڏنو ويو هو جنهن کان گوئٽي بہ تمام گھڻو مُتاثر ٿيو!

اُنهي دوران موسيقي جي نواڻ کان پوءِ آسٽريا جو شهر وِئانا (Vienna) موسيقي جو شاندار مرڪز بڻجي ويو هو__ ۽ انهي سان گڏ جرمني اندر بہ هاڻي اوپيرا (Opera) جو بُنياد پئجي چُڪو هو جيڪو موسيقي جو ٿيٽر سڏيو ويندو هو ۽ جتي موسيقي جا گُر ڏسڻ سان گڏوگڏ موسيقي سِکڻ ۽ سَيکارڻ وارو ماحُول بہ سدائين جُڙيل رهندو هو__بي ڳالھ اها تہ اوپيرا جو سڀ کان پهريان بُنياد اٽلي ۾ پيو هو جنهن کان بعد اُن جا بُنياد فلورينس ۽ جرمني ۾ بہ پئجي چُڪا هُئا: انهي دوران جرمني ۾ موسيقي جي دُنيا جا وڏا نالا جوسِف هائيڊن (Joseph Haydn) ۽ وَالف گينگ اَمئيڊَس مَوزارٽ (Wolfgang Amadeus Mozart) بہ هُئا_هائيڊن جي موسيقي اندر تڏهن بہ ڪلاسڪي عنصر ڪٿي نہ ڪٿي موجود هُيو، پر موزارٽ جي سارنگي (violin) جي سُرن اندران نِج اِسٽرم ائنڊ ڊرينگ جي رومانوِي خُوشبو اَچڻ لڳي هُئي__۽ موزارٽ کان بعد صدين تائين ماڻهو موزارٽ جي سُرن کان مدهوش ٿيندا رهيا جنهن ۾ گھڻو پوءِ آئنسٽائين جو بہ پسنديده موسيقار موزارٽ ئي هيو ۽ هُو پاڻ بہ اڪثر سارنگي تي موزارٽ جي موسيقي جي سُرن کي ڇيڙيندو رهندو هو!

## وَرٽر ۽ ناوِل جي شُهرت

ساروز آف ينگ ورٽر 1774ع ۾ پهرين دفعا ڇپيو هو ۽ انهي جي شايع ٿيڻ کانپوءِ ماڻهن اُنهي جو نهايت پرجوش اِستقبال ڪيو ۽ وڏي تعداد ۾ پڙهيو__چو تہ ارڙهين صدي جي خيال پرستي جو سڀ خصوصيتون اُن ناوِل ۾ صاف نظر آيون هُيون. اهو گوئٽي جو وڏو ڪمال هو تہ هُن ورٽر کي اُنهي عهد جو اهڙو آئينو بنايو هو جنهن ۾ هر شخص پنهنجن جذبن جي صحيح تصور کي ڏسي ٿي سگھيو.

جرمني ۽ يورپ ۾ ان وقت خيال پرستي هر ماڻهو جي خُصوصيت ۽ هڪ رُوحاني بيماري جي درجي تائين پهتل هئي جتي جذبن جي باھ کي ڳوڙهن سان وسائڻ جي هر ماڻهو ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو! يورپ بيقراري ۽ دردمندي جو

فيشن بڻجي چڪو هو ۽ عيسائين تي سَخت عقلي تنقيد ڪرڻ وارو دور هو__هر ڪو آزادي ۽ فڪر آزادي واري عمل تي روان دوان ٿيڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل هو.

گوئٽي جي اُنهي لکيل ناول هر طرح سان ان دور ۾ ماڻهن جي دلين ۽ ذِهنن تي بادشاهت ڪئي هُئي__جنهن کان پوءِ يورپ جي پراڻن خيالن ۽ رواجن تي هر ڪو کلي عام تنقيد ڪرڻ جو عادي بڻجي چڪو هو. آزاد فڪر ۽ آزادي جي عمل جو هر طرف شور برپا هو ۽ ايتري قدر جو هر ڪو ان دور ۾ ورٿر پيو بڻجڻ چاهي! سوسائٽي جو هر روايتي نظام درهم برهم ٿيڻ لڳو! هو ۽ انهي جو وڏو اثر شادي مُرادي جي پراڻي رسمن تي پيو هو. اُهو ائين ته ورٿر کان پوءِ يورپ ۾ ڪيترائي اهڙا زنده دل ماڻهو پيدا ٿيا؛ جن شادي جهڙي مُبارڪ رسم کي پٺ تي اڇلائي پنهنجي هَمسايِن جي زالن سان کُلم کُلا محبت ڪرڻ لڳا هئا__اها باھ گوئٽي جي پيدا ڪيل ورٿر جي لڳل هئي جنهن يورپ جي هر ماڻهو کي سڙڻ ۽ جلڻ تي مجبور ڪيو هو.

انهي گوئٽي جي ناول ۾ ورٿر (Werher) وارو داستان عام طور تي سچي مُحبت گوئٽي جي حَقِيقِي زندگي جو عَڪس آهي پر آخر ۾ ورٿر جو موت گوئٽي جي هڪڙي دوست جو عمل آهي___جنهن کي گوئٽي پنهنجي ناول جو آخري منظر ڪري پيش ڪيو آهي__ان کان علاوه گهڻي شُهرت هن ناول کي ورٿر جي خُودڪشِي مان مِليو هو__يَروشلم (Jerosulem) نالي شخص جيڪو گوئٽي جو دوست هو ۽ هُن بيگانگي جي عالم ۾ خودڪشي ڪئي هئي__جنهن کي گوئٽي فرض سمجهي پنهنجي محبت جي داستان ۾ جاءِ ڏئي پنهنجي عشق ۽ دوستي ٻنهي جو فرض نڀايو هو.

جهڙي شُهرت ۽ مقبُوليت هن ناوِل کي مُختلف ملڪن ۾ نصيب ٿي ايئن اڄ تائين ايتري جلد ڪنهن ٻئي ناول کي نه ٿي هئي.

اُن وقت يُورپ جي مُختلف ملڪن ۾ نوجوانن جي اُها حالت ٿي وئي هئي جو انهن ورٿر وانگر پوشاڪ پائڻ شروع ڪيو هو__۽ ڪيترن ئي عورتُن پنهنجي خُشڪ مِزاج مڙسن کان تنگ ٿي ڪري ورٿر جي دِلنواز مُحبتن مان لطف وٺڻ جون تمنائون ڪرڻ لڳيون هيون! ورٿر ۽ شارلوٽي تي نظم لکيا ويا هئا جن کي ماڻهن روڊن رستن تي رومانوي انداز ۾ ڳايو ۽ وڄايو هو. جرمني اُهو ملڪ هو جتي گوئٽي ۽ ورٿر جو ظهور ٿيو هو، پر يورپ جي تقريبن ملڪ جي رهندڙ هر ماڻهو جو اهو ئِي ساڳيو حال هو__هر ڪنهن جي ذهن تي ورٿر قبضو ڄمائي چڪو هو__۽ ان کان علاوه ڪيترن ئي عاشِقن ۽ جذباتي نوجوانن ورٿر کي پنهنجو آئيڊل سمجهي خودڪشي ڪري ڇڏي هئي! مُحبت جي جذبن کان ويندي خودڪشي جو جذبو يورپ جي نوجوان لاءِ فيشن بڻجي چڪو هو.

انهي زماني جو انگريزي ليکڪ رچرڊسن (Richadrson) جيڪو ان وقت هڪڙي ڇاپي خاني ۾ نوڪري ڪندو هو ٻڌائي ٿو ته “ورٿر جي شايع ٿيڻ کان پوءِ ڪيترين ئي نوجوان ڇوڪرين هِن وٽ ايندين هيون ۽ هن کي اَيلاز ڪنديون هيون ته هُو کين پنهنجي عاشقن ڏانهن ورٿر جي ترز جهڙا خط لکي ڏئي”!_يعني جهڙي طرح گوئٽي پنهنجي دوست ڏي خط لکي پنهنجي عشق جي عڪاسي ڪئي هُئي اهڙي طرح هر محبت ڪرڻ واري عورت شارلوٽي بڻجڻ پئي چاهي، ۽ هر نوجوان مرد ورٿر جي ڍنگ جو ڪردار بڻجڻ پيو چاهي!

انهي دور ۾ هر ماڻهو جي دل ۾ مُحبت هُئي ۽ جذبو به هو؛ پر اهي سڀ جذبا گوئٽي جي ورٿر ڇپجڻ کان پوءِ ڪنهن به رَسم رواج ۽ پابندين جي پرواهه ڪرڻ بغير هر هنڌ ۽ سر عام ظاهر ٿيڻ لڳا هئا__ورٿر انهي دور جي جذباتي جمُود کي ٽوڙيو هو ۽ اظهار جي آزادي پنهنجي طاقت وٺندي رهي هئي! انهي لاءِ ٿامس ڪارلائيل (Thomas Carlyle) وڏيڪ چيو ته “انهي دور جي اثر کي تمام گهڻن ماڻهن محسوس ڪيو هو پر انهي اثر کي پيدا ڪندڙ آواز گوئٽي جو هو جنهن اُنهي دور ۾ انهي جذبي کي محسوس ڪيو هو جيڪو هزارن ماڻهن جي دلين اندر ڌڙڪي رهيو هو؛ هن پنهنجي خُداداد تخليقي قوت سان ۽ هڪ شاعر هئڻ جي حَيثيت سان انهن هزارين دلِين جو آواز بڻيو هو ۽ هُنجي ورٿر لکڻ واري ڪارنامي هن کي انهي دور جو ترجُمان بڻائي ڇڏيو هو”.

# ليو ٽالسٽاءِ
# 1828__1910عيسوي سال

”جيڪڏهن مونکان ڪو ٻہ ماڻهو کهڙي ٻہ طرح جي خاص صَلاح ونڻ جي نيت سان ايندو تہ مان صلاح ڏيڻ کان اڳ هُن کي اهو چوندس تہ خدا جي نالي کي ڇڏي پهريان پنهنجي اِردگرد ڏس تہ ڇا ٿي رهيو آهي!؟ هِن صدي ۾ ۽ هِن دور ۾: تنهنجي چئو طرف، تنهنجي شهر ۽ تنهنجي آس پاس ماڻهو ڪيئن ٿا گذارين؟ ۽ انهن جي زندگين جو مقصد ڇا آهي؟ ۽ تُنهنجي صلاح ونڻ وارو عمل ڇا اُنهن کان مختلف آ يا تون بہ انهي معاشري جي استحصال ٿيلن مان هِڪ آهين!؟“

هن فطرت جو گهرائِي سان مُطالِعو ڪيو هو جنهن ۾ هُن انساني ذهن ۽ سماج کان ويندي پنهنجو پاڻ کي سجاڻڻ وارو عڪس بہ پنهنجي لکڻِين ۾ ظاهر ڪري ڇڏيو هو: جيئن هُن هِڪ دفعي چيو هو تہ ”هَر ڪو دنيا کي تبدِيل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي پر پنهنجو پاڻ کي ڪير بہ تبديل ڪرڻ لاءِ تيار ئي نہ آهي“

اُهو زندگي ۽ شعور جو اهڙو فلسفو هو، جنهن کان انڪار ڪرڻ معنيٰ فطرت سان اِنحرافي ڪرڻ آهي. هر انسان جڏهن پيدا ٿيندو آهي تڏهن هِن ڌرتي تي هڪڙي ڪردار جو واڌارو ٿيندو آهي پوءِ اهو ڪردار ڪير بہ ٿي سگهي ٿو__اهو شيطان بہ ٿي سگهي ٿو تہ خدا بہ ٿي سگهي ٿو! پر هر پيدا ٿيندڙ انسان سان گڏ اُن مُعاشري جي سوچ بہ شامل هُوندِي آهي جنهن ۾ هو جيئندو آهي ۽ زندگي گذاريندو آهي. اوڻويهين صَدي هِن ڌرتي تي اهڙو دور هو جنهن ۾ يُورپ جو مُعاشرو هِڪ نئي دور ۾ داخل ٿي رهيو هو .

”هڪ دور جڏهن پنهنجي پُڄاڻي تي پهچندو آهي ۽ نئين دور جي شُروعات ٿيڻ لڳندي آهي تڏهن ٻَيَ ڌاهہ واري عمل جو وجُود ٿيندو آهي__پوءِ اهو ٻَيَ ڌاهہ مُعاشراتي هُجي، نفسياتي هجي، معاشي هجي يا ڪٿي سائنسِي هجي! پر پهرين ۽ پراڻي دور جي ٻيج ڌاهہ کان سواءِ هڪ نئون دور ڪڏهن بہ پيدا نٿو ٿي سگهي. هر اِنسان جنهن دور ۾ پيدا ٿيندو آهي اُهو اُن لاءِ جدِيد دور هُجي ٿو جنهن جو هن کي احساس تہ نہ هوندو آهي تہ اهو جديد دور هن جي لاءِ جديد ڪيئن بڻيو!؟ پر ان باوجود هُو پنهنجي اڳ جي دور تي سوچڻ کان بغير پنهنجي زندگي گذارڻ ۾ مشغُول ٿي ويندو آهي. هر انسان زندگي گذارڻ کي اهميت ڏيندو آهي پر هر انسان تاريخ نہ ٿيندو آهي، صِرف ڪجهہ انسان اهڙا پيدا ٿيندا آهن جيڪي صدين ۾ پيدا ٿي هڪڙي تاريخ مُقرر ڪندا آهن: جيئندا آهن، مَرندا آهن، مُعاشري کي تبديل ڪندا آهن ۽ حَياتي ڪسجي وڃڻ کان پوءِ بہ ايندڙ صَدين لاءِ سبق ٿي پوندا آهن ۽ هَميشهہ زنده رهندا آهن__تاريخ جي وَرقن ۾ ۽ ماڻهن جي دِلين ۾!“

1826ع اُهو دور هو جنهن ۾ رُوس ۽ اِيران جي جنگ شُروع ٿي چڪي هئي؛ ايران (Persia) کي برطانيه جي پُوري سُهڪار حاصل هُئي، ۽ ايران پنهنجا ڪُجهه علائقا رُوس (Russia) کان ڇڏائڻ لاءِ جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو هو.
اُهي علائقا: جيڪي رُوس ايران کان 1813ع واري جنگ ۾ پنهنجي قبضي هيٺ آندا هئا ــ ۽ 1813ع ۾ وري هڪڙو ناهُ ٽيو هو جنهن کي گُلستان جو ناهو (Treaty of Gulistan) جو نالو ڏنو ويو هو، پر اُن باوجُود به فتح علِي شاه ايراني (Fateh Ali Shah, The Persian) کي سُڪون ميسر نه ۽ هُو چاهي پيو ته "هڪ دفعي وري برطانيه سندس ساٿ ڏئي؛ جيئن ته هُو پنهنجا علائقا روس جي قبضي مان ڇڏرائي ۽ روس کي سبق به سيکاري".
" گلستان معاهدو" 1813ع واري جنگ دوران ٿيو هو جنهن ۾ ايران جا ڪجهه علائقا رُوس جي قبضي ۾ اچي ويا هئا؛ ان کان علاوه 1826ع واري جنگ تبريز (The battle of Tabrez) جي فتح سان ختم ٿي هئي. هي جنگ ايران لاءِ تمام گهڻو نقصان ڪٺي آئي هئي جنهن ۾ ايران جو وڏي پئماني تي جاني ۽ مُعاشي نُقصان ٿيو هو ــ "گلستان معاهدي" کانپوءِ هڪ ٻيو معاهدو ٿيو هو جنهن کي تُرڪمانِي مُعاهِدي (Treaty of Turkimnistan) سان سڏيو ويو هو ۽ جنهن ۾ روس، ڪاڪاس (Cacass) تائين پکڙيل هئي. اُنهي دور ۾ رُوس هڪ طاقتور مُلڪ هو به ۽ ايران کي به ايتري هِمٿ نه هئي جو هُو پنهنجا علائقا واپس ڪرائي سگهي. آخرڪار اُنهي بُڏتر ۾ رَهي ڪري ايران 1826ع ۾ روس سان جنگ جي ميدان ۾ لهي آيو هو؛ اُنهي جنگ جو نتيجو اِهو نڪتو ته ايران 160 ميلن تائين پنهنجو علائقو جيڪو پهرين روس جي قبضي ۾ هو هاڻي پنهنجي قَبضي ۾ آڻي ڇڏيو هو. 1828ع دوران روس جورجيا (Georgia)، آذربائيجان (Azurbaejan) ۽ آرمينيا (Armenia) کي پنهنجو اِتحادي بڻائي پاڻ سان ملائي ڇڏيو هو ــ پر انهي جنگ دوران آذربائيجان ٻن حصن ۾ ورهائجي چُڪو هو، جِتي آذُربائِيجان قوم به آباد رهي ته ايراني به!
روس کي پنهنجي طاقت تي غُرور هو ۽ اُنهي غُرور کي پاڻي ڏيڻ لاءِ 1826ع دوران روس مراڪ تي قبضو ڪيو؛ جنهن کان پوءِ ايران جي حُڪومت مرزا محمد صادِق (Mirza Mohammad Saadiq) کي روس پيٽرسبرگ (Peturseburg) موڪلي زار (Xar) حڪومت سان ڳالهين ذريعي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي پر ان مان ڪو به ڪڙ تيل نه نڪتو ــ ۽ مرزا صادق کي ڪاڪاس جي گورنر اليڪسِي يَرمَولوَو (Aleksi Yarmolov) کان به ڪجهه حاصل نه ٿيو؛ جنهن کانپوءِ دل شِڪسته ٿي ڪري ايران عباس مرزا (Abbas Mirza) جي اڳواٽي ۾ پنجتيهه هزار فوجين جو جٿو تيار ڪري ڪَراباڪ (Karabak) ۽ "تَيلش" تي حملو ڪري ڏنو ــ ۽ وڏي نُقصان کانپوءِ ڪراباڪ جي گادِي واري شهر تي قبضو ڪري ڇڏيو هُئائين. رُوس جا اِتحادي ڪمزور ٿي پيا هُئا ۽ اُنهن کي ڪنهن به فيصلي ڪرڻ جي هِمٿ پيدا نه ٿي سگهي

هئي! ايراني اڳتي وڌندا رهيا ۽ روس جي اِتحاد ۾ آيل شهر کي وڏي پيماني تي نقصان پهچائيندا تي ويا هُئا.

گهڻي تباهي جي ڪري روس طرفان هٿيار ڦُٽائڻ ۽ حِڪمت عَملي ڪرڻ واري عَمل کي ڏاڍو ڌڪ رسيو ۽ اُنهي جنگ دوران هڪ تاريخ جنم ورتو: اها تاريخ ويڙه جي تاريخ نہ هئي، ۽ اها تاريخ هٿيارن جي تاريخ بہ نہ هئي، اُها اوير يورپ جَي ادب جي تاريخ هئي! هڪ دروَيش صِفت اِنسان جِي تاريخ هُئي_ جنهن مُحبت جو درس ڏنو هو_ جنهن طبقن جو مُطالعو ڪيو ۽ نفرت جي باهہ کي وِسائي مُحبت جي جَنت ناهڻ جي تاريخ هُئي! هن جو جنم آگسٽ 1827ع ڌاري هڪڙي جاگيردار خاندان (Feudal Class) ياسِنا پوليانا (Yesina Poliyana) روس ۾ ٿيو هو.

جڏهن هي اجا ٻار هُيو تہ هن جي والدين جي موت ٿي وئي هئي: هُو ماءُ پيءُ جي مُحبت کان محروم ٿي پيو هو، جاگير خاندان جي اصولن تحت هنجي مائٽن هنجي پرورش ڪئي_ ۽ هن کي سٺي تعلِيم ڏياريائُون. ننڍپڻ کان ئي هُن کي جرمن ۽ فرانسِسي استادن جي سِکيا مِلِي هُئي ۽ جڏهن هو سَورنهن سالن جو ٿيو تڏهن هن "ڪازان يونيورسٽي" ۾ داخلا ورتي. يونيورسٽي ۾ داخلا ملڻ ڪانپوءِ هن جي سيني استادن هن جي مائٽن کي گهرائي آگاه ڪيو هو تہ "توهان جو ڇوڪرو يونيورسٽي پڙهڻ جي لائق نہ آهي: ۽ هن کي نہ ڪجهہ اچي ٿو ۽ نہ ئي هن کي پڙهڻ سان ڪا خاص دلچسپي آهي".

استادن طرفان اهڙن لفظن کي برداشت نہ ڪندي هُن يونيورسٽي ڇڏي ڏني هُئي ۽ تعليم پوري ڪرڻ بغير اتان نڪري اَچي روس جي شهر ماسڪو (Mascow) ۾ رهيو هو.

ماسڪو ۾ رهڻ سان هُن کي دلي سُڪون مليو هو ۽ اُتان پوءِ هن روس جي ٻئي دِلڪش شهر پيٽرسبرگ ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي_ جِتي هن اُن وقت رُوس جي طبقاتي نظام جي مطالعي ڪرڻ ۾ بہ لڳي پيو هو. هن جي پيدائش تہ جاگير دار خاندان ۾ ٿي هئي پَر اندر ۾ هُو هڪ هڏ_ڏوڪي انسان (Philinthropist) هو، ۽ هُن کي اُن وقت جي مزدورن جي حالت تي بيحد ترس اچڻ لڳندو هو: هاڻي هي خود بہ سوچڻ لڳو هو تہ "آخر ڪيئن مزدورن کي اُنهي طبقاتي نظام مان ڇوٽڪارو ڏيارجي!"

ٽالسٽاءِ مزدورن جي حقن جي ڳُتي ۾ سوچڻ تي مصروف ئي هيو تڏهن هن کي دِلِي طور فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ جو خيال آيو: ۽ 1851ع ۾ هي رُوسي فوج ۾ هليو ويو هو_ پر هُن کي اتي بہ سُڪون مُيسر نہ ٿيو هو ۽ اُن جو سبب 1854ع ڌاري روس ۽ ترڪي جي جنگ هئي: جنهن ٽالسٽاءِ جي فوج ۾ رهي ڪري ڪم ڪرڻ کان هُن جي دل ڪٽائي ڇڏي هئي. هن فوجي زندگي کي الوداع ڪندي 1855ع ۾ اچي وري پيٽرسبرگ ۾ رهيو، جتي جي حالتن ۽ زندگي کان هُن گهڻو جُڪهہ سِکي ورتو هو. هن جو پهريون ناوِل ننڍپڻ (Childhood) هيو: ۽ بعد ۾ هِنجي مُختلف جنگين تي

لکيل ڪهاڻين هنکي شُهرت بخشي هئي. ماڻهو هن کي سُجاڻڻ لڳا هئا ۽ مزدور طبقو هن جو بي_حد قدر ڪرڻ لڳو هو هو. چند سال پيٽرسبرگ ۾ رهڻ کانپوءِ هن کي يورپ جي مختلف مُلڪن گهمڻ جو شوق جاڳيو ۽ هن مَغربي يُورپ (Western Europe) جي تقريبن ملڪن جو سفر ڪيو هو__مغربي يورپ جي سفر دوران بہ هُن کي روس جي مزدورن جي هر وقت ڳڻتي رهندي هئي، جنهن ڪري 1861ع ۾ هُو سِياحت کان موٽيو هو پر هاڻي هي پيٽرسبَرگ يا ماسڪو نہ پر سِڌو اچي پنهنجي جاگِير ۾ رهائش پذير ٿيو هو!

پنهنجي جاگير سنڀالڻ دوران هُن اُتي هِڪڙو اسڪول قائم ڪيو هو؛ جتي هي خود هارين جي ٻارن کي پڙهائڻ ۾ مشُغول ٿي ويو هيو ۽ هن جاگيرداري جي نظامن کي پنهنجي سر آسان بہ ڪري ڇڏيو هُئائين. انهي دوران هُن کي پنهنجي اڪيلي پن جو بہ احساس ٿيڻ لڳو ۽ هن 1862ع دوران شادي ڪري ڇڏي هُئي. شادي کانپوءِ ٽالسٽاءِ ۽ هُنجي گهرواري جو ناتو شروعات ۾ ڪجھ وقت تہ سهي رهيو پر بعد ۾ انهي رشتي هِن کي بيگانگي جو شڪار بڻائي ڇڏيو هو. ٽالسٽاءِ ايتري قدر صبُر وارو مرد بہ هيو جو پَنهنجي گهرواري کي ٻئي مرد سان ڏسي ڪري بہ ڪڏهن ڪيس شڪوه شڪايت نہ ڪيائينس. 1865ع دوران هن جنگ ۽ امن (War and Peace) جي نالي سان ناول لکي پورو ڪيو هو__جيڪو هن جو بهترين ناول مڃيو ويو ۽ ان کان پوءِ هن اينا ڪرينينا (Anna Karenin) جي نالي سان هڪڙو ٻيو ناول لکيو هو جنهن ۾ هُن پنهنجي صبر ۽ پنهنجي گهر واري جي حقيقي ڪردار کي جڻ ناول واري انداز سان ڇٽيو هو ۽ ان کان علاوه طبقاتي نظام جي عڪس کي بہ هُن پنهنجي اُنهي ساڳي ناول ۾ ظاهر ڪيو هو: اَينا ڪرينينا لکڻ کان پوءِ هن کي اطمينان ۽ سُڪون بہ مليو هو__ڇو تہ هِن پنهنجي زندگي جو ماتم انهي ناول ۾ ڪيو هو! طبقن جي هيناهين ۽ مٿاهين واري نظام کي ڏسي ڪري هن جو مذهب کان اَرواح ئي ڪڇي چڪو هُو، ۽ هِن انهي وقت چيو هو تہ "مذهب بہ اندرُوني ۽ ظاهري طور غريب عوام، هاري ۽ مزدور جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ جي قابل نہ آهي"__۽ سڀ کان اڳ ۾ پادري ئي هئا: جيڪي مزدُور طبقي جو استِحصال ڏسي ڪري سڪُون ۾ رهندا هئا. انهي مان اهو بہ ظاهر آهي تہ مذهب ۽ استحصالي اَمير طبقا هرشي ۾ ياڳي ڀائيوار رهندا ٿي آيا هئا__اُهي ٻئي گڏجي پورهيت طبقي جو استحصال ڪري زمين ۽ ٽيڪسُون اُڳاڙي پنهنجا پيٽ ۽ خزانہ ڀريندا رهندا هئا.

1879ع ڌاري هن "پنهنجي اعتراف" نالي هڪڙو ڪتاب لکي پنهنجي مذهب کي بيان ڪري ڇڏيو جنهن ۾ هُن جو مذهب انسانيت هو، اخلاق ۽ سماجي برابري هئي. هُن وٽ عيسائيت جو مذهب هيو پر هُن اُن کي پنهنجي طريقي سان لکيو ۽ بيان ڪيو هو .

ٽالسٽاءِ جي اهڙن نظرين هِن جي مائٽن ۽ ويجهن رشتن ڪي ڏاڍو پريشان ڪري وڌو هو! اُهو ان لاءِ ته ٽالسٽاءِ ۽ جاگير طبقي ۾ پيدا ٿيڻ باوجود به ذاتي ملڪيت جي خلاف هو__تنهنڪري هن جا ڪافي ويجها مائٽ هُن کان ڪنارا ڪشِي ڪرڻ ۾ لڳي ويا هئا. انهن سيني جي پرواه ڪرڻ بغير هي هلندو رهيو: پنهنجي خيالن سان ۽ پنهنجي مرضي سان!

هُن اڪيلائي ڪي پنهنجو ساٿي بڻائي ڇڏيو هو ۽ هن ڪي پيٽرسبرگ جون قرباني ڳهٽين سان عِشق ٿي ويو هو، جتي ٽالِسٽاءِ اڪيلو گهُمندي آزادي محسوس ڪندو هو. ظاهري طور هُو جاگيردار خاندان جو فرد هو پر اندر ۾ ٽالسٽاءِ ڪجهه ٻيو هو__هڪ ضَعيف درويش صفت ۽ حق ڪرڻ وارو انسان هو! هن جي ويجهن مائٽن هن جي نظرين سان جنگ ڪئي هئي، ۽ هُن جي گهر واري به هنجي مُحبت ۽ هِنجي جذبن سان جنگ ڪندِي رهي هُئي__انهي سيني اَڪيلاين جو سبب صرف ٽالسٽاءِ جوانسان جو انسان سان جبر ۽ استحصال ڪي ٻُنجو ڏيڻ واروهُن جو نظريو هو!

هاڻي هُن پنهنجي زندگي ڪي پَنهنجي اَصُولن ۽ عقيدن تحت گذارڻ ٿي چاهيو هو پر هنجي خاندان ۽ هن جي زال ڪي اها ڳالهه بلڪل نه وڻي، ۽ سيئي هن جا مخالف ٿي بيهي رهيا هئا!

ٽالسٽاءِ جي زندگي جا آخري ڏينهن تمام افسوسناڪ رهيا هئا: هن جي نظرين هن جي عقيدن ۽ هن جي خُوداري هن ڪي شهر جي ڳهٽين مان غائب ڪري ڇڏيو هو__هُو خود به گوشهَ نَشِيني اختيار ڪري چڪو هو، ۽ فقير صِفت انسان بڻجي بي سبب هر گهٽي ڪي گهر سمجهي بي خبري جي دُنيا ناهي ڇڏي هئي هُن__شايد هُن ڪي اُتي سڪون ملڻ لڳو هو.

هُن_____خاندان، گهر ۽ پنهنجي زال ڪي الوداع چئي ڇڏيو هو جو ته اُنهن سيني هُن ڪي بيحد اذِيتون ڏِنيون هيون__هِن ڪي جيئڻ جي قابل نه سمجهيو هُئائون ۽ هن جي نظرين ۽ عقيدن سان سَيئي نَفرت ڪرڻ لڳا هئا.

ايتري قدر جو ٽالسٽاءِ ڪي پنهنجي جاگير ۽ گهر ڪان بيحد نفرت ٿي پئي هئي پر هُو ڪجهه به نه ٿي ڪَري سگهيو هو_اُن ڪان اڳ هاڻي هُن وٽ به رَستا بچيا هئا، "هڪ ته جاگير دار ٿي رهي جي نه ته پوءِ گهر ڪي الوداع چئي هليو وجي____هميشهه لاءِ"!

هن فيصلو ڪري ورتو هو: گهر ڪي هميشهه لاءِ الوداع چوڻ جو! ۽ آڪٽوبر 1910ع دوران هي گهران نڪري ويو هو، ۽ ڪنهن ڪي ڪا خَبر نه هئي هو ڪيڏانهن ويو هو؟! ۽ ڪٿي رهڻ لڳو هو؟ خاندان وارن ڪي ڪابه خبر نه هئي ۽ نه ئي هُنن ڪا جُستجو ڪئي هِن ڪي ڳولڻ جي!

آخرڪار پُورو مَهِينو غائب رهڻ ڪانپوءِ 8 آڪٽوبر 1910ع ڌاري پليٽ فارم تي هڪ شخص جو لاش نظر آيو! جڏهن ماڻهن ڏٺو ته ڳڻ تي ويا ته "انهن ڏٺو ته اُهو ٽالسٽاءِ هو".

لِيو ٽالسٽاءِ ادب جي دنيا ۾ منفرد ڪردار نِڀايو هو "وار اينڊ پيس"، "اينا ڪرينينا" کان بعد هن "ڪوِٽرز سَوناٽا" لکي ڪري هُن ادب کي پنهنجوحَق ادا ڪيو؛ پر ادب تي وڌيڪ نظر رکڻ لاءِ هن ادب جي فن جي باري ۾ به پنهنجي مضمون فن ڇا آهي (What is Art) ۾ سچي ۽ ڪوڙي فن جو وڌيڪ گهرائِي مان مُطالعو ڪيو آهي؛ جنهن کي مُختصر جائزي طور هَيٺ بيان ڪجي ٿو.

## فن ڇا آهي What is Art

ٽالسٽاءِ جو نالو هن جي ٻِن ناولن اينا ڪِرينينا ۽ وار ايڊ پيس جي ڪري هَميشه رهندو؛ پر هن جو تنقيدي جائزو "فن ڇا آهي" هڪ اهڙي صنف آهي جنهن مَغربي تنقِيدي ذڪر ۾ هڪ نئين باب جو اِضافو ڪيو هو۔۔ ۽ اُنهي تنقِيدي جائزي ۾ ٽالسٽاءِ پنهنجا سڀ عقيدا ۽ نظريہ ادبِي شڪل ۾ بيان ڪيا آهن. مَغربي ليکڪن ٽالسٽاءِ جي هِن جائزِي کي ناگوار به سمجهندا رهيا هئا۔۔ڇو ته ان وقت ٽالسٽاءِ پنهنجي فن جي لکڻين ۾ شاهوڪارن کي به تنقيد جو نشانو بڻائيندو رهيو هو ۽ اوڻويهين صدي تائين تقريبن مغربي ادب شاهوڪارن جي رحم ڪرم تي بيٺل هو!

ٽالسٽاءِ پنهنجي فن ۾ شَيڪسپيئر ۽ نِتطشي جي لکڻين کي رد ڪري ٿو ۽ گوئٽي جي "فائُوسٽ" کي حقيقي فن پارو سڏيو آهي. شيڪسپيئر سدائين مٿئين طبقي کي پنهنجي لکڻِين جو مُوضوع بڻايو هو۔۔۽ ان کان عِلاوه ٽالسٽاءِ مطابق ته "مَغربي ادب ۾ مزدور ۽ پيڙهيل طبقي کي ڪا به جاءِ نه ملي هئي"۔۔حقِيقي ادب کي نظر انداز ڪندي اُنهن صرف ٽن جُزن (Elements) کي ئي پنهنجي لکڻين کي پنهنجو موضوع بڻايو هو۔۔يعني "پيار محبت ۽ جِنسي خواهشن کان ويندي زندگي جون احساس ڪمتريون"!

ٽالسٽاءِ مطابق ته "مَغربي ادب ۾ اها وصِيحَت به هاڻي نه رهي آهي جو هو مذهب تي لِکي ۽ مذهب جي اِستحصال جو جائِزو وٺي ۽ مذهب جي صحيح تشريح ڪري ۽ اهي سڀ مغربي ادب جا سرواڻ بيمار آهن، ڇو ته جنس پرستي کان علاوه انهن وٽ لکڻ لاءِ ڪو به ٻيو موضوع ئي ناهي بچيو"

ٽالسٽاءِ جڏهن "فن ڇا آهي" لکي پورو ڪيو هو تڏهن ان جي ڇپائي جو مسئلو پيدا ٿي پيو هو. اُهو ان لاءِ ته اُن وقت جي نام۔نهادَن ۽ شاهوڪارن کي ٽالسٽاءِ جي لکڻين سان ڪابہ دلچسپي نه هئي ۽ انهن کي اها به خبر هئي ته "اهو سڀ انهن سيني تي هڪڙي قِسم جِي کُلي عام تنقيد پڻ آهي".

ٽالسٽاءِ ”فن ڇا آهي“ ۾ بنيادي سوال اِهو اُٺاري ٿو ته آخر فن مُعاشري لاءِ ڇو ضروري آهي!؟ ۽ پاڻ ئي جواب ڏيندي چئي ٿو ته ”اسان جي مُعاشري ۾ فن ايتري قدر ته غلط راه تي اچي ويو آهي جو خراب فن کي به صحيح سَمجهيو وڃي ٿو ۽ فن پنهنجي اصل شڪل بلڪل مٽائي چڪو آهي“. وڏيڪ هي ان ڳالهه کان به انڪار نٿو ڪري ته ”فن اندروني جذبو آهي ۽ هِڪڙي قسم جو اظهار به آهي، پر ماڻهو حقيقي جَماليات کي وساري ادب کي صرف تفريحي زمري تائين آڻي بيهارن ٿا__جڏهن ته تفريح دوکو آهي ۽ حقيقي فن مُعاشري جي حقيقي عڪس جو نالو آهي! فن اندروني اظهار جو هڪڙو اِهڙو عنصر آهي جيڪو صرف سچائي ۽ ٻين جي احساسن سان حقيقي شڪل ۾ پيدا ڪري سگهجي ٿو“.

”ڪو به ليکڪ جيڪڏهن ڪا شي لِکي پڙهندڙ تائين پهچائي ٿو ۽ پڙهندڙ جڏهن انهي ليکڪ جي ڪنهن به جذبي مان متاثر ٿي پنهنجي پاڻ کي خيالي طور ان جو اتحادي بڻائي ڇڏي ته ان کي فن چئبو آهي“.

پر ان سان گڏ فن ۾ اثر آفريني (جذبن کي ڇُوهڻ وارو اثر) جو هجڻ لازمي هوندو آهي. اثر آفريني (Soul moving element) جيتري شديد هوندي فن اوترو ئي پُختو هوندو تنهنڪري؛ اثر آفريني جيڪو روح تائين پهچي ڪري پڙهندڙ جي جذبن ۾ ضابطو آڻي__اُهو اثر آفريني صرف ٽِن (ٽِرن) حالتن ۾ ئي پيدا ٿي سگهجي ٿو!

1. ٻين تائين پهچايو ويندڙ احساسن جي انفراديت؛

2. پنهنجي خيالن کي صفائي سان ٻين تائين پهچائڻ؛

3. فنڪار جي سچائي ۽ خلوص جو هجڻ يعني؛ قُوت ۽ شدت جنهن ۾ فنڪار جنهن شي کي ٻين تائين پهچائڻ چاهي ٿو پهريان اُن کي پاڻ به محسُوس ڪري؛

”پيش ڪيل احساس جيترو انفرادي هوندو اوترو ئي فنڪار پنهنجي پڙهندڙن تي اثر پيدا ڪندو__صَفائي سان خيال پيش ڪرڻ جو مقصد اثر آفريني ۽ شعُور کي پڙهندڙن ۽ ٻُڌندڙن جي جذبن اندر داخل ڪرڻ آهي__۽ ان کان علاوه رُوح تائين پُهچائڻ واري اثر آفريني جو وڏو ڪردار فنڪار جي پَنهنجي فن سان، سَچائي سان ۽ خُلوص سان وجود ۾ آڻيندو آهي__۽ جي فن ۾ شِدت جي کوٽ آهي ته هو ڪڏهن به پنهنجي پڙهندڙن ۽ ٻُڌندڙن جي اندر ۾ ڪنهن به قسم جي روح سان جڙندڙ هم_آهنگي کي جنم نٿو ڏئي سگهي. ٽِنهي حالتُن ۾ سڀ کان اهم آهي ”خلوص“__جنهن ذريعي فنڪار پنهنجي اندر جي اظهار کان بيتاب ٿي ڪري پنهنجي حقيقي احساسن ۽ جذبن کي ٻين آڏو رکڻ جي جُستجو ڪندو آهي___۽ اهائي شي فنڪار لاءِ تمام اهم آهي جنهن ذريعي هو ڪوشِش ڪندو آهي ته هو پنهنجي احساسن کي پوري صفائي ۽ وضاحت سان پيش ڪري“. ان کان علاوه ٽالسٽاءِ انهي شي کي به بيان ڪيو آهي ته ”حقيقي فن ڪهڙي قسم جي موضوعن ۽ مواد سان جڙيل هجي“؟

ٽالسٽاءِ مطابق فن جو دائرو ڪهڙي طرح طئي ٿئي ۽ موضوع کان ويندي مواد ڪهڙي قسم جو هجڻ گهرجي يعني ڪهڙي شي صحيح ۽ ڪهڙي شي خراب آهي جو تدارڪ ڪيئن ڪجي؟

انسان وٽ ڳالهائڻ به هڪ فن آهي جنهن ذريعي هر ڪو خود ڪلام تي هر شي جي باري ۾ سوچي سَمجهي پنهنجي زبان مان لفظ ڪيندو آهي ۽ هاڻي اهو انهي ڳالهائيندڙ تي ٿو ڇڏجي ته هو ڪهڙي قسم جي ڳالهه وات مان ڪيندو آهي۔ ۽ ان ۾ فن جو احساس ڪيترو آهي۔ "جيڪو ڳالهائيندڙ ۽ ٻڌندڙ جي وچ ۾ هَم آهنگي ڪي جنم ڏيندو آهي: جي هِن وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪابه شي سُني ناهي ته پوءِ هن لاءِ مُشڪل تي پوندو ته هُو ڪنهن جي دل ۾ فني احساس ڪي جنم ڏئي سگهي".

"فن اصل ۾ اُهو آهي جنهن ڪي گهڻا ماڻهو اَحساسَن پسند ڪن ۽ حقيقي فن ان ڪري ٻاهر نٿو اچي جو هر ڪو ان ڪي ڏنڌي ڏاڙي جو ذريعو سمجهي ٿو ۽ فن ڪي جيڪڏهن سَچائي سان ظاهر ڪجي ته حقيقت پسندي خود بخود نظر اچڻ لڳندي"

ٽالسٽاءِ مطابق "فن ڪير به ڪِنهن ڪي سيکاري نٿو سگهي: اها هڪ قدرتي ذات آهي۔ جيڪڏهن فن سکيا ذريعي حاصل ٿيڻ واري ڪا شي هجي ته هِن مَهل تائين فن جو نالو نِشان ئي نه رهي ها! فن هڪ زندگي جو ٻي زندگي سان جُڙندڙ تجربن ۽ احساسن جو ميلاپ آهي جيڪو هر طرح انفرادي تي سگهي ٿو۔ انهي لاءِ جيڪڏهن سِکيا ڏني وڃي ها ته فن جو انفرادي احساس ختم تي وڃي ها"

ليو ٽالسٽاءِ مطابق "فن هِڪ ڪائِناتي جذبو آهي: زندگي جي ڪنهن به تجربي ۽ واقعي ڪي فن اندر جاءِ ڏئي سگهجي ٿو"

هر ڪو ڪهڙي به تجربي: پوءِ پلي ڪٽي اهو مذهبِي خيال ۽ جذبو رکندڙ ڇو نه هجي پر ان ڪي ادبي دائري ۾ جاءِ ڏئي سگهجي ٿي۔ ڇو ته فن هڪ ڪائناتي جذبو آهي، مذهبي خيال، جذبا ۽ عقيدا جيڪي انسان ذات جي پنهنجي پاڻ ڪي مطئمن (Self Setisfication) ۽ هم آهنگ ڪرڻ جو رستو ڏسيندا آهن: يا انهي فن وسيلي ڪلاڪار پنهنجي سوچ بدلائين ٿا جهڙوڪ: انسانيت، ياڻپي ۽ هڪٻئي لاءِ عزت ۽ اَدب رکڻ اهو سڀ کان اول ڪائِناتي فن جو حصو آهي۔ انهي کان علاوه ٽالسٽاءِ جي عيسائيت تي پنهنجِي مُنفرد سوچ رهي آهي جنهن لاءِ هن ايئن به چئي ڏنو هو ته "فنڪار ڪنهن به مذهب سان تعلق رکندڙ هجي پر فن ڪي جمالياتي انداز ۾ آڻي بيان ڪرڻ انڌي عقيدي جي نشاني هوندي آهي! تنهنڪري ان انڌي عقِيدي ڪي پاسي تي رکي اخلاقي ۽ معاشراتي پهلوئن ڪي فن جو لباس پارائجي ته جيئن فن ۾ حقيقت جو اثر نظر اچڻ لڳي"

جَماليات فن جو حِصو ضرور آهي پر اَولين فن آهي مُعاشرو۔! حقيقي تجربو ۽ انسانيت جي احساس جو خيال رکڻ کان وِيندي ٽالسٽاءِ ڪي

مذهبي فن کان مڪمل طور ڇڙ تہ بلڪل ڪان هئي___پر هنجو صرف موضوع ۽ جذبو انصاف ۽ اخلاقيات هو! جيئن هن پنهجي لفظن ۾ باک (Bach) جي موسيقي، موليئر (Moliere) جي ڊرامن، گوئٽي جي اخلاقيات، دوستو وسڪي ۽ چارلس ڊڪنز جي ناولن جي ساراه ڪئي آهي ۽ ”انهن کي بهترين دورن جو فن سڏيو آهي“.

ٽالسٽاءِ کي ڪو بہ اعتراض نہ هو تہ ”فن مذهبي هئڻ گهرجي يا نہ: پر جيڪڏهن فن مذهبي هجي تہ پوءِ اهو خيال رکڻ بِلڪل ضروري آهي تہ مذهب جي حقيقت کي ظاهر ڪجي__جو تہ مذهب سان جَماليات جو اثر ڪنهن حد تائين نهڪندڙ نتو لڳي“

هن جي چوڻ جو مقصد اهو بہ آهي تہ ”جيڪڏهن فن صِرف ۽ صِرف مذهبي خيالن يعني ڏوهہ، ثواب ۽ عقِيدي جو نالو آهي تہ: اهو فن بلڪل ناهي يعني فن سان گڏ جيڪڏهن ڪو فنڪار معاشراتي اِخلاقيات کي بہ پنهنجي فن ۾ جاءِ ڏئي تڏهن اُهو فن هڪ ”حقيقي فن“ سڏبو جيڪو حقيقي ۽ ڪائناتي سچ جي نشاندهي ڪري ٿو“

## رُوسِي اَدب تي مُختصِر نَظَر

جديد روس: جنهن جو ادبي سفر مغربي ملڪن کان بہ سو سال بعد وجود ۾ آيو هو_پر ان باوجود رُوس ادب جي اهڙن مُفڪرن کي جنم ڏِنو جن تي سڄي دنيا جي ادب ناز ڪيو.

فرانس جهڙو ادبي ڪلچر(Literary Culture) فرانس کانپوءِ رُوس جي ئي حصي ۾ آيو_جتي بعد ۾ روس بہ پنهنجي ادبي دنيا ۾ نمايان ڏيک ڏيڻ لڳو هو_رُوس جي اديبن پنهنجي لکڻين ۾ حقيقت نگاري کي اولِين ترجِيح ڏِني هُئي: ۽ اُن ۾ عظِيم فن جو مُظاهرو ڪيو. روس جي افسانن ۽ ڊرامن ۾ حياتِ انسان ۽ نظامِ عالم مُتعلق غور ۽ فڪر ڪري هُنن پنهنجو جُدا ادبي وجود (Literay existance) ٺاهيو هو_روسي ادب جي قِصن جو موضوع ۽ بحث عمومن مُعاشراتي انسان ( Common Human being) ئي رهيو هو__جنهن ۾ انسان جو باهمي تعلق هُن جي خيالن، جذبن، رنجُن، خوشين جي ڪشمڪش_جدوجهد ۽ ان ۾ شامل ڪاميابيون ۽ ناڪامين سان هوندو هو.

اوڻويهين صدي جي آخر ۾ رُوسي ادب جي دنيا ۾ بہ اديب نمودار ٿيا ”ٽالسٽاءِ ۽ دوستو وسڪي“ جن جي شُهرت مُلڪ در مُلڪ ڦهلجِندي وئي هئي__بنهي انساني زندگي، نفسيات ۽ ڪردارن جي تشريح پنهنجي انداز سان ڪئي هئي. بنهي جي لکڻين روس ۾ پڙهندڙن جي ذهنن ۾ نوان موضوع بحث لاءِ ڇيڙي ڇڏيا هئا: منزل تہ بنهي جي ساڳي هئي پر رستا مختلف هئا__دوستو وِسڪِي کان علاوه اَنٽونِي چِيڪوف، گارشَن، وِي سمَيد وِچ، اَيولن مَيڪوف، مَئڪسِم گورڪِي ۽

اَليگزندر ڪِپرن ادب جي ميدان ۾ اثر رسوخ رکندڙ اديب هئا جن روسي ادب کي فن جو پاڙي ڏئي جياريو.

## دَوستووِسڪي

فِيودور دوستو وِسڪي ماسڪو ۾ 1821ع ڌاري پيدا ٿيو هو؛ هي ٽالسٽاءِ جيان امير خاندان جو حصو نہ هو__ ۽ آخري وقت تائين هُن جي زندگي غربت ۾ گذرندي رهي. هن کي لِکڻ جو شوق تڏهن پيدا ٿيو جڏهن هي هڪڙي انجنيئرنگ اسڪول ۾ ملازمت ڪندو هو. هن جو پهريون ڪتاب فوڪ پُوئر (Folk Poor) جيڪو هن 1845ع ۾ لکي پورو ڪيو؛ جنهن سان ادبي ميدان ۾ هن جي سڃاڻپ پيدا ٿي هُئي. انهي سال هن هڪ اِشتراڪي تنظيم اندر قدم رکيو__جِتي حڪومت طرفان پَڪڙي هن کي چار سال جي سزا ڏني وئي ۽ انقلابي جذبي جي سهاري چار سال جيل جي قيد ۾ رهڻ دوران هن انسان جي فطرت ۽ انساني زندگين جي پيڙائن کي ويجهڙائي سان جاچيو ۽ محسوس ڪيو هو__ ۽ بعد انهي سِيني تجرُبن کي پنهنجي ادبي موضوعن جو حصو بڻايو هو.

1850ع ڌاري دَوستووِسڪي سَينٽ پيٽرس بَرگ پُهتو جتي هن هڪڙي اخباري اداري ۾ ملازمت ڪئي؛ پر اتي بہ هن جي غُربت ۾ ڪا گهٽتائي نہ آئي. هن جو ناول جيڪو گهڻو مشهور ٿيو اهو جرم ۽ سزا (Crime and Punisment) هو_ 1881ع ۾ هِي مُعتبر ناول نگار هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو .

## انٽوني چيخوف

انٽونِي چيخوف رُوسي افسانہ نِگار 1860ع ڌاري غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. هن 1874ع ۾حِڪمت جي ڊگري پاس ڪئي پر ان کي روزِي روٽِي جو پيشو نہ بڻايائين_چيڪوف جي مختصر ڪهاڻين هن دنيا کي ادب ۾ اول صف تي اچي بيهاريو؛ پنهنجي افسانن ۾ هن هميشهہ انساني فطرت جي عڪاسي ڪئي. ڪهاڻين لکڻ سان گڏ هن بعد ۾ ڊرامہ بہ لکڻ شُروع ڪيا هئا؛ جن ۾ هُن ڪمال جو تصور پيش ڪيو هو! ڪائنات حقيقي ۽ فطرت انساني کي هِن هڪ مِثال جي صُورت ۾ پنهنجِين لِکڻِين ۾ پيش ڪيو ۽ ڪامياب جا سفر طئہ ڪندو آخر جولاءِ 1903ع ڌاري هِن فاني جهان کي الوداع چئِي وڃي عالم حقِيقي سان مليو .

## گارشَن

گارشن 1855ع ڌاري مغربي روس ۾ پيدا ٿيو؛ ۽ هُن اِبتدائي تعليم سينٽ پيٽرس برگ مان حاصل ڪئي. هِن جُون پهريُون لِکڻيُون تڏهن منظر عام تي آيون جڏهِن هي اجان شاگرد مس هو .

1877ع ڌاري هي بلگيريا جي جنگ ۾ شامل ٿي ويو_هن سپاهين جي نفسيات جو گهرو مطالعو ڪيو هو؛ ۽ پنهنجي ڪهاڻين ۾ هن سدائين جنگي عڪسن کي چٽيو__آخرڪار هلي هڪڙي ڏينهن جنگ هلندڙ دوران هي زخمي ٿي پيو هو؛ جنهن کان پوءِ هي پنهنجو دِماغي توازن وڃائي ويٺو هو ۽ 1888ع دوران بَيخُودي واري حالت ۾ وفات ڪري ويو.

## وي سمَيڊ وچ

وِي سميڊ وچ جيڪو رُوسي ادب جي دنيا ۾ "ويرِي سيف " جي نالي سان متعارف ٿيو؛ ۽ 1867ع ڌاري پيدا ٿيو_ليڪڪ هئڻ سان گڏ هڪ بهتر حڪِيم پڻ هيو. هن پنهنجي لِکڻين ۾ اِشتراڪِيت (Communism) جي موضُوع کي اڳيان رکيو ۽ پنهنجي لِکڻِين ذريعي اهڙا ڪردار پيش ڪيا جن سان انسان اُونداهين راتين ۾ پنهنجي تنهائين سان گڏ رهڻ پسند ڪيو_هُن هَميشهه پراڻي ڪندرن ۾ نون انسانن کي تلاش ڪيو هو؛ جن جِي زندگي سدائين حق جي راه ڳولڻ ۾ گذري ۽ هن جي نظر ۾ اهي انسان ڪير هئا؟ اهي اِشتراڪِيت پسند هئا. هِنجُون لِکڻيُون اڪثر "ڪارل مارڪس" جي معاشي خيالن جو عڪاسي ڪندي نظر آيون.

## ايولن ميڪوف

ايولن ميڪوف بنيادي طور هڪ سَنگتراش هو پر جلد بعد ۾ ادب جي ميدان ۾ پهچي ويو! هنجي پيدائش 1861ع ڌاري ٿي هئي ۽ هُن مُصوري جو عِلم پڻ سکي ورتو هو_ادبي دنيا ۾ هن کي شاعر جي حيثيت حاصل هئي ۽ مصور هئڻ جي ڪري هي شاعري ۾ بهترين منظر ڪشي گهڙڻ جي قابل هو؛ ۽ هن سادي طبيعت انسان جي وفات 1897ع ۾ ٿي .

## مَيڪسم گورڪِي

اليڪسز پيشڪوف گورڪي کي جيڪو ميڪسِم گورڪِي جي نالي سان رُوسي ادب جي ميدان ۾ ڄاتو ويندو آهي_ 1868ع ۾ پيدا ٿيو. اهو دور روس جي صنعتي ترقي جو دور هو ۽ انهي دور ۾ اشتراڪيت جي عُروج ٿي هئي_صنعتي دور دوران هارين ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هيو جنهن کان پوءِ انهي دور جي تقريبن ليکڪن جو موضوع مزدور طبقو بڻجي ويو هو. هن جي ڄمڻ پيدائش ٿي ان کان ٿورو وقت اڳ هن جو پيءُ گذاري ويو ۽ هن جي پرورش هن جي ڏاڏي ڪئي. هن جي ڏاڏي هِن کي هڪڙي جهاز ۾ ملازمت وني ڏني جتان هي پڃي آيو. قُدرت واري هِن کي ادِيب ناهيو هيو ۽ هُن جي ذهني طلاٿم هن کي روس جي گهٽين

۽ سرحدن تائين گهمڻ ڦرڻ ۽ فطرت کي پنهنجي رومانيت واري نظر سان ڏسڻ لاءِ مجبور ڪيو هو. خانہ بدوشي جي اهڙي سِياحت کي هِن 1890ع ڌاري ختم ڪيو. 1905ع ڌاري هن رُوس کي الوداع ڪيو ۽ "وِهائلي" ۾ وجي رهائش پزير ٿيو. جتان 1917ع جي رُوسي اِنقلاب برپا ٿيڻ بعد واپس رُوس موٽيو هو ــ هن پنهنجي ڪافي سارِين لکڻين جي ڪري شُهرت حاصِل ڪئي جن ۾ هن فراموش زندگين کان ويندي انسان ذات جي حقيقي جذبن جي ترجُماني بہ ڪئي. هِن افسانہ، ڊراما، ناول لکيا، جن ۾ هِن جو ناول "ماءُ" تمام گهڻو پڙهيو ويو هو. پنهنجي زندگي جي آخري سالن ۾ هي تمام گهڻو بيمار رهڻ لڳو پر ان باوجود هن جي خيالن جي مضبُوطي زنده رهي، بيماري سان جنگ ڪندي آخر 28 مارچ 1936ع ڌاري هي وفات ڪري ويو .

## اَليگزيندر ڪِپرن

اليگزيندر ڪِپرن جي پيدائش 1870ع ۾ ٿي ــ اِبتدائي تعليم کان بعد هن فوجي اداري مان تربِيت ورتي جنهن کانپوءِ اُنهي زندگي کان تنگ ٿي هِن فوج جي ملازمت کي خيرباد چئي ڇڏيو هو ــ هن جو پهريون ناول 1905ع ۾ شايع ٿيو هو ۽ ناول کان علاوه هن ڪيترائي افسانا لکيا جن ۾ هن جاگيردار ۽ چور کي هڪڙي صِف ۾ بيهاريو. هن جي لکڻين ۾ محبت بہ مظبوط هميشہ مظبوط موضُوع رهيو هو ۽ آگسٽ 1938ع ڌاري 68 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو هو.

# البرٽ ڪاميو
# 1913_1960عيسوي سال

”انسان اها واحد تخليق آهي جيڪا انسان بنجڻ لاءِ تيار ئي ناهي! “_____ البرٽ ڪاميو

آرچ ڊيُوڪ فرڊيِنند (Arch Duke Ferdenand) آسٽرِيا (Astria) جو ولِي عهد جُون 1914ع ڌاري بلقان جي شهر سلاجِيو ويو تہ جيئن اتي وڃي وڏندڙ ڇڪتاڻ کي ختم ڪرائي سگهي، ۽ جنهن وقت آرچ ڊيوڪ هڪ کُليل ڪار ۾ چڙهِي سلاجِيو جي گِهٽين مان لنگهي رهيو هو تنهن وقت سلاجيو جي هِڪڙي قومپرست نوجوان اڳتي ٽپندي فائر ڪيو ۽ آرچ ۽ سندس زال صوفيہ (Sophia) کي قتل ڪري ڇڏيو.

آرچ ڊيوڪ انهي وقت سربِيا ۽ آسٽرِيا جي وِچ ۾ وڌيل وِڳوڙن کي ختم ڪرڻ جي چڪر ۾ نِڪتل هو، پر هُن کي سلاجيو جي گِهٽين ۾ قتل ڪيو ويو هو. اُنهي قتل جو الزام آسٽريا (Astria) تي لڳي ويو هو__جنهن ڪان پوءِ سربيا (Serbia) ۾ بہ وِڳوڙ وڌڻ لڳا: ۽ انهي وِڳوڙن کي منهن ڏيڻ لاءِ آسٽريا جي پرڏيهي وزير ”ڪائُونٽ لِيو پَولڊ“ جرمني جي ”قيصر وِليم 2“ کي خط لکي موڪليو تہ جرمني کي گهرجي تہ هو سربيا ۾ وِڳوڙن کي منهن ڏيڻ ۾ آسٽريا جي مدد ڪري__قيصر اها ڳالهہ خوشي مان قبُول ڪئي ۽ جواب ۾ آسٽرِيا کي چيو تہ ڪيس جيتري بہ مدد گهرجي جرمني ايتري ئي مدد ڪندو.

جرمني ڪان ايتري مضبُوط پُٺيرائي مِلڻ ڪان پوءِ آسٽريا طرفان سربيا کي 23 جولاءِ 914ع تي هڪ چِتاءُ ڏِيندي خبردار ڪيو تہ، هُو آسٽريا خلاف سرگرمِيُون بند ڪري ۽ اُن لاءِ سربيا کي انيتاليهہ ڪلاڪن جي مُهلت ڏيندي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ ”جيڪڏهن سربيا ڪجهہ بہ مڃڻ ڪان انڪار ڪيو تہ ڪيس جنگ کي منهن ڏيڻو پئجي ويندو“__آسٽريا اُهي سڀ چِتاءُ جرمنِي جي پُٺيرائِي جي آسري ڏئي رهيو هو.

اُنهي دوران سربيا رُوس ڪان مدد گهرِي ۽ آسٽريا خلاف پنهنجا ارادا جنگ لاءِ مضبوط ڪري ڇڏيا. روس بہ سربيا کي ڀرپور مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو: هاڻي ڇڪتاڻ اجان وڌندي پئِي وڃي ۽ انهي وقت برطانيہ جو پرڏيهي سيڪريٽري ”سَر ايڊورڊ گرِي“ سربيا ۽ آسٽريا جي وچ ۾ ڳالهيون ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ قيصر وليم کي جنگ ۾ لهڻ جو ڪو ارادو نہ هو: پر آسٽريا جي پرڏيهي وزِير کي جرمن جي جنگي اڳواٽن هُشِي ڏئِي ڇڏِي هُئي جنهن ڪانپوءِ برطانيہ جي ڳالهِين واري آڇ کي ٺُڪرائي آسٽرِيا ۽ جرمني طرفان سربيا خِلاف جنگ جو اعلان ڪيو ويو هو. هوڏانهن

قيصر وليم 2 روس تي دٻاءُ وڌو ته ڪيس سربيا خلاف جنگ ۾ شامل نه ٿئي پر روس سربيا جي مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار بيٺو هو__اُنهي وقت جرمنِي مُطالبو ڪيو ته فرانس ۽ روس کي جنگي چُرپُر کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ ٻنهي کي اڻ ڏُريو ٿي رهڻ گهرجي؛__تنهن باوجود اُنهي مُطالبي جو رُوس ۽ فرانس تي ڪو به دٻاءُ نه پيو ۽ اُهي اجان تائين سربيا جي مدد ڪرڻ ۽ آسٽريا جرمني خلاف وڙهڻ لاءِ تيار هئا__هاڻي روس جي "زار نِڪولس" اعلان ڪري ڇڏيو ته آسٽريا هنگري سان ملندڙ سرحد تي فوجون بيهاريون وڃن. روس جي انهي عمل ۽ فرانسِين جي جنگي مدد جي خبرن جرمني جي گادي برلن (Berlin) ۾ ڳِٽِي پکيڙي ڇڏي هئي_ايئن پئي لڳو ڄڻ جرمني کي ٻِن محاذن تي وڙهڻو پوندو_"اولهه واري محاذ تي فرانس سان اوڀر واري محاذ تي روس سان"____جرمني هڪ ڀيري ٻِيهر فرانس کي اڻ ڏُريو رهڻ جو چيو پر فرانس اها ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ جرمن پهرئين آگسٽ تي فرانس خلاف به جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

فرانس سان جنگ ڪرڻ لاءِ بيلجِيم جي سرحَد پار ڪرڻ جي ضرورت پئي ۽ جرمني بيلجيم کان به مطالبو ڪيو ته ڪين بيلجِيم پنهنجي سرحد پار ڪرڻ اِجازت ڏئي جيئن جرمني فرانس سان آساني سان وڙهي سگهي_پر بيلجِيم ڪين انڪار ڪري ڇڏيو ۽ جرمني بيلجيم تي دٻاءُ وجهڻ لڳو؛ جنهن کان پوءِ بيلجِيم جنهن جي سرحد فرانس ۽ ساموندي رستي وجي برطانيه سان ملي ٿي تنهن روس، برطانيه ۽ فرانس کي جرمني کان دٻاءُ وجهڻ واري عمل خلاف مدد جي اپيل ڪري ڇڏي__پر جرمني تنهن باوجود بيلجيم جي انڪار کي نظر انداز ڪندي پنهنجو فوجون بيلجيم مان لنگهايون. هاڻي برطانيه کي جرمني خلاف چڙ ٿي چو ته برطانيه فرانس جو اتحادي هوندي به جرمني ۽ فرانس، رُوس، سَيربيا جي وچ ۾ پکڙجندڙ جنگِي انتشار کان اڻ ڏريو رهيو هو_پر هاڻي برطانيه کي به ڪاوڙ ٿي چوته برطانيه کي اهو به ڊپ اچي ورايو ته ڪٿي جرمني اُتر سمُنڊ جي ڪِناري تي قبضو ڪري "بِرٽِش آئلز" لاءِ ڪو خطرو نه پيدا ڪري وجهي. تنهن ڪري برطانيه به 4 آگسٽ 1914ع تي جرمني خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

پهرين مهاڀاري جنگ (First world war) لڳي چُڪي هئي! آگسٽ 1914ع ۾ جنگ شروع ٿي ته ان ۾ هڪ طرف چار اِتحادي برطانيه (England) ، فرانس (France) ، رُوس، ۽ سيربيا هئا ته ٻئي پاسي به مرڪزي طاقتون جرمنِي ۽ آسٽِريا هُيون، پر ان کان پوءِ عُثماني سَلطنت ۽ بَلغاريه به ساٿن جرمني ۽ آسٽريا سان آڪٽوبر 1914ع ۾ شامل ٿي ويون_هوڏانهن اِٽلي (Itly) جنهن پهرين جنگ کان اڻ ڏُريو رهڻ جو اعلان ڪيو هو پر بعد ۾ جرمني ساٿس واعدو ڪيو ته "اٽلي جو اتحادي ٿيڻ ۽ جنگ کٽي وڃڻ کان پوءِ ڪيس آسٽريا ۽ آفريڪا ۾ ڪجهه علائقا ڏنا ويندا" ته ان آسري ملڻ کانپوءِ

اٽلي بہ اتحادِين سان برطانيہ، فرانس ۽ روس خلاف آسٽريا ۽ جرمني طرفان وڙهڻ لاءِ راضي ٿي ويو.

اها هئي پهرين مَهاياري لڙائي جنهن جڻ سڄي دنيا جي نقشي کي مِتائڻ جو عَظم ڪري ڇڏيو هو! جنهن ۾ تقريبن اتحادين جا ٿي لک هڪڙي پاسي ۽ ٿي لک ٻئي پاسي ماڻهو مارجي ويا هئا. ان کان علاوه 1914ع ۾ جَپان ۽ چائِنا بہ اتحادين سان ملي ويا هئا. ويڙه جي پڇاڙي تائين 31 قومون جنگ ۾ شامل ٿي چڪيون هُيون ۽ اِها پهرين مهاياري چئن سالن کان بہ وڌيڪ عرصي تائين هَلي جنهن ۾ 31 مِلين کان بہ مٿي ماڻهن فوجي خِدمتُون سرانجام ڏِنيون.

پهرين مهاياري جنگ قتل عام جو وڏو سبب بڻي—سڄي دنيا جي قومُن هن جنگ جي تُهمت هڪٻئي تي هنئي هُئي...! جيئن تہ جرمني جي قيصروليم 2 جرمني کي سڄي دنيا ۾ سڀ کان سگهارو ملڪ بنائڻ ٿي گهريو تنهنڪري اتحادي مُلڪن رُوس برطانِيہ ۽ فرانس وارن اعلان ڪيو تہ پهرين مهاياري لڙائي جي مکيہ جوبداري جرمني تي هئِي پر اُن باوجود هوڏانهن جرمني ۽ ٻئي پاسي فرانس يعني ٻنهي طرفن اتحادِين وٽ پنهنجا پنهنجا سبب هئا يعني هڪ ٻئي تي اِلزام لڳائڻ کان ڪير بہ آجو نہ هو .

جرمني کي اها بہ اُميد هئي تہ جيڪڏهن هي تيزي سان بيلجيم مان لنگهي فرانس تي حملو ڪندو تہ ڪيس سولائِي سان شِڪست ڏئي سگهندو، ۽ اهڙي طرح جرمني لاءِ اها جنگ سولِي ۽ کٽڻ لائِق ٿي پوندي—۽ پوءِ جرمني کي هڪ مَحاذ تي وڙهڻو پوندو پر جرمني جي اها سوچ ناڪام ٿي؛ جو تہ جرمن فوج پئرس (Paris) پهچڻ واري هئي جو فرانسِي ڪيس روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هُئا—فرانس کي رُوسِين جي مدد حاصل ٿي وئي ۽ هنن جرمني جي اوڀرندي محاذ تي اوچتو اوير کان حملو ڪري ڏنو هو—هاڻي جرمنِي مجبُور ٿي پنهنجي فوج جو وڏو حصو اولهہ واري محاذ (فرانس) مان ڪڍي اوير واري محاذ (روس) ڏانهن موڪليون .

اهو محاذن وارو ڏڪ جرمن فوج لاءِ ڪاپارِي نقصان ثابت ٿيو ۽ جرمني هاڻي ڪمزور ٿيڻ لڳو—جرمني جي اِتحادين خلاف تيزي سان کٽڻ واري اُميد بہ ڪمزور ٿي پئي هئي—ذري گهٽ ساڍن ٽن سالن تائين اولهندي محاذ تي ڇتي جنگ جاري رهي—ٻنهي طرفن کان اِتحادي ڏُريون هِڪٻئي کي پوئتي ڌِڪينديون رهيُون.

پهرين مهاياري جنگ بدترِين زماني کي جنم ڏنو هو؛ فوجين توڙي عام ماڻهن جي زندگي بي سڪُون بڻجِي وئي هئي—يُورپ هڪ پُوائتي منظر جو ڏيک ڏئي رهيو هو—چوطرف لاش پکڙيل هئا جن جي دفنائڻ جي بہ ڪنهن زحمت نہ ٿي ڪئي، هر طرف بارود ۽ لاشن جي بدبو بيمارين کي جنم ڏنو ۽ هر طرف انسان جو قتل عام ۽ انسان جي انسان هئڻ واري وضاحت خالي رهجي وئي هئي .

انهي وچ ۾ ٻيو به گهڻون نقصان ٿيو جيئن ”وردن“ واري لڙائي جنهن فرانس کي خوف ۾ مُبتلا ڪيو هو تنهن ڪانپوءِ رُوسين جو اوڀر پروشيا تي ڪاهه جنهن ڪانپو ۽ روس کي فرانس ۽ برطانيه کان وڏيڪ نقصان ٿيو هو؛ تنهن باوجُود به روس جرمني ۽ آسٽريا جي خلاف هو پر هاڻي روس جو جنگ ڪرڻ گهٽي ڀاڳي پنهنجي دفاع ۾ هو .

اُها پهرين مهاڀاري لڙائي آرمينيا ۾ وڏي قتلاعام ۽ تُرڪي ۾ اِنتشار جو سبب بڻي؛ ۽ هوڏانهن روس ۾ به بالشِويڪ جو 1917ع وارو انقلاب روس کي جنگ کان بيزار ڪري وڌو هو_جِنهن کان پوءِ روس جرمن سان ”بريسٽ لِي ٽو وِسڪ“ مُعاهدي تي صَحِيحيون ڪري جَنگبندِي جو اعلان ڪيو .

اُنهي پهرين مهاڀاري جَنگ دوران برطانيه ۾ به رسد ۽ کاڌ خوراڪ جي کوٽ ٿي پئي هئي جيڪو جرمن فوج جي طرفان بَرطانيه جي سمنڊ مان گذرندڙ ٻيڙن تي حملو ڪرڻ جي ڪري شدت اختيار ڪري چڪي هئي ۽ 1917ع ڌاري برطانيه کي شديد کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو.

يُونائيٽِڊ اِسٽيٽس آف آمريڪا جيڪو پهرين مهاڀاري جنگ ۾ 1914ع يعني شروع کان ئي اڻ ڌريو رهندو پئي آيو هو ۽ هوڏانهن هاڻي روس به جنگ کان هٽِي چُڪو هو__جرمني لاءِ هاڻي صرف هڪ محاذ تي وڙهڻ جو رستو هو__پنهنجي حساب سان جرمني مضبوط به ٿي چڪو هو ڪنهن حد تائين پر اَٽلانٽِڪ ۾ هلندڙ سامونڊي جهازن تي حملو ڪرڻ جرمني لاءِ ڏاڍو نقصان ڪار ثابت ٿيو هو. اهو ان لاءِ ته جرمني سامونڊي حملا ڪرڻ وقت يونائيٽيڊ اسٽيٽس آمريڪا جي ٻيڙن تي به حملو ڪري وڌو هو! جيڪي واپار جو سامان کڻِي برطانيه ۽ ٻين ملڪن ڏانهن وڃي رهيا هئا. جرمني جي اُنهن حملن يونائيٽيڊ اسٽيٽس آمريڪا کي ڪاوڙائي وڌو هو. شُروع کان اَڻ ڌريو رهڻ کان پوءِ آخر ڪار تنگ ٿي آمريڪا جي صدر ”وُوڊرو وِلسن“ جرمني کي چِتاوني ڏني ته جيڪڏهن جرمني طرفان آمريڪا جي واپاري سامونڊي ٻيڙن تي حملا بند نه ٿيا ته آمريڪا برطانيه جو ساٿارِي ٿِي جنگ ۾ لهي ايندو! انهي اعلان ٻڌڻ کان پوءِ جرمني ڪجهه وقت لاءِ آمريڪا جي آبدوزن تي حملا ڪرڻ بند ڪيا هُئا: ڇو ته جرمني چاهي پيو ته ”آمريڪا جنگ کان ٻاهر ئي رهي ته بهتر رهندو“__پر اها ساڳي غلطي جرمني وري 31 جنوري 1917ع ۾ ڪري وڌي ۽ هن وري آمريڪا جي سامونڊي ٻيڙن تي حملا ڪري برطانيه ۽ فرانس سميت جرمنيءَ آمريڪا جا ڪيترائي ٻيڙا سمنڊ ۾ تباهه ڪري ٻوڙي ڇڏيا .

جرمن جي انهي عمل خلاف 6 اپريل 1917ع ۾ آمريڪا به برطانيه ۽ فرانس جو اتحادي ٿي جنگ ۾ جرمني جي خلاف وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

آمريڪا جي جنگ ۾ لهِي اچڻ سان جنگ جو سجو ڍانچو ئي تبديل ٿي ويو هو؛ جرمني آمريڪا جي چُست فوج کي برطانيه ۽ فرانس جي صِف

۾ ڏسي پنهنجا حوصلا هاري ويني هئي! ۽ جرمني کي آمريڪا جي حِڪمت عملِين مان وڏو نقصان پهتو هو__تنهن کان پوءِ هلندي آخرڪار وڏيڪ نقصان کان بچڻ لاءِ ۽ مهاڀاري جنگ کان جان آجو ڪرڻ لاءِ 11 نومبر 1918ع تي صبح جو جنگ کي امن معاهدي طور فرانس ۾ ختم ڪرڻ لاءِ صحيون ڪيون ويون ۽ بندوقون خاموش ٿي ويون هيون.

پهرين مهاڀاري جنگ دوران 1914ع ڌاري "مارن جي جنگ" ۾ وڙهندي الجيريا جو هڪڙو فوجي زخمي ٿي پيو جنهن جو نالو لوسين (Lucien) هو: ۽ پيشي جي لحاظ کان هُو هڪ غريب هاري هو___پر پهرين مهاڀاري جنگ لڳڻ وقت هُن هارپو ڇڏي اچي فرينچ___الجيريا جي زوري ڀرتي ريجِمينٽ ( Forcely assigned regiment) جو ميمبر بڻيو. مارن جي جنگ ۾ زخمي ٿيڻ دوران لوسين کي عارضي طور جوڙيل آرمي اسپتال ۾ علاج لاءِ داخل ڪيو ويو هو پر هن جا زخم ايترا ته گهرا هئا جو هُن جي جيئڻ جي ڪا اميد باقي نه رهي هئي، ۽ آخرڪار ٿيو به ايئن جو زخمن جي زهرن 11 آڪٽوبر ڌاري هن جي زندگي هن کان کسَي ورتِي هئي. هن جي شادِي هِڪ اسپيني عورت ڪيٿرين ميري ڪاردونا (Catherine Merry Cordona) سان ٿيل هئي__ڪيٿرين کي لِيوسِين مان به پٽ هئا جيڪي پِيءُ جي موت کان پوءِ ماءُ سان گڏ رهيا ۽ مُڙس جي موت کان پوءِ ڪيٿرين پنهنجي ٻنهي پٽن کي وٺي وڃي پنهنجي پاءُ جي گهر الجَيريا جي شهر بيليڪورٽ (Belcourt) ۾ رهي. ڪيٿرين پنهنجي مڙس جي وفات کان پوءِ گهرن ۾ وڃي ڪم ڪار ڪندي رهي ۽ وقت ملڻ تي وڃي فيڪٽري ۾ ڪم ڪري پئسو ڪمائي پنهنجي اولاد جي پرورش ڪندي رهي__هِنن جي گهر ۾ نه بِجلي نه پاڻي نه ئي باٿ رُوم جي ڪا خاص سهولت هئي: پر تِنهن باوجود به هُو زندگي گذاريندا رهيا هئا!

پهرين مهاڀاري جنگ خالي ليوسين جي گهر کي تباه نه ڪيو هو پر اِهڙا لکين ٻار يتيم بڻجي چڪا هئا__هزارين عورتون رنڙ (Widow) بڻجي ويون هيون ۽ لکين ماڻهن پنهنجون زندگيون خواهمخواه پيدا ٿيل جنگ جي ميدان ۾ قُربان ڪري ڇڏيُون هُيُون! انهي جنگ ادبي ميدان ۾ نوان موضوع پيدا ڪري ڇڏيا هئا جنهن ۾ هر قوم پنهنجي اڪين ڏٺل ظلمن کي شاعري ناول، ڪهاڻين ۽ مضمونن ذريعي ملڪ عالم تائين پهچايو. انهي وقت ڪيترن ئي شاعرن جهڙوڪ "جان ميسفيلڊ" جيڪو بعد ۾ درٻاري شاعر (Poet Laureata) سڏجڻ لڳو ۽ ان کان علاوه "ولفرڊ اووين" ، "جان مڪيئر" ۽ ٽرِيسا هَولِي (شاعره) پنهجي شاعرين ۾ پهرين مهاڀاري جنگ جو ماتم ڪيو هو__سچي تاريخ جڻ نئين سِر لِکجي رهي هُئي: جنهن ۾ جڻ ڪنهن ڏک جي دانهن هئي! هر ماڻهو بي سهارو ۽ بي يارو مددگار هو ۽ اُتي نئين بيمارين جو جنم ٿي رهيو هو. مذهبن جا اڳواڻ جيڪي صدين کان امُن جو پيغام ڏيندا ٿي آيا هئا تن به امن جا

پيغام ڦهلائڻ ڪان لنوائي وڃي پنهنجي منهن فرشتي جو انتظار ڪرڻ ۾ لڳي ويا هئا ته ڪو اچي ڪين زندگي جي پيڙائن مان ڇوٽڪارو ڏياري!

پهرين مهاڀاري جنگ: جيڪا اڳي ڪڏهن به ڪا به جنگ اهڙي ڀيانڪ روپ ۾ نه لڳي هئي! انهي جنگ ماڻهن کي خود غرض بنائي ڇڏيو هو، مذهبن کان پري ڀڄائي ڇڏيو هو: پادري ۽ انهن جي نڳين کان هاڻي يورپ جو هر ماڻهو چڱي طرح واقف ٿي چڪو هو. هي اُهو دور جنهن ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي زندگي پاڻ بچائڻي هئي، ڪاڏو پاڻ تلاش ڪرڻو هو ۽ ”خدا جي انتظار ۾ ويهي ڪنهن جو انتظار ڪرڻ کان پلو آهي ته ماڻهو جفاڪشي ڪرڻ شروع ڪري ڏيئي ۽ پنهنجي زندگي کي پاڻ جيئڻ ۽ سنوارڻ جي جدوجهد ڪري“ــ اِها سوچ ان وقت ماڻهن ۾ جنم وٺي رهي هئي ۽ اِها اُها سوچ هئي جيڪا صدين کان برقرار مذهب جي ڪٽرين کي ٽوڙيندي ٿي وئي ۽ مذهبي قانونن کي جڻ صرف مجڻ وارا وڃي بچيا هئا پر خاص عمل ڪرڻ وارا هاڻي ڪونه هئا!

ڪيترين جيڪا پنهنجي مڙس جي وفات کان پوءِ تنگ زندگي گذاري رهي هئي ــ تنهن کي غُربت دوران اها خبر به نه هئي ته ”هن جي پٽن مان هڪڙو پٽ اڳتي هلي ليکڪ بڻبو ۽ انهي دور جي نشاندهي ڪندو جنهن ۾ هُو هاڻي جي زندگي گذاري رهيا آهن“. ڪيترين کي اُها به خبر ان وقت نه هئي ته هن جو پُٽ البرٽ ڪاميو ناوِلسٽ، جنرلِسٽ، مَضمُون نِگار ۽ هِڪ فلسفِي بڻبو ــ ۽ انهي جي قِيمت هُن جي پٽ کي نوبِل پرائِيز سان نوازيو ويندو! البرٽ ڪاميو: جنهن ناولن ۾ اخلاقي فلسفي کي اڳيان رکي ان وقت پکڙجندڙ دهشتگردي، انتشار ۽ ماڻهن ۾ پيدا ٿيندڙ بيگانگِي کي انساني زندگي مان ختم ڪري انصاف کي انسانيت جو دائمي ڇوٽڪارو ڇونديو هو، ۽ جنهن ادبي دنيا ۾ هڪڙو نئون ماحول به جوڙي ڇڏيو هو.

لوسين جي وفات کان اڳ البرٽ جو خاندان فِرينچ ــ الجَيريا جي ڏاکڻي علائقي جي هڪڙي ڳوٺ موندوي (Mondvi): جيڪو هاڻي ”انابا“ سڏيو ويندو آهي، جي ساموندي شهر بون (Bone) واري علائقي ويجهو آباد آهي ۾ رهندو هو ــ پر لوسين وفات کان پوءِ ٻار ماءُ سان گڏ رهيا ــ ۽ لوسين جي اُنهن ٻن پٽن مان هڪڙو هُيو البرٽ ڪاميو: جيڪو پنهنجي پيءُ جي وفات کان سال اڳ موندوي ۾، 7 نومبر 1913ع ڄاري ڄائو هو.

لوسين جي فات کان پوءِ البرٽ پنهنجي ماءُ سان گڏ رهيو هو: ڇو ته جڏهن هن جو پي پهرين مهاڀاري جنگ ۾ وڙهندي مارجي ويو هو تڏهن هن جي اسپيني ماءُ خود مزدوري ڪري البرٽ ۽ هن جي ٻئي ڀاءُ جي پرورش ڪئي. جڏهن پهرين مهاڀاري جنگ لڳي هئي تنهن وقت البرٽ ڪاميو تقريبن هڪ سال جو هو پر ان باوجود به بي قصور ۽ بيگناه معصوم هجڻ باوجود هنن ٻين طرفان ڪيل جنگ جي ڏوه ۾ لوڙيو ۽ هن جي ننڍپڻ جي زندگي جڻ ذِلت آمِيز بڻجي وئي هُئي. ننڍپڻ جي

زندگي ۾ ٻنهي پائرن ڪي نہ ٻاراٽيون رانديون نصيب ٿيون ۽ نہ ئي وري هنن ڪي گهمڻ ۽ فطرت جي حُسن ڪي جاچڻ ۽ ويجهي اک سان پرکڻ جي سعادت حاصل ٿي.

بيخبرائي ۽ اٽڃاٽائي ۾ البرٽ ڪاميو ڪي هڪڙي "آيڪولِ ڪميُونل" نالي اسڪول ۾ داخلا ملي جتي هن ڪي پهرين دفعا اُستادن ۽ دوستن جي روپ ۾ ڪي ننڍڙا ساٿي ۽ سهارو ڏيڻ وارا مليا هئا؛ جيڪي هن جي ننڍڙي ٻاراٽي ذهن جي تالي کولڻ جي پهرين چابي هئا! انهي شروعاتي تعليم بدران جڏهن هي ٿورو لکڻ پڙهڻ سکيو تڏهن هن ڪي تاريخ جي معلومات ۽ دنيا جي هر پهلو ڪي پرکڻ ۽ ٻڌڻ جو بيحد شوق پيدا ٿيو__هُن ڏٺو تہ انسان جي زندگي ڪيتري نہ ڏکي پئي گذري! ۽ ان وقت هي غربت واري پنهنجي زندگي ڪي نظر انداز ڪندو اڳتي وڌندو ٿي ويو جتي "بيلڪورٽ" جي گند ۽ ڪچري سان پريل گهٽيون ۽ فيڪٽرين ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جي حالت ڪي ڏسي هن ڪي شديد احساس ٿيڻ لڳو هو "آخر ايئن ڇو آهي!؟ هڪ سٺي زندگي گذارڻ جو حق سڀ ڪنهن ڪي آهي تہ پوءِ هي زندگي ڪهڙي ڪم جي جنهن ۾ انسان زنده لاش ٿي گهمي ۽ رڳو ڪم ڪري!"

ابتدائي تعليم پوري ڪرڻ ڪان پوءِ هن ڪي هاءِ اسڪول پڙهڻ لاءِ اسڪالر شپ مِلي جنهن ڪان پوءِ هن ڪي گراندِ لائيس (Grand Lyce) جيڪو قصبہ ضلعي جي ويجهو اسڪول هو ۾ پڙهڻ جو موقعو مليو. اتي انهي ضلعي جا مقامي ماڻهو مسلمان مذهب سان واسطو رکندڙ هئا جن سان البرٽ ڪاميو جي گهڻي ويجهڙائي ٿي وئي هئي.

انهي وقت هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ دوران البرٽ ڪاميو ڪي اسڪول جي سبجيڪٽز ڪان علاوه گلائيڊ، پرائوسٽ، ورلِين ۽ هينري برسگان ۽ اهڙين ٻين ڏاهَن ڪي پڙهڻ جو موقعو مليو؛ جتي هُن پنهنجي ڄاڻ ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ لاطِيني ۽ انگريزي بہ سکي ورتي. ڪاميو جو گهڻو شوق ادب، آرٽ ٿيٽر ۽ درامہ نويسي سان هو__اسڪول واري ڏينهنن ۾ هن ڪي فُوٽ بال کيڏڻ جو ڏاڍو شوق هو جنهن ۾ هي تمام سُٺو گول ڪيپر طور سڃاتو ويندو هو__پر! قسمت ڪي شايد ڪاميو جي فوٽ بال کيڏڻ ورو شوق نہ وڻيو ۽ هُن ڪي انهي دوران ڦڦڙن جي بيماري " ٽي بي" اچي گهيرو ڪيو ۽ هِن ڪي فوٽ بال کيڏڻ ڇڏڻو پئجي ويو هو. ان ڪان علاوه اِها اُها بيماري هئي جنهن آخري دم تائين هنجو پيڇو نہ ڇڏيو جُون 1932ع ڌاري ڪاميو ٻَئڪا لاريئنٽ (Becalaurente) * جي ڊگري مڪمل ڪئي ۽ هن ڪافي مئگزرنز ۾ هفتيوار لکڻ شروع ڪيا؛ جنهن سان هاڻي هن ڪي صحافت ۾ گهڙڻ جو شوق پيدا ٿيو هو. البرٽ ڪاميو کي هاڻي اچي پنهنجي زندگي جي مُستقبل منجهائي وڌو هو__غريب هجڻ سبب هن ڪي يونيورسٽي پڙهڻ جي اميد ڪانہ هئي پر تنهن باوجود بہ هن

*______بيڪالاريئٽ__فرانس جي اسڪولن جي ڊگري جنهن کي برطانيہ ۾ ۽ انگريزي ۾ A-Level سڏيو ويندو آهي.

پنهنجي عظم کي جاري رکيو؛ ۽ فِيس پڙهڻ لاءِ ڪافي عجيب ۽ غريب ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنا جهڙوڪ: هي ٽوشنون ڏيڻ لڳو، ڪار_پارٽز (Car Parts) ڪلارڪ بڻيو! ۽ ان کان علاوه هن موسميات ڪاتي ۾ به اسسٽنٽ جي حيثيت سان ڪم سر انجام ڏنا. پنهنجي فلسفي واري پڙهائي ڪرڻ سان گڏ هي هلڪا ڦلڪا ڌنڌا ڪري پئسه به ڪمائي وٺندو هو. انهي سان گڏ 1936ع ڌاري هن پنهنجي فلسفي جي ڊگري مڪمل ڪئي هئي.

---

البرٽ ڪاميو پنهنجي ٿيسس (Thesis) پَلوٽني* (Palotinus) تي لکي مڪمل ڪئي ۽ هُو پنهنجي تعليمي دور ۾ ڪميونسٽ نظريئي کان ڏاڍو متاثر هو ۽ انهي دوران ڪاميو فرانس جي ڪمِيُونِسٽ پارٽي جو ميمبر به رهيو. هن پارٽي جو منشور ان دوران يورپ ۾ ڦهليل انتشار کي گهٽ ڪرڻ ۽ ان کان علاوه طبقن وچ ۾ جنم وٺندڙ فرق کي ختم ڪري هڪ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ هو. ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر هوندي به هن هڪ دفعو اهو چئي ڏنو هو ته "مونکي خبر ناهي مان ڪميونسٽ آهيان يا نه، ۽ نه ئي مان اها دعوه ڪندس ته مان ڪارل مارڪس جو ڊاس ڪَيپيٽل پڙهيو آهي پر تنهن باوجود به مونکي يقين آهي ڪميونزم زندگي جي گهڻن مسئلن جو حل آهي!"

1936ع ڌاري الجيريا ۾ به ڪميونسٽ پارٽي "الجيرين ڪميونسٽ پارٽي" جو وجود پيو؛ جنهن کان پوءِ ڪاميو الجيريا جي ڪامريڊن سان گڏ ٿي ويو هو. ان کان علاوه اتي جُڙندڙ ڪميونسٽ پارٽين جو جَواز قومي هو؛ جيڪي هر ملڪ ۾ الڳ انداز سان جنم وٺي رهيون هيون پر 1937ع ڌاري الجيريا جي ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻن ڪاميو تي اهو الزام هڻي هن کي پارٽي مان ڪڍي ڇڏيو ته "هي ٽراٽسڪائيٽ*(Trotskyite) آهي" هر ماڻهو يورپ جي ملڪن ۾ قومي انقلاب جو جذبو رکندڙ هئا ۽ البرٽ ڪاميو تي اهو الزام ڏيڻ ۽ هن کي ڪميونسٽ پارٽي مان ڪڍڻ سان هُنجي دل ۾ ڪميونزم جي قبضاخورن خلاف نفرت پيدا ٿي پئي هُئي! جنهن بعد هُن وجي انارڪسٽ (Anarchist) نظرين ۾ پنهنجي جاءِ ناهي هُئي__اُن کان علاوه انهي دوران هي تمام پريشان حال زندگي گذاري رهيو هو جنهن ۾ سڀ کان وڏي پريشاني هِنجو تازو ئي پنهنجي زال سيمون هائي (Simon Hie) کي گهرُو اٽبٽتن ۽ بي وفائي جي الزامن تحت ڪيس طلاق ڏيڻ هو، جنهن سان هن 1934ع ڌاري شادي ڪئي هئي.

البرٽ ڪاميو جڏهن ڪميونسٽ پارٽي ۾ هيو تنهن وقت هن پنهنجي ساٿين سان گڏجي هڪڙو ٿيٽر گروپ جوڙيو جيڪي پروفيشنل هوندي به سدائين

---

*____پلوٽني _________ 270_ 204 هڪ يوناني ڏاهو جنهن جي فلسفي ۾ تي قائدا هئا هيڪڙائي، فهم ۽ روح.

▌____ٽراٽسڪائيٽ______ اهي ڪامريڊ جيڪي ڪميونسٽ پارٽي ۾ ٽراٽسڪي جي نظرئي کان متاثر هوندا آهن ۽ ٽراٽسڪي جيڪو روس جي انقلاب کان اڳ منشويڪ ڌڙي سان سلهاڙيل هيو ، انقلاب وقت ٽراٽسڪي بالشويڪ سان گڏجي ويو هو ۽ هنجو ٿظريو عالمي انقلاب هو

هيٺين طبقي جي نمائندگي ڪندي نظر آيا هئا! انهي ٿيٽر ۾ انهي وقت پيش ڪيل ڊرامن جا
موضوع سدائين "ڪابي ڌُر جي سياست ۽ سستي مزدوري ۾ لوڙيندڙ غريب مزدور ۽ انهن جي بيگانگي جا سبب هئا"__پر جڏهن هن کي ڪميونزم مان ڌار ڪيو ويو تنهن کان پوءِ هنجو سڄو ڌيان لکڻ ڏانهن ٿي ويو.

1937ع کان بعد هن هڪ نئون ٿيٽر گروپ جوڙيو ۽ پاڻ 1938ع
ڌاري الجيرين ريپبلڪ جي ڊيلي اخبار جي اسٽاف ۾ شامل ٿي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو، انهي ٻِنهي اِدارن ۾ ڪم ڪرڻ دوران ہہ هُنجون همدرديون ساڳي پيڙهيل عوام ۽ مزدور طبقي سان جڙيل هيون.

1940ع دوران هن جي ملاقات هڪڙي پينٽر عورت فرانسِين سان
ٿي جنهن سان ڪاميو کي محبت ٿي وئي؛ ۽ انهي سال هن فرانسين سان شادي ڪري ڇڏي جنهن مان هن کي ہہ جاڙا ٻار ڪيٽرين ۽ جِين ڄاوا. پنهنجي زال سان محبت هجڻ باوجود ہہ ڪاميو جا ٻين ڪيٽرين ئي عورتن سان جنسي ناتا هلندڙ هئا! جنهن ۾ هن جو اسپين جي اداڪاره ماريہ ڪيسراس (Maria Casares) سان افيئر مضبُوط افواهه ٿي پهليو هو__پهرين مهاپاري جنگ مان يورپ جي جِند مس ڇٽي هئي جو وري 1934ع ڌاري هڪڙي ٻي مهاپاري جنگ (world war two) ڇڙي چڪي هئي! جيڪا پهرين مهاپاري جنگ کان وڌيڪ خوف ۽ تباهي کٽي آئي هئي! انهي تباه ڪارين جي خلاف شدت سان لِکڻ ڪري البرٽ ڪاميو کي الجيرين ريپبلڪ اخباري اداري مان نيڪالي ڏني وئي هئي ۽ انهي نيڪالي جو خاص سبب انهي وقت هڪڙي علائقي ڪيبيلُو (Kabylu) جي مزدورن جي حق ۾ لکڻ هو__جيڪي ٻي مهاپاري جنگ دوران پنهنجي حقن لاءِ وڙهي رهيا هئا. الجيرين ريپبلڪ مان نيڪالي ملڻ بعد البرٽ ڪاميو پئرس سائر (Paris sair) مئگزين لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو_اُنهي وقت ڪاميو هر طرح سان جنگين جي خلاف ٻڌجي پيو هو. 1941ع دوران هي جنگ جي حالتن تي لکڻ لاءِ بورڊيڪس (Bordeaux) پهتو، اتي خبرون گڏ ڪرڻ سان وگڏوگڏ هُن پنهنجا ہہ ڪتاب اسٽرينجر(Stranger) ۽ مٿ آف سيسفس (Myth of sysyphus) لکي پورا ڪيا. ۽ سال اتي رهڻ کانپوءِ 1942ع دوران واپس الجيريا جي شهر اوران (Oran) اچي پهتو ۽ اُنهي سال هن جو ناول "دَ اِسٽرينجر" جيڪو جِين پال سارتر جي مهربانين سان ڇپجي پڙهڻ لاءِ ماڻهن جي هٿن تائين پهچي ويو هو.

انهي ناول جي ڇپجي وڃڻ کان پوءِ البرٽ ڪاميو ڪمبيٽ (Cambat) نالي هڪڙي خوفيا اخبار ۾ ڪم ڪندو رهيو ۽ انهي دوران هِي پنهنجي ڦڦڙن جي بيماري سان بہ جنگ ڪندو رهيو__۽ فلسفي تي ٻڌل مسُودي مٿ آف سسفس (Myth of Sysyphus) ڪي بہ گلمرڊ (Gillmard) پبليڪيشن مان ڇپرائي پورو ڪيائين. ڪاميو مِٿ آف سِسِفس ۾ "پرائوسٽ" جي پيدا ڪيل نامہ قول ۽ بيهودگي واري نُڪتي ڪي فلسفي جي دليلن سان بيان ڪري پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ ايئن ڏسيل آهي تہ "انسان هر دور ۾ پيڙهجندو رهيو آهي ڪڏهن ديوتائن جي هٿان تہ وري ڪڏهن پنهنجي حڪمرانن تہ وري هر عام ماڻهو پاڻ کان وڌيڪ اثر رُسوخ رکڻ وارن جي هيٺان اچي پنهنجي زندگي ڪي مذاق بڻائي ڇڏيندو آهي". يعني هُن زندگي ڪي غلامي جو عڪس ڏئي هر وقت پيڙهجندي ڏسيو آهي ۽ ان غلامي کان جند ڇڏائڻ لاءِ انسان هر بار ڪوشِشِون پيو ڪري پر ناڪامي سندس مقدر تي بڻجي.

انهي کان بعد ڪاميو جا بہ مشهور ڊرامہ غلطفهمي (Missunderstanding) ۽ ڪاليگيلا (Caligula) پيش ڪيا ويا؛ جيڪي اُن وقت ڏِسندڙن ڪي بيحد پسند آيا هُئا__۽ ان کان علاوه پرشن انٽلڪچوئل سوسائٽي ( Persian Intellecual society) جيڪو جين پار سارتر جي اڳواٽي ۾ هلايو ويندو هو، انهي سوسائٽي ۾ بہ سيني سُٺن ذهنن رکندڙ ماڻهن ڪاميو جي ٻنهي ڊرامن جي ساراه ڪئي هئي. تنهن کان پوءِ سيڪنڊ سيڪس (second six) جي ليکڪا سَيمَون ڊي بَووا (Simeone de Beauvoir) جيڪا بہ سارتر سان گڏ انهي سوسائٽي جي ميمبر هئي پڻ ڪاميو جي لکڻين ڪي حقيقي سماج جو حقِيقي عڪس سڏيو هو. انهي ٻنهي ڊرامن جي مڃتا ملڻ کان پوءِ ڪاميو بلڪل هڪ ليکڪ جي حيثيت سان سڃاتو وڃڻ لڳو ۽ انهي دوران هنجو لکيل ناول د پليگ (The Pleague) ان وقت هن جي نئين سڃاڻپ بڻي جيڪو تشبيهي (Allegorical) انداز ۾ لکيو ويو هو__جنهن ۾ هن ٻي مهاياري جنگ ۾ هٽلر طرفان وڏي پئماني تي ٿيندڙ قتل عام ڪي نديو هو ۽ ظلم جي دنيا ڪي انساني بقا لاءِ خطرناڪ قرار ڏنو هو.

هاڻي البرٽ ڪاميو پنهنجي پاڻ کان مطمعن ٿيڻ لڳو هو، ڇو تہ هن جو پيڙهيل عوام جي حق ۾ لکڻ وارو مقصد پورو ٿي رهيو هو. يورپ ۽ اولهہ جا ملڪ هن ڪي هڪ حقيقي ليکڪ طور سڃاڻڻ لڳا هئا ۽ انهي دوران "د پليگ" لکي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ 1951ع ڌاري هِن آمريڪا ۽ سائوٿ آفريڪا ۾ ليڪچر ڪرڻ جا دورا ڪيا__جتي هي ادبي دنيا ۾ نوان خيال ڪٿي پيدا ٿيو هو. هر ماڻهوءَ هن ڪي ٻُڌو ۽ هر ماڻهو هن جي لفظن جي ڏنل پيغام ڪي ساراهيو_اُنهي دوري دوران هُن پنهنجو هڪڙو ٻيو ناول باغي (The Reble) لکي مڪمل ڪيو جنهن ۾ هِن انسان ذات جي آزادي لاءِ بغاوت جي موضوع  کي پنهنجي ناول جو حصو بڻايو. تنهن کان علاوه هن ان وقت

انقلابي جٿن ۾ پيدا ٿيندڙ انتشار جو فلسفي انداز ۾ تجزيو ڪيو! ۽ ان وقت جي ڪَميونِسٽن جي بنا روڪ ٽوڪ جي انتشارڦهلائيندڙ مالڪن ۽ لينن جي پوئلڳن جي به ڪاميو کلي عام تنقيد ڪئي هئي_جيڪي فساد ۽ گوريلا جنگ جي رستي ڪي آزادي جو رستو پيا سمجهن ۽ ان وقت هن جو اهو اِشارو ۽ تنقيد "الجبيرِين نيشنل لبريشن" ۽ يورپين "ڪميونسٽن" جي عَملن طرف هو: جيڪو ڪاميو کي لڳو ته انهن جا سڀ عمل انساني بقاءُ ۽ آزادي کان وڌيڪ انسان جي بيگانگي جا سبب ۽ قتلام جا نمونا هئا

هِنجو آواز شخصي بڻجي پيو هو ۽ هن وٽ جيڪو انسان هُيو ۽ جيڪو پيڙهجندو رهيو هو، اُنجو حَل هنڪي انسان جي بقاءُ خلاف وڙهندڙ اُن وقت اِشتراڪيت وٽ نظر نه آيو. ڇو ته اُن وقت ڪاميو جو انسان پنهنجي اندر ۾ پاڻ قيد هيو ۽ انهي قيد ٿيل انسان جي آزادي شخصي هئي_هِن هر ڪنهن کي شخصي آزادي جي صلاح ٿي ڏني جيڪو ڪاميو کي ان وقت ائين ئي صحيح لڳو هو.

1956ع دوران هن جي پنهنجي ملڪ ۾ حالتُون اجان خراب ٿيڻ لڳيون هيون جنهن ۾ ٻي مهاڀاري جنگ ۽ روس جي 1917ع وارو مارڪسِي اِنقلاب سڄي يورپ جي توازن کي بدلائي ڇڏيو هو. هڪ طرف روس پنهنجي اشتراڪِيت کي ڦهلائڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکي ته ٻئي طرف آمريڪا پنهنجي سرمائيداري نظام کي طاقتور رکڻ لاءِ ڪجھ به ڪرڻ لاءِ تيار هو! ٻنهي طرفن کان به بِلاڪ جُڙي رهيا هئا ۽ انهي ٻنهي نظرين تقريبن سڄي يورپ جي توازن کي بِگاڙي ڇٽ ڪري ڇڏيو هو. ماڻهو سڀ جڻ غلام بڻجي چڪا هئا جن کي اها خبر به ڪان پي پئي ته "آخر اُنهي ٻنهي نظرين جي جنگ ۾ عام ماڻهو ڇو پيو پيڙهجي"!؟ پر فطرت جو قانون آ ته "هڪ جڳهه پيدا ٿيندڙ حالتون ٻين جڳهن ۽ علائقن تي به پنهنجو اثر ضرور ڇڏينديون آهن"_۽ اهڙي طرح صَنعتي دور ۽ پهرين مهاڀاري جنگ کان پوءِ وڏو سرمائيدار ملڪ آمريڪا بڻجي چُڪو هو جيڪو پهرين مهاڀاري جنگ لڳڻ وقت باقائدي جرمني خلاف ميدان تي لهي آيو هو، ۽ پنهنجي سرمائيداري حيثيت کي برقرار رکڻ لاءِ هي سڀ ڪجھ ڪرڻ جي لاءِ تيار بينو هو: آمريڪا جي جنگ ۽ مقصد صرف هاڻي ڪميونزم خلاف وڙهڻ هو!

انهي ساڳي سال ڪاميو پنهنجي ناول د فال (The fall) لکي مڪمل ڪيو هو: جنهن ۾ هُنجو مُوضوع "خدا جو موت " هو! ۽ هُنجو اهو خيال به هو ته "جنهن خدا تي اسان يقين رکندا پيا اچون اهو مري چڪو آهي هاڻي اسان کي ڪو ٻيو ڏٽي (Master) ڳولڻ گهرجي ۽ اهو ڏٽي ڪو لڪيل خدا نه پر ڪو ظاهري گهمندڙ ڦرندڙ انسان هجي ڇو ته هڪ انسان ئي ٻئي انسان جي پيڙائن کي سمجهي سگهي ٿو، بچائي سگهي ٿو، جواب ڏئي سگهي ٿو"_هي مذهب ۽ مذهبين طرفان ڄاڻل خدائن کي مُفادي ۽ غلط چوي ٿو "اهي خدا جيڪي انسان جي تڪليفن جو تماشو ڏسن اهي خدا نه پر

خدا جي روپ ۾ ڏمر هوندا آهن”___انهي ساڳي ناول ۾ هن “جيزز” ڪي حرامي جهڙن لفظن جي جوڙجڪ ڪري هنجي ذاتي وجود ڪي پڻ للڪاريو آهي! ان سان گڏ وُجوديت ۽ ناستڪي واري فلسفي ڪي البرٽ ڪاميو پنهنجي لکڻين جي موضوع سان ملائي ڇڏيو هو، “جنهن جي معنيٰ وجود جو هئڻ ڪجهه به ناهي، ڪي به اخلاقي قائِده ۽ قانُون ماڻهو جو دفاع نٿا ڪن اهي سڀ کوکلا ۽ خالي آهن”___يعني انسان جو ڪجهه وجُود ناهي ۽ انسان ڪجهه نٿو ڪري ڪيس ڪجهه حاصل ناهي، زندگي بي مقصد آهي بيڪار آهي، محبت جو ڪو به وجود ناهي، جن شين ڪي انسان چاهي ٿو ۽ جيڪو ڪجهه ڪري ٿو اهو سڀ فالتو آهي: ۽ خدا تي يقين دوکو آهي خدا جي نعمت جو انتظار ڪرڻ بيوقوفي ۽ ان کان گهرڻ نالائقي جي نشاني آهي”

انهي صدي انسان ذات ڪي هر طرح سان بيگانو ڪري ڇڏيو هو جنهن ۾ جنگين دوران ماڻهن جو مارجڻ: ۽ مختلف مُلڪن جي جنگين ادب جي ميدان ۾ هڪڙي نئين فلسفي ڪي جنم ڏنو، اهو هَو وجُوديت جو فلسفو (Existentialism)__پر البرٽ ڪاميو جي اهڙين لکڻين باوجود به هن اعلان ڪري ڇڏيو هو ته “مان وجوديت پرست بلڪل نه آهيان”__پر ڪاميو جي اهو چوڻ سان ڇا ٿو ٿي سگهي! ڇو ته وجوديت انهي دور جو موضوع بڻجي چڪو هو ۽ البرٽ ڪاميو جو ان کان هزار دفعا انڪار ڪرڻ باوجود به وجوديت پرست (Existentialis) هئڻ واري اِظهار مان هُو پنهنجي جند آجي نٿو ڪرائي سگهي. ساڳي طرح جيئن ناستڪ (Nihilism) هئڻ ويهين صدي جي شروعات کان اڳ هڪ گار (Abuse) طور استعمال ٿيندو هو: جنهن ۾ هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهو ڪي ايئن چوندو هو “ته تون ناستڪ آهين”__پر ڪير به پنهنجو پاڻ ڪي ايئن چوڻ گوارا نه سمجهندو هو ته “مان ناستڪ آهيان”_جنهن ڪانپوءِ 20 صدي جي ادبي دور ۾ انهي ترز ڪي اپنائڻ فيشن بڻجي پيو هو! ۽ هاڻي ناستڪي واري فلسفي ڪي هرڪو (لکندڙ) پنهنجي لکڻين دوران بيان ڪري پاڻ ڪي ناستڪ سڏائڻ ۾ ڪو به عيب نه سمجهندو هو.

1957ع البرٽ ڪاميو جي زندگي جو اهڙو سال هو جو هن ڪي يقين نه پئي آيو ته ڇا واقعي هڪڙي شهِيد هاري ۽ هڪڙي ٻوڙي ماءُ جو پٽ ايسيتائين مچتا ماڻي سگهي ٿو!؟ ڇو ته انهي سال هن جي ڪيترين ئي ڪهاڻين جي ڇپجڻ ڪانپوءِ هن ڪي نوبل پرائيز لاءِ نامزد ڪيو ويو هو!__هن جي هڪڙي هٿ ۾ نوبل پرائيز هو ته ٻئي پاسي پنهنجي گُذريل زِندگي جون ذِلتون “سڀ ڪُجهه هن جي يادن ۾ گردش ڪرڻ لڳو هو”

انهي نوبل انعام ملڻ کان پوءِ ڪامِيو لاڳيتو ڪالم لکندو رهيو: ۽ ڪيترائي ڊرامه لکندو ۽ پيش ڪندو رهيو جنهن ۾ هِن تنهن وقت جي ڊرامن جي ڊاريڪشن ۾ نواڻ به پيدا ڪئي___۽ دوستو وسڪي جي لکيل شاهڪار دَ پزيزڊ (The Possessed) ڪي ڊاريڪشن ڏئي هن بهترين انداز ۾ پيش ڪيو هو. ان کان علاوه

هن ٿيٽر ۾ ان وقت جيڪي به ڊرامہ پيش ڪيا تن ۾ انسان ذات جي ڏُکن ۽ بيگانگِين مان ڇوٽڪاري واري موضوع کي ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو

4 جنوري 1960ع ڌاري ڪاميو جي موت ڪار حادثي ۾ ٿي؛ جنهن کان پوءِ هن کي هنجي ڳوٺ جي هڪڙي ننيڙي عام قبرستان "لَورمان" ۾ دفنايو ويو جتي هو، هنجي موت کان پوءِ ڏهن سالن تائين هنجي زال ۽ ٻار انهي ڳوٺ ۾ رهيا هئا__"جنهن ماڻهو خدا کي پنهنجين لکڻين ۾ ماريو هو اَڄ اُهو خود جسماني مَوت مري چڪو هو پر هُو ماڻهن جي دلين ۽ ذهنن ۾ اڄ تائين زنده آهي" !

البرٽ ڪاميو پنهنجي لکڻين ۾ خدا جي وجود ۽ انسان جي وجود جي وچ ۾ هڪ خيالي ۽ شعوري جنگ کي ڇيڙيو آهي__جنهن لاءِ اسان البرٽ ڪاميو جي لکيل ناول اوپرو کي مختصرن هيٺ پڙهنداسين .

## اَوپرو The Stranger مُختصِر ڪهاڻي جو جَائزو

البرٽ ڪاميو جو اهو ناول اوپرو (The Stranger) 1942ع ۾ شايع ٿيو هو جنهن ۾ هن خدائي بندن ۽ پيڙهِيل عوام جي زندگي کي فلسفي انداز ۾ لکيو هو. هن ناول جي ڪهاڻي هڪڙي جهاز راني ڪاتي ۾ ڪم ڪندڙ ڪلارڪ کان شروع ٿئي ٿي؛ جيڪو فرانس_الجيريا جو رهاڪو هوندو آهي. اها ڪهاڻي 1940ع ۾ شروع ٿئي ٿي مِيُور سالٽ (Meursault) نالي شخص يعني جهاز راني جو ڪلارڪ جيڪو خُوبصورت ۽ هر ڪنهن کي موهيندڙ نوجوان آهي .

هڪڙي ڏينهن هن کي هڪڙو ٽيليگرام اچي ملي ٿو جنهن ۾ هن کي اطلاع ڏنو ويندو آهي تہ هن جي ماءُ گذاري وئي آهي. ميُور سالٽ يڪدم پنهنجي ڳوٺ پهچي ماءُ جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پهچندو آهي. تدفين واريون رسمُون ۽ سڀ فرض نِڀائي هي ٻئي ڏينهن بنان ڪنهن غم ۽ ماءُ جي موت جي ڏک جي واپس الجيريا هليو ويندو آهي.

الجيريا پهچڻ جي ٻئي ڏينهن هن جي ملاقات هِن سان گڏ ڪم ڪندڙ هڪڙي عورت "ميري ڪارڊونا" سان ٿيندي آهي؛ جنهن کان پوءِ ٻئي گڏجي گهمندا ڦرندا آهن ۽ ڪلارڪ کي پنهنجي ماءُ جو موت ياد ئي ناهي رهندو__هِي ميري سان رنگ رليون ملهائڻ ۾ لڳي ويندو آهي__انهي رات هي ميري سان گڏ بِيچ تي گهمڻ ڦرڻ کانپوءِ رات جو ٿيٽر تي وڃي فلم ڏسي ۽ واپس اچي هڪڙي جڳهہ تي رات گڏ گذاريندا آهن. رات گذري وڃڻ کان پوءِ ڪلارڪ جڏهن صبح جو ننڊ مان جاڳندو آهي تڏهن ڏسندو آهي تہ ميري اتي موجود ئي ناهي پر هي پنهنجو سڄو ڏينهن اتي ئي گذاري ڇڏيندو آهي

اتي گذارڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن مِيُور سالٽ واپس پنهنجي ڪم تي هليو ويندو آهي. ڪم کان فارغ ٿي منجهند جي ماني کائي هو دوستن سان ملي ڪري پنهنجي اپارٽمينٽ ڏانهن هليو ويندو آهي

انهي اپارٽمينٽ ۾ جتي ميورسالٽ رهندو آهي اتي هنجي ملاقات اپارٽمينٽ ۾ پرسان رهندڙ "ريمنڊ سائينٽِيس" نالي هڪڙي شخص سان ٿيندي آهي؛ جيڪو مايُون ڪرائي تي هلائيندو آهي ۽ ان کان علاوه انهي ريمنڊ جي هڪڙي رکيل (Mistress) بہ هوندي هئي آهي جنهن سان ريمنڊ هر وقت وڙهندو رهندو آهي.

ٻئي صبح ميري ڪلارڪ سان ملڻ اپارٽمينٽ پهچندي آهي ۽ ڪلارڪ کي شادي ڪرڻ جو چوندي آهي؛ جنهن تي ڪلارڪ هن کي انڪار ڪري ڇڏيندو آهي. جنهن وقت ميور سالٽ ۽ ميري اتي موجود هوندا آهن انهي وقت ٻئي ڪمري مان عورت جو روئڻ ڪين ٻڌڻ ۾ ايندو آهي_ اُها روئڻ واري ريمنڊ جي رکيل هئي جنهن سان ريمنڊ هر وقت وڙهندو رهندو آهي.

ريمنڊ جي رکيل جا ٻہ ڀائر هئا جيڪي عرب هئا هڪڙي ڏنهن رکيل جي دانهن تي ان جا ڀائر ريمنڊ کي چاڪو جو وار ڪري زخمي ڪري وڃهندا آهن؛ ٻئي ڏينهن ريمنڊ ميور سالٽ کي وٺي اچي پنهنجي رکيل جي ڀاءُ سان وڙهندو آهي ۽ انهي جهيڙي دوران ميور سالٽ جي هٿان انهي ساڳي رکيل جو هڪڙو ڀاءُ مري پوندو آهي جنهن کان پوءِ ڪلارڪ کي پوليس پڪڙي جيل ۾ رکندي آهي

جيل ۾ گذارڻ دوران ميري هِن وٽ اِيندي آهي: ۽ ميري جي اها ئي خواهش هوندي آهي تہ ڪلارڪ جيل کان ٻاهر نڪرَي ۽ ٻئي شادي ڪري سُکي زندگي گذارين! ان کان علاوه ميور سالٽ کي پنهنجي فطري زندگي کان دور جيل ۾ رهڻ ۽ سگريٽ نہ ملڻ جو بہ شديد ڏک ٿيندو آهي. جيل ۾ رهڻ جي چند ڏينهنن بعد ڪلارڪ جي ڪيس جي ٻڌٽي ٿيندي آهي__جنهن ۾ عدالت هِن کي اخلاقيات جي بَرخلاف ڪم ڪرڻ وارو شخص ڪونيندي آهي. ڪورٽ ڪلارڪ جي خون جي ڪيس کي ڇڏي هن کي اخلاقيات جو درس ڏيڻ ۾ لڳي ويندي آهي! ميورسالٽ کي بي حس قسم جو انسان چئي ڪيس جو رخ رکيل جي ڀاءُ واري "خون" مان بدلائي اخلاقيات ڏانهن موڙيو ويندو آهي__هاڻي عدالت خون کان وڌيڪ ان ڳالهہ تي بحث ڪرڻ ۾ لڳي ويندي آهي تہ جڏهن ميورسالٽ جي ماءُ وفات ڪري وئي تنهن وقت هن کي ڪنهن قسم جو ڏک نہ ٿيو هو! ۽ هُن ماءُ جي ڪفن دفن کان پوءِ سمنڊ ڪناري تي خوشي خوشي وڃي عورت سان همبستري ڪئي؛ ۽ هنکي هن جي ماءُ جو ٿورو بہ ڏک نہ ٿيو! ۽ عدالت هن کان بار بار اهو بہ پُڇندي رهي "تہ توکي تنهنجي ماءُ جي موت تي ٿورو بہ ڏک نہ ٿيو"؟! انهي ڪيس جي ٻڌٽي دوران عدالت ڪِلارڪ کي وحشي ۽ انساني رشتن جو غدار قرار ڏيندي هن جو سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ جي سزا ٻڌائي ڇڏي ٿي__۽ انهي کان علاوه جج ڪلارڪ کي دهريو(Athiest) سڏي ٿو! ۽ مذهبي بَحث تي پڻ هُو

ڪلارڪ کي چيڙي ٿو: جنهن تي ڪلارڪ مذهب ۽ خدا جي رحم کان لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي!

ميورسالٽ (ڪلارڪ) هاڻي جيل ۾ پنهنجي موت جو انتظار ڪندو رهي ٿو ۽ ماحول کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش به ڪري ٿو! ته ڪڏهن وري فرار ٿيڻ جي سوچ به رکي ٿو: پر هن کي ڪجهه به حاصل نه ٿو ٿئي

انهي سوچُن دوران عيسائي مذهب جو هڪڙو ديول (Chaplain) اوچتو جيل گهمڻ اچي ٿو: ۽ هن جي نظر ڪلارڪ تي پئي ٿي، ڳالهه ٻولهه ۽ حال احوالن ڪرڻ کان پوءِ ديول ڪلارڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته “جيڪڏهن تون مذهب تي عقيدو رکين ٿو ۽ خدا تي ايمان آڻي ٿو ته آءُ تنهنجي زندگي عدالت کان ۽ موت کان بچائي سگهان ٿو”

انهي ديول جي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ به ڪلارڪ مذهب ڏانهن لڙڻ کان انڪار ڪري ڇڏي ٿو: ۽ انهي ديول جي لفظن ۽ جملن تي بخِيل پڻ ٿي وڃي ٿو ۽ ديول جو ڪالر پڪڙي هِي وڏي جوشيلي آواز ۾ ڪيس چوي ٿو ته “مان ڪڏهن به خدا طرف نه ايندس! ها مان بي مقصد زندگي تي يقين رکان ٿو: ۽ مان پنهنجو پاڻ کي صحيح سمجهان ٿو مون وٽ انسان ۽ انسانيت جي ڏکن لاءِ همدردي آهي__مون کي هر هَنڌ انسان نظر ايندو آهي ۽ توهان انسان کي ڇڏي غائب وجود جي مڃڻ ۽ نه مڃڻ جي عمل تي انسان جو قتلام ڪري رهيا آهيو”

وجوديت کي پرکڻ لاءِ البرٽ ڪاميو جي لکڻين ۾ وجود ۽ عدم ( Being and nothingness) کي سمجهڻ  خاطر سارتر جي وجُوديت تي به مُختصر روشني وجهڻ جي ضرُورت آهي ۽ سارتر سان گڏ ٻين وجود پرستن جي باري ۾ به مختصر ڄاڻڻ جي ضرورت آهي .

## وُجُودِيت Existentialism مُختصِر جائِزو

وجوديت اوڻويهين ۽ ويهين صدي جو اهم فڪر آهي ۽ ان فلسفي جو آغاز اوڻوينهين صدي دوران ڊينمارڪ جي هڪڙي پروٽسٽنٽ فرقي جي فلاسافر “شِرين ڪيرڪِيگارڊ” سان منسُوب ڪيو وڃي ٿو.

وجوديت اسانکي گهڻو ڪِلاسِڪي ادب ۽ روايتي فلسفي ۾ به ملي ٿو: جيئن سقراط، اِڪيانوس ۽ پاسَڪل، پَرڪَر ۽ ڪَيرڪِيگارڊ اُن فلسفي کي وڌيڪ مضبُوط شڪل ۾ پيش ڪيو آهي___ هنن انساني جي داخلي ۽ رُوحاني تصور کي اُجاگر ڪيو آهي جيڪو ويهين صدي جي ابتدا ۾ هڪ مُستقل ۽ مُستحڪم سوچ جو محور بڻجي ادب ۾ سَمائجي ويو هو

البرٽ ڪاميو انهي دور جو ليکڪ هئڻ باوجود به پنهنجي پاڻ کي ڪڏهن به“وجوديت پرست” نه سڏيو ۽ هُن هميشهه ان شي جي ترديد ڪئي ته “مان مجان

ٿو تہ منهنجي لکڻين جو واسطو انسان جي زندگين سان جُڙيل آهي ۽ خدا جي طرفان ڏنل اخلاقيات جو مان انڪاري آهيان پر هڪڙي ڳالهہ مان ڪلي عام چوڻ چاهيندس تہ مان ڪهڙي بہ طرح پاڻ کي وجوديت پرست سڏائڻ پسند نہ ڪندس!”

البرٽ ڪاميو جي نہ مڃڻ باوجود بہ هُو وجُوديت جي ڪٿهڙي ۾ پاڻهي جاٽي ڳڻجي وڃي ٿو ڇو تہ هُن جيڪو ڪجهہ لکيو اهو سڀ ان دور جي نِسبت سان وجوديت واري فلسفي جو حصو بڻجي چڪو هو___انهي کان علاوه: اڻويهين صدي ۾ وجوديت جي فلسفي کي پوري شد ۽ مد سان مقبوليت تہ ڪٿي نہ ملي پر ٻي عالِمي جنگ کانپوءِ ويهين صدي ۾ اهو فلسفو گهٽي حد تائين عالمي حلقن ۽ ادب ۾ پکڙجي چُڪو هو. انهي وجوديت جي فلسفي کي انهي وقت وڏي شدت سان قبُولڻ جو مقصد انهي دور ۾ يورپ جي عجيب ذهني ڪشمڪش، انتشار، افراتفري ۽ تنگي جو شڪار طبقي جي نشاندهي ڪرڻ هو: جنهن جو سبب سياسي بہ هو تہ مُعاشِي بہ__جنهن ٻن تصَوَرن: عَقُليت ۽ غير عقليت (وجدانيت) کي ٻن حِصن ۾ ورهايو__اهي ٻئي تصور هڪٻئي کان مُختلف هُئا، يعني جتان عقُل ۽ عقُليت جو گذر ٿئي اُتان وَجدان ڪوڪلو ئي رهي ٿو: ۽ اُنهي ٻنهي تصورن جو تضاد ايترو وڌيو جو آخر تائين ويهين صدي جا عالم بہ ان ۾ هَم آهنگي پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام رهجي ويا هُئا

انگريزي لفظ اِگزسٽ (Exist) فلسفي ۾ ڏاڍو اختلافي رهيو آهي جو ان جو تعلق اُن مفهوم سان آهي تہ جيڪو شين جي هُئڻ، موجُود هئڻ يا وجُود ۾ هئڻ جو تصور ڏئي ٿو: جيئن چئجي تہ “خدا آهي؟ يا هي ڪتاب (وجود رکي ٿو) آهي؟ يا ڳارهاڻ کي وجود آهي؟ يا چئجي تہ ڇا جِسم سڀ حقيقي وجود رکن ٿا”؟__خُداپرست (Deism) وارا چون ٿا تہ خدا آهي پر مُلحَد چون ٿا تہ خدا ڪونهي____وري مادِيت وارا (Materialist) چون ٿا تہ مادَو حقيقي وجود رکي ٿو: پر تَصوريِت وارا (Idealists) چون ٿا تہ اها ڳالهہ اجائِي (Illusory) آهي. افلاطُوني چون ٿا تہ ڳاڙهاڻ جي خُصوصيت حقيقي آهي پر اسميت وارا (Nominalist) چون ٿا تہ ڳاڙهاڻ جهڙي ڪنهن بہ شي جو وجود ڪونهي”

ڪيترائي عالِم هِن انگريزي لفظ جو مفهُوم اُهو بہ سمجهن ٿا تہ اهو لفظ مونجهاري وارو آهي ۽ “هُئڻ” يا ڪن شيِن جو “موجود هئڻ يا قائم نہ هئڻ” جو بحث ئي غلطفهمي جي بنياد تي قائم ٿيو آهي

انهي طرح فلسفي ۾ هئڻ کي ڪڏهن تہ خيالي (Ideal) شي سان لاڳو ڪيو ويو آهي تہ ڪڏهن حقيقي (Actual) شين سان پر اختلافي حالتُن ۾ اهو چيو ويو آهي تہ “خيالي شيون آهن ئي ڪونہ!____۽ مادي شيون وجُود رکن ٿيون” تنهنڪري، اهڙي طرح، هِڪ مادِي شي کي موجود (Exist) چيو ويو آهي ۽ ساڳي طرح انساني شخصِيتُون ۽ طبعي يا مادي جسم ممڪن آهن ۽ وجود رکن ٿا

ڪيرگيگارڊ هن انگريزي لفظ ڪي ٽن مفهُومن سان استعمال ڪري خدا جي لاءِ چوي ٿو ته "خدا آهي"__يعني خدا جي باري ۾ هتي هُو پنهنجي عقيدي ڪي ئي ڪافي سمجهي ٿو! شخصن يا شخصيتن جي لاءِ هو چوي ٿو ته "چيو وڃي ٿو ته اُهي موجُود آهن يا وجُود رکن ٿيون"__يعني هِن باري ۾ هُو عِلم کي ڪافِي ٿو سمجهي باقي جِسمُن جي وجود جي باري ۾ هُنجو اَجان ڪو ٻيو خيال آهي جنهن ۾ وجوديت پرست وارن ڪا به خاص دلچسپي ڪانه ڏيکاري .

فڪر جي حيثيت سان هي فلسفو ڪيرگيگارڊ کان علاوه سارتر، نتطشي، ڪافڪا ۽ دوستو وِسڪي سان به وابسته سمجهيو وڃي ٿو؛ وري به فڪر جي حيثيت سان وجوديت جو تعلق آزادي سان آهي جنهن لاءِ ڪَير گيگارڊ ٽي شيون اَهم بيان ڪيون آهن؛

1. هن بوريت، ڊپ ۽ ڳٽتي کي نفسياتي حيثيت ڏني؛
2. هن عيسائيت جي عقيدي کي پاپائيت کان جدا سمجهيو؛
3. هن وجود کي هڪ جدا تصور قرار ڏنو؛

انهي باوجود به سارتر جو فڪر ٿورو اختلافي هو: هُن پاڻ کي مُنڪر وجودي يا ڪافر وجودي (Athiest existantialists) سڏيو آهي__۽ هُن اِيئن به چيو هو ته "خدا آهي ئي ڪونه ۽ نه انسان کي ڪنهن خدا پيدا ڪيو آهي ۽ وري نه ئي انسان جو ڪو حقيقي مقدر آهي__انسان جو اصل مقصد آهي آزادي"! سارتر جو اهو به خيال هو ته "انسان جي ترقي خود انسان جي پنهنجي مرضي يا آزادي جو نتيجو آهي پر انساني شخصيتون ڪنهن ٻي هَستي جو پيدا ڪيل نه آهن" مُنڍ ۾ اُهي صِرف موجُود هوندا آهن__۽ اُن حالت ۾ اُهي وَجُود رکن ٿا ۽ پوءِ پنهنجي اِرادي مطابق شخصيتون بڻجن ٿيا ۽ پاڻ کي خلقين ٿا؛ اهڙي طرح سارتر ۽ ٻيا وجودي چون ٿا ته "انسان جي زندگي جو ڪو به مفهُوم نه ٿو نڪرَي يعني خود انسان جي وجود کان اهم ۽ بنيادي ڪا اهڙي شي ڪانهي جنهن جي حوالي سان خود انسان جي وجود جو مفهوم بيان ڪري سگهجي يا ان کي مڃي سگهجي پر انسان ئي پاڻ پنهنجو سبب ۽ مُسبب آهي"__۽ وجديت پرست به اهوئي تصور (Concept) ڏين ٿا ۽ مفهوم بخشين ٿا

وجوديت وارا انسان جي ترقي کي "آزاد" ۽ پنهنجي پيرن تي بيٺل ٿا سمجهن؛ هُنن جي خيال ۾ "انسان انفرادي طور تي ترقِي ڪري ٿو پر اُها هن جي انفرادي مرضي آهي ته هو ترقي ڪري__پر جيڪڏهن هو وڌڻ گهرندو ته پوءِ هن کي اڳ ۾ جَمالياتي تجربي مان گذرڻو پوندو؛ يعني هن کي پنهنجي ماحول جي لذتُن مان لُطف اندوز ٿيڻو پوندو، جنهن کي ڪنهن به مستقبل جي مجبُوري کان درگذر نٿو ڪري سگهي"__جو ته "هُنجو وجود "آزادي" تي بيٺل وجود آهي ۽ ٻي منزل تي انهي کي اخلاقياتي قانون جو احترام ڪرڻو پوندو". يعني هو پنهنجي وجود جي آس پاس

سماج جي ڪن ذميوارين کي بہ محسوس ڪندو پر اُن جو مفهوم اهو نہ آهي تہ هو اِخلاقيات جي قانون کي مجبُور ٿي تسليم ڪري ٿو پر هُو قانون جي عزت ڪري ٿو__انهن مان بہ ڪن قانونن کي هو پنهنجي مٿان فرض يا مجبُوري نہ ٿو سمجهي ۽ ايئن ڪرڻ ۾ هو هڪ " آزاد وجُود" جي حيثيت اختيار ڪري ٿو__۽ آخري منزل تي هو ڪنهن نہ ڪنهن خدا جي تصور کي اختيار ڪري ٿو پر هِي آخري منزل سارتر جي لاءِ موجود ئي ناهي!

فڪر جي خيال کان وجُوديت وارا فلسفي کي سائنس کان جدا ڪن ٿا ۽ هُنن جي فڪر جو نُقطو آهي "سَرگرم ۽ آزاد انسان جي پنهنجي بقا لاءِ جدوجهد"

انسان ڪائنات تي جڏهن کان پيدا ٿيو آهي تڏهن کان وٺي هِن وَٽ هَلچَل جي دُنيا آهي__ڪائنات ۾ هر هنڌ انسان جي زندگي مختلف ڪهاڻين ۽ فلسفن جي ور چڙهيل آهي: جنهن ۾ هر انسان جي ذات پويان ڪو نہ ڪو عقيدو رهي ٿو! هر دور ۾ انسان عقيدن جي هٿان پيڙهيو ويو ۽ هر لحاظ کان مذهب جي نيڪيدارن بہ انسان کي خدا کان ويندي جنت ۽ دوزخ جا دليل ۽ دڙڪا ڏيندا انهن کي پاڻ وٽ قيد ڪندا رکندا ويا آهن__ادب ۽ فلسفِي دُنيا اندر ڪيترائي اهڙا ڪهاڻيون ۽ فلسفا لکيا ويا آهن جن ۾ انسان جي حيثيت هڪ "ويچاري" جيان آهن جنهن کي اها بہ خبر نہ آهي تہ "هو ڇو پيدا ٿيو ۽ هنجو ڌرتي تي اچڻ مان ڇا مقصد هو__هُو ڪنهن لاءِ ۽ ڪنهن جي آسري تي هِتي موڪليو ويو آهي؟!"__هن کي ڪنهن بہ شي جي خبر نہ هئي__پر ڌرتي تي پير رکڻ ۽ ماحول ۾ اچڻ کان پوءِ ڪيس خبر پئي تہ "هن کي زندگي خيرات يا زڪوات ۾ ناهي ملي: ۽ جيڪا زندگي هِن کي مِلي آهي ان جي پويان خدا جو هٿ آهي! ۽ اُنهي زندگي کي بہ خُدا جي ذِنل ۽ لِکيل مُقدر تحت گذارڻي آهي__خدا جيڪو انسان لاءِ لکيو آهي ۽ جيڪو هِن جو مقدر آهي هُن کي ان ۾ خوش رهڻ گهرجي ۽ خدا جي مرضي جي خلاف ورزي نہ ڪرڻ گهرجي"

مُقدر ۽ انسان جي خدائن ۽ مذهبن کان وٺي مذهبي سرواڻن هٿان پيڙهجڻ جي تاريخ بہ پراڻي آهي__تاريخي ۽ ادبي حوالي سان هر هنڌ وُجُوديت جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو__يُوناني ڏند ڪٿائن ۽ ڪهاڻين ۾ خدا هڪڙو انسان "پروميٿِيس" اسان کي ملي ٿو جنهن کي خدا ننڍڙين غلطين جي سزا ڀوڳڻ لاءِ پيدا ڪيو هو! انهي ڏند ڪٿائي داستان ۾ خدا ۽ پُرو مَيٿيس جو جهيڙو ٿئي ٿو جنهن ۾ خدا پرو ميٿيس کي آسمان تائين پهچڻ نٿو ڏئي__آسمان تائين پهچڻ کان روڪڻ مان مراد تہ خدا صرف پنهنجي طاقت تي ناز ڪندڙ آهي ۽ پروميٿيس جو مَقصد اهو هوندو آهي تہ هُو تڏ ۾ مرندڙ انسان ذات لاءِ آسمان مان باهہ ڪڍڻ لاءِ ويندو آهي.

"خدا انسان جو مُقدر پنهنجي مرضي سان لکيو آهي ۽ اسان کي هر حال ۾ ان مقدر سان هلڻو پوندو"_اِهو يُونانين جو خيال هو: ۽ يونانين جو خدا هُنن

جي نظر ۾ سچو ۽ واقعي مقدر ناهيندڙ هو! يونانين جي خدائُن جو ڪنٽرول عام طرح هيٺين خدائن کان ويندي عام ماڻهن تي بہ هو جيڪي اِنسان کي پَنهنجي مَرضي مطابق مقدر تي هلڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا ۽ پنهنجي خُدائي طاقت جو ثبوت ڏيندا هئا. ساڳي طرح جيئن بادشاه اَوڊيپس هٿان پنهنجي پيءُ کي قتل ڪرڻ ۽ ماءُ سان شادي ڪرڻ اُن وقت خدا جي طاقت ۽ قول جو معجزو هو!

انهي سُورن کان ويندي يورپ ۾ سوين سال بعد پادرين جو عوام تي ۽ ماڻهن تي قبضو ٿيو؛ جن هر طرح سان خدا جي خوف ۽ نالي سان ماڻهن تي پنهنجي جارحِيت ۽ طاقت مان هر طرح جو فائدو ورتو. اُنهي يورپ ۾ پوءِ نئين جاڳرتا ۽ روشن خيالي انسان کي خدائي طاقتن جي وَهمن کان آزاد ڪرايو ۽ بعد ۾ يورپ اندر صنعتي انقلاب بہ برپا ٿي چڪو هو. صنعتي انقلاب ۾ بہ انسان پيڙهبو رهيو هو؛ مُنڍ ۾ سوين سال خدائن جي هٿان ۽ هاڻي مٿئين طبقي جي ماڻهن هٿان__هاڻي اُهي مٿين طبقي جا ماڻهو بہ هيٺين طبقي وارن لاءِ جڻ خدائي طاقت جا سرچشما هئا! انهي دوران غُربت ۽ بيگانگي جنم ورتو هو جنهن ۾ هڪ تہ غربت ٻيو وري پهرين ۽ ٻي مهاڀاري جنگين انسان ذات جي رهيل کُهيل عقيدي کي بہ گهرو ڌڪ رسايو هو. انهي وقت انسان پنهنجي پوئواري جي ساخ بچائڻ جي چَڪر ۾ هو تڏهن ڪارل مارڪس وجوديت جي نظرئي کي طبقاتي مسئلو سمجهيو جنهن ۾ هن جو خيال هو تہ "ڪنهن آسماني مدد جي اميد کان بهتر آهي تہ ماڻهو پنهنجي جِدوجهد شروع ڪري ڏئي ۽ خدا جي مدد وٺڻ کان بهتر آ تہ ماڻهو هڪٻئي جي مدد ڪن ۽ جِدوجَهد وسيلي پنهنجي وڃايل زندگي کي ڪو مقصد ڏين."

ساڳي طرح سارتر کان ويندي البرٽ ڪاميو ۽ "سموئيل بيڪيٽ" جهڙن ڊرامانگارن اهڙا ڊرامہ لکيا جن ۾ "خدا جو ويهي انظار ڪرڻ کان بهتر آهي تہ ماڻهو ڪجهہ اهڙو ڪري وٺي جنهنجو تَعلُق خودي (Self) سان هجي". سيموئيل بيڪيٽ انهي وقت خدا جي انتظار ۾ (Waiting for godot) نالي ڊرامو لکي وجوديت جي فلسفي اندر ڇٽائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هُئي__انهي ڊرامي ۾ هُن ٻن ڪِردارن وِلادمير ۽ اسٽراگن کي پيش ڪيو آهي__۽ جنهن ۾ هُو ٻي حال ۽ بگڙيل ڏک واري حالت ۾ هڪٻئي سان مِلن ٿا ۽ پنهنجي زندگي کي سُک ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ خُدا جو انتظار ڪن ٿا. پر سڄي ڊرامي جي آخر تائين خُدا هُنن وٽ ناهي ايندو ۽ اتي انهي وقت پيش ٿيندڙ هر ڪِردار کي هُو خُدا ۽ پنهنجي پاڻ کان متاهون سمجهندا آهن

يورپ جا ماڻهو انهي وقت اُن خيال جا بہ ٻڌجي پيا هئا تہ "زندگي ۾ پيدا ٿيندڙ خراب حالتن ۽ بيمارين جو علاج اڳ ۾ پادرين جي هٿ ۾ هو سو مذهبي ڦر مار جو دڳ هو"__هاڻي انسان کي صحت جي ضرورت هئي ۽ اها صحت هڪڙي گڏجي جدوجهد جو نالو هو ۽ انهي جو مثال اسانکي البرٽ ڪاميو جي د پليگ (The Pleague) ۾ ملي ٿو. جنهن ۾ بيمارين دوران ماڻهو مرن ٿا ۽ پادرين کي پنهنجي تبليغ

جي لڳي پئي آهي” __[ٻيئن مهاڀاري جنگ کانپوءِ ويٽيڪن سٽي جي پوپ اعلان ڪيو تہ هاٽي پادري يورپ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي مذهب جي پرچار ڪن جنگ تازو ختم ٿيو آهي ۽ سڀ ماڻهو جنگين کان تنگ ٿي مذهب جو پاسو وٺندا. پادرين ايئن ئي ڪيو ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ يورپ جي هر حصي مان پادرين پوپ ڏي خط لکي جواب ۾ ڪيس اهو احوال ڏنو تہ “جنگ کان پوءِ هر ماڻهو تنگ لڳو پيو آهي اسان جنهن سامهون تبليغ ڪيون ٿا اُهي اڳ ۾ ماني جي گهر ڪن ٿا ۽ تبليغ ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ناهن.”______سيڪيولرزم ۽ عقُليت پسندي ابراهيم جويو]

“بک ۽ بدحالي جو ڪوبہ مذهب ناهي هوندو” انهي ٻي مهاڀاري جنگ ماڻهن جو اهڙو حشر ڪيو هو جنهن ۾ هر ڪو پنهنجي زندگي جا بار پنهجي ڪلهن تي ڊوئي هلڻ لڳو هو! جنهن کي البرٽ ڪاميو پنهنجي “مت آف سِسفس” ۾ ظاهر ڪيو ۽ جنهن جو مثال هُن يُوناني ديوتائن سان جوڙيو هو ۽ اهو ڏسڻ ٿي چاهيائين تہ “يُورپ ۾ اڄ جا متيان طبقا بہ يوناني خدائن جيان انسان ذات تي ظلم ڪري خوش ٿيندا آهن ”

ٻين عالمي جنگين کان اڳ ۾ ظاهري وجوديت “فردرڪ نتطشي” جي فلسفي ۾ ظاهر ٿي نڪتو جنهن ۾ هُن ٻيگانگِي جي صورتحال ۾ اهو چئي ڇڏيو هو تہ “خدا مَري ويو آهي__هاٽي ماڻهُو کي پاڻ جيئڻو پوندو ۽ هر ماڻهو کي پنهنجي صحيح ۽ غلط جو تدارڪ بہ پنهنجي پاڻ کي ڪرڻو پوندو ۽ هاٽي هُو ڪنهن جو بہ انتظار نہ ڪرن گهُرجي”. پوءِ اها شايد نتطشي جي ڇائي جم کان اکين جي بيماري ۾ مبتلا هئڻ جو ردِي عَمل هو جنهن هن کي خدائي ڏمر کان نفرت طرف ڌڪي ڇڏيو هو.

اُنهي دور ۾ فلسفي اندر نئين جدليات واري خيال جو جنم ٿيو هو ۽ اُن ڪري هر ماڻهو حالتن کي بدلجندڙ وقت ۾ سمجهندو ۽ انهن کان آزادي جي تمنا ڪندو رهيو هو___انهي وقت انهي سيني ۾ فلسفي “آيميونل ڪانت” ئي هو جنهن جي فلسفي ۾ انسان وٽ عقُل کي اهميت ڏيڻ: يَعني هر شي تي سائنسي طرح سوچڻ واري عمل جي شُروعات ٿي هُئي: ۽ هُنجو انسان حواسن کي مادي بنيادن تي سمجهڻ جو عادي ٿي ويو هو! اُن کان علاوه اُنهن وٽ هر شي کي سڃاڻڻ لاءِ سَبب (Reason) جي ضرورت پئي ۽ انهن سببن کي ٻاهر آڻڻ لاءِ عقل کي انهي انسان مادي عنصرن حوالي ڪري ڇڏيو هو “هر شي هڪ ٽرينڊ ٻڻجي ويندو آهي، ادب، آرٽ ۽ سائنس سڀ حواسن جي تدارڪ جو سَبب آهن جن ذريعي انسان سوچي ٿو ۽ عمل ڪري ٿو”

ويهين صدي جا ليکڪ يُونانين جا پوئلڳ ٻڻجي پيا هئا پر: فرق صرف ايترو هو جو يوناني ڏند ڪٿائي ڪردارن جهڙوڪ خدائن جي طاقت ۽ دبدٻي هيٺ رهيا ۽ انهي طاقت ۽ موت جي خوف انهي دور جي ماڻهن کي ايترو تہ ٻَهادر بڻايو

جو هر ڪو فنا ٿيڻ باوجود بہ موت سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار هو. جيئن سارتر مطابق تہ "ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هِن جنگ اسان کي تباه ڪيو ۽ اسان کي ذلت ڏني پر پوءِ اسان کي ان مان هڪڙو وڏو فائدو ٿيو تہ هاڻي اسان موت سان اکيون اکين ۾ ملائي ان جو جواب ڏئي سگهون ٿا "

ان کان وڌيڪ سارتر اِهو بہ چيو هو تہ "هاڻي اسان پنهنجي بُري يلي جو فيصلو پاڻ ڪنداسين ۽ هن جنگ اسان جي اندر ۾ لڪيل آزادي جي جذبي کي اياري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي اسان پنهنجي زندگي کي آزاد بڻائي پنهنجو پاڻ جيئڻ جي لائق ٿيا هون ۽ اسان هاڻي زندگي پنهنجي ۾ آزاد رهنداسين___هميشه لاءِ"!!!!

# مددگار ڪتاب ۽ مضمون

## 1_______افلاطون

1_The Story Of Philosophy: Bryan Magee: 2nd edition2001

2_Sophie's World: Jostein Garder.Berkley books. New yark:1994

افلاطون__رعيتي راڄ؛ڪتاب نمبر ڏهون،سنڌيڪار پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسحاق ابڙو،سنڌي ادبي بورڊ: ڇاپو ٻيو،2006 _3

ڏاهيُون ڏُک ڏِسن؛سنڌيڪار ڊاڪٽر گُل، روشني پبليڪيشن حيدرآباد،2003_4

ٻيس عظيم فلسفي،هنري ٿامسن_ڊانالي ٿامسن؛مترجم (اردو)قاضي جاويد،فڪشن بوڪ هائوس لاهور،2012_5

ارسطو سي ايليٽ تڪ، ڊاڪٽر جميل جالبي(اردو)؛ايڊيشن نمبر ست،نيشنل بوڪ فائونڊيشن لاهور،2003_6

## 2_______ارسطو

1_ The Story Of Philosophy: by Bryan Magee:2nd edition2001

2_Poetics: Aristotle.Golden Series Publication: hand book.2006

3_The Poetics of Aristotle:With critical notes and Translation by S.H Butcher;third edition Revised:New Yark. The Macmillan Company, 1902 (Source: Internet)

ارسطو سي ايليٽ تڪ، ڊاڪٽر جميل جالبي(اردو)؛ايڊيشن نمبر ست،نيشنل بوڪ فائونڊيشن لاهور،2003_4

ادب جا فڪري محرڪ؛الهداد ٻوهيو،ڇاپو پهريون،روشني پبليڪيشن حيدرآباد،2013_5

ٻيس عظيم فلسفي،هنري ٿامسن_ڊانالي ٿامسن؛مترجم (اردو)قاضي جاويد،فڪشن بوڪ هائوس لاهور،2012_6

## 3_______سوفوڪليس

1_Oedipus Rex; Sophocles; golden Publication, handbook, 2006

ادب جا فڪري محرڪ؛الهداد ٻوهيو،ڇاپو پهريون،روشني پبليڪيشن حيدرآباد،2013_2

3_Sophie's World: Jostein Garder.Berkley books.New yark: 1994

قديم يونان جون ديويون ۽ ديوتا، مترجم يوسف سنڌي، سنڌ پبليڪيشن: نواب شاهه 2003_4

5_Josh Beer:Sophocles and the Tragedy of Athenian Democracy.Greenwood Publishing Group:2004 (Source: Internet)

تاريخ ادب انگريزي؛ ڊاڪٽر محمد احسن فاروقي، ناشر شعبہ تصنيف و تاليف، جامہ ڪراچي سنڌ، (اردُو)__ٻيو ڇاپو 6___2010

## 4_________لونجائنس

1_Longinus:An essay on the sublime by H.A. Giles. Book from the collections of Oxford University: Copyright-region US. (source: Internet)

2_Longinus. on the Sublime: new Kitab_Mahal publication: Hand_book.2014

3_ Longinus.first century C.E: in The Norton Anthology of Theory and Criticism: edited by Vincent B Leitch. New York: Norton: 2001 (Source: Internet)

4_ Greene: Edward Burnaby. Critical Essays.England: The Scholar Press. 1973 (Source: Internet)

**5_**Longinus Greek literary critic:The Editors of Encyclopedia Britanica: revised. edited: March07:2008 (Source Internet)

## 5______فرانسس بيڪن

1_ The Story Of Philosophy: by Bryan Magee:2nd edition2001

ٻِيس عظيم فلسفي،هنري ٿامسن_ڊانالي ٿامسن؛مترجم (اردو)قاضي جاويد،فڪشن بوڪ هائوس لاهور،2012_2

3_Sir Francis Bacon:NMK publication. Hand_book: 2013

موسيٰ کان مارڪس تائين؛سبطِ حسن، مترجم محبت برڙو؛سنڌيڪا پبليڪيشن،ڇاپيو پهريون،2010_4

5_Sophie's World: Jostein Garder.Berkley books. New yark:1994

A history of English literature:Dr T.Singh. Kureksheter University India: revised edition:2008 6_

7_ outline to the history of english literature: Willian henry Hudson. G bell & sons.ltd:London reprinted addition:1986

تاريخ ادب انگريزي؛ ڊاڪٽر محمد احسن فاروقِي، ناشر شعبہ تصنيف و تاليف، جامہ ڪراچي سنڌ، (اردُو)__ٻيو ڇاپو 8___2010

9__ Literary Movements for Students: second edition, Gale Project and customers survive, United States of America

## 6_________جان ڪيٽس

1_A history of English literature:Dr T.Singh. Kureksheter University India: revised edition:2008

2_outline to the history of english literature: Willian henry Hudson. G bell & sons.ltd:London reprinted addition:1986

يادگار شخصيتون؛ جواهرلال نهرُو؛مترجم امين لغاري،سنڌيڪا پبليڪيشن؛ڇاپو پهريون،2007_3

ادب جا فڪري محرڪ؛الهداد ٻوهيو،ڇاپو پهريون،روشني پبليڪيشن حيدرآباد،2013_4

قومن جي عالمي تاريخ؛ سنڌيڪار محمد بخش سومرو؛ڇاپو ٻيو،سنڌيڪا پبليڪيشن2005_5

6_A background to English literature:Thoroughly written and revised:professor Munawar Ali Malik. New Ktab Mahal Lahore:2013

7_ Selected Love Letters to Fanny Brawne: Postmark: Newport. July 15, 1819:Shanklin, Thursday Evening (Source:Internet)

8_Bright star: Hollywood Movie. biographical fiction romantic drama film.2009

تاريخ ادب انگريزي: ڊاڪٽر محمد احسن فاروقي، ناشر شعبہ تصنيف و تاليف، جامہ ڪراچي سنڌ (اردُو)__ ٻيو ڇاپو 2010__9

## 7________چارلس ڊڪنز

1_A background to English literature:Thoroughly written and revised:professor Munawar Ali Malik. New Ktab Mahal Lahore: Hand_book:2013

2_A history of English literature:Dr T.Singh. Kureksheter University India: revised edition:2008

3_World history: B.V Rao. Published by Sterling publishers pvt, new Dehli India. Tenth reprinted:2004

4_A new history of English Literature:B.R Mulik. M.A English.revised by professor Shamsher Gondal. Head of English department: Govt.M.A.O college Lahore. Reprinted:2012-13

قومن جي عالمي تاريخ: سنڌيڪار محمد بخش سومرو؛ڇاپو ٻيو،سنڌيڪا پبليڪيشن2005_5

يورپ ڪا عروج: ڊاڪٽر مبارڪ علي،فڪشن بوڪ هائوس لاهور، 2012_6

7_A tale of two cities: Charles dickens. Complete novel, penguin books USA:1994

تاريخ ادب انگريزي: ڊاڪٽر محمد احسن فاروقي، ناشر شعبہ تصنيف و تاليف، جامہ ڪراچي سنڌ (اردُو)__ٻيو ڇاپو 2010__8

9__ Literary Movements for Students: second edition, Gale Project and customers survive, United States of America

## 8_________ٹالسٹاءِ

قومن جي عالمي تاريخ: سنڌيڪار محمد بخش سومرو؛ڇاپو ٻيو،سنڌيڪا پبليڪيشن2005_1

ارسطو سي ايليٽ تڪ، ڊاڪٽر جميل جالبي(اردو)؛ايڊيشن نمبر ست،نيشنل بوڪ فائونڊيشن لاهور،2003 _2

ڪامريڊ منٽو؛مرتب پروفيسر علي احمد(اردو)، فڪشن بوڪ هائوس2014 لاهور_3

4_ Leo Tolstoy on Emotional Infectiousness and What Separates Good Art from the Bad: By Maria Popova. Essay: 1897 (source:internet)

5_what is Art: Leo Tolstoy: essay .originally published in 1896. translation by Alymer Maude 1899. page was put online and maintained by Julie Van Camp. Professor of Philosophy: California State University.Long Beach: Last updated: November 23, 2006 (Source:internet)

6_ Russo-Persian Wars: Encyclopedia of Russian History. Copyrights reserved :2004 The Gale Group Incorporation (Source:Internet)

## 9_______گوئٽي

1_ A new history of English Literature:B.R Mulik. M.A English.revised by professor Shamsher Gondal. Head of English department: Govt.M.A.O college Lahore. Reprinted:2012-13

2_ يورپ ڪا عروج: ڊاڪٽر مبارڪ علي،فڪشن بوڪ هائوس لاهور، 2012

3_ نوجوان ورتر ڪِي داستانِ غم: مترجم(اردو) ڊاڪٽر رياض الحسن، فڪشن بُوڪ هائوس لاهور،2012

4_ قومن جي عالمي تاريخ: سنڌيڪار محمد بخش سومرو؛ڇاپو پيو،سنڌيڪا پبليڪيشن2005

5_ An Analysis of the Sorrows of Young Werther. a Novel by Wolfgang von Goethe: Alfredo Alvarez, student of Miami University.USA. Personal Blog @kibbin.com (source:internet)

7_ The Sorrows of Young Werther Romanticism Essay: Sonia Bond_Shines. Wordpress blog: theme for english B. Langston hughes: research paper: posted May 11. 2015 (source:Internet)

8_The sorrows of young Werther: Blog wordpress. The truth about lies. Jim Murdoch. Scotish Writes. Published online Sunday. November 07.2010 (Source: Internet)

9_ Strum and Drang: a Blog by David Burton, Tuesday April 12, 2011

10__ Strum and Drang: SciHi Blogs (everyday blogs on science, tech, art and history) 5 september, 2018

## 10____البرٽ ڪامِيو

1_ A history of English literature:Dr T.Singh. Kureksheter University India: revised edition:2008

2_ قومن جي عالمي تاريخ: سنڌيڪار محمد بخش سومرو؛ڇاپو پيو،سنڌيڪا پبليڪيشن2005

3_ World history: B.V Rao. Published by Sterling publishers pvt, new Dehli India. Tenth reprinted:2004

4_ وجوديت تعارفُ و تنقيد: فريدالدين (اردو)، آگهي پبليڪيشن، 1982

5_ ادب جا فڪري محرڪ:الهداد بوهيو،ڇاپو پهريون،روشني پبليڪيشن حيدرآباد،2013

6_ The Story Of Philosophy: by Bryan Magee:2nd edition2001

7_ waiting for godot: Samuel Beckett. NMK publication. Hand_dbok. 2014

8_ Albert Camus Society: Blog. Albert camus Society US/UK CONFERENCE. The Stranger. Myth of Sisyphus . The Rebel. london: england. 13-14 november: 2014 @AlbertCamus.info (Source:Internet)

9_ البيخ ڪاميو: مقصدي ادب، فاخر حسين (اردو):رومي پبليڪيشن لاهور،1991

10_ Albert Camus and existentialism: By Sumit Paul.Blogs. Economic Times. November 6, 2017 (Source:imternrt)

11_ The Stranger: novel by Camus. Over_view. Written By: Cathy Lowne. Ecyclopedia BRITANNICA. Feb 09. 2017 (Source:Internet)

12_ The stranger: By Albert Camus (pdf _book).translated from the French by Stuart Gilbert: Vintage books. A Division of Random House: NEWYORK

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

